سنڌو سڀيتا جي اوسر

(اوائل ڪان 1500 ق م)

مصنف:

رڪ سنڌي

ڪمپوزنگ: سوجهرو ۽ سارنگ منگي، ميڊيا لنڪ ڪمپوزرس، قاسم آباد، حيدرآباد

اي ايڊيشن: 2008ع

ترتيب

سنڌو ماٿر جي ارضياتي جاگرافي

اڄ کان ڪئين اربين سال اڳ هن خلا ۾ رڳو ٻرندڙ گئس موجود هئي. ان وقت ڪائنات ۾ ڪنهن به شيءِ جو وجود ڪو نه ٿيو هو. نه سج هيو، نه چنڊ هيو، نه ڌرتي ۽ ٻيا سيارا. صرف ٻرندڙ گئس هئي، جنهن کي سائنسدان ”نيبولا“ چون ٿا. ان ٻرندڙ گئس آهستي آهستي ٿڌي ٿيڻ ڪري ٽڪرن جي صورت اختيار ڪئي. اهي ٽڪرا ڪيترن جڳن تائين ڪشش ثقل جي اصول تحت هڪ ٻئي جي چوگرد ڦرڻ لڳا ۽ گول تارن جي صورت اختيار ڪيائون. سج به انهن ئي تارن جي گروهه مان هڪ تارو آهي. جنهن مان وري ڪيترائي ٽڪرا ڌارتي نڪتا ٿي پيا ۽ سج جي چوڌاري مقرر مدار ۾ ڪشش ثقل جي زور تي ڦيرا پائڻ لڳا. انهن ننڍن تارن کي اسان گرهه يا سيارو چئون ٿا.

انهن گرهن مان هڪ گرهه اسان جي ڌرتي به آهي. جنهن تي اسان هن وقت رهون پيا. يعني اسان جي زمين به سج جو هڪ حصو هئي ۽ ان کان ٽٽي ئي جنم ورتو اٿائين. جڏهن ڌرتي ٽٽي سج کان ڌار ٿي ته ان وقت هوءَ نه گول هئي نه وري ٿڌي. پر پوءِ وقت گذرڻ سان، ڪروڙين سال هڪ مقرر محور ۾ ڦرڻ ڪري گول ۽ ٿڌي ٿي پئي.

ڌرتي ڄاڻن (Geologists) جي چئي مطابق هيءَ ڌرتي اڄ کان ساڍا چار ارب ورهيه اڳ سج کان جدا ٿي ۽ پوءِ مقرر مدار ۾ سج جي چوڌاري ڦرندي رهي ٿي. سج کان ٽٽل ڌرتيءَ جو هيءُ ٻرندڙ گولو ڪروڙها ورهيه ايئن ڪشش ثقل جي اصول تحت ڦرڻ ڪري ٿڌو ٿيڻ لڳو. جيڪي به سيارا سج کان ڌار ٿيا، انهن مڙني جي نرڻ کان گهڻو دير

سان هيءُ ڌرتيءَ جو گولو ٺريو. جڏهن زمين ٺرڻ شروع ڪيو تہ ٺريل گئس ۽ هوا بخارن جي صورت اختيار ڪئي ۽ وري خلا ۾ ٿڌ ملڻ ڪري اهي بخار ۽ گئسون پاڻي بڻجي وسڻ لڳيون. اهو سلسلو ڪافي وقت تائين هلندو رهيو. تان جو ڌرتيءَ جي هيٺانهن هندن تي پاڻي جمع ٿي سمنڊ ناهي وڌا. ٺريل گئس ۽ ٻين تبديلين پٿرن ۽ ڌات جي صورت اختيار ڪئي. مختلف وقتن تي ٻرندڙ جبلن ڦاٽڻ، زلزلن ۽ طوفانن جي اچڻ، مختلف ڌاتن جي رجي ڌرتيءَ جي سيني مان ٻاهر نڪرڻ ڪري، هن ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي ڪيتريون ئي تبديليون اينديون رهيون. اهڙي طرح ڌرتي سج کان ڌار ٿيڻ کان پوءِ مختلف تبديلين مان گذري، مختلف ارتقائي مرحلا طئہ ڪندي هن حالت تي اچي رسي آهي. ڌرتيءَ جي مٿاڇري جي پيمائش، ڌرتي ڄاڻن موجب 196،960،000 چورس ميل آهي.

ڌرتي ڄاڻن، ڌرتيءَ جي تاريخ (Historical Geology) ۽ ڌرتيءَ تي جنم ورتل واقعن (Geological Events) جي بنياد تي ڌرتيءَ جي ڄمار کي ڌار ڌار ڄڳن (Eras) ، ڌار ڌار زمانن (Periods) ۽ ڌار ڌار ايامن (Epochs) ۾ ورهايو آهي ۽ ڌرتيءَ جي پيدائش جي عمر مقرر ڪئي اٿن. (ڏسو چارٽ: 1)

جڏهن ڌرتيءَ مٿان ڪروڙين سال لاڳيتو مينهن وسڻ لڳا تہ ڌرتيءَ جو گولو ٻن حصن پاڻيءَ ۽ خشڪيءَ ۾ ورهائجي ويو. ماهرن جي چوڻ موجب اڄ ڌرتيءَ جي گولي تي کنڊن جي جيڪا بيهڪ آهي، سا قديم دور ۾ ائين ڪانہ هئي ۽ ڪيترائي کنڊ پاڻ ۾ ڳنڍيل هئا. جيڪي پوءِ ارضياتي تبديلين ڪري هڪ ٻئي کان جدا ٿي ويا. کنڊن جي ڳنڍيل هجڻ وارو خيال پيش ڪندڙ هڪ گروهہ (1) جو رايو آهي تہ اڄ کان 2500 لک سال اڳ دنيا جي گولي تي صرف هڪ وڏو کنڊ موجود هيو. جنهن کي هو (Pangaea) ڪوٺن ٿا. جنهن مان ئي ٻيا کنڊ ڇڇي ڌار ٿيا آهن. پر ڌرتي ڄاڻن جي هڪ ٻئي گروهہ (2) جو خيال آهي تہ شروعات ۾ ڌرتيءَ جي گولي تي ٻہ وڏا کنڊ هئا، جن کي گوندوانا ۽ لاريشيا جو نالو ڏنو آهي. انهيءَ گروهہ جي چوڻ مطابق گوندوانا وڏي کنڊ ۾ آسٽريليا، انٽارڪٽڪ، آفريڪا، انڊيا ۽ ڏکڻ آمريڪا وغيره حصا اچي ٿي ويا. جڏهن تہ لاريشيا ۾ اتر آمريڪا ۽ يورپ شامل هيا.

مٿئين بئي گروهہ جي راءِ مطابق هند سنڌ اڄ کان ڪروڙين سال اڳ گونڊوانا وڏي کنڊ جو حصو هئي. ڌرتيءَ جي ٽئين زماني (Tertiary) ۾ اتر هندستان وارو پاسو آفريڪا، سلون ۽ آسٽريليا سان خشڪيءَ رستي ڳنڍيل هو. (3) ان جي تصديق راورٽي بہ پنهنجي ڪتاب (4) ۾ ڪري ٿو. ان وقت سنڌو ماٿر جي سرزمين سمنڊ هيٺ آيل هئي. ڌرتي جا عالم چون ٿا تہ اڄ کان تقريبن 6 ڪروڙ ورهيہ اڳ سنڌ سميت سڄو ننڍو کنڊ ٽيٿيا (Tethya) نالي سمنڊ هيٺ هيو. اڄ جتي وفاقي پاڪستان قائم آهي، اتي قديم دور ۾ سمنڊ موجون ماري رهيو هو. اڄ ڪالهہ جتي دره خيبر آهي، اتي وهيل مڇيون رهنديون هيون. (5)

اهو اتر هندستان وارو پاسو ڌرتيءَ جي 10 لک سال اڳ پلايوسين دور کان وٺي پلائيسٽوسين دور تائين اٽڪل 20 هزار سال اڳ تائين اتر آمريڪا جي اتر اولهہ يعني الاسڪا ۽ ٻئي پاسي چين سان مليل رهيو. (6) جڏهن اتر هندستان وارو پاسو آمريڪا جي اتر اولهہ يعني الاسڪا ۽ چين سان مليل هو تہ پلائيسٽوسين دور ۾ وڏي برفباري (Glaciations) شروع ٿي وئي. جيڪا 6 لک سال اڳ شروع ٿي، نتيجي ۾ هن ڌرتيءَ ڪي چار برفاني دور (Ice Ages) ڏسڻا پيا. جن دورن ۾ ڌرتيءَ جو ڪافي حصو برف سان ڍڪجي ويو. ان برفاني دور جي وچ ۾ گرم وقفا بہ ايندا رهيا. (7) (ڏسو چارٽ :4) بعد ۾ جڏهن 20 هزار سال اڳ برفاني دور ختم ٿيو تہ برف گهٽ پوڻ ۽ ٻين سببن ڪري هند ۽ آفريڪا هڪ ٻئي کان ڌار ٿي ويا ۽ وچ تي چوليون هڻندڙ سمنڊ ظاهر ٿي پيو ۽ اهڙي طرح متي ڄاڻايل گونڊوانا وڏي کنڊ مان هند سنڌ ڇڄي ڌار ٿي. انهن ٻنهي حصن ڇڄڻ بعد وچون حصو جيڪو سمنڊ ۾ ٻڏي ويو، ان کي ليموريا جو نالو ڏنو اٿن. ڇو جو اتان ليموريا نالي هڪ جانور جا هڏا تمام گهٽي تعداد ۾ مليا آهن. ان جي تصديق اسڪاٽ ليند جي هڪ ارضياتي ماهر بہ ڪئي آهي تہ برصغير جو علائقو پهريان آفريقا سان ڳنڍيل هو. جڏهن زمين ٽٽي ٽي تہ گونڊوانا ليند جو جزيرو گم ٿي ويو ۽ اهو سمنڊ ۾ ٻڏي وڃي ايشيا سان ٽڪريو، جنهن جي نتيجي ۾ قراقرم پهاڙ وجود ۾ آيا.

جنهن وقت سنڌ ٽيٿيا سمنڊ هيٺ هئي، تہ ان وقت سنڌ ڌرتيءَ جي پيدائش ٿيڻ لڳي ۽ اهڙي طرح سنڌ ڌرتي جو وجود اڄ کان اٽڪل 100 ڪروڙ سال اڳ ٽيٿس سمنڊ جي اندران ميداني علائقي ۽ پهاڙي سلسلي ايرڻ جي ڪري ٿيو. ماهرن جي چوڻ

موجب ان دؤر ۾ هماليه جبل طرف اهڙا ته زلزلا آيا جو ڌرتي مٿي چڙهي آئي ۽ سمنڊ گهٽو پوئتي هٽي ويو. ان ڪري ئي پروفيسر ماٽڪ پٽا والا سنڌ ڌرتي کي سمنڊ مان جنم ورتل ڌرتي ڪوٺيو. (8) سنڌ ڌرتي جو پهريون ته جنهن کي ماهر پري ڪيمبرين ڪوٺين ٿا، سو اڄ کان اٽڪل 3 ارب سال اڳ ٺهيو. ان بعد جبل، ٽڪر، پونا ۽ ميدان ٺهڻ شروع ٿيا. جن جون ماهرن عمريون مقرر ڪيون آهن. (ڏسو چارٽ نمبر:2) سنڌ ۾ ڪير ٿر کان دادو ۽ اڳتي بلوچستان طرف جيڪي پهاڙي سلسلو آهي، سو هماليه پهاڙي سلسلي کان به اڳ وجود ۾ آيو ۽ اهڙي طرح هن ڌرتي تي سڀ کان پهريان جيڪي پهاڙي سلسلا وجود ۾ آيا، انهن ۾ ڪارونجهر ۽ ڪيرٿر وارا سلسلا پڻ شامل آهن.

به ارڊائي لک سال اڳ سمنڊ هٽي وڃي موجوده ڪراچي واري سطح وٽ بيٺو ۽ سنڌوءَ جي ميدان مان سنڌوندي وهڻ شروع ٿي. ان بعد وري موسمي تبديليون ٿيون ۽ سمنڊ جي سطح اپرڻ شروع ٿي وئي ۽ اهو اپار جو سلسلو هڪ لک سال کان 50 هزار سال اڳ تائين رهيو. هند سنڌ جي زمين تي بيهر سمنڊ چڙهائي شروع ڪئي ۽ سمنڊ جو پاڻي ڪراچيءَ واري سطح کان مٿي چڙهندو آيو، تان جو موجوده سنڌ صوبو پوري طرح پاڻي هيٺ اچي ويو ۽ سمنڊ جو پاڻي ملتان جي حدن سان ٽڪرائجڻ لڳو. ان وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد وارا لاڙ جا ٽڪر سمنڊ جي پاڻي هيٺ ٻڏل هئا ۽ شاهبندر، ٺٽي، جهرڪن واريون ٽڪريون، ڪوٽڙي وارو سورجاٽو جبل، حيدرآباد وارو گنجو ٽڪر ۽ رني ڪوٽ واريون ٽڪريون آسپاس پاڻي هجڻ ڪري ٻيٽن وانگر نظر اچڻ لڳيون. (9) ان بعد وري سمنڊ جي پاڻي هيٺ لهڻ شروع ڪيو ته 5 هزار سال ق — م ۾ اهو وڃي بدين ۽ ساڪري وٽ پهتو. ان وقت ڪڇ جي رڻ ۽ ٿرطرف اڃان به ڪي صديون ساندهه سمنڊ چوليون هڻندو رهيو. (10) جيڪي حصا گهٽو پوءِ سمنڊ جي پاڻيءَ آجا ڪيا.

ڪروڙين سالن کان پوءِ سنڌو ماٿر جي هي هزارين ميل ڊگهي ۽ ويڪري ايراضي جيڪا سمنڊ مان نڪري نروار ٿي سا طبعي طرح ٽن اهم حصن ۾ ورهايل آهي.

(1) پهاڙي ديوار (Mountain Wall) (2) مٿانهون پٽ يا پونو (The Plateau) (3) سنڌوءَ جو ميدان (Indus Plain).

هاڻ اسان سنڌو ماٿر جي "سنڌوءَ واري ميدان" جو ذڪر ڪنداسين. جاگرافيائي طرح سنئين سڌي زمين کي ميدان (Plain) چئبو آهي. ان ميدان واري زمين سمنڊ جي سطح کان گهڻو مٿي نہ هوندي آهي ۽ ان جي اوچائي 600 فوٽ کان بہ گهٽ هوندي آهي. اها زمين پوک لائق ٿيندي آهي.

سنڌوءَ جو ميدان اٽڪ، اراولي جبل ۽ کيرٿر جبل جي وچ ۾ آهي. هن ميدان جي اولهہ ۾ سليمان جبل، اتر ۾ پوٺار جو پوٺو ۽ اوڀر ۾ راجپوتانہ جو رڻ پٽ اٿس. جتي جهلم ۽ چناب ندي اچي پاڻ ۾ ملن ٿيون، اتان "سنڌوءَ جو ميدان" شروع ٿئي ٿو. هن ميدان جي پيدائش اڄ کان 2 لک سال اڳ پلائيسٽوسين دور کان هيل تائين (Recent) جي دور جي ڄاڻائي وئي آهي.

سنڌوءَ جو ميدان وري ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. هڪ مٿيون ميدان ۽ ٻيو هيٺيون ميدان. سنڌوءَ جو مٿانهون ميدان (Upper Indus Plain) لوڻاٽي جبل جي ڏکڻ ۾ آهي. هيءُ ميدان ڪيترن ئي درياهي دوآبن ۾ ورڇيل آهي. اهي دوآبا ڪجهہ هيءُ آهن: (1) راوي ۽ چناب ندي جي وچ وارو دوآبو "رچنا دوب" (2) جهلم ۽ چناب ندي جي وچ ۾ "چاج دوب" (3) جهلم، چناب ۽ سنڌو ندي جي وچ ۾ تمام وڏو دوآبو آهي، جيڪو "سنڌ ساگر دوب" سڏبو آهي. سنڌوءَ جي هيٺين ميدان ۾ ريگستان بہ اچي وڃي ٿو. هن مان اڳ بہ درياهہ هڪ سنڌو درياهہ (ٻن ڪئنالن ۾) ۽ ٻيو هاڪڙو (واهندو) گذرندا هئا. هن وقت هن جي وچ مان صرف هڪ سنڌو درياهہ وهي ٿو.

سنڌوءَ جي ميدان کي تشڪيل ڏيڻ ۾ وڏو هٿ سنڌو نديءَ جو آهي. جيڪا سندس وچ مان سينڌ وانگر وهي ٿي. ارضياتي ماهرن جو چوڻ آهي تہ جنهن وقت سڄي سنڌو ماٿر سمنڊ جي پيٽ ۾ هئي، ان وقت بہ ان جي وچ مان سنڌو ندي وهندي هئي ۽ جيئن جيئن سمنڊ سنڌوءَ جو ميدان ڇڏڻ شروع ڪيو تہ سنڌو نديءَ ان کي سئنين سڌي ميدان جي شڪل ڏيڻ شروع ڪئي ۽ سنڌوءَ جي لوڙهي آندل لٽ سان زمين مٿان سمنڊ جو ڇڏيل تاثير ختم ٿيندو رهيو ۽ سنڌوءَ جا ميدان هڪ زرخيز ڇيڪي اُپت واري مٽيءَ سان مالامال بنجڻ لڳا. جيئن لئمبرڪ چوي ٿو تہ، "سنڌو ندي جي لوڙهي آندل لٽ، جنهن کي گرمي، پاڻي ۽ ساوڪ جي تاثير سڌاري سنواري هڪ سئنين سڌي ميدان جي شڪل ۾ ماٿري جي ڇيڙن تائين پٿاري ڇڏيو." (11)

يقينن سنڌوءَ جي ميدان تي وقت بوقت ايندڙ طوفانن ۽ برساتين واري پئي پڪيڙي ۽ وهندڙ ندين جي رءُ زمين مٿان چادر چاڙهڻ شروع ڪئي. جنهن ڪري سنڌوءَ جي ميدان واري زمين وئي مٿي ٿيندي.

اڄ بہ سمنڊ ڌرتي جا جيڪي حصا ڇڏي رهيو آهي، انهن ڪي آباديءَ لائق ۽ زرخيز سنڌوءَ جو لٽ بڻائي رهيو آهي ۽ سنڌوندي جو لوڙهي آندل لٽ جڏهن سمنڊ ۾ پئجندو رهي ٿو تہ اهي حصا خود بخود مٿي ٿيندا وڃن ٿا ۽ ساموندي پاڻي پوئتي هٽندو وڃي ٿو. جتي سنڌو ڇوڙڪري ٿي، اهو حصو مٿي پوڻ ڪري مستقل مٿي ايرندو ۽ خشڪ ٿيندو رهي ٿو.

ଓଃଌ

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. هيءُ خيال آمريڪا جي "انيورونمينٽل سائنس سروس ايڊمنسٽريشن" جي سائنسدانن پيش ڪيو آهي.

2. هيءُ خيال والٽرا اسپرول ۽ ڊاڪٽر رابرٽ ڊينر سائنسدانن جي گروهه پيش ڪيو آهي.

3. Bland Ford, H.F, "Quarterly Journal of the Geological Society" Vol: xxx (1875) P-534

4. Raverty, H.G, "The Mehran of Sindh and its tributaries" P- 317, 468-90

5. اهڙو انڪشاف تازو مشني گن يونيورسٽيءَ جي ماهرن جي هڪ ٽولي ڪيو آهي ۽ ان انڪشاف جي تصديق پروفيسر فلپ ڊي گرگرش جي زير قيادت آمريڪا، پاڪستان ۽ فرانس جي قديم آثارن جي ماهرن ڪئي آهي.

6. گاڊ فري بلنڊن، "آسٽريليا-سرزمين ۽ باشندا" ص- 13

7. Panhwar, M.H, "Chronological Dictionary of Sindh: P-4

وڌيڪ معلومات لاءِ ڏسو ڊاڪٽر سڪندر مغل، "ارتقا جي ڪهاڻي" حيدرآباد، 1985ع ص- 117

8. Pithawala, M.B, " Marvels of Earth" P-51

وڌيڪ معلومات لاءِ ڏسو Pithawala, M.B, "Historical Geography of Sindh"

9. آڏواڻي، پيرومل مهرچند، "قديم سنڌ" ص- 55

10. Raverty, H.G, "The Mehran of Sindh and its tributaries" P- 314, 468

11. لئمبرڪ، ايچ ٽي، "تاريخ سنڌ" جلد 1، "سنڌ هڪ عام جائزو" ص- 2،1

تهذيبي ۽ سياسي جاگرافي

هن ديس کي "سنڌ" نالو هتان جي آڳاٽن رهاڪن سنڌو نديءَ تان ڏنو. جنهن جي معنيٰ آهي سمنڊ يا وڏي درياهه وارو ملڪ. يا اهو وهڪرو جيڪي سدائين پيو وهي. جيئن تہ خود سنڌ ڌرتي سمنڊ مان جنم ورتو ۽ هن ندي هتان جي برپٽن کي سرسبز ۽ شاد آباد ڪيو ۽ هتان جي رهواسين جي تمدني تشڪيل ڪئي. ان ڪري هتان جي آڳاٽن رهاڪن، هن ديس جو وڏي درياهه جي نسبت سان نالو ئي سنڌ رکيو. جيڪو اڄ کان ڏهاڪو هزار ورهيہ پراڻو آهي. هن ديس کي اهو نالو هتي رهندڙ مقامي ماڻهن سنڌو ندي جي نسبت سان ڏنو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي پنهنجي ڪتاب ۾ سنڌ جي نالي بابت ڪجهه هن طرح وضاحت ڪئي آهي: "بمبئي جي پارت وگياني (Indologist) پادري هيرس جي سند موجب، سنڌو نديءَ کي اهو نالو آڳاٽن رهاڪن سنڌين ڏنو. جن جي ٻولي ۾ سند-سنڌو لفظ جي معنيٰ هئي ندي يا درياهه ... جنهن جي پنيان ساري ملڪ تي جنهن مان ندي وهي ٿي، سنڌ نالو پئجي ويو. پوءِ اهو نالو ايراني واپارين "سنڌ" مان ڦيرائي "هند" ڪيو. جنهن مان هاڻوڪو هندستان ٿيو آهي ... تنهن کان پوءِ رومي واپارين ان کي وڌيڪ ڦيرائي "انڊ" ڪيو. جنهن مان هاڻوڪو انڊيا بڻيو آهي. جو بہ ڏيهي نالو آهي ۽ نہ يورپي ... هندستان تي پارت نالو گهڻو پوءِ پيو، جڏهن راجا دشيت ۽ شڪنتلا جو پٽ پرت راڄ ڪندو هو. تنهن ڪري ڏسبو تہ سڄي ملڪ "هندستان" کي نالو ئي سنڌو نديءَ ۽ سنڌ مان مليو آهي" (1)

هؤن بہ سنڌ ۾ سنڌو هڪ ئي وجود جو نالو آهي. سنڌوَ کان سواءِ سنڌ ڪا بہ معنيٰ نہ ٿي رکي. هن ديس تان سنڌ جو نالو مٽايو يا بدلايو وڃي تہ اهو پاڻ سان دوکو ۽ فريب ٿيندو. ڇو جو بقول لئمبرڪ جي تہ، "اهو بلڪل سونهين ٿو تہ هن سرزمين جو نالو سنڌو ندي جي نالي سان منسوب هجي. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ نديءَ ئي ڪيس جنم ڏنو آهي ۽ سندس پرورش ڪئي آهي. هي سڄو خطو جيڪو ڪيترا سو ميل ڊگهو ۽ ويڪرو آهي. تنهن جو ذرو ذرو ۽ هر تهہ سنڌو ندي تشڪيل ڏنو آهي." (2)

هن ڪتاب ۾ سنڌو سڀيتا جي ذڪر ٿيندڙ دور (اوائل کان 1500 ق-م) ۾ سنڌو رياست جون جاگرافيائي حدون ڪجهہ هن ريت هيون:

سنڌو رياست:

جنهن وقت سمنڊ سنڌ جي ڌرتيءَ کان پري هٽي ويو ۽ زمين ظاهر ٿي. ان وقت سنڌ اندر جيڪا تهذيب اُسري، اها جاگرافيائي طور مڙني ايشيائي تهذيبن کان وسيع ايراضيءَ ۾ اٽڪل 5 لک چورس ميلن تائين پکڙيل هئي. ان جو ڦهلاءُ روس جي سرحدن تائين وڃي پهتو هو. (3) سنڌو سڀيتا جو علائقو پکيڙ ۾ بابل کان چوڻو ۽ مصر کان ٻيڻو هو. (4)

سنڌو سڀيتا جي ايراضيءَ ۾ موجوده سمورو پاڪستان (سرحد صوبي جي جابلو علائقي ۽ آزاد ڪشمير کان سواءِ)، هندستاني پنجاب، اولهہ يو پي، هريانا، ڪڇ، ڪاٺياواڙ، گجرات، مهاراشٽر ۽ افغانستان جو ڪجهہ حصو شامل هئا. (5) ان وقت سنڌو رياست پنجن صوبن ۾ ورهايل هوندي هئي. جنهن جو مرڪز موهن جو دڙو هوندو هو ۽ موجوده سنڌ، مرڪزي صوبو هوندو هو. هڪ صوبو، موجوده بلوچستان هوندو هو، جيڪو اولهائون صوبو سڏبو هو ۽ ان جو گاديءَ جو هنڌ يا مرڪزي شهر دمب سادات هو. اتر وارو صوبو موجوده پاڪستاني پنجاب ۽ ڪجهہ سرحد صوبي جي حصن تي مشتمل هو. جنهن جو مرڪزي شهر هڙاپا هو. اوڀر وارو صوبو ڀارتي پنجاب ۽ ڪجهہ ٻِين وارن حصن تي مشتمل هوندو هو، جنهن جو مرڪزي شهر ڪالي بنگن هو. جڏهن تہ

ڏکڻ وارو صوبو ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات جي حصن تي مشتمل هو. جنهن جو مرڪزي شهر لوٿل هو. (6)

سنڌو سڀيتا جي مٽي جاٽايل تهذيبي ۽ سياسي سرحدن مان ڪيترائي درياهه وهندا هئا ۽ آهن. جن ۾ مکيه سنڌو ندي آهي. سنڌو رياست جي اتر واري صوبي مان سنڌو ندي، جهلم ندي، راوي ندي، بياس ندي ۽ ستلج ندي وهنديون آهن. جڏهن ته مرڪزي صوبي موجوده سنڌ مان تنهن وقت سنڌو ندي کان سواءِ هاڪڙو ندي پڻ وهندي هئي. جيڪا بعد ۾ 1226ع ڌاري سڪي بند ٿي وئي. ٻئي طرف باقي ٻين ٽن صوبن مان پڻ ڪيترين ئي ندين ۽ برساتي نالا وهندا هئا ۽ آهن. پر هتي اسان صرف سنڌو نديءَ ۽ هاڪڙو درياهه جي ان وقت جي وهڪرن بابت ذڪر ڪريون ٿا.

1. سنڌو ندي:

سنڌو ندي، جيڪا 1800 ميل ڊگهي آهي، سا هماليه جبل جي مانسرور ڍنڍ مان نڪري، ڪشمير، سرحد، پنجاب لتاڙيندي، اتان جي ڇهن ندين جون پاڻي پاڻ منجهه سمائيندي، سنڌ ۾ ڪشمور وٽان داخل ٿئي ٿي. بعد ۾ موجوده سنڌ کي سرسبز ۽ آباد ڪندي وڃي عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. سنڌو سڀيتا جي مٽي جاٽايل تهذيبي دؤر ۾ موجوده سنڌ ۾ سنڌو ندي ٻن حصن ۾ وهندي هئي. ان جي اولهه واري شاخ ليمون جوڻيجي کان اولهه طرف وهندي لوهم جو دڙي، لوهري، آمري جي پرسان لنگهندي، حيدرآباد وٽان ٺيندي وڃي سمنڊ ۾ پوندي هئي. هاڪڙو کي سنڌوندي مان پاڻي ٻن هنڌن تان ملندو هو. هڪ ڪشمور واري شاخ ۽ ٻيو سکر واري شاخ مان.

2. هاڪڙو ندي:

هاڪڙو درياهه، جيڪو هن وقت سڪي چڪو آهي. ان کي ڪيترن ئي نالن سان سڏيو ويندو آهي. جيئن: گهاگهر، سرسوتي، نالاشڪر وغيره ۽ سنڌ ۾ ان کي ريڻي، واهندو، نارو پڻ سڏيو ويندو آهي. اهو سوالڪ جابلو سلسلي مان نڪرندو هو ۽ ان ۾

جمنا ندي ۽ ستلج ندي سميت سنڌو ندي پنهنجي پاڻي جو ڪجهه حصو داخل ڪنديون هيون. هاڪڙو درياهه جڏهن سنڌ جي موجوده سرحدن ۾ داخل ٿيندو هو ته ان وقت سندس اوڀارين ڪپ تي ونجڙوٽ ۽ ان ڪان پرتي اولهاين ڪپ تي ڏمپ بني ۽ آخري چيڙي تي سمنڊ ۾ داخل ٿيڻ وقت نهتو اولهاين ڪپ تي هوندو هو. ان دؤر ۾ ڪڇ جو رڻ پنهنجي موجوده شڪل ۾ نه هوندو هو، پر اتي سمنڊ چوليون هڻندو هو ۽ رڻ ڪڇ هڪ ساموندي نار هيو. (7) جنهن ۾ هاڪڙو درياهه ۽ اراولي ٽڪرين مان نڪرندڙ لوڻي ندي موجوده ننگر پارڪر وٽ چوڙ ڪنديون هيون. هاڪڙو ندي، جيڪا 1226ع ڌاري سڪي وئي، سا قديم زماني ۾ گجرات ۽ سوراشٽر مان لنگهي بهاولپور ۽ ٿر ڪي سر سبز ڪندي هئي. ان جي وهڪري بند ٿي وڃڻ سبب سنڌ جي ٿر پارڪر وارو علائقو رڻ پٽ ۾ تبديل ٿي ويو آهي. (8)

موسم:

سنڌ قديم دؤر ۾ چوماسي وارين هوائن ۽ برساتن جي دائري اندر هئي. ڏکڻ الهندي واريون هوائون اونهاري ۾ چوماسو آڻينديون هيون ۽ سياري ۾ اتر قطب جون هوائون وچ ايشيا واري ميدان ڪان مينهن آڻينديون هيون. (9)

آبهوا

9000 ق-م ڪان اڳ آبهوا تمام خشڪ هئي،
9000 — 8500 ق-م آبهوا گهٽي خشڪ مان ڦري گهٽ گهميل ٿيڻ شروع ٿي،
8500 — 7500 ق-م وچولي گهميل
7500 — 3000 ق-م وچولي گهميل
3000 — 1750 ق-م تمام گهٽي گهميل آبهوا

سنڌ اندر ان دؤر ۾ پندرنهن ڪان ويهن انچن تائين برسات پوندي هئي. بهار جي موسم ۾ جبلن تي برف ڳرڻ ڪري سنڌو ندي ۽ هاڪڙو ۾ پاڻي وڌندو هو ته وڏيون ٻوڏيون ايندون هيون. جنهن ڪري نهايت شادآباد وستيون ۽ واهڻ ناس ٿي ويندا هئا.

جڏهن سمنڊ سنڌو ماٿر مان پوئتي هٽڻ شروع ٿيو ته سنڌو نديءَ هاڪڙو درياهه جي ٻنهي ڪنارن تي گهاٽا ٻيلا اڀري آيا. سنڌو جي لٽ ذريعي زرخيز ٿيل زمينون وڻن، ٻوٽن ۽ گاهن سان سايون چهچ ٿي پيون. جن ۾ هاٿي، گينڊا، هرڻ ۽ ٻيا چوپايا جانور ۽ پکي پکڻ رهڻ لڳا. سنڌو جا گهاٽا ٻيلا شڪاري قبيلن جي زندگي گهارڻ لاءِ جانورن جي شڪل ۾ کين خوراڪ ميسر ڪري ڏيڻ لڳا.

سنڌو سڀيتا جا وارث هتي وهندڙ درياهن کي هڪ ٻئي وٽ اچ وڃ ۽ رابطن لاءِ استعمال ڪرڻ لڳا. جنهن وقت اڃا سواري لاءِ جانورن جو رواج نه پيو هو، ان وقت درياهي وهڪرا سفري سهولتن لاءِ بهترين ذريعا هئا. هتان جا رهواسي ننڍن ٻيڙين ۽ ڏونڊين ذريعي هڪ شهر يا ڳوٺ کان ٻئي هنڌ تائين سفر ڪرڻ لڳا. ان لاءِ خاص ڪري سنڌو نديءَ هاڪڙو درياهه سنڌن بهترين ساٿي ثابت ٿيا.

ꕥ

حوالا ۽ سمجهاڻيون

(1) ملڪاڻي، منگهارام، "ساهتڪارن جون سمرتيون"، ص- 10-11

(2) Lambrick, H.T, "Sindh — A General Introduction" Ch: 1.

(3) Mughal, M.R, "New Research on the origins of the Indus Civilization" Sindh Quarterly — 1981 — 3, P-45

(4) صديقي، محمد ادريس، "سنڌو ماٿر جي سڀيتا" ص — 195-196

(5) پنهور، ايم ايڇ، "سنڌ جي تاريخ ۽ آثار قديمہ تي تحقيق ۽ اشاعت" ٽماهي مهراڻ، 1984- 2، ص-171

(6) Panhwar, M.H, "Sindh Cutch Relations" Karachi — 1980, P-4

(7) Panhwar, M.H, "Sindh Cutch R elations" P-2-3

(8) سمراٽ، گنگارام، "سنڌو سؤوير" ص-98
يا ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، "هاڪڙو درياهہ"، انا مينهن ملير، ميرپورخاص-1975 ص-102-103

(9) Minchin, C.F "Baluchistan Distt: Gazetteer" Vol: VII 1907, PP-52-53

سنڌو ماٿر ۾ اوائلي انساني آباديون

اڄ کان ڪروڙين سال اڳ زندگيءَ جي شروعات سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ ٿي. ماهرن جي چوڻ موجب جڏهن ڌرتيءَ نئڻ شروع ڪيو ته ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي جبل ۽ ٽڪر ظاهر ٿيڻ لڳا. انهن جي ارتقائي سلسلن وارن ڏينهن ۾ اڄ کان 60 ڪروڙ ورهيه اڳ دنيا جي گرم سمنڊن ۾ "زنده شيءِ" تخليق ٿي، جنهن کي ماهر اميبا (Ameba) ڪوٺن ٿا. ان اميبا مان ئي مختلف قسمن جا حيوانات سمنڊن جي تهن ۾ جنم وٺڻ لڳا. ماهرن جي چوڻ موجب انهن نباتات ۽ حيوانات جي اوائلي قسمن مان اڄ کان 50 ڪروڙ ورهيه اڳ سمنڊن جي تهن اندر بنا ڪرنگهي وارا جانور (مڇيون، سپون ۽ ٻيا جيت) وجود وٺڻ لڳا. انهن مان اڳتي هلي 35 ڪروڙ ورهيه اڳ ڪرنگهي وارا جانور (مڇي ۽ ڏيڏر) تخليق ٿيا. اهو سڄو ارتقائي سلسلو اڃان سمنڊ جي پاڻي اندر موجود هيو. جانورن ۽ نباتات ۾ اها مرحليوار ارتقا جاري هئي. اڄ کان 14 ڪروڙ ورهيه اڳ ساموندي جانورن جا ڪي خاص قسم ارتقا ڪري، انهيءَ لائق بڻيا جو هو سڪيءَ توڙي پاڻيءَ ۾ زندگي گذاري سگهن. جڏهن ان قسم جا جانور سمنڊ اندر وجود وٺڻ لڳا ته هو پنهنجي کاڌي خوراڪ جي حاصلات لاءِ سمنڊ ڇڏي آهستي آهستي خشڪيءَ ڏانهن وڌڻ لڳا. خشڪيءَ تي شروعات ۾ زندگي انهن جاين تي شروع ٿي، جتي ڏٻڻ موجود هئي. انهن خشڪيءَ تي آيل جانورن مان اڳتي هلي رڙهندڙ جانورن جي قسمن (نانگ، ڪمي) وجود ورتو. ڪافي عرصي کان پوءِ پکي پيدا ٿيا. ننڍن توڙي وڏن جانورن جي مختلف قسمن مان کير پياڪ (مماليه) قسم جي جانورن جهڙوڪ: گهوڙي، هاٿي، اُٺ، شينهن، هرڻ ۽ باندر پنهنجو وجود ورتو. اهي ٿڃ پيارينڌڙ جانور 8 ڪروڙ ورهيه اڳ تائين وجود وٺي چڪا هئا ۽ پنهنجي مرڪزي گروپن مان شاخن جي صورت ۾ ارتقا ڪري رهيا هئا. ان وقت تائين انسان جهڙي ڪنهن به قسم جي ساهواري جو هن ڌرتيءَ تي ڪو به وجود ڪو نه هيو. ان بعد 5 ڪروڙ سال اڳ پولڙن سان ملندڙ جلندڙ نسل جي جانورن مان هڪ مخصوص قسم جي جنس پنهنجو وجود وٺي رهي هئي ۽ ان ۾ انساني خاصيتون اڀري

رهيون هيون. (1) اهي انسان نما جانور يا بن مانس (Anthropoid Apes) ان دور ۾ خشڪ علائقن پئدا ٿيا. انهن انسان نما باندرن مان 2 ڪروڙ سال اڳ انسان پنهنجي موجوده شڪل ۾ صورت اختيار ڪئي. ماهرن جي چئي مطابق انسان نما جانور کي مڪمل انسان بڻجڻ ۾ هڪ ڪروڙ سال لڳي ويا. (2) هيل تائين انهن انسان نما جانورن جي وجود جي شهادت ماهرن کي آفريڪا ۾ اتر هندستان جي مرڪزي ۽ گرم خطي تي پنهنجو وجود ونندي ملي آهي. (3) ڪافي ماهر ان ڳالهه تي متفق آهن تہ انسان سان ملندڙ جلندڙ بن مانس جو ڪو نهايت اعليٰ ترقي يافتہ نسل ڪنهن گرم آبهوا جي علائقن ۾ آباد هيو. اهو نسل ضرور ڪنهن وڏي براعظم تي موجود رهيو هوندو، جيڪو بعد ۾ هندي وڏي سمنڊ ۾ غرق ٿي ويو. (4) اهو انساني نسل اڄ ڪالهه جي چمپنزي ۽ گوريلن کان گهڻو مختلف نہ هوندو، جيڪو آفريڪا ۾ هند سنڌ جي علائقن ۾ موجود هيو. هي سڄو عمل يعني "حيواني نسل" مان "انساني نسل" جي ارتقا ٽئين ارضياتي دور (Tertiary Age) ۾ ٿيڻ لڳي. (5)

هاڻي اسان سنڌ ماٿر ڏانهن اچون ٿا ۽ ڏسنداسين تہ هتي انساني ارتقا جون ڪڙيون ڪهڙي طرح دستياب آهن. سنڌ اندر اسان کي اهو ارتقا جو سلسلو ٿهي جبلن توڙي زمين جي تهن مان ترتيبوار ملي ٿو. ڌرتيءَ جي تمام هيٺانهن تهن مان اسان کي بنا ڪرنگهي وارا جانور ملن ٿا، جيڪي سمنڊ اندر موجود هيا. ان وقت سنڌو ماٿر جي ڌرتي سمنڊ هيٺ هئي. جنهن ڪري سمنڊ ۾ وجود ونندڙ جانور جبلن جي مختلف تهن ۾ پنڊ پهڻ ٿي ويل ملن ٿا. جنهن ارتقا جي سلسلي وار ڪڙين کي اسان جي آڏو فلم جي ريل جيان ظاهر ڪري بيهاريو آهي. هيٺين تهن کان مٿين تهن ڏانهن ايندي ترتيبوار مڇين جا قسم، ريڙهيون پائيندڙ جانور، ان بعد ٿڻائتا جانور، وري پکي ۽ انهن جي مٿان آدم نما جانورن جا پنڊ پهڻ (Fossils) ٿي ويل جسم ملن ٿا. جن جون ماهرن عمريون مقرر ڪيون آهن. سنڌ جي ٿهي جبلن جهڙوڪ ڪڏڙو ۽ پب مان ماهرن ساموندي جانورن جا پنڊ پهڻ ٿي ويل جسم هٿ ڪيا آهن. ڪيرٿر مان پڻ اهڙائي ساموندي جانور پنڊ پهڻ ٿيل مليا آهن. منڇر وارن تهن مان هاٿين، گهوڙن ۽ رهينوسيراز جانورن جا هڏا پنڊ پهڻ ٿي ويل ملن ٿا. سنڌ اندر مختلف تحقيقاتن رستي جيڪي زندگيءَ جا آثار مليا آهن، انهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اڄ کان 6 ڪروڙ ورهيہ

اڳ هتي ڪيترائي جيتن جا قسم، ڪرنگهي دار مڇيون، پکين جا مختلف قسم پيدا ٿي چڪا هئا، جڏهن ته ڪير پياريندڙ جانورن جو وجود هتي اڄ کان ساڍا چار ڪروڙ ورهيه اڳ تائين ملي ٿو. (6)

انساني ارتقا جو عمل باقي دنيا جي پيٽ ۾ سڀ کان پهريان هند سنڌ (ڏکڻ ايشيا) ۾ ٿيو.سنڌو ماٿر ۾ انسان ۽ فطرت جي وچ ۾ متمدن زندگي جي لاءِ تمام گهٽي ويڙهه ٿي ۽ انسان فطرت تي قابو پائڻ لاءِ ۽ ان کي سمجهڻ سان گڏوگڏ ان کي پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ لاءِ مختلف ايجادون ڪيون. فطرت ۽ انسان جي وچ ۾ پيدا ٿيل هن ڇڪتاڻ انساني تمدن کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. ڇو جو ڏکڻ ايشيا يعني هند سنڌ جي موسمي فضا، پاڻي واري فضا ۽ حياتياتي فضا وغيره انسان جي مادي، اخلاقي ۽ روحاني تشڪيل ڪئي ۽ هن کي اڳتي وڌڻ جا موقعا فراهم ڪري ڏنا ۽ ڏکڻ ايشيا يعني هند سنڌ ۾ اهي مڙئي سهولتون هڪ ئي وقت دستياب هيون. ماهر ان راءِ جا آهن ته انسان جا پراڻي ۾ پراڻا آثار يعني دنيا ۾ سندس هئڻ جي وڌ کان وڌ اڳوٽي ثابتي سنڌو ماٿر ۾ ملي آهي. ڊاڪٽر باشم به ان خيال جو آهي ته اوائل ۾ انساني ارتقا هن ئي خوش نصيب واديءَ ۾ ٿي. (7) علم الانسان جي ماهر ’هاورڊ موئر‘ ان خيال جو آهي ته انسان جي پهرين اوسر ايشيا جي ڏاکڻين حدن ۾ ٿي، (8) ۽ هو جانورن جي ڪيترن ئي نسلن کي ڏکڻ ايشيائي ڄاڻائي ٿو ۽ ٻڌائي ٿو ته دنيا ۾ سڀ کان پهريان چوپايو مال سنڌو ماٿر ۾ پاليو ويو ۽ پالتو مال جا گهڻا قسم اصل ڏکڻ ايشيائي آهن. ’هاورڊ موئر‘ مينهن، رڍ، ڇاپرو، ٻڪري، سوئر، ڪڪڙ، ڪتي، خچر، هاٿي ۽ مور کي ڏکڻ ايشيائي (هند سنڌ) جانور سڏيو آهي. پروفيسر ليڪي پڻ ان راءِ جو آهي ته اهي جانور پوءِ ڏکڻ ايشيا يعني هند سنڌ مان ارضياتي دور ۾ ئي بيرنگ پل رستي ٽپي آفريقا، آمريڪا ۽ يورپ تائين پکڙيا. (9) هاورڊ موئر پنهنجي ڪتاب ۾ وڏيڪ انڪشاف ڪري ٿو ته، ”ايشيا کنڊ جي ڏکڻ ۾ انسان ۽ انسان جي سيپتا جي شروعات ٿيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ جيوت جي اوسر ۾ انسان جهڙو جانور پهريان ايشيا کنڊ ۾ ئي وجود ۾ آيو.“ (10)

سنڌو ماٿر ۾ انسان 2 ڪروڙ سال اڳ ڌرتي جي ٽئين زماني (Tertiary) ۾ حيواني نسل کان علحده ٿيو. جڏهن ڌرتي جي ٽئين زماني ۾ سمنڊ سنڌو ماٿر جا اتر ۽ اولهه وارا جابلو حصا ڇڏيا. ته اهي وحشي انسان جي رهائش جا اوائلي ماڳ بڻيا. ان

زماني جي ماڻهن جا جسم پنڊ پهڻن جي صورت ۾ زمين جي تهن مان ملن ٿا. ڌرتي جي ٽئين زماني جا انسان، وڻ ٽڻ ۽ ٻيون شيون گهڻي وقت گذرڻ ڪري اچ پٿر جي صورت وٺي چڪيون آهن. (11) هيٺ اسان ان دور جي انسانن جي پنڊ پهڻ تي ويل ڍانچن جو ذڪر ڪنداسين، جيڪي ماهرن مختلف هنڌن تان هٿ ڪيا آهن.

ييل يونيورسٽي جي هڪ ماهر جي. اي. ليوس (G. E. Lewis) 1930 ۾ هندستان جي سيوالڪ (Siwalik) جبلن ۾ کوٽائي ڪندي هڪ انسان جو ٻه ڄاڙيون هيٺيون ۽ مٿيون ڳولهي لڌيون آهن، جيڪي پٿرائجي چڪيون آهن. جن کي هن راماپٿيڪس (Ramapithecus) يعني "ماڻهو جهڙو پوتر" جو نالو ڏنو آهي. راما پٿيڪس انسان اڄ کان هڪ ڪروڙ 50 لک سال اڳ جي مايوسين زماني جو انسان آهي. هن انسان جي لڌل پٿرايل بوتي جو وري 1961ع ۾ ٻيهر اپياس ڪيو ويو ۽ ماهرن هن پٿرايل بوتي کي دنيا جو سڀ کان وڏيڪ قديم انسان قرار ڏنو. ان بعد وري پاڪستان جي پوٺار جي علائقي مان پڻ پٿرايل انسان جو ڍانچو مليو، جيڪو 70 لک سال پراڻو آهي. جنهن کي ماهرن سواپٿيڪس (Sawapithecus) يعني "هر دم زنده" جو نالو ڏنو آهي. هن دور جو انسان ڪنهن به قسم جا اوزار ناهڻ جو ڏانءُ ڪو نه رکندو هو. هو پنهنجو گذران وڻن جي پاڙن، ميوون ۽ ماکي وغيره تي ڪندو هو. هو اڃان پنهن ارتقا جي اوائلي دور ۾ هيو. ڪيس پنهنجي باندر نما نسل کان ڌار ٿئي ٿورو عرصو گذري چڪو هو. هو پاڻ مان اڳئين دور جون خاصيتون ڪڍي رهيو هو. هو ڳالهائڻ لاءِ زبان کي استعمال ڪرڻ ۽ هلڻ لاءِ ٻه پير استعمال ڪرڻ ۽ هٿن کي ڪم ڪرڻ لاءِ آزاد ڪرڻ لاءِ جدوجهد ۾ مصروف هيو. (12)

هند سنڌ ۾ هن قسم جي ماڻهو ملڻ ڪانپوءِ ماهرن کي پنهنجا رايا بدلائڻا پيا ۽ هنن ان ڳالهه کي تسليم ڪيو ته دنيا ۾ سڀ کان اول آدم جي پئدائش سنڌو ماٿر ۾ ٿي ۽ سنڌو ماٿر ئي انساني ارتقا جو پهريون مسڪن بڻي. هن کان اڳ دنيا ۾ جيڪي ٻين هنڌن تي قديم انسان جا آثار مليا آهن، سي سڀ سنڌو ماٿر ۾ مليل انسان کان پوءِ جا آهن. جنهن ڪري اسان هاڻ بنا ڪنهن هٻڪ جي سائنسي تحقيقاتي بنيادن تي اها ڳالهه چئي سگهون ٿا ته سنڌو ماٿر اوائلي انساني ارتقا جو بنياد هئي ۽ شروع ۾ هتان ئي انسان پنهنجو پهريون سفر شروع ڪيو.

سنڌو ماٿر ۾ پٿر دور جا ماڳ:

جڏهن انسان، حيواني نسل کان ڌار ٿي پنهنجو سفر شروع ڪيو تہ هن پنهنجي بچاءَ ۽ کاڌي جي بندوبست لاءِ نوان اوزار تلاش ڪرڻ شروع ڪيا، جيڪي ڪيس وڻن جون پاڙون کوٽڻ، ميووا چنڻ وغيره ۾ مدد ڏيڻ لڳا. اهي اوائلي انساني اوزار هيا پٿر، جن کي ئي پهريان انسان پنهنجي ڪتب آڻڻ شروع ڪيو. ان ڪري جيتري عرصي تائين انسان پٿر جا اوزار استعمال ڪندو آيو، ماهر سندس ان سماجي ارتقائي دور کي "پٿر دور" جي نالي سان ياد ڪندا آهن. سنڌو ماٿر اندر هي دور 10 لک سال کان 4 هزار سال ق-م تائين هليو. هي دور پڻ ٽن مختلف حصن ۾ ورهايل آهي، جيڪي هي آهن:

(1) پراڻو پٿر دور (Paleolithic Age) 10 لک کان 15 هزار سال ق-م

(2) وچون پٿر دور (Mesolithic Age) 15 هزار کان 6 هزار ق-م

(3) نئون پٿر دور (Neolithic Age) 6 هزار کان 4 هزار سال ق-م

اسان هيٺ سنڌو ماٿر جي انسانن جي پٿر دور جي سرگرمين جي پهرين ٻن دورن يعني پراڻي ۽ وچين پٿر دور جو جائزو وٺنداسين.

(1) پراڻو پٿر دور

جڏهن اوائلي وحشي ماڻهو وڻن تان هيٺ لٿا ۽ گهاٽا ٻيلا ڇڏيا تہ هنن پهريان رهائش لاءِ ميداني علائقا چونڊيا ۽ هو ميداني علائقن ۾ درياهن، ڍنڍن ۽ چشمن پرسان رهڻ لڳا. جتي کاڌو پيتو جهجهي مقدار ۾ دستياب هيو. هي دور انسانذات جي "ٻالڪپڻ" جو دور هيو. هن دور ۾ وحشي انسان خونخوار جانورن کان بچاءَ لاءِ پٿر ۽ ڏنڊا پنهنجي پهرين اوزار طور استعمال ڪرڻ شروع ڪيا. هن اهڙا پٿر گڏ ڪرڻ ۽ استعمال ڪرڻ شروع ڪيا، جيڪي هڪ ٻئي سان ٽڪرائجي يا پاڻيءَ جي وهڪري ڪري پيجي پري لسا ٿي ويا هئا ۽ چپترا ٿي تکا ٿي چڪا هئا. جن جي مدد سان هن وڻن جون پاڙون کوٽي، ميووا چني ۽ ننڍن ننڍن ٻين ساهوارن کي ماري يا انهن جو شڪار ڪري، انهن کي کاڌي طور استعمال ڪرڻ شروع ڪيو.

هن دور ۾ انسان اجا پنهنجي شروعاتي ارتقائي دور ۾ هيو، نہ هن ڪي اوزار گهڙ ڪيا هئا يا ايجاد ڪيا هئا ۽ نہ وري پوکي راهي ڪرڻ تائين سندس شعور پهتو هو. نہ وري هن دور جو انسان مال پالڻ سکيو هو. هو ڇڙواڳ زندگي گذاريندو هو، جتي رات پوندي هئس اتي وڻن تي وڃي سمهي پوندو هو. وري صبح جو اٿي پنهنجي کاڌي خوراڪ جي تلاش ۾ نڪري ويندو هو. جڏهن هن لاءِ کاڌي جي تلاش جيئن پوءِ تيئن مشڪل بڻجڻ لڳي تہ هن ٻيلن ۾ رهندڙ مختلف جانورن کي شڪار ڪري انهن جو گوشت پنهنجي غذا ۾ شامل ڪيو. جانورن جو شڪار ڪنهن بہ اڪيلي ماڻهو جي وس جي ڳالهہ نہ هئي. ان ڪري پهريون دفعو ان دور جي انسان کي هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ جي ضرورت محسوس ٿي ۽ هن اڪيلي زندگي گهارڻ ختم ڪري ٽولن جي صورت اختيار ڪئي. جنهن سان ئي اجتماعي زندگي گذارڻ جو پهريون تصور جڙي راس ٿيو ۽ اهڙي طرح اوائلي وحشي انسان پهريون دفعو "سماجي جانور" ٿي پيو. اها ان دور ۾ "انساني سماج" جي جڙاوت ۾ وڏي اهم تبديلي هئي. ان تبديليءَ انسان کي اڳتي وڌڻ، پنهنجو نسل وڌائڻ، گڏيل ايجادون ڪرڻ ۽ سماج جي تعمير ڪرڻ ڏانهن وک وڌائڻ جو موقعو فراهم ڪيو.

سنڌو ماٿر اندر پراڻي پٿر دور جي انسانن جي رهائش جا هنڌ ۽ سندن استعمال جا اهي اوزار بہ لڌا ويا آهن، جيڪي هن پٿر مان جوڙيا هئا. ويجهر ۾ ماهرن پنجاب صوبي جي پوٺار ريجن ۾ راولپنڊي ويجهو "سون ندي" جي ڪناري سون ماٿر مان انهن اوائلي انسانن جا اوزار ۽ رهائشي آثار ڳولي لڌا اٿن. جن جي عمر 5 لک سال مقرر ڪئي اٿن ۽ ان دور کي "سون ڪلچر" جو نالو ڏنو اٿن. (13)

ماهر "سون ماٿر" مان لڌل اوزارن بابت چون ٿا تہ اتان جيڪي اوزار صفا هيٺين تهہ تان مليا آهن، سي سون ڪلچر جي مٿئين تهہ تي رهندڙ ماڻهن کان اڳ جي آبادي جا آهن ۽ انهن کي سون ڪلچر کان اڳ جا اوزار ڪوٺيو اٿن. (14) سون ماٿر مان مليل پٿر دور جي انسانن جي رهائشي آبادي جو تعلق ٻن دورن سان آهي. صفا آخري دور جي عمر 5 لک سال ٿيندي ۽ ٻيو تهہ 4 کان 2 لک سال جي وچ جو آهي. پهرين تهہ تان اڻ گهڙيا پٿر مليا آهن، ان دور جا ماڻهو اجا پٿرن کي گهڙڻ ۽ انهن کي استعمال ۾ آڻڻ لاءِ مختلف شڪليون ڏيڻ کو نہ سکيا هئا. هو استعمال لائق پٿر گڏ ڪندا هئا. پر

بئي دور جا ماڻهو ڪجهه ترقي ڪيل ڏسجن ٿا. جن پٿر مان ڪهاڙيون، تيرن جا منهن ۽ ٻيو وڏ ٽڪ جو جهڙو تهڙو سامان تيار ڪري ورتو هو. ان وقت به هو اجا ڪاڏو ڳڏ ڪندا هئا ۽ شڪار ڪندا هئا. مال ڌارڻ يا پوکي راهي ڪرڻ تائين سندن شعور ڪو نه پهتو هو. (15) سون ماٿر ۾ رهندڙ پٿر دور جي انسانن بابت قديم آثارن جي مشهور ماهر سر مارٽيمر وهيلر جو رايو آهي ته، "پاڪستان (سنڌو ماٿر) ۾ سڀ کان پراڻي ۾ پراڻي انساني آباديءَ جي ثابتي اسان کي راولپنڊي ويجهو سون نديءَ جي ڪنارن تي اڻ گهڙيل پٿرن جي صورت ۾ ملي آهي. اتان مليل اوزارن ۾ ڪي سادي نموني جا ڇرا ۽ ڪهاڙيون مليون آهن، جيڪي لڳ ڀڳ 5 کان 3 لک سالن جي عمر جا ٿيندا." (16)

هي سون مان مليل اوزار لوڻي ندي (ننگر پارڪر) جي اوزارن سان مشابهت رکندڙ ۽ هم عمر آهن. (17) هي اهي ئي اوزار آهن، جن سان هاڪڙو تمدن جا ماڻهو ڪم ڪار ڪندا هئا. ماهر سون مان لڌل اوزارن متعلق چون ٿا ته اهي روهڙي ۽ سکر جي هنڌن تان لڌل ابتدائي پٿر جي اوزارن جي سڌريل شڪل آهن. اهي اوزار سکر کان سواءِ واگهو در ڪراچي مان پڻ مليا آهن. لئمبرڪ ان جي تصديق ڪئي آهي ته ڪراچي جي اپرندي ڪپر تي واگهي در وٽ ۽ ان جي پرپاسي ۾ پڻ اهڙن اوزارن جي ڪجهه سڃاڻپ ڪئي وئي آهي. (18) ان دور جي پٿر دور جي انسانن جا اوزار بياس ندي (پنجاب) جي ماٿريءَ مان پڻ مليا آهن. انهن آثارن جو انڪشاف آثار قديمه جي ماهر ب ب لال ڪيو هو ته بياس نديءَ جي ماٿر ۾ پراڻي پٿر دور جا اوزار مليا آهن. (19)

مٿي بيان ڪيل "سون ڪلچر" انهن ماڻهن جو ئي آهي، جيڪي سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب تائين پکڙيل هئا، ميدانن ۾ رهندا هئا. انهن ڏينهن ۾ موسم اجا خشڪ هئي. جڏهن برفباري شروع ٿي، هوائون گهمجي ويون ته انسانن لاءِ کليل ميدانن ۾ رهڻ مشڪل ٿي پيو. جنهن ڪري هنن برفباريءَ کان بچڻ لاءِ غارن کي رهائش لاءِ استعمال ڪيو. جڏهن ته هن کان اڳ اوائلي انسان اجا غارن جو رخ ڪو نه ڪيو هو. جيئن ته سنڌ اندر جبلن ۾ غارن جو تعداد جهجهو موجود هيو، ان ڪري سنڌونديءَ ۽ ٻين ندين ۽ ڍنڍن جي ڪنارن تي رهندڙ انسانن غارن ۾ پناهه ورتي ۽ اتي وري نئين زندگيءَ جو آغاز ڪيو. انهن غارن مان ملندڙ پٿر جي اوزارن جي باقيات مان اندازو لڳائي

سگهجي ٿو ته هو ميداني علائقن ۾ رهندڙ پنهنجن ابن ڏاڏن کان وڌيڪ ترقي ڪري چڪا هئا. (20)

اڄ کان هڪ لک سال اڳ سنڌو ماٿر ۾ اوائلي انسان الهندي وارن جبلن ۽ ٽڪرن جي غارن ۾ رهڻ لڳو. انهن غارن جا آثار سنڌ ۾ ڪافي تعداد ۾ مليا آهن. قديم زماني جي ماڻهن جون ڪوپريون سيوهڻ جي پرسان شاهه بلاول جي واٽ تان پڻ لڌيون آهن. (21) لکين ورهيه اڳ جا لاش پٿرن جي اوزارن سميت ٽنگا نيڪا مان لڌا ويا آهن. لڪيءَ جي جبلن مان ڪوسي پاٽيءَ جي چشمن جي پريان هڪ ٽڪريءَ تي هڪ غار لڌو ويو آهي، جيڪو "هڪ ٽنيو" سڏبو آهي. (22) اهو به نهايت قديم زماني جو غار آهي. سرحد صوبي ۾ شنگهائو وٽ پڻ ان دور جي ماڻهن جو هڪ رهائشي غار مليو آهي. ماهرن اتان مليل باقيات جي عمر هڪ لک کان 40 هزار سال ق - م مقرر ڪئي آهي. (23)

هن دور ۾ اوائلي انسان ننڍين ننڍين ٽولين جي صورت ۾ غارن ۾ رهڻ لڳو. هي ٽوليون شروع ۾ ڪٽنب، قبيلي يا قوميت جي صورت ۾ منظم ڪو نه هيون. پر هن دور ۾ هو رولو زندگي ڇڏي ڪري ٽولين جي صورت ۾ رهڻ لڳا. هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ ڪري هنن جي دلين ۾ رحم، قرب ۽ پنهنجائپ وارو جذبو پيدا ٿيو. هن وقت انسان اجا باهه ٻارڻ جو هنر ڪو نه سکيو هو. ان ڪري هو پنهنجي عزيزن کي مرڻ بعد پٿرن هيٺان پوري ڇڏيندو هو. جيئن لاش ڏپ نه ڪري. اهڙيون ڪافي شهادتون سنڌ اندر مليون آهن، جيڪي ان وقت جي مدفن انسانن جون آهن.

پراڻي پٿر دور جي ماڳن جي وڌيڪ ڇوڪ ڇڪاس ڊسمبر 1975ع ۾ برطانيه جي ڪيمبرج يونيورسٽيءَ جي آرڪيالاجي شعبي جي ماهر ڊاڪٽر الچين ۽ سندس زال ۽ ٻين ٻن ميمبرن سنڌ اندر شروع ڪئي. هنن دعويٰ ڪئي آهي ته، "سنڌ ۾ پٿر دور جي انسانن طرفان اوزار ناهڻ جي ڪارخانن وارا هنڌ، ماڳ ۽ مڪان موجود آهن...... اسان روهڙيءَ وارين ٽڪرين ۽ حيدرآباد ويجهو اهڙا آثار معلوم ڪيا آهن ۽ اهڙا ماڳ ۽ مڪان ڏٺا آهن، جن کي پٿر جي دور جي اوزارن ناهڻ جي ڪارخانن جا هنڌ چئي سگهجي ٿو." انهن آثارن بابت ڊاڪٽر الچين جي راءِ آهي ته اهي آثار پنهنجي خاص نوعيت وارا هنڌ آهن، جن جهڙا دنيا ۾ هن کان اڳ فقط مصر ۾ مليا آهن. پروفيسر

الچين هتان مليل اوزارن کي پراڻي پٿر دور جا اوزار سڏيو آهي ۽ انهن جي عمر 50 هزار سال ق - م مقرر ڪئي اٿائين. (24)

هيءُ اهو دور هيو، جو اڃا تائين پوڪي راهي ڪرڻ تائين انساني شعور ڪو نہ پهتو هو. ان ڪري هو پنهنجي ڪاڏي جو پورائو مڇي ماري ۽ وڻن مان ميوو چني کندو هو ۽ گڏوگڏ سنڌو نديءَ جي پر وارن ٻيلن مان پکين ۽ جانورن جو شڪار پڻ ڪندو هو. هن شڪار بعد جانورن جي کلن مان هڏن جي ئهيل سين رستي پنهنجو لباس تيار ڪري ورتو. هاڻ هو قدرت جي رازن ۽ رمزن کي سمجهڻ لاءِ پنهنجو عقل استعمال ڪرڻ لڳو. جڏهن هن ٻيلن ۾ وڻن جي گسڻ ڪري باهہ پيدا ٿيندي ڏٺي تہ هن اتان ٽانڊو کڻي اچي پنهنجن اونداهن غارن کي روشن ڪيو. غارن ۾ اها باهہ ڏينهن رات ٻرندي رهندي هئي. ان باهہ تي هو گوشت پچائي کائڻ لڳا ۽ غارن ۾ ايندڙ خونخوار جانورن کي پڇائڻ جو ڪم بہ باهہ کان وٺڻ لڳا. سردين ۾ ڏڪندڙ انسانن کي باهہ جهڙي بي بها نعمت هٿ اچي وئي. هو ان باهہ کي سانڍڻ ۽ ان کي پنهنجن هٿن سان پيدا ڪرڻ لاءِ جتن ڪرڻ لڳا. هنن کي اها اٽڪل سجهي آئي تہ ٻن پٿرن کي پاڻ ۾ زور سان مهٽڻ سان باهہ پيدا ٿي پوي ٿي. هاڻ باهہ جي دريافت انساني زندگيءَ ۾ عجيب انقلاب آڻي ڇڏيو.

پراڻي پٿر دور جي انسانن پنهنجي دور ۾ ارتقا جا جيڪي حيرت انگيز ڏاڪا طئہ ڪيا، انهن ۾ گڏ رهڻ جو تصور پيدا ٿيڻ، باهہ جي دريافت ٿيڻ سان گڏوگڏ سندس وڏي ۾ وڏو ڪارنامو ٻوليءَ جي ايجاد هيو. هن دور ۾ ماڻهن پنهنجي ضرورتن کي آڏو رکي، هڪ ٻئي سان رابطو قائم رکڻ لاءِ، هڪ ٻئي کي ڏکئي وقت تي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ لاءِ آهستي آهستي ٻولي جي تخليق ڪرڻ شروع ڪئي. مختلف قسم جا اشارا ۽ آواز بامعنيٰ لفظن جي صورت اختيار ڪرڻ لڳا. جن اڳتي هلي هڪ مڪمل انساني ٻوليءَ کي جنم ڏنو. هن دور جي ختم ٿيڻ کان پوءِ انسانذات پنهنجي ارتقا جي ٻئي دور يعني وچين پٿر دور ۾ پهچي وئي.

(2) وچون پٿر دور

هن دور ۾ پيداواري ذريعن وڏيڪ ترقي ڪئي. اوزارن ۾ سڌارو ۽ واڌارو آيو، تير ڪمان ايجاد ٿي، جنهن ڪري شڪار زور ورتو. پٿر مان نوان اوزار ٺاهيا ويا، جهڙوڪ: ڪرپي، ڪهاڙي، ڪندي ۽ ڇري. هن دور جي آخر ۾ مٽيءَ جا برتن ٺهڻ شروع ٿيا. ان سان گڏوگڏ جانورن پالڻ جي ابتدا ٿي. جڏهن اوائلي انسان جانور پاليا ته سندس تان ڪم جو بار هلڪو ٿي پيو ۽ ڪيس بار ڍوئڻ ۽ سواري ڪرڻ لاءِ ذريعو ميسر ٿي ويو. جنهن ڪري سندس ڪيتريون ئي تڪليفون دور ٿي ويون. ان ڪان سواءِ سندس کاڌي پيتي جو بندوبست پڻ آسان ٿي پيو. هن پاليل جانورن جو کير ۽ گوشت پنهنجي غذا ۾ شامل ڪري ورتو. هن ئي دور جي آخر ۾ زمين کيڙڻ طرف انسان جو ڌيان ويو. هن ڍنڍن ۽ درياهن جي ڪنارن تي زمين جا ننڍا ننڍا ٽڪرا کيڙڻ شروع ڪيا. پيداواري ذريعن ۾ ترقي ٿيڻ ڪري، ماڻهن جو وڏو تعداد رولو زندگي ڇڏي ڪري مستقل طور آباد ٿيڻ شروع ٿيو. جنهن ڪري برادري نظام وڌيڪ پڪو ۽ پختو ٿيو، ٻوليءَ جي اوسر وڌيڪ تيز ٿي. ماڻهن جي وڏن وڏن ٽولن درياهن ۽ ڍنڍن جي ڪنارن سان پاڻيءَ جي سهنج ۽ شڪار جي سهوليت کي نظر ۾ رکندي رهائش اختيار ڪئي. ڪم گڏ ٿيڻ لڳو، کاڌي پيتي جي ورهاست هڪجهڙي ٿيڻ لڳي.

سنڌو ماٿر اندر وچون پٿر دور 15 هزار کان 6 هزار ق - م تائين هليو. هن دور جي انساني وسندين جا آثار گجرات، ڪانياواڙ، سکر جي ويجهو روهڙي، ڪراچي، حيدرآباد ۽ منڇر ڍنڍ جي پسگرداين مان مليا آهن. (25)

هن دور جا ماڻهو پنهنجا پٿر جا اوزار چقمقي پهڻ مان تيار ڪندا هئا. جيڪي کيس اروڙ جي کنڊرن (سکر) جي آس پاس وارين ٽڪرين مان ملندا هئا. ماهرن اتان چقمقي پهڻ جو اهڙو ڪارخانو ڳولي لڌو آهي. اهي چقمقي پهڻ جا اوزار ان ڪري وڌيڪ استعمال ۾ ايندا هئا، ڇو جو چقمقي پهڻ سخت هجڻ ڪري گهٽو ڪري وڍ ٽڪ جو سامان ڇريون، ڪات، ڪنديون انهيءَ مان پائيدار ۽ سنيون نهنديون هيون. جيڪي وري تڪيون ڪري استعمال ڪيون وينديون هيون. لئمبرڪ جاٽائي ٿو ته اهڙي اوچي قسم جا اوزار ۽ انهن جي نهڻ جا هنڌ روهڙي ۽ ڪوٽڏيجي لڳ آهن. اهڙائي ڪيترائي هنڌ وچولي ڪوهستان ۾ ۽ ٻيا ڪيترا ساموندي ڪپر سان ڏاڪڻين ٽڪرين وٽ ٻه آهن. (26)

هن دور ۾ اوزارن ۾ ترقي اچڻ ڪري ۽ ٻيو ته برفاني دور ختم ٿيڻ ڪري ماڻهو نون علائقن ڏانهن ڦهلجڻ لڳا. هنن وڏي تعداد ۾ ڍور ڍڳا، رڍون ۽ ٻڪريون وغيره پالڻ شروع ڪيون. هن دور جي ماڻهن جي رهائشي هنڌن تان مٽيءَ جا ٺهيل برتن پڻ هٿ آيا آهن، جيڪي تمام شروعاتي قسم جا آهن، جيڪي هٿ تي ناهيا ويندا هئا، اجا چڪ جو استعمال ڪو نه ٿيو هو. هيناهين سنڌ جا ماڻهو گهڻو ڪري هن دور ۾ مڇيءَ جو شڪار وڌيڪ ڪندا هئا. سندن ان دور جا اوزار نارو ٽڪري ۽ گولف ڪلب ڪراچي پرسان مليا آهن. روهڙي طرف مليل ٻه ماڳ شهنشاهه بلوچ ۽ نواب پنجابي ٻه هن دور جي انسانن جون وسنديون آهن. هن دور جا ٻيا آثار ماهرن هاڪڙي درياهه جي ڪنارن سان پڻ لڌا آهن. جن ڪي پٿر جا اوزار روهڙي طرف ڪان هاڪڙي درياهه رستي پهچندا هئا. (27)

هن دور جي ماڻهن پٿر ڪي وڍي ٽڪي خاص شڪليون ڏئي استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. هنن ڪاڏي ڪي پچائڻ لاءِ پٿر جون پاٽيون ۽ تراڪڙيون استعمال ڪرڻ شروع ڪيون. آهستي آهستي اوائلي انسانن پنهنجي پٿر جي اوزارن کي سڌارڻ شروع ڪيو. هاڻي هو پٿر مان عمدي قسم جا اوزار ناهڻ لڳا. هنن مڇي پڪڙڻ لاءِ ڪنڊيون، پٿر جا نيزا، پاڻي ڍوئڻ لاءِ جانورن جي کلن مان پکالون ٺاهي ورتيون. ان کان سواءِ ان ئي دور ۾ پٿر جون بهترين ڪهاڙيون، ڇريون ۽ ٻيو وڍ ٽڪ جو سامان ناهيو ويو. اهڙيون شيون لوٽي ندي (ننگر پارڪر) ۾ ٻين هنڌن تان مليون آهن. (28) اهڙي قسم جا ٻيا اوزار ڪئپٽن ريڊ ڊڪ 1941ع ۾ ڊرگ روڊ (ڪراچي) يعني سنڌ جي ڏکڻ اولهه طرف لڌا آهن. جيڪي گهڻو ڪري پهرين جي چنڊ جي شڪل جا آهن. شايد اهي مڇي مارڻ جا اوزار يا تيرن جا ڦر ئي هجن. جن جا ڪاٺ جا ڳن گهڻي وقت گذرڻ ڪري مٽيءَ ۾ ملي ويا آهن. (29)

هن دور ۾ شڪار لاءِ نوڪدار تکن اوزارن ۽ ٻئي وڍ ٽڪ جي سامان شڪار کي وڏي هٿي ڏني ۽ هاڻ ماڻهن جا ٽولا سيوستان، مڪران، هاڪڙي ۽ سنڌوءَ جي ڪنارن وارن ٻيلن ۾ شڪار لاءِ نڪري پيا. ان وقت هاڪڙي ۽ سنڌوءَ جي ڪنارن وارن ٻيلن ۾ هاٿي، گينڊا، باندر، چيتا ۽ ٻيا قسمين قسمين جانور رهندا هئا. هن دور کي ماهر شڪاري ۽ مال ڌاريندڙ ماڻهن جو دور چون ٿا. چو ته هن دور ۾ اجا زراعت کا بيان

ڪرڻ جهڙي ترقي ڪانہ ڪئي هئي ۽ نہ وري هن دور جا ماڻهو قبائلي نظام هيٺ گڏ ٿي سگهيا هئا. هو اجا ننڍين ننڍين خاندانن ۽ برادرين ۾ ورڇيل هئا، جيڪي خوني رشتيداريءَ تي ٻڌل هيون.

سماجي زندگيءَ جو جائزو

شروع ۾ سماج اندر طبقن جو وجود ڪونہ ٿيو هو، ڪو بہ ظالم ۽ مظلوم، آقا ۽ غلام ڪو نہ هيو، سڀني انسانن جو رتبو هڪ جهڙو هيو. ماڻهو هڪ ٻئي جو استحصال ڪرڻ ڪان سواءِ پنهنجي زندگي گذاريندا هئا. سماج ۾ طبقاتي نظام تمام گهڻو پوءِ وجود ۾ آيو. ان ڪري طبقاتي نظام ڪان اڳ جي هن نظام کي سماجي سائنس جا ماهر "ابتدائي ڪميونزم" يا "راڄوٽي نظام" چون ٿا.

سنڌو ماٿر ۾ پراڻي پٿر دور ۽ وچين پٿر دور جي ماڻهن جي سماجي زندگي تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ ان دور ۾ هتي اجا طبقاتي نظام جو بنياد ڪو نہ پيو هو. سڀ ماڻهو گڏجي پيداوار ۾ حصو وٺندا هئا، جن ۾ عورتون، مرد، ٻار ۽ ٻڍا شامل هوندا هئا ۽ هو سخت جدوجهد ڪان پوءِ حاصل ڪيل پنهنجي روزيءَ کي هڪ ٻئي ۾ برابر ونڊي ورڇي استعمال ڪندا هئا. ان دور ۾ نجي ملڪيت جو بنياد ان ڪري پئجي نہ سگهيو هو تہ اوزارن جي اڻ هوند ۽ سادگيءَ ڪري ڪو بہ اڪيلو ماڻهو ان لائق نہ هوندو هو تہ هو اڪيلي سر ڪو ڪم ڪري سگهي. هن کي هر وقت پاڻ جهڙن ٻين ماڻهن جي مدد جي ضرورت پوندي هئي. جيئن شڪار ڪرڻ وقت، ڦل گڏ ڪرڻ وقت سڀ گڏجي ڪم ڪندا هئا ۽ هنن کي سخت محنت ۽ مشقت ڪان پوءِ بہ مس ايترو کاڌو يا شيءَ نصيب ٿيندي هئي، جنهن مان پنهنجو پيٽ قوت حاصل ڪري سگهن. ان ڪري فاضل پيداوار جي جمع ٿيڻ جو سوال ئي پيدا ڪونہ ٿيندو هو. ان ڪري ذخيره اندوزي ڪرڻ ان دور ۾ ناممڪن هئي. (30) هن دور ۾ ڪنهن بہ حڪومت، رياست يا قانون جو تصور ڪو نہ هيو، سڀ ماڻهو گڏجي پنهنجو بچاءُ ڪندا هئا. خونخوار جانورن جي حملن ۽ ٻاهرين حملي آورن سان گڏجي جنگ ڪندا هئا. هنن وٽ ان وقت علائقائي ورهاست جو تصور بہ موجود ڪو نہ هيو. هو فطري حدبندين اندر رهندا هئا، يعني هو

اتي وجي پنهنجا ديرا ڄمائيندا هئا، جتي خوراڪ وافر مقدار ۾ ملندي هئن ۽ پاڻي جو سهنج موجود هوندو هو.

هن دور ۾ سنڌو ماٿريءَ جا رهواسي وحشي دور مان نڪري، اڪيلي زندگي گذارڻ واري عادت ڇڏي برادرين ۽ خاندان ۾ متحد ٿيا. اهي برادريون ۽ خاندان خوني رشتن تي ٻڌل هوندا هئا. شروعات ۾ منجهن آزاد جنسي تعلقاتن جو رواج هيو. آزاد جنسي تعلقاتن ڪري ڪنهن به پيدا ٿيندڙ ٻار جي باري ۾ ڪا به خبر ڪانه پوندي هئي ته ان جو پيءُ ڪهڙو آهي. ان ڪري نسب جو سلسلو ماءُ کان هلندو هو. ان ڪري قديم سماج ۾ عورت جي وڏي عزت هوندي هئي. عورت ئي سڄي خاندان تي راڄ ڪندي هئي. هڪ برادري يا خاندان اندر جيڪي به مرد يا عورتون هونديون هيون سي سڀ هڪ ٻئي سان جنسي تعلقات رکندا هئا، جنهن ۾ رشڪ يا رقابت جي ڪا به گنجائش نه هوندي هئي. (31) ان ڪري هن دور جي سماج کي سماجي سائنس جا ماهر ”ماءُ آدرشي سماج“ جو نالو ڏين ٿا، ڇو ته هن دور ۾ عورت ئي حڪمران هئي. هو ئي برادرين ۽ خاندان جي اڳواڻ هئي. ڪاڏي جي ورهاست، نسلي پرورش ۽ پاليل مال جي سار سنڀال سندس ذمي هوندي هئي.

هن دور جي انسانن جي ايجادن تي جيڪڏهن نظر وجهجي ٿي ته خبر پوي ٿي ته هن دور ۾ انسانن جيڪي اڳ الف اگهاڙا گهمندا هئي، تن شڪار ڪيل جانورن جي کلن سان پنهنجا تن ڍڪڻ شروع ڪيا. پنهنجو تن ڍڪڻ جو خيال ڪين اوگهڙ ڍڪڻ بدران سرديءَ يا گرميءَ کان پاڻ کي بچائڻ ئي هيو. جنهن اڳتي هلي ستر ڪرڻ جي شڪل اختيار ڪئي. هن دور جي وڏي ۾ وڏي ايجاد باهه جي دريافت پڻ هئي. باهه جي مدد سان هو گوشت پچائي ۽ نرم ڪري واپرائڻ لڳا. هن دور جي انسانن جا اوزار پٿر، ڪاٺين، هڏن ۽ سنڱن جا ٺهيل هوندا هئا. هن دور ۾ انسان فطرتي محتاجيءَ مان نڪري، خود خوراڪ پئدا ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ لڳو. اهڙي طرح لکين سالن تي ٻڌل سماجي ارتقا جو هيءُ دور انسانذات جي ارتقائي سفر ۾ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو.

❧

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. انساني ارتقا جي هن سڄي سلسلي کي سمجهڻ لاءِ هينيان ڪتاب ڏسڻ گهرجن:
   - ميخائيل ايلين ۽ ايلينا سيگان، "انسان بڙا ڪيسي بنا" ڪراچي 1982ع
   - سڪندر مغل "ارتقا جي ڪهاڻي" حيدرآباد 1985ع
   - هاورڊ موئر، "وحشي جيوت جا نشان" حيدرآباد
2. سڪندر مغل، "ارتقا جي ڪهاڻي" ص- 65، 106، 116-117
3. پروئل هنري ابي، "انسان جي قدامت" ماهوار سائنس، فيبروري، 1982ع ص- 43
4. فريڊرڪ اينگلس، "منتخب تصنيفات" حصو 3، ماسڪو 1973، ص- 7
5. رابرٽ بريفالٽ، "تشڪيل انسانيت" ص- 98
6. Panhwar, M.H. " Chronological dictionary of Sindh" P- 1-3
7. Basham A.L. "The Wonder that was India" P-10
8. هاورڊ موئر، ص- 94
9. Leaky, L.S.B. "The Stone Age of Africa" P-21
10. هاورڊ موئر، ص- 99
11. پيرومل مهرچند، "قديم سنڌ" ص- 53
12. Panhwar, M.H. "Man in Sindh" Sindhological Studies, Summer 1982, Institute of Sindhology Jamshoro, P-14-15,18

وڌيڪ ڏسو: پنهور ايم ايچ، "سنڌ جي تاريخ ۽ آثار قديمه تي تحقيق ۽ اشاعت" ٽماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 2-1984، ص- 161

13. Gordon, G.H. Col, "The stone Industries of Holocene in India and Pakistan" Ancient India No: 6, 1950, P-64

Also refer: Sorly, H.T. "Sindh Gazetteer" Karachi, 1968, P-105-106

Pithawala M.B. "Historical geography of Sindh" P-20

14. Paterson. T.T. and Orummond, H.J.H, "Soan-The Paleolithic age of Pakistan" Karachi, 1962

15. Altaf Gauhar, "Twenty years of Pakistan" Karachi, 1969, P-622

16. Wheeler S.M. "The Archaeology of Pakistan" The Cultural heritage of Pakistan, Karachi, 1955, P-20

17. Panhwar, M.H. " Chronological dictionary of Sindh" P- 7-8

18. لئمبرڪ، ايڇ. ٽي، "سنڌ هڪ عام جائزو" ص-83

19. Panhwar, M.H. " Chronological dictionary of Sindh" P- 7to 14

20. Sorly, H.T. "Sindh Gazetter" P-106 to 109

21. پيرومل مهرچند، "قديم سنڌ" ص-54

22. Cousens H. "The Antiquities of Sindh" P-45

23. Channa M.H "Pre Harappan Civilization in Indus Valley" Sindh Quarterly, 1978, P-19

24. Report "Bulletin" Vol: 5, 1975-76, Institute of Sindhology p-18

25. يوري گنڪوفسڪي، "پاڪستان جي قوميتين" ماسڪو 1976ع، ص31

26. لئمبرڪ، ايڇ ٽي، "سنڌ هڪ عام جائزو" ص-84 ۽ 113

27. Panhwar, M.H, "Man in Sindh..." Sindhological Studies-Journal, Institute of Sindhology, Jamshoro, Summer 1982, P-22

28. Patterson, "The World Correlation of Pleistocene" P-395

29. لئمبرڪ، "سنڌ هڪ عام جائزو"، ص-84 ۽ 113

30. ليف ليونتيف، "سياسي معاشيات" ماسڪو 1975ع، ص- 20-22
يا "معاشري جي سائنس" ماسڪو 1977ع، ص-88-89

31. اينگلس فريڊرڪ، "خاندان، ذاتي ملڪيت اور رياست ڪا آغاز" منتخب تصانيف حصو: 3 ماسڪو 1973ع ص-207-208

سنڌو ماٿر ۾ ڳوناٺيون زرعي ثقافتون

انساني تهذيب جي شروعات درياهن جي ڪنارن تي ٿي. قديم دور جي ماڻهن پنهنجا جهوپا ان ئي هنڌ جوڙيا، جتي کين پاڻي سهنجائي سان ملي ٿي سگهيو. ڇو جو اوائل ۾ اجا اهڙا اوزار جڙي ڪين سگهيا هئا. جن جي مدد سان کوهه کوٽي يا درياهن مان واهه ڪڍي پاڻي جو پورائو ڪري سگهجي. ان ڪري رهائشي ڳوٺ يا شهر ٻڌڻ جا مناسب هنڌ درياهن ۽ ڍنڍن جا ڪنارا ئي هئا. درياهي ڪنارن پرسان رهڻ ڪري پاڻي ۽ خوراڪ جو مسئلو حل ٿي سگهيو ٿي. نه صرف اتي ٻنيون ڪيڙي، ريج ڪري، زراعت کي ترقي وٺائي سگهجي پئي، پر گڏوگڏ جانورن جو چارو ۽ ٻيا هنر ۽ ڪاريگريون پڻ اتي زور وٺي سگهن پيون. بقول انساني تاريخ جي ماهر رابرٽ بريفالٽ جي ته، “جڏهن خانه بدوش انسان چراگاهن جي تلاش ۾ ايشيا جي وڏن وڏن درياهن جي ماٿرين ۾ پهتا ۽ کين معلوم ٿيو ته هتي ٿورڙي محنت سان جانورن ۽ انسانن لاءِ خوراڪ مهيا ٿي سگهي ٿي، ته هنن آواره زندگي گذارڻ ڇڏي، زراعتي زندگي اختيار ڪئي ۽ مستقل هنڌن تي آباد ٿيا. ۽ سنڌو، گنگا، يانگسي، فرات ۽ نيل ندي جي گپ چڪ مان ئي تهذيب جنم ورتو” (1) يعني وائل ۾ تهذيب جو ٻوٽو درياهن جي ڪنارن تي ئي وڌي وڻ ٿيو. دنيا اندر ٽي وڏي ۾ وڏا درياهه سنڌو، دجله ۽ فرات آهن، جن جي ڪناري تي تمدني زندگي جي شروعات ٿي ۽ زراعت زور ورتو.

دنيا اندر سڀ کان پهريان ڪيتي ڪرڻ جو هنر اڄ کان 8 هزار سال اڳ سنڌو ماٿر جي رهواسين ڳولهي لڌو ۽ هتي ئي شروعات ۾ انساني تهذيب جو وڻ وڌڻ شروع ٿيو. ماهران راءِ جا آهن ته سنڌو ماٿر ان ڪري انساني تهذيب لاءِ وڏيڪ اسرڻ جي موزون جڳهه هئي، ڇو جو هتي جي آبهوا نه گهٽي گرم هئي ۽ نه سخت سرد هئي، يعني وچولي قسم جي هئي ۽ سنڌو ندي جي وهڪ ڪري هتي خوراڪ جو ڏڪر ڪونه هو. ان ڪري ئي هتان جا رهواسي ٻي دنيا جي ڀيٽ ۾ سڀ کان پهريان زرعي زندگي ۽ ڳوناٺي رهائش ڏانهن مائل ٿيا. اها هن ڌرتي ۽ هتان جي نديءَ جي سرسبزي ۽ خوشحالي ڇئبي، جو هتان جا رهواسي ٻين قومن کان گهڻو اڳتي نڪري چڪا هئا. پروفيسر ماڻڪ پٽاوالا پڻ ايئن چوندي ڪونه ٿو هٻڪي ته، “سنڌ کي رونقدار ۽ پريو

ياڳيو بنائڻ ۾ سنڌو درياهه جو وڏو هٿ آهي. سنڌو درياهه اسان جي سنڌ جي جنم کان اڳ ئي موجود هو. جيئن ٻار جمڻ کان اڳ ماءُ جي ٿڃن ۾ ٿڃ اچي ٿي، تيئن سنڌ کي تاتي نپائي وڏو ڪرڻ لاءِ سنڌو اڳئي هتي حاضر هئي. (2) اوائل ۾ هتان جي رهواسين جون زرعي ايراضيون ننڍين ننڍين درياهن جي وادين ۾ ايريون. اڄ کان 8 هزار سال اڳ نئين پٿر دور (Neolithic Age) ۾ سنڌو ماٿر جي رهواسين ٻنيون ڪيڙي فصل اپائڻ جي شروعات ڪئي. اهڙا آثار تازو فرانسيسي آرڪيلاجيڪل مشن جي ڊائريڪٽر مسٽر ڏان زيري بلوچستان جي بولان لڪ وٽ مهرڳڙهه جي قديم آثارن مان ڳولهي لڌا آهن. ۽ انهن آثارن جي عمر 6 هزار ق - م مقرر ڪئي آهي. ماهرن مهرڳڙهه کي ايشيا جي پهرين زرعي وسندي ڪوٺيو آهي. اهڙي طرح هتي جي رهاڪن ئي سڀ کان پهريان هڪ زرعي سماج (Agrarian Society) جو بنياد وڌو. مسٽر ڏان زيري هن قديم وسندي تي روشني وجهندي چوي ٿو ته هتان جا ماڻهو 6 هزار ق - م کان اڳ نئين پٿر دور ۾ فني، جمالياتي ۽ تخليقي ذهنيت سان مالا مال هئا ۽ هو اڏاوتي مهارت رکندا هئا. هنن جي رهڻي ڪهڻي، آرٽ، ٿانون جي ڊيزائن، دفنائڻ جا طريقا ۽ زرعي سرشتو گهڻو ترقي ڪيل هو. (3) هن دؤر ۾ اجا ماڻهن ڌات ڳولهي ڪانه لڌي هئي. ان ڪري اوزار طور پٿرا استعمال ڪندا هئا. هو زمين کيڙڻ لاءِ پٿر جا هر، فصل جي ڪٽائي لاءِ پٿر جا ڏاٽا، ان پيهڻ لاءِ پٿر جون چڪيون استعمال ڪندا هئا. هو اوزارن ناهڻ لاءِ چقمقي پهڻ جا ڌار وارا اوزار استعمال ڪندا هئا. (4)

مٿين آثارن ملڻ کان پوءِ خبر پئي ته کيتي ڪرڻ جي سرشتي ڪري سنڌي ماڻهو سڀ کان پهريان تمدني زندگي ڏانهن مائل ٿيا ۽ تيزي سان ترقي جا ڏاڪا طئه ڪرڻ لڳا. جڏهن ته اهو سڄو عمل باقي دنيا ۾ تمام دير سان شروع ٿيو. سٽريل پوک جو ڪم ۽ پڪي ڳوناٺي آبادي مشرق قريب ۾ تقريبن 5 هزار ق - م ۾ شروع ٿي. پوکي راهي انساني زندگي ۾ هڪ نئون انقلاب برپا ڪري ڇڏيو. هاڻ هو پنهنجي جياپي لاءِ فطرت تي ياڙڻ ڇڏي، پنهنجي غذا پاڻ پيدا ڪرڻ لڳو. زراعت جي فن انسان کي پنهنجي زندگي جون ضرورتون پاڻ پوريون ڪرڻ لاءِ همٿايو. جنهن ڳالهه اڳتي هلي انسان کي صحيح معنيٰ ۾ انسان بڻايو.

پهريان تہ سنڌ اندر عورتون پنهنجي هٿن سان زمين کيڙي اناج پوکينديون هيون، پر پوءِ ڪٽنب جي وڌڻ ۽ وڌيڪ تجربي ٿيڻ بعد پاليل جانورن جهڙوڪ: ڍڳن ۽ گهوڙن کان ٻنيون کيڙڻ جو ڪم ورتو ويو. ابتدا ۾ سنڌو ماٿر اندر هتي جي رهواسين جون، ڪڻڪ ۽ ڪپهہ جون پوکون ڪرڻ شروع ڪيون. ماهران راءِ جا آهن تہ ڪڻڪ، جون ۽ ڪپهہ جون پوکون 6 هزار ق — م کان نئين پٿر دور ۾ ڍنڍن ۽ درياهي ڪنارن تي پوکيون وينديون هيون. جنهن جا آثار مهر ڳڙهہ جي کوٽاين مان مليا آهن. هن دؤر ۾ مهرڳڙهہ جا باشندا ڪپهہ جو فصل تيل حاصل ڪرڻ ۽ ڌاڳا وٽڻ لاءِ پوکڻ لڳا. بعد ۾ ئي ڪپهہ کي ڪپڙي ناهڻ طور استعمال ڪرڻ جو رواج پيو. (5)

زراعت جي ابتدا ٿيڻ ڪري ماڻهو رولو زندگي ختم ڪري هڪ هنڌ ويهي پنهنجي پوکيل فصلن جي حفاظت ڪرڻ لڳا. ماڻهو معاشي طور تہ ٻن وڏن سماجي گروهن ۾ ورهائجي ويا. هڪڙا اهي هئا جن زرعي زندگي اختيار ڪئي ۽ ٻيا جانورن جا ولر پالڻ لڳا. جانورن جا ولر پاليندڙن جون ثابتيون اسان کي بنون ۽ ڪڙي گل محمد مان مليون آهن. هو نہ صرف جانور گوشت ۽ کير حاصل ڪرڻ لاءِ ڌاريندا هئا پر انهن کان سواري جوڪم پڻ وٺندا هئا. هن دؤر جا باشندا رڍون، ٻڪريون، ڳئون، هرڻ ۽ رڇ وغيره ڌاريندا هئا. جن جون وڌيڪ ثابتون آمري، ڏنب بٺي، پانڊي واهي ۽ عثمان بٺي مان مليون آهن. (6) جن ماڻهن زرعي زندگي اختيار ڪري جهڳا جوڙڻ شروع ڪيا، تن واندڪائي واري وقت ۾ پٿرن مان هر، ڏاٽا، ڪهاڙيون، اٽي پيهڻ لاءِ جنڊ ۽ ٻيا زرعي ڪم ڪار ۾ استعمال ٿيندڙ اوزار ناهڻ شروع ڪيا. جڏهن تہ مال چاريندڙ گروهہ پوءِ بہ ڇڙواڳ زندگي گذارڻ لڳو. هنن جانورن جون کلون، رڍن جي اُن ۽ جانورن جو کير معاشي ضرورتن لاءِ استعمال ۾ آڻڻ شروع ڪيو.

زراعت جي رواج بعد قديم دور جي ماڻهن کي هاڻ ڪاڏي خوراڪ جي ڳولا ۾ جهنگلن ۾ وڃڻو ڪونہ پوندو هو ۽ نہ ئي شڪار لاءِ ڏڦا ڪٽي پڃڻو پوندو هو. پر هو هاڻ آرام ۽ سڪون سان زندگي گذارڻ لڳا. ان واندڪائي وري سوچ فڪر هنن کي اڃا بہ بهتر زندگي گذارڻ تي مجبور ڪيو. جيئن تہ هنن کي پنهنجن فصلن کي جانورن کان بچائڻ لاءِ هڪ هنڌ وهڻو تي پيو، سو هنن ميداني علائقن ۾ گهر بنائڻ جو سوچيو. هاڻ هو ٻيلن ۾ وڃڻ ۽ جانورن جي پويان سڄو ڏينهن پڃڻ بجاءِ هڪ هنڌ ويهي گهر

ناهڻ ۽ ڳوٺ ٻڌڻ لڳا ۽ قدرت جي ٻين شين تي ضابطو ڪرڻ ۽ انهن کي پنهنجي حڪم هيٺ آڻڻ لاءِ نيون تدبيرون جوڙڻ لڳا. يعني گهر ناهڻ، ڳوٺ ٻڌڻ ۽ ايجادون ڪرڻ جي راهه ۾ وڏو عمل دخل زراعت جو هيو.

ماهرن تحقيق ڪري ثابت ڪيو آهي ته سنڌ اندر نئين پٿر دور (6 هزار ق —م) ۾ انسانن غارن کي آخري سلام ڪري اچي پنهنجا گهرڙا ناهيا. اهڙن گهرڙن جا نشان اسان کي روهڙي، ڪراچي ۽ منڇر ڍنڍ جي پسگرادائي ۾ ملن ٿا. اهي گهرڙا اوائل ۾ سرن بدران ڪاٺين ۽ تيلين مان ناهيا ويا ۽ غارن مان نڪرڻ بعد اهي ئي انسان جا پهريان اجها بڻيا. اهڙن ڳوٺن جا آثار سنڌوندي ۽ هاڪڙي سان گڏوگڏ مختلف ڍنڍن جي ڪنارن تي پڻ مليا آهن. ڇو جو اتي پاڻيءَ سان گڏوگڏ مڇي ملڻ جو به سهنج هيو ۽ اتي ئي نڊيڙا نڊيڙا ٻني ٽڪرا ڪيڙي اَنُ اپائي پيو سگهجي. شروع ۾ ماڻهن ٻيلن مان ڪاٺيون ڪري ۽ تيليون آڻي درياهي ڪپن تي ڇوئنرا ناهڻ شروع ڪيا. اهي ڇوئنرا دراصل گهر ناهڻ جي شروعاتي ڪڙي ڪري سمجهڻ گهرجي. ان دؤر جي ماڻهن پنهنجا اهي ڇوئنرا ٻوڏن کان بچاءَ لاءِ ڪن قدرتي مٿانهن هنڌن تي ناهڻ شروع ڪيا. هنن جا ڳوٺ چند ڇڙوڇڙ گهرن تي مشتمل هوندا هئا، جتان سرن جي اڏاوت جي ڪابه نشاني ڪانه ملي آهي. جيئن آمري، پانڌي واهي ۽ غازي شاهه جي شروعاتي تهن ۾ گهرن جي تعمير جا نشان ڪونه مليا آهن. اتان صرف استعمال جا ٿانوَن ئي مليا آهن. ان جو مطلب اهو ونڻ سراسر غلط ٿيندو ته ڪو ان وقت جا ماڻهو بنا گهر گهاٽ جي کليئ آسمان هيٺان زندگي گذاريندا هئا. پر هي ڳوٺ ان وقت جا آهن، جنهن دؤر ۾ اجان مٿي جون سرون وجهي گهرن ناهڻ تائين انساني ذهن ڪونه پهتو هو.

وري جڏهن انساني ذهن ترقي ڪئي ته هنن جي گهرن جي جڙاوت ۾ پڻ تبديلي آئي. گهر ترقي ڪري هٿ جي نهيل سرن ۽ پٿرن سان جڙي راس ٿيڻ لڳا. اهڙا گهر مستطيل نموني جا وڏن پٿرن سان ۽ هڪ هنڌ ڳاهٽ ٿيل ملن ٿا. اهي گهر پڻ اڳ وانگر ٻوڏن کان بچاءَ لاءِ ڪن قدرتي مٿانهن پٽن تي آباد ڪيا ويندا هئا. هو گهرن جي پتين جي پيڙهه ۾ پٿرن جو استعمال ڪندا هئا، مٿي اوساري سرن جي هوندي هئي، ڇتون ڪکايون پرگاري سان لٽل هونديون هيون. ڪڙي گل محمد (4200 ق م) ۽ پانڌي واهي مان هن قسم جي اڏاوتن جا نشان مليا آهن. ڪڙي گل محمد جا رهواسي ڪچي مٽيءَ

جي گهرن ۾ رهندا هئا ۽ پاڻي واهي مان مليل گهر مستطيل قسم جا آهن ۽ انهن جي پيڙهه پٿر جي رکيل آهي. باقي اڏاوت چيرولي يا گاري سان ٿيل آهي. (7) اهڙي قسم جا رهائشي گهر آمري جي وچين تهن مان پڻ مليا آهن. هن دؤر جي ڳوٺن جي خاص خوبي اها آهي جو انهن جي چوڌاري حفاظتي قلعا نهيل آهن. آمري، ترڙي گجو، ڪوهتراس بٺي ۽ ڪوٽڏجي جي ڪوٽاين مان اهڙن حفاظتي قلعن جا آثار مليا آهن. (8)

گهرن نهڻ ڪري گهر ۾ استعمال ٿيندڙ شين ناهڻ جي پڻ ضرورت پيش آئي. نئين پٿر دور جا رهواسي شروع ۾ اوزارن طور پٿر کي وڌيڪ استعمال ڪندا هئا. هو پٿر جون ڪهاڙيون، ڏاٽا، ڪرپيون، ڇريون، جنڊ، ماني پچائڻ جو ٽوڦيون ناهيندا هئا، جيڪي گهٽو ڪري چقمقي پهڻ جون هونديون هيون. بعد ۾ هنن ڪانين ۽ تيلين مان ٽوڪريون، ماني رکڻ جو دٻڪيون، ڪارا، ان رکڻ جا پاندا ناهڻ شروع ڪيا، جن کي ڏامر يا مٽيءَ سان چوڌاري لنبيو ويندو هو. ان ئي دؤر ۾ مٽي جي ٿانون ناهڻ طرف پڻ ترقي ٿي. گهرن ۾ رهندڙن مٽي مان اهڙيون شيون ناهڻ شروع ڪيون ، جيڪي ڪاڌي رکڻ لاءِ ٿانون طور استعمال ٿين. پهريان تہ ڪچي مٽي جا اڻ پڪل برتن تيار ٿيندا هئا، جيڪي پاٽيانين شين جي استعمال لاءِ ناقص هئا. ان ڪري سنڌو ماٿر جي رهواسين انهن ۾ تبديليون آڻڻ شروع ڪيون. اٽڪل 4000 ق - م ڌاري سنڌ ۾ ڪنڀارڪي چڪ جو بنياد پيو. مٽي جا ٿانون ڳوٺن جا محنتي ڪنڀر چڪ تي ناهي، انهن کي آوين ۾ پچائڻ لڳا. ڪنڀر جي چڪ ٿانون جي بناوت ۾ عجيب تبديلي آڻي ڇڏي ۽ مٽي جا نفيس برتن تيار ٿيڻ لڳا. (9) ان دور جي آبادين ڪلي گل محمد ۽ مديگڪ مان مليل ٿانون چڪ تي نهيل ملن ٿا. (10) جن تي اڳتي هلي نقش نگاريءَ جو ڪم پڻ ٿيڻ شروع ٿيو. هتان جا ڪنڀر ٿانون کي خوبصورت بنائڻ لاءِ انهن تي رنگين چٽسالي ڪرڻ لڳا. راڻا گنڊئي مان مليل ٿانون تي ڳاڙهي ۽ هيڊي رنگ جا تهہ چڙهيل آهن ۽ انهن مٿان ڪاري رنگ جي مصالحي جي چٽسالي ٿيل آهي. آمري مان مليل ٿانون جي تري تي ٿلهن ڪارن پٽن تي لاڳيتا ٽڪنڊا مليا آهن. ٽڪنڊن جي پاسن ۾ ڳاڙهو رنگ پريل آهي. لئمبرڪ ان دؤر جي ماٺهن جي ٿانون بابت ٻڌائي ٿو تہ، "هو نڪر تي ڪاري يا ڳاڙهي رنگ سان چٽسالي ڪندا هئا ۽ انهن تي جاميٽري جي شڪلين جهڙا چٽ ڪيندا هئا." (11) ڪوئيٽا جي قديم آثارن مان مليل ٿانون جو رنگ بادامي ملي ٿو ۽

انهن تي پوري رنگ سان نقش نگاري ٿيل آهي. اهي ٺانون 4 هزار ق - م جا آهن. وري اڳتي نال مان مليل ٺانون ۽ آمري مان مليل ٺانون تي اسان کي شينهن، مڇين، ڍڳي ۽ پکين کان سواءِ پپر جي پنن جا نقش اُڪريل ملن ٿا. (12) شروع شروع ۾ جيڪي ٺانون ٺهڻ لڳا، پهريان انهن تي سادي قسم جي چٽسالي ٿيندي هئي، جنهن ۾ اڪثر جانورن جو ن شڪليون چٽيل هونديون هيون. ان قسم جا ٺانون 6 هزار ق - م کان سنڌو ماٿر اندر رائج هئا. بعد ۾ انهن ٺانون ۾ ترقي ٿيڻ شروع ٿي. اٽڪل 3500 ق - م ڌاري ٺانون تي جانورن جون شڪليون چٽڻ جو ڪم بند ٿي ويو ۽ ان جي جاءِ جاميٽري جي ڏکين ۽ رنگ برنگي نمونن ورتي. (13)

سنڌو ماٿر جي رهواسين 4000 ق - م ڌاري ڌات پڻ ڳولهي لڌي. (14) هو شروعات ۾ ٽامي مان پنهنجي هار سينگار جون شيون ٺاهڻ لڳا. (15) بعد ۾ ٽامي مان کهاڙيون، آرا، ڀالا ۽ چوڙيون وغيره ٺهڻ لڳيون. جنهن جا آثار ماهرن نال، آمري، ڪوٽڏجي ۽ ڪلي گل محمد جي آثارن مان ڳولهي لڌا آهن. (16) ڪلي جي قديم آثارن مان ان سلسلي ۾ اڳتي ٿيل اوسر جو پتو پوي ٿو. هتان جا ماڻهو نه صرف ٽامي جي استعمال کان واقف هئا، پر هو ٽامي ۽ ٽن کي پگهاري ڪنجهي جون شيون ٺاهڻ پڻ ڄاڻندا هئا. ڌات جي وڌيڪ استعمال جا ثبوت ماهرن ڪوهتراس بني مان پڻ هٿ ڪيا آهن. آثار قديم جا ماهر ان ڳالهه تي متفق آهن ته سنڌو ماٿر ۾ نئون پٿر دور 6 هزار ق - م کان 4 هزار ق - م تائين هليو. بعد ۾ 4 هزار ق - م ۾ هتان جي ماڻهن ڌات ڳولهي لڌي ۽ هو ٽامي ۽ ٽن کي پگهاري (رجائي) استعمال ڪرڻ لڳا.

زراعت جي اوج ۽ ڳوٺن جي بنياد سنڌو ماٿر اندر ڪيترائي واڍا، رازا، ڪنير پيدا ڪري ورتا ۽ هتان جا واپاري ڪچي مال کي هٿ ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪري پيا. سنڌو ماٿر جون ٻيڙيون سمنڊن جا سينا چيرينديون وڃي آفريڪا ۽ اپرندي ايشيا ۾ پهتيون. هي دنيا جو اڪيلو ئي خطو هيو، جتان اوائل ۾ تهذيب يافته انسان ٻاهرين دنيا ۾ پکڙجڻ لڳا ۽ پنهنجي لاتعداد صلاحيتن سان هن ڌرتي کي رنگيني بخشي، برپٽن ۾ بازاريون لڳائي ڇڏيون. هڪ ماهر پوڪاڪ ان دؤر جي سنڌين بابت لکي ٿو ته "قديم دور ۾ سنڌو ندي جي مهاڏي تي ساموندي سفر ڪندڙ ڦڙت، هنرمند ۽ همت وارا ماڻهو رهندا هئا، .... جن جي نتيجي طور سپيتا کي اوج ملي." (17) وري هڪ ٻئي ماهر

فرگوسن کي بہ ٻڌندا هلو، جيڪو سنڌو ماٿر کي مڪمل دنيا سمجهي ٿو، "سنڌ مان سنڌو ندي رستي ذاتين پنيان ذاتيون ۽ بيشمار ماڻهو ٻاهر ويا آهن، جن تهذيب جو ڦهلاءُ ڪيو آهي .... ۽ سنڌ هند هڪ مڪمل دنيا آهي." (18) سبط حسن چوي ٿو تہ، "هتان جون ٻيڙيون مال سان لڏجي مڪران جي ڪناري سان بحر عرب ۽ خليج فارس ٽپي سوميري بندرگاهن ڏانهن وينديون هيون." (19)

هن دؤر ۾ سنڌو ماٿر جا باشندا ٻاهر وڃڻ شروع ٿيا هئا ۽ دنيا جي مختلف ڪنڊن ۾ پهچي پنهنجو علم ۽ هنر ڦهلائي رهيا هئا. هنن جون ٻيڙيون سمنڊ جا سينا چيريندي‌يون آفريقا ۽ عرب ملڪن ڏانهن اُسهي رهيون هيون. جتي اجا انساني ارتقا پنهنجي ٻالڪپڻ جي دؤر ۾ هئي. آثار قديمہ جو هڪ وڏو ماهر ڊاڪٽر ايم آر مغل ان دؤر جي سنڌو ماٿر جي رهواسين جي بين الاقوامي واپار بابت هن طرح رقمطراز آهي تہ، "ڳوناڻي ثقافت جي ماڻهن جو واپاري رابطو نہ صرف پنهنجن شهرن تائين محدود هيو، پر هنن جو واپار ٻاهرين ملڪن سان پڻ هلندڙ هو. هو ايران، گلف جي رياستن، عرب رياستن ۽ ميسوپوٽيما سان پڻ واپار ڪندا هئا. (20) ان واپار جا ثبوت ماهرن کي آمري مان پڻ مليا آهن. ڪاپر جو سامان جيڪو غازي شاهہ، ڪوهتراس بٺي، لوهري، آمري ۽ ڪوٽڏجي مان مليو آهي، سو واپار رستي ٻاهران گهرايو ويندو هو. (21)

سنڌو ماٿر ۾ هن دؤر جي ماڻهن جي سماجي زندگي تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ ان وقت ماڻهو خاندانن ۽ برادرين کان اڳتي وڌي قبيلن جي صورت ۾ منظم ٿي چڪا هئا ۽ ان وقت معاشري جو بنياد قبيلائي هيو. (22) اهي قبيلا خوني رشتيداري تي ٻڌل هوندا هئا. جن جي زندگي جي تعمير جمهوري اصولن تي ٿيندي هئي. انهن قبيلن جي سربراهي بزرگ مردن يا عورتن جي هٿن ۾ هوندي هئي. قبيلي جو سربراهہ سڀ فرد گڏجي چونڊيندا هئا. قبيلن ۾ منظم ٿيڻ ڪري ماڻهو پاڻ کي اڳ کان وڌيڪ محفوظ تصور ڪرڻ لڳا. هن دؤر ۾ پڻ اڃ جيان ڪنهن بہ حڪومت، رياست يا قانون جو تصور موجود ڪو نہ هيو. قبيلي جا مڙئي فرد قبيلي جي گڏيل روايتن جو احترام ڪندا هئا ۽ جيڪڏهن ڪو بہ قبيلي جو فرد مقرر ٿيل اصولن جي انحرافي ڪندو هئو تہ قبيلي جا سڀ فرد ان عمل کان نہ صرف روڪيندا هئا پر زبردستي انهن اصولن تي هلڻ لاءِ مجبور ڪندا هئا. جنهن ڪري قبيلائي ريتون رسمون ۽ روايتون مضبوط کان

مضبوط تر ٿيڻ لڳيون. هن دؤر ۾ اجان علائقائي حدبنديون قبيلن جي بنياد تي ٻڌل هيون. هرهڪ قبيلو، جيڪو هزارين، لکين ماڻهن تي مشتمل هوندو هو، سو ڪنهن زرخيز علائقي تي قابض ٿي اتي پاڻ کي منظم ۽ مضبوط ڪندو هو. اهائي دنيا ۽ اهو خطو ان قبيلي جي سڄي ڪائنات هوندو هو. جيڪڏهن ڪو ٻيو قبيلو ان جي حدن اندر دخل اندازي ڪندو هو ته قبيلي جا مڙئي فرد منظم ٿي، ان سان جٽ جوٽيندا هئا. مختلف قبيلا جيڪي مختلف خطن اندر منظم ٿي رهيا هئا، انهن پنهنجي پنهنجي ٻولي کي اختيار ڪري، ان کي وڌائڻ ويجهائڻ شروع ڪيو. ٻولي اجا ابتدائي شڪل ۾ هئي ۽ نه صرف لکي ڪا نه ويندي هئي پر اجان خيالن جي اظهار جي لحاظ کان اڻپوري هئي. قبيلن اندر اجا آزاد جنسي تعلقاتن جو رواج هيو، جيڪو جيئن پوءِ تيئن ڪمزور ٿي رهيو هو. پوءِ به پار جي نسب جو سلسلو ماءُ کان شروع ٿيندو هو.

هن دؤر جي سماج تي نظر وجهڻ سان ٻي جيڪا ڳالهه معلوم ٿئي ٿي سا اها آهي ته اجا تائين هتي سماج غير طبقاتي هيو. ڪو به ظالم ۽ مظلوم ڪو نه هيو، ڪو به آقا ۽ محڪوم ڪو نه هيو. سڀ گڏجي محنت ڪندا هئا ۽ ان جو ڦل به گڏجي پاڻ ۾ ورهائي کٽيندا هئا. محنت هر ماڻهو لاءِ لازم هوندي هئي، قبيلن جا سربراهه پڻ ان ۾ برابر جو حصو وٺندا هئا. هن دؤر جي سماجي نظام کي ماهرن "قديم راڄوٽي نظام" (ابتدائي ڪميونزم) جو نالو ڏنو آهي.

سنڌو ماٿر جي هن دؤر جي ماڻهن جي عقيدن ۽ ريتن رسمن بابت جيڪي ڪجهه معلوم ٿيو آهي، اهو هيءُ آهي ته ان دؤر جا ماڻهو اڄ کان 8 هزار سال اڳ مئلن کي ستل توڙي وينل ٻنهي طريقن سان دفن ڪندا هئا. اهڙيون ثابتيون ماهرن کي مهرڳڙهه جي قديم آثارن مان مليون آهن. (23) اڳتي هلي هتان جي رهواسين ميتن سان گڏ ٿانو ٿپا ۽ هار سينگار جو سامان به گڏ دفن ڪرڻ شروع ڪيا. ان قسم جا آثار ڏنبي ۽ نال مان مليل قبرن مان مليا آهن. (24) آمريءَ جي قديم آثارن مان معلوم ٿيو آهي ته هو مڙدن کي ڪرونڊڙو ڪري پوريندا هئا ۽ اهي به مڙدن سان گڏ ضرورت جو سامان پوريندا هئا. انهن آثارن مان سنڌو ماٿر جي انهن رهواسين جي عقيدن بابت معلوم ٿئي ٿو ته هو ان عقيدي جا هئا ته مرڻ کان پوءِ به ماڻهو کي قبر ۾ انهن شين

جي ضرورت پوي ٿي ۽ هو انسان جي ٻئي جنم يعني مري وري زندهہ ٿيڻ واري عقيدي جا قائل هيا.

ڳوناٺين زرعي ثقافت جي وسندين مان ڪنهن بہ قسم جو بت يا پوڄا پاٺ لاءِ مندر وغيره ڪو نہ مليو آهي. جو چئي سگهجي تہ هو ڪنهن اعلي هستيءَ جي پوڄا ڪندا هئا. مهر ڳڙهہ (6 هزار ق م) جي کوٽاين مان ماهرن ننڍڙا ننڍڙا انساني بوتا هٿ ڪيا آهن، جن اڳتي هلي زنانن بوتن جي شڪل اختيار ڪئي. (25) اهڙي قسم جا زنانا بوتا 4 هزار ق - م جي ٻين آبادين مان بہ وڏي تعداد ۾ مليا آهن. ڪلي، ميهي، آمري ۽ ڪوٽڏجي جي کوٽاين مان ان قسم جا ڪيترائي زنانا بوتا مليا آهن، جن کي ماهرن "ڌرتي-ماتا" جا بت سڏيو آهي. اهي زنانا بوتا ضرور ان وقت کان تخليق ٿيڻ شروع ٿيا هوندا، جڏهن سنڌو ماٿر اندر "ماءُ آدرشي سماج" پنهنجي پوري جوڀن تي هوندو.

هاڻ سوال ٿو اٿي تہ ان دؤر جا ماڻهو ڪنهن مافوق الفطرت هستي جي بدران "ڌرتي-ماتا" جا بت ڇو ناهيندا هئا ۽ هو انهن جي عبادت ڇو ڪندا هئا؟ ان بابت سماجي ماهرن جيڪا راءِ قائم ڪئي آهي، سا هيءَ آهي تہ جڏهن سنڌو ماٿر جي رهواسين کيتي ڪرڻ جي هنر جي شروعات ڪئي تہ ان وقت انساني سماجي ۾ اخلاقي قدر پيدا ٿيا ۽ زرعي زندگي ڏانهن مائل ٿيڻ بعد کيتڪارن تي ٻن قدرتي شين جو تمام گهڻو اثر پيو ۽ انهن شين کان هو متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي ڪين سگهيا. انهن ۾ پهريون زمين ۽ ٻيو پاڻي هو.

(1) **زمين**

اوائلي انسانن زمين جي پيٽ مان سرسبز سلا اپرندي ڏٺا ۽ مختلف اناج، ٻوٽا ۽ ميووا زمين جي پئدائش هئڻ ڪري، هنن ڌرتيءَ کي انسان جي بهتر زندگي جو ضامن ڄاڻندي، ان جي پوڄا ڪرڻ لڳا، ۽ ان کي ماءُ ڪوٺڻ لڳا. ڇو جو عورت (ماءُ) ۽ ڌرتي ٻئي تخليق ڪندڙ شيون هيون. جڏهن عورت ننڍڙا گلاب جهڙا ڇهرا پئدا پئي ڪري سگهي تہ ٻئي طرف ڌرتي جي سيني مان مختلف سون ورنا سنگ ۽ ڳاڙها ساوا ٻوٽا اپرن پيا ۽ اتان فصل جنم وٺن پيا. ان ڪري انسان جي من ۾ انهن ٻنهي شين سان محبت ڪرڻ اڻ ٽر ڳالهہ هئي. ان ڪري ئي هنن جو عقيدو هو تہ، آسمان کي ۽ ستارن

ڏي چو ڏسون، اُن ڌرتي جي ڌوڙ چو نہ چمون، جيڪا اسان جي بهترين زندگي جي ضامن آهي. ان ڪري قديم ماڻهن "ڌرتي-ماتا" جي پوڄا شروع ڪئي، ان جا بت ٺاهيا، جيڪي عورت جي ئي شڪل جا هيا. سنڌو ماٿر جي قديم آثارن مان "ماتا-ديوي" جا مجسما نڪرڻ جو اصل سبب اهو ئي هو.

(2) پاڻي

پاڻي نہ صرف انساني جياپي لاءِ اهم حيثيت رکندڙ آهي. پر جيڪڏهن ائين چئجي تہ زندگيءَ جو مرڪز پاڻي ئي آهي ۽ ان بنا هن ڌرتي تي ڪنهن بہ ساهواري جي زنده رهڻ جو تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهجي تہ ان ۾ ڪو بہ وڌاءُ ڪو نہ ٿيندو.

قديم سنڌي، سنڌو نديءَ جي ميرانجهڙي پاڻي مان پنهنجي زندگي جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لڳا. هنن سنڌوءَ جي ئي پاڻي تي فصل پوکيا ۽ گڏوگڏ هنن جي صنعت ۽ حرفت جو دارو مدار ئي سنڌوَ جي پاڻيءَ تي هيو. ان ڪري هو سنڌو ندي جي اهميت ڄاڻندي، ان کي عزت جي نگاه سان ڏسڻ لڳا ۽ هن جي پاڻيءَ کي پاڪ ۽ پوتر ڄاڻندي ان کي پوڄڻ لڳا. ۽ جڏهن سنڌوَ جي پاڻي تي پرسان پوکيل فصل پچي راس ٿيندا هئا ۽ اَنُ سنگن مان ٻاهر نڪري ڇٽڻ شروع ڪندو هو تہ قديم باشندا خوشي وچان جشن ڪندا هئا ۽ اَنُ لڻڻ کان اڳ چوڏهين جي چنڊ رات جشن جي صورت ۾ سنڌوَ جي ڪناري تي ويندا هئا ۽ اتي چنڊ جي جرڪيدار چاندوڪيءَ ۾ گڏجي ناچ ڪندا هئا ۽ سنڌو نديءَ ۽ 'ڌرتي ماتا' جي ساراهہ جا گيت ڳائيندا هئا. هو پنهنجا پچن ۽ گيت سنڌوَ کي ارپڻ ڪندا هئا.

قبيلن جي جشن جي جلوس جي سرواڻي قبيلي جي مک عورت ڪندي هئي ۽ سڄو قبيلو ان جو احترام ڪندو هو. عورت کي ان وقت سماج ۾ تمام سنيءَ نظر سان ڏٺو ويندو هو. ۽ هن کي 'ڌرتي-ماتا'جو درجو مليل هو. ۽ ان "ڌرتي ماتا" جون مورتون سنگتراش تراشڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا. هيءُ سماج "ماءُ آدرشي" سماج هيو. ڇو جو عورت ئي کيتي جو رواج وڌو ۽ فصلن کي اپائڻ ۾ هن جو ئي هٿ سمجهيو ويندو هو. سر جيمس جارج فريزر پنهنجي مشهور ڪتاب "گولڊن بو" (Golden Bough) ۾ ان بابت چوي ٿو تہ، "هندستانين (سنڌين) جو اعتقاد هو تہ عورت کي ماءُ جي حيثيت ۾

جنم ڏيڻ ۽ گهڻي اناج کي پيدا ڪرڻ جي قوت هئي.” (26) ان ڪري ئي عورت کي سنڌي معاشري ۾ اهم مقام حاصل هيو ۽ ان جي عزت ڪئي ويندي هئي. جڏهن فصلن جي ڪٽائي ٿيندي هئي تہ عورت ئي فصل لڻڻ جي شروعات ڪندي هئي ۽ اناج جي ڪٽائي جي جلوس يا محفلن جي سرواڻي پڻ عورت ڪندي هئي. سنڌوءَ جي ڪناري 14 تاريخ جي چانڊوڪيءَ ۾ جيڪو ناچ ٿيندو هو، ان ۾ اهم ڪردار عورت ئي ادا ڪندي هئي.

سراج الحق ميمڻ، سنڌ اندر “ماءُ آدرشي” سماج متعلق ڪجهہ هن ريت لکيو آهي، “علم الانسان جي لحاظ کان اول اول سنڌ اندر “ماءُ آدرشي” سماج هيو. جنهن ۾ عورت سردار هئي. جو جو هن اناج پوکڻ ايجاد ڪيو. هتي جي انسانن ڏٺو تہ عورت هڪ دلچسپ چيز هجڻ سان گڏوگڏ سموري تخليق جي ماءُ آهي. نہ رڳو هوءَ خوبصورت ٻارڙا پيدا ڪري ٿي، پر فصل بہ هوءَ پيدا ڪري ٿي. ان ڪري عورت جي ان تخليقي قوت کي پوڄا لائق سمجهيو ويو. هن کي ديويءَ جو درجو ڏنو. گهڻو ڪري قديم ماڻهن جا بت ديوين جا آهن ۽ هو انهيءَ جي ئي پوڄا ڪندا هئا. عورت جي شرم گاهہ ۽ ٿڻن کي تخليقي قوت جو مظهر ۽ منبع سمجهيو ٿي ويو. ان ڪري انهن ٻنهي جسماني عضوون، پيٽ ۽ ٿڻن کي سڀ کان وڌيڪ پوڄا لائق ٿي سمجهيو ويو.” (27)

سنڌ اندر ٻني ٻاري ڪرڻ جي شروعات کان وٺي “ماءُ آدرشي” سماج شروع ٿيو. يعني شروع کان “ماءُ آدرشي” سماج جو هتي بنياد پيو ۽ اهو تيستائين جاري رهيو، جيستائين زرعي ترقي انتهائي عروج حاصل نہ ڪيو. ان عورتاڻي آدرشي سماج جا ڪافي آثار سنڌو ماٿر ۾ مليا آهن. مسٽر ڪارٽر ڪراچيءَ جي مول واديءَ مان ڪجهہ پٿر لڌا آهن، جن تي عورتاڻي آدرش جي هڪ صورت ۾ ڪنول جا چٽ ڪوريل آهن. قديم زماني ۾ عورت جي شرم گاهہ (پيٽ) کي تخليقي مرڪز سمجهندي ان کي ڪنول جي گل سان تشبيهہ ڏني ويندي هئي. مصور ان تخليقي مرڪز کي مختلف اهڃاڻن سان ظاهر ڪندا هئا. ڪي عورت جي شرم گاهہ مان گل ۽ ٻوٽا ڦٽندي ڏيکاريندا هئا تہ ڪي وري ان کي ڪنول جي گل جي مختلف شڪلين رستي ظاهر ڪندا هئا.

آمري، ڪوٽڏجي، موهن جي دڙي جي صفا شروعاتي آباديءَ وارن تهن مان اسان کي ان “ماءُ آدرشي” سماج جا آثار مليا آهن. جڏهن زرعي ترقي ٿي ۽ زراعت بہ مردن

جو ڪم بڻيو تہ "ماءُ آدرشي" سماج تتي پيو ۽ "پيءُ آدرشي" سماج شروع ٿيو. موهن جي دڙي جي وچين دور کان "پيءُ آدرشي" سماج ملي ٿو. ان کان اڳ هيٺين تهہ مان مليل مورتون "ماءُ آدرشي" سماج جي ساک پرين ٿيون. موهن جي دڙي جي هڪ مهر تي هڪ عورت جي تخليق گاهہ (پيڪ) مان سلو ايرندي ڏيکاريو ويو آهي. جيڪو عورت کي تخليق جو مظهر سمجهڻ جو وڏو ثبوت آهي. ان کان سواءِ ضلع دادو ۾ آمريءَ جي اتر اوڀر واريءَ حد ۾ هڪڙو موهن جي دڙي جو هم عمر ماڳ "لاکيو" مليو آهي. جتان اسان کي "ماتا ديوي" جون مورتون مليون آهن. (28) ساڳي نموني جون مورتون يعني "ماءُ آدرشي" سماج جا ثبوت اسان کي آمريءَ جي هم عمر ماڳ ڪلي ۽ ميهي مان پڻ مليا آهن.

هن دور جي انسانن جي ايجادن تي جيڪڏهن نظر وجهجي ٿي تہ معلوم ٿئي ٿو تہ هن دور ۾ ماڻهن گهر ناهڻ ۽ ڳوٺ ٻڌڻ شروع ڪيا هئا. هنن مختلف قسم جون پوکون ڪرڻ شروع ڪيون، ڪپهہ مان ڪپڙو تيار ڪرڻ لڳا، ڌات ڳولي لڌي ۽ ان مان مختلف شيون تيار ڪرڻ لڳا. نکر جي ٽانون ۾ وڏي پيماني تي ترقي ٿي. ان کان سواءِ ٻيڙيون ناهي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين پهچڻ لڳا. هن ئي دور جي آخر ۾ سنڌو ماٿر جو سماج ڳوناٺين زرعي ثقافتن مان ترقي ڪري شهري تمدن ۾ داخل ٿيو ۽ هتي هلندڙ راجوٽي نظام (ابتدائي ڪميونزم) طبقاتي نظام يعني آقا ۽ غلام ۾ تبديل ٿيڻ شروع ٿيو.

هيءُ متي ذکر ڪيل ديهي ثقافت نہ صرف سنڌ جي موجوده حدن ۾ محدود هئي پر ان جي ايراضي وسيع تر هئي. اها ثقافت اوڀر ۾ راجستان جي ڪالي بنگن تائين، اوڀر ڏکڻ جي ڪنڌ ۾ ڪڇ ۽ ڪانياواڙ تائين، ڏکڻ ۾ سمنڊ تائين، ڏکڻ اولهہ جي ڪنڌ ۾ مڪران تائين، اولهہ ۾ افغانستان جي منديگڪ تائين، اتر ۾ گومل ماٿر، پنجاب تائين ڦهليل هئي. (29) ان ايراضيءَ ۾ اڄ تائين هٿ آيل ديهي ثقافت جي بستين مان ڪجهہ مشهور بستين جا نالا هتي ڏجن ٿا: مهرڳڙهہ، آمري، ڪوٽڏجي، ڪڙي گل محمد، پانڊي واهي، ڪالي بنگن، راڻا گنڊئي، نال، بنون، منديگڪ، علي مراد، گوملا، رحمان ڍڙهي، ڏني بني، گوراندي، ڪوهتراس بني، غازي شاهہ، پيراڻو گهنڊائي، بهوٽ، جلال پور ۽ سري ڪولا وغيره. (30)

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. رابرٽ بريفالٽ، “تشڪيل انسانيت” لاهور 1966ع ص-151
2. Pithawala, M.B “Marvels of Earth” P-56-57
3. رپورٽ، روزانہ هلال پاڪستان، ڪراچي 5 ڊسمبر 1983ع
4. پنهور ايم ايڇ، “سنڌ جي تاريخ.... تحقيق ۽ اشاعت” ٽماهي مهراڻ حيدرآباد، 1984-2، ص-163-169
5. ساڳيو، ص-164
6. Mughal, M.R “The Dawn of Indus Civilization” Sindh Quarterly Karachi 1980-4, P-26-27
7. لئمبرڪ، ايڇ. ٽي “سنڌ هڪ عام جائزو” ص-98 ، وڊيڪ ڏسو گنڪوفسڪي، “پاڪستان ڪي قوميتين” ص-33-34
8. Mughal, M.R “The Dawn of Indus Civilization” Sindh Quarterly Karachi 1980-4, P-24 to 27
9. پنهور ايم ايڇ، “سنڌ جي تاريخ.... تحقيق ۽ اشاعت” ٽماهي مهراڻ حيدرآباد، 1984-2، ص-164
10. Panhwar, M.H, The Chronological Dictionary of Sindh” P-18
11. لئمبرڪ، ايڇ. ٽي “سنڌ هڪ عام جائزو” ص-102-103
12. سبط حسن، “پاڪستان مين تهذيب ڪا ارتقا” ص-62-63
13. پنهور ايم ايڇ، “سنڌ جي تاريخ.... تحقيق ۽ اشاعت” ٽماهي مهراڻ حيدرآباد، 1984-2، ص-164
14. Panhwar, M.H, The Chronological Dictionary of Sindh” P-22-23

15. لئمبرڪ، ايڇ. ٽي "سنڌ هڪ عام جائزو" ص-102-103

16. سبط حسن، "پاڪستان مين تهذيب ڪا ارتقا" ص-62-63 يا
گنڪو فسڪي، "پاڪستان ڪي قوميتين" ص-35 يا

Panhwar, M.H, The Chronological Dictionary of Sindh" P-22-23

17. Pecocke, E. "India in Greece" London, P-42

18. Frgossen, "History of Indian & Eastern Architecture" vol: 1, Introduction P-4

19. سبط حسن، "پاڪستان مين تهذيب ڪا ارتقا" ص-63-64

20. Mughal, M.R, "The origins of Indus Civilization" Sindhological Studies, Sindhology Summer, 1980, P-12-13

21. Mughal, M.R, "The Dawn of Indus Civilization" P-26-27

22. گنڪوفسڪي، "پاڪستان ڪي قوميتين" ص-35

23. پنهور، "سنڌ جي تاريخ .... تحقيق ۽ اشاعت" ص-163

24. لئمبرڪ، ايڇ. ٽي "سنڌ هڪ عام جائزو" ص-103-104

25. پنهور، "سنڌ جي تاريخ .... تحقيق ۽ اشاعت" ص-168-169

26. فريزر، سر جيمس جارج، "جادو ۽ سائنس" حصو: 2، ص-981

27. سراج الحق، "سنڌي ٻولي" ص-90

28. لئمبرڪ، "سنڌ هڪ عام جائزو" ص-104

29. خان، ايف. اي، "ڪوٽڏجي ڪلچر" مقالو، ماهوار هلال مئگزين، مئي 1983، ص-31

30. Mughal, M.R, "The origins of Indus Civilization" Sindhological Studies, Sindhology Summer, 1980, P-10

سنڌو ماٿر ۾ شهري رياست جو بنياد

رياست جي ابتدا:

رياست جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ قديم قبائلي تنظيم موجود هئي ۽ اها انساني تاريخ ۾ سڀ کان پهرين سماجي معاشي تنظيم هئي. جيڪا رت جي رشتن ڪري وجود ۾ آئي. قديم زماني ۾ رت جو رشتو ئي موثر اتحاد جو ذريعو هو. قديم قبائلي تنظيم جي اوسر جا ٻه دور هيا، هڪڙو "ماءُ آدرشي سماج" جنهن ۾ عورت قبيلي جي اڳواڻ هوندي هئي. ان دور ۾ قبيلا تمام گهٽ فردن ۽ خاندانن تي مشتمل هوندا هئا. جڏهن آدمشماري ۾ واڌ آئي ۽ قبيلا وڏي ويا ته انهن جون ذميواريون ۽ ڪم ڪاريون پڻ وڌيا. زراعت جي ترقيءَ ڪري "ماءُ آدرشي سماج" ٽٽي پيو ۽ "پيءُ آدرشي سماج" وجود ۾ آيو. جنهن ۾ پيءُ (مرد) قبيلي جو اڳواڻ ٿيو ۽ هن زراعت ۽ ٻين ڪمن ڪارين تي پنهنجو ڪنٽرول ڪيو. قديم قبائلي تنظيم ۾ هڪ قبيلي، خاندان يا برادري جي فردن تي هڪ ماڻهن جو متحد گروهه هيو. جنهن جا مفاد هڪجهڙا ۽ پاڻ ۾ خوني رشتا هيا. هنن پنهنجي قبيلي کي ٻين قبيلن جي ڀيٽ ۾ مضبوط ۽ مستحڪم ڪرڻ ۽ ان اندر امن امان قائم رکڻ ۽ گڏيل قانون ناهي ان تحت زندگي گذارڻ ۽ ٻاهرين قبيلن جي حملن کي منهن ڏيڻ لاءِ قبيلائي تنظيم جو بنياد وڌو. ان تنظيم جو اڳواڻ قبيلي جو سردار هوندو هو. جنهن جي چونڊ قبيلي جا فرد ڪندا هئا. ڪي سردار ته مورثي هوندا هئا. هن تنظيم رياست کي خام مال تيار ڪري ڏنو ۽ رياست جي تصور پڻ قبيلائي

تنظيم مان جنم ورتو. ائين ڪٿي چئجي تہ رياست جي وجود ۾ اچڻ جو هي پهريون بنيادي مرحلو هيو. تاريخ انساني جي هڪ ماهر ولاديمير ايليئچ لينن ان ابتدائي برادري بابت لکيو آهي تہ: "قديم قبائلي تنظيم، ابتدائي برادري جو نظام يا تاريخي انساني ۾ پهريون سماجي معاشي نظام هيو. قبيلائي برادري انهن خوني رشتيدارن جي جماعت هئي، جيڪي خانداني ۽ سماجي تعلقاتن ۾ ٻڌل هئا. ان خانداني نظام جي ارتقا ۾ ٻہ دور آيا. هڪ مدر شاهي (ماءُ آدرشي سماج) ٻيو پدر شاهي (پيءُ آدرشي سماج)." (1)

ان قديم قبيلائي تنظيم کان پوءِ رياست جو وجود ٿيو ۽ قبيلائي تنظيم جو محدود تصور ختم ٿيو. مختلف قبيلن ۽ خاندانن پاڻ ڪي معاشي ۽ اقتصادي مفادن تحت منظم ڪيو. پنهنجي گڏيل طاقت ۽ هڪ ٻئي جي سهاري سان هڪ سوسائٽي کي جنم ڏنو. هنن بهترين زندگي گذارڻ لاءِ قانون، ريتون رسمون ۽ نظم ۽ ضبط ۽ ٻيا قاعدا تيار ڪيا. ۽ ان تحت گڏيل رضامندي ۽ اتحاد سان ارتقائي عمل تحت رياست جو وجود عمل ۾ آيو. هيگل رياست جي وجود بابت چوي ٿو تہ: "رياست ارتقا جي خاص منزل تي سماج جي پيداوار آهي."(2) يعني رياست قوت يا طاقت ذريعي نہ پر باهمي ميل ميلاپ ۽ قبيلن جي گڏيل معاشي، معاشرتي، تهذيبي ۽ ڪلچرل مفادن جي ڪري وجود ۾ آئي. قديم قبائلي تنظيم جي پيٽ ۾ رياست جي وجود ڪري انسان اڳ کان وڌيڪ آسائش سان زندگي گذارڻ لڳو ۽ هو پاڻ کي وڌيڪ محفوظ سمجهڻ لڳو. رياست جي وجود ڪري قبيلائي جهڳڙا ۽ نفاق ختم ٿيڻ لڳا ۽ اڳي وانگر جيڪو ماڻهو جو ميجالو قبيلائي جهڳڙن ۽ نفاقن کي ختم ڪرڻ تي خرچ ٿيندو هو، سو هاڻ ڪنهن تعميري ڪم تي خرچ ٿيڻ لڳو. رياست جا رهواسي پنهنجن حقن ۽ فرضن جي ڄاڻ رکندا هئا ۽ رياست جي نظام ۾ هنن کي پوري مداخلت جو حق هيو. ان رياست جو سماجي نظام مختلف ملڪن ۾ مختلف رهيو. اهڙي طرح مختلف ملڪن ۾ سياسي زندگيءَ جو آغاز بہ مختلف ٿيو. ڪن جو بادشاهت سان تہ ڪن جو جمهوريت يا اشرافيہ سان ٿيو. انساني تاريخ جي ماهر فريڊرڪ اينگلز رياست بابت لکي ٿو تہ: "رياست مجموعي طور تي سڄي سماج جي سرڪاري نمائنده هئي....۽ اها ان طبقي جي رياست هئي جيڪو پنهنجي دور لاءِ سڄي سماج جو واحد ترجمان هوندو هيو. جهڙي طرح قديم زماني ۾ غلامن جي شهري رياست هئي، وچين دور ۾ جاگيردارن جي ۽ هن

زماني ۾ بورجوازين جي.”(3)

سنڌ اندر شهري رياست جو بنياد

سنڌ اندر شهري رياست جو بنياد 5 هزار ق-م ڌاري پيو. هتان جا ماڻهو شهرن ۾ رهڻ لڳا. سندن گهر پڪسراوان، ٻه ماڙ بلڊنگن تي مشتمل هجڻ سان گڏ جديد طرز جي غسل خانن، بورچيخانن، تلائن، کوهن سان يعني اڄ ڪالهه جي شهرن وانگر مڙني سهوليتن سان آراستا هئا. سندن شهرن جا رستا ڪشادا، زمين ۾ ڍڪيل نالين، وندر جون جايون، مسافر خانا ۽ بازارون سهڻي رٿا سان جڙيل هيون.

هنن مهذب انسانن قائدي ۽ قانون جو ضابطو پهريان هتي مرتب ڪيو ۽ هڪ انصاف تي ٻڌل حڪومت جو قيام عمل ۾ آندو. هتان جو رياستي انتظام راجائن يا شهرن جي چڱن مڙسن جي حوالي هوندو هو. جن جي چونڊ به راڄوٽي صلاح مشوري سان ٿيندي هئي. جيڪڏهن ڪو چڱو مڙس پنهنجن اختيارن جو ناجائز فائدو وٺندو هو ته سڀ شهري متحد ٿي ان کي هٽائي سندس جاءِ تي ٻيو حڪمران يا چڱو مڙس مقرر ڪندا هئا. اهڙي طرح هتي بنا ڪنهن خون خرابي يا دنگي فساد جي ملڪي انتظام نهايت خيرخوبيءَ سان هلندو هو. اهڙي امن ۽ سڪون جي موجودگيءَ ۾ سنڌو ماٿر جا رهواسي ڏينهون ڏينهن ترقي ۽ تعمير جا ڏاڪا طئہ ڪرڻ لڳا.

انساني علم جو ماهر ڪروسر چوي ٿو ته: ”جيڪڏهن ڪو اهڙو ملڪ هن ڌرتيءَ تي آهي، جنهن جي لاءِ دعوىٰ ڪري سگهجي ته اهو انسانذات جو گهوارو آهي يا گهٽ ۾ گهٽ شروعاتي تهذيب جو گهوارو آهي، جنهن جي تهذيب وڌندي وڌندي سڄي دنيا جي تهذيب بڻجي وئي ۽ ان جو علم سڄي دنيا جو علم بڻجي ويو ته اهو ملڪ پڪ سان هند سنڌ آهي.“

ايڇ جي ويلز جو چوڻ آهي ته، ”اوير جي ڪنهن مالڪ مان جيڪڏهن تهذيب جا ڪرٽا سميريا پهتا ته اهو ملڪ مهراڻ جي ماٿري ئي ٿي سگهي ٿو. ڇو ته سميريا جي اوير ۾ هئڻ سان گڏ اها ڳالهه به آهي ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڪنهن ٻي تهذيب جا آثار نه ٿا ملن. هيءُ اهو ئي ملڪ آهي، جنهن جو تمدن بابل، سمير، مصر، يونان ۽ پوءِ

روم پهتو. جڻ تہ هي تمدن جو پهريون مرڪز هو.”(4)

شهري رياست واري دور ۾ سنڌو ماٿر جا رهواسي پٿر ۽ ٽامون گڏ استعمال ڪندا هئا. هتان جا ماڻهو جيڪي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ پکڙيل هئا. تن اتان معدنيات هٿ ڪئي يا واپار ڪري اهي مڙئي شيون سنڌو ماٿر ۾ آنديون. اهڙي طرح گهڻي معدنيات ڪچي مال جي صورت ۾ ٻاهران هتي آندي وئي. سنڌو ماٿر جي ماڻهن پتل، جست، سون ۽ چانديءَ وغيره ڪي ٻاري مختلف اوزار، زيور، ڪاڏي جا ٿانون وغيره ٺاهيا. 1936ع ۾ آمريڪا ۽ انگلينڊ جي تحقيقي ٽيم سان برصغير آيل ماهر ڊاڪٽر ٽيريءَ جي راءِ آهي تہ سنڌو ماٿر پٿر ۽ ٽامي دور جي سنگم جي جڳهہ آهي. هن ئي زمين تي ڪانسي دور (Bronze Age) جا آثار بہ مليا آهن. يعني تهذيب جي مڙني دورن جا مرحليوار آثار هتي مليا آهن.

سرجان مارشل سنڌو ماٿر جي تهذيب بابت هڪ رپورٽ ۾ ڄاڻائي ٿو تہ، “ياد رهي تہ اهي (سنڌي ماڻهو) اڃا پٿر دور جي بدلجندڙ دور ۾ هيا. ڇو تہ هو روزمره جي استعمال لاءِ پٿر جا ڪپ ۽ رنبا ڪم آڻيندا هئا. جيڪي سون جي تعداد ۾ گهرن مان لڌا آهن. پر باوجود ان جي هو ٽامي، سون، چاندي ۽ جست بابت چڱي ڄاڻ رکندا هئا ۽ هو انهن جو استعمال ڪندا هئا.”(5)

سنڌو ماٿر جا باشندا زندگيءَ جي معنيٰ مقصد کان چڱي طرح واقف هيا. هنن وٽ ڪوبہ غريب ۽ امير ڪونہ هيو. سڀني جا هڪ جهڙا گهر، رهڻي ڪهڻي هڪجهڙي، منجهن غريب امير جو ڪوبہ تفاوت موجود نہ هو. هيءُ سماج اوائلي اشتراڪي سماج هيو، جنهن ۾ گڏيل ملڪيت جو رواج هو. ذاتي ملڪيت جو بنياد گهٽو پوءِ پيو. هر ڪو محنت ڪندو هو، هن اشتراڪي سماج جي تصوير جڳ مشهور مفڪر جوزف اسٽالن هن طرح چٽي آهي:

“اوائلي اشتراڪي سرشتي ۾ پيداوار جي لاڳاپن جو بنياد هيءُ هو تہ پيداوار جا وسيلا سموري سماج جي گڏيل ملڪيت هوندا هئا. ۽ معاشي لڳ لاڳاپا پيداوار جي طاقتن سان برابريءَ وارا هئا. پٿر جا هٿيار ۽ ان کان پوءِ گز ڪمان، ان دور جي وسيلن جي فقط اها ئي پونجي هئي. جيڪڏهن هو پاڻ ۾ گڏجي انهن هٿيارن جي مدد سان فطرت جي مخالف طاقتن ۽ جهنگلي جانورن سان مقابلو نہ ڪن ها تہ سنڌن جيئرو رهڻ

مشڪل هو. ٻيلن ۽ جهنگلن مان ڦل هٿ ڪرڻ، مڇي مارڻ ۽ پنهنجي اجهي ناهڻ لاءِ پاڻ ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ سندن لاءِ تمام ضروري هيو. هو پاڻ ۾ گڏجي ملي رهڻ سان ئي جهنگلي جانورن ۽ پر پاسي وارين ڌارين قبيلن جي حملن کان پاڻ بچائي ٿي سگهيا. گڏجي ڪم ڪرڻ سبب پيداوار جي هٿيارن تي سڀني جو گڏيل حق هوندو هو ۽ انهيءَ ڪري محنت جو ڦل بہ سڀني جي گڏيل ملڪيت هئي. انهيءَ سماج ۾ پيداوار جي وسيلن تي ڪنهن فرد جي ملڪيت جو تصور بہ پيدا ڪين ٿيو هو. سواءِ انهيءَ جي تہ ڪي پيداوار جا هٿيار جن جي مدد سان جهنگلي جانورن جو مقابلو ڪيو ويندو هو، ذاتي ملڪيت هوندا هئا. انهيءَ سماج ۾ نڪي تہ ماڻهو هڪ ٻئي جي محنت جي ڦرلٽ ڪندا هئا ۽ نڪي اجا هو طبقن ۾ ئي ورهايل هئا." (6)

اوائلي اشتراڪي سماج جي مٿي پيش ڪيل تصوير اسان کي سنڌ جي قديم شهرن جي اڏاوت ۽ گهرو ريتن رسمن ۽ اوزارن مان ملي ٿي. آمريءَ جي هيٺئين زميني تهہ تي بنياد پيل ڳوٺ مان اهڙا نشان مليا آهن. جتي سڄي ڳوٺ جي رڌپچاءَ جي هڪڙي جڳهہ آهي ۽ هر هنڌ جدا جدا رڌ پچاءَ جون چلهيون يا ٻيا نشان نہ مليا آهن. آمري جي کوٽائي مان گهرن جي جوڙجڪ ۽ چلهين جا نشان هر گهر ۾ نہ ملڻ پر هڪ هنڌ سڄي ڳوٺ جو رڌپچاءُ ٿيڻ جا آثار ملڻ ۽ سڀني جي هڪجهڙي زندگي گذارڻ جا آثار ملڻ مان ظاهر آهي تہ هي تهذيب ان دور جي آهي، جڏهن سڄو ڳوٺ هڪ ايڪو هو. جنهن جي پئدائش ۽ دولت سڀني جي گڏيل ملڪيت هئي ۽ ان جو ڪاپو بہ گڏيل جوابداري ۽ حق هو. ممڪن آهي تہ رڌپچاءُ بہ اجتماعي هو. تهذيب جو اهو دور سنڌ ۾ اوائل کان شهري تمدن جي لڳ ڀڳ آخر يعني 2000 ق-م تائين هيو. ٻيو تہ موهن جي دڙي جي وچين تهہ ۾ اوائلي اشتراڪي سماج جي چٽي تصوير ملي ٿي. بقول سر جان مارشل جي تہ: "سنڌ اندر سندر عمارتون فقط نگر واسين جي سک لاءِ جڙنديون هيون، پر ٻين ڏيهن جهڙوڪ مصر ۽ اولهہ ايشيا ۾ ڪو بہ اهڙو مثال ڪونہ ٿو ملي. ڇو جو انهن ديسن ۾ ديوتائن جي مندرن، محلاتن ۽ راجائي سماڌين تي بي شمار ناڻو لٽيو ويندو هو. باقي عام ماڻهو اٿين بلڪل سادين مٽيءَ جي نهيل جهوپڙين ۾ رهندا هئا. پر سنڌ ۾ تصوير جو بلڪل ٻيو روپ آهي، جتي سندر عمارتون صرف نگر واسين جي سک لاءِ جڙنديون هيون." (7)

دنيا جي پهرين سماجوادي رياست سنڌو ماٿر جا ماڻهو ترقيءَ جي بلندين تي هئا. هو ڪچي مال هٿ ڪرڻ لاءِ غورابن ۾ چڙهي دنيا جي مختلف ڪندن تي وڃي نڪرندا هئا. جن ڪان هو اڳئي واقف هيا. ٻاهرين دنيا لاءِ سنڌ هڪ مثالي ملڪ هيو. سمير جي ماڻهن لاءِ سنڌ جو ملڪ معتبر حيثيت رکندو هو. هو سنڌ سان پنهنجون روايتون ۽ قصا منسوب ڪندا هئا. بابلي تهذيب تي سنڌ جي سڌريل سڀيتا جو وڏو اثر هيو. سمير مان لڌل هڪ ڪتبي ۾ سنڌ جي ساراهه ڪجهه هن ريت ملي ٿي: "اهو ملڪ، جو سمير جي اوڀر ڏي آهي؛ ۽ جتان ٻيڙين رستي گهڻو ڪجهه هٿ اچي ٿو. اهو اهڙو ملڪ آهي، جتان سج اڀري ٿو ۽ اهو بهشت آهي، جتي ڪوبه مريض ناهي، ڪي بيواهون ۽ يتيم ٻار نه آهن."(8)

تشدد نه پر امن تي ٻڌل تهذيب

دنيا جي قديم ترين سنڌو سڀيتا جي اهم خاصيت ان جي پرامن طرز زندگي هئي. چاڪاڻ جو هتان جي قديم آثارن مان هڪ به هٿيار ڪونه لڌو آهي. اهڙو انڪشاف 1976ع ۾ پاڪستان ۾ قديم آثارن تي تحقيق ڪندڙ هڪ آمريڪي آرڪيالاجسٽ جوناٿن مارڪ ڪينائر آمريڪن سينٽر ۾ سنڌ جي تهذيب جي مختلف پهلوئن تي ليڪچر ڏيندي ڪيو آهي. ڊاڪٽر ڪينائر موجب ميسوپوٽيما، اومان، مصر، چين، آمريڪا ۽ ڏکڻ آمريڪا جهڙين قديم تهذيبن جي ابتڙ سنڌو ماٿر جي تهذيب وڙهج واپار ڪندڙ تهذيب هئي. مختلف سببن جي ڪري هتان جو وڙهج واپار صدين تائين جاري رهيو. آمريڪي ماهر موجب آڳاٽي دور ۾ سنڌ جي تهذيب وارن ماڻهن تي جنگي ٽيڪنالاجي چڱي موچاري موجود نه هئي. اتان جي علائقن ڪي وڏي پئماني تي قلعي بند شڪل ڪونه ڏني وئي هئي ۽ نه وري انهن هنڌن تان هٿيارن ڪي گڏ ڪرڻ جي ڪا ثابتي ملي آهي. سنڌ جي قديم آثارن مان مليل مهرن، مجسمن ۽ نڪرن جي ٿانون تي جنگين، فوجي ڪاهن ۽ جنگي قيدين جون تشبيهون به اڪريل ڪونه آهن. آمريڪي ماهر موجب مهرڳڙهه جي ڪجهه قبرن مان هٿ آيل لاشن ڪي بي رحمي سان مارڻ جا ثبوت پڻ نه ٿا ملن. انهن آڳاٽن ماڻهن تي ايڪڙ ٻيڪڙ اڳرايون ۽ جهيڙا نه ٿيل ملن ٿا پر

هٿياربند جنگ جهڙي ڪا وڏي سرگرمي ٿيڻ جا اهڃاڻ نہ ٿا ملن. نہ ئي وري سنڌو ماٿر ڪي جنگي ڏاڍ ۽ جبر وسيلي ڳنڍيو ويو هو. جوناٿن مارڪ موجب هتان جي رهواسين اهڙي ٽيڪنالاجي ڪتب آندي ۽ ان ڪي اوسر ڏني جيڪا شهري زندگي جي گهرج پٽاندڙ هئي.

ان وقت جي سنڌو ماٿر جو نقشو سنڌ جي هڪ محقق سراج الحق ميمڻ ڪجھ هن ريت چٽيو آهي: "سنڌ اها جنت هئي، جتي ڪوبہ ٻک نہ مرندو هو. جتي انسان جي ذهن تان ڏک ۽ ڳٽتي ميسارڻ لاءِ ناچ، سنگيت، نقاشي، بت تراشي ۽ ماڪيءَ جا نهيل مڌ موجود هئا. جنهن ۾ انسانن ڪي گندگيءَ سان چڙ هئي. جنهن ۾ هر انسان ٻئي انسان جو دوست ۽ ڀاءُ هو. جنهن ۾ ملڪ ۾ پيدا ٿيندڙ سمورين شيون سيني جون گڏيل ملڪيت هيون. جنهن ۾ مذهب جي نالي تي تنگدلي ۽ خونريزي وڏي ۾ وڏو گناھ هو. جنهن ۾ ٻين ڪي رنجائڻ غير انساني حرڪت سمجهيو ويندو هو. جنهن ۾ پنهنجي پاڙيسري ماڻهن يا ملڪن سان اڱرائي حرام هئي." (9)

ظاهر آهي تہ سنڌي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ مان ڄاڻندا ئي ڪونہ هئا. هو نهايت مهذب هيا. سنڌ جي ماڻهن وٽ تشدد يا دٻاءَ جو تصور ئي ڪونہ هيو. هو امن امان جا قائل هيا. ان ڪري تہ سنڌن شهرن مان هٿيار ڪونہ مليا آهن. پر هٿيارن يا مذهبي نڪاٽن بدران انهن جي شهرن مان اکر (علم) مليا آهن. هو ان ئي پنهنجي طاقت يعني علم ۽ هنر سان دنيا جي هر ڪنڊ ۽ ڪڙڇ ۾ پکڙيا. هنن پنهنجن غورابن ۽ جهازن ۾ چڙهي سمندن جا سينا چيري وچي اڻ وسايل پٽ آباد ڪيا. هنن جي هٿن ۾ ڀالن، ترارن ۽ نيزن جهڙن هٿيارن بدران قلم، ڏاٽو ۽ ونجھ هيا. اها ئي سندن ترقي ڪرڻ ۽ اڳتي وڌڻ جي لڪل قوت هئي. اهو ئي سندن زندھ رهڻ جو مقصد ۽ متو هيو. سنڌ جي آڳاٽن رهاڪن جي سوسائٽي بابت ڊي ڊي ڪوسمبي اسان ڪي ٻڌائي ٿو تہ: "تشدد ۽ دٻاءُ نہ پر مهذب پڻو سنڌو سوسائٽي جي نظرياتي طاقت هيو." (10)

مصر جا فراعنہ جنگجو هئا، ڪلديا ۽ اشور جا ماڻهو وحشي ۽ خونخوار هئا. هو پنهنجن مخالفن جون زبانون وڍيندا هئا، فنيقي ڌاڙيل هئا، ٻانهين جو وڪرو ڪندا هئا، ايراني پڻ پنهنجي هيڻين رعيت ڪي آزاريندڙ هئا، پر سنڌو ماٿر جي شهرن مان ڪابہ اهڙي شيءَ هٿ ڪانہ آئي آهي، جنهن مان معلوم ٿئي تہ ملڪ ۾ لڙائي بہ لڳندي هئي.

آثار قديمہ جو هڪ ماهر مسٽر بريلس فوردِ ان بابت چوي ٿو تہ موهن جي دڙي جي شهر کي چوطرف ڪوبہ قلعو نہ آهي ۽ جنگي هٿيارن جي نہ ملڻ ڪري چئي سگهجي ٿو تہ شهر جا ماڻهو صلح سانت ۾ رهندا هئا.

سنڌو ماٿر جي شهري رياست جا رهواسي سياسي طور آزاد هئا، هو ڪنهن بہ ڌاري قوم يا قبيلي جا ماتحت ڪونہ هيا، اهو ئي سبب هيو جو هو پنهنجن صلاحيتن کي آزادانہ نموني اجاگر ڪري سگهيا. آزاديءَ سان گڏ ترقي ڪرڻ جي خواهش ڪري هو غور فڪر ڪرڻ ۽ نيون ايجادون ڪرڻ لڳا. هنن هڪ ٻئي سان تعاون پيدا ڪيو، هڪ تنظيم ٺاهي. پنهنجي لاءِ قانون مقرر ڪين، حڪومت جو بنياد وڌن. جنهن ۾ هر رهواسيءَ جي حفاظت حڪومت جي ذميواري هئي. حڪومت مختلف طبقن جي نمائندن تي مشتمل هوندي هئي، پر ان ۾ خاص ڪردار واپاري طبقي جو هوندو هو. انهن نمائندن مان حاڪم چونڊيو ويندو هو. جيڪو پنهنجي جمهور اڳيان جوابدار هيو.

شهري نظام

سنڌو سڀيتا جي وارثن وٽ هڪ معقول بلدياتي نظام رائج هيو ۽ ان سلسلي ۾ شهر کي صاف رکڻ، چوڪيداري نظام، عام فلاح ۽ بهبود لاءِ اناج جا گدام، عوامي کوهہ، تورڻ ۽ ماپڻ جا مختلف پئمانا هڪ منظم سماجي زندگيءَ جي نشاندهي آهي.

موهن جي دڙي ۾ ڪن هنڌن تي ٿنڀن جا وڏا هال آهن. جتي انهيءَ زماني ۾ ماڻهو خاص ڪمن لاءِ پنچاتون ڪندا هئا. انهن مان هڪ هال تہ 80 چورس فوٽ ڪشادو آهي. جنهن ۾ ويهڻ لاءِ درجہ بدرجہ ٻئنچن وانگر مٽيءَ جا ڏاڪا ٺهيل آهن. جڏهن تہ اڳواڻن جي ويهڻ لاءِ هڪ پليٽ فارم ڪجهہ مٿيرو ٺهيل آهن.(11) انهن هالن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ان زماني ۾ ماڻهو شهر جو انتظام هلائڻ لاءِ انهن هالن ۾ گڏجاڻيون ڪري صلاح مشورا ڪندا هئا، جنهن جي موجوده دور ۾ جديد شڪل اسيمبلي آهي.

شهري اڏاوت جي رٿابندي

موهن جي دڙي جي بيهڪ مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان وقت جا ماڻهو سليقيدار ۽ شاهوڪار هئا. سندن گهر ننڍن ننڍن محلن ۾ ورهايل هئا. جن جون گهٽيون سڌيون ۽ آمهون سامهون هيون، گهرن جون ڪي سرون اهڙيون آهن، جن تي هزارن سالن گذرڻ بعد بہ ڪوبہ اثر ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي. قديم آثارن جي ماهرن ڪان سواءِ ٻيو ڪو ڏسندو تہ ائين ئي چوندو تہ چِتين ڪان سواءِ گهر چڻ تہ تازي زماني جا ٺهيل آهن. جاين ۾ رهڻ لاءِ ڪوٺيون، غسلخانہ ۽ ڪوهيون بہ آهن. ديوارن تي اندران ٺي انچ ليپو چڙهيل آهي. محلن جي اندر گهرن ۾ گهڙڻ لاءِ هڪ وڏو دروازو ٻاهرين گهٽي مان آهي. ڪن گهرن ۾ گهڙڻ لاءِ ٽي دروازا بہ آهن. ڪن هنڌن تي ٽنين جا وڏا هال آهن، جتي شايد انهيءَ زماني جا ماڻهو خاص ڪمن لاءِ پئنچاتون ڪندا هئا. انهن مان هڪ هال 80 چورس فوٽ ڪشادو آهي. جنهن ۾ ويهڻ لاءِ بئنچن وانگر مٽيءَ جا ڏاڪا ٺهيل آهن. شهر جا ڪي گهر دڪانن وانگر نظر پيا اچن. هڪ دڪان شراب خانو پيو لڳي. هڪ دڪان ۾ نيرولي جي ڪن هئي. انهيءَ تي رنگ جا داڳ اڃا موجود آهن. هڪ وڏي ڪليل عمارت اندر، جنهن جون ديوارون 7 يا 8 فوٽ آهن، هڪ وڏو تلاءُ آهي. جنهن ۾ لهڻ لاءِ ڏاڪا آهن. تلاءَ جو ترو مضبوط، لسو ۽ صاف آهي. تلاءُ 39 فوٽ ڊگهو، 23 فوٽ ويڪرو ۽ 8 فوٽ اونهو آهي. تلاءَ لڳ کوهہ آهي، جتان تلاءَ کي ڀريو ويندو هو. تلاءَ جي تري ۾ هڪ ڪنڊ وٽ سوراخ هو، جتان گندو پاڻي نيڪال ڪري تلاءَ کي صاف ڪيو ويندو هو. تلاءِ جي اوساري سيمينٽ جهڙي مصالحي سان ٺيل آهي. سم جي روڪڻ لاءِ ڏانبر ۽ ڪنڪريٽ استعمال ٿيل آهي. دڙي جي گهرن اندر جيڪي غسلخانہ مليا آهن، سي سوڙها پر سندن فرش تمام مضبوط ٻڌل آهن. چن ۽ پڪين سرن جي ڀور مان گڏيل مصالحي جي فرشبندي ٿيل آهي. غسلخانن جي فرش جي ليول لهواري آهي. تہ جيئن پاڻي آساني سان ٻاهر هليو وڃي. ڪيترن گهرن ۾ ننڍيون کوهيون ۽ وڏا کوهہ بہ مليا آهن. جن جي اوساري گول سرن سان ٿيل آهي. هرهڪ رستي ۽ گهٽي سان کوهہ کوٽيل آهن. ڪن کوهن تي ويهڻ لاءِ سرن جون بئنچون جڙيل آهن. جنهن تي پاڻي ڀرڻ وارا اچي ويهندا هوندا.

شهر مان گندي پاڻي جي نيڪال جو سسٽم تمام سهڻي نموني رکيل آهي.

هرهڪ گهٽي ۾ رستي سان پڪين سرن سان ٻڌل ناليون آهن. جيڪي سموريون هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن. معلوم ٿئي ٿو ته شهر ۾ هڪ سٺي ميونسپالٽي هئي. ۽ ماڻهن کي شهر جي آبادي جي صحت جي حفاظت جو گهڻو اونو هيو. گهر هڪ ٻئي کان ايترو پري آهن، جو هرهڪ گهر ۾ روشني ۽ صاف هوا اچي سگهي.

سر جان مارشل لکي ٿو ته: "پراڻي ايجپٽ ۽ مصر خواهه اولهه ايشيا ۾ اهڙو ڪوبه مثال ڪونهي جنهن سان موهن جي دڙي جي نهيل سنان ڪوٺين ۽ ڪشادن گهرن سان ڀيٽ ڪري سگهجي." (12)

حوالا ۽ سمجهاڻيون:

1. لينن، "رياست اور انقلاب" ماسڪو، ص-146
2. اينگلز فريڊرڪ: "خاندان، ذاتي ملڪيت اور رياست ڪا آغاز" ماسڪو
3. اينگلز فريڊرڪ: "خاندان، ذاتي ملڪيت اور رياست ڪا آغاز" ماسڪو
4. قمر الدين دوني، "تهذيب ۽ تمدن جو مرڪز اولهه پاڪستان"، ماهوار نئين زندگي، جولاءِ 1965ع
5. Archaeological Survey Report 1924-25, P-61-62
6. جوزف اسٽالن، مارڪسي فلسفو، ص- 76-77
7. Marshall, "Mohenjo Daro and Indus Civilization" Vol: 1, P-VI
8. Dr. Noah Crammer, Report in Daily Dawn Karachi, December 1960
9. سراج الحق، سنڌي ٻولي، ص: 86-87
10. D.D. Kosambi, The culture and civilization of Ancient India in Historical Lines
11. تمدن سنڌ، ص-25
12. Sir John Marshall, "Mohen jo Daro and Indus Civilization" Vol: 1, P-VI

سنڌو سيتا جا قديم ماڳ

موجوده جاگرافيائي سرحدن موجب، سنڌو سڀيتا جا قديم ماڳ، پاڪستان جي مڙني صوبن سميت افغانستان ۽ هندستان جي مختلف صوبن ۽ حصن ۾ مليا آهن. ڇو جو اڄ کان 7 يا 8 هزار سال (6000 ق م) اڳ انهن مٿين ملڪن جا ڪجهه حصا سنڌو سڀيتا جي وارثن جي حڪومت هيٺ ۽ سرحدن ۾ شامل هئا. اڄ تائين ٿيل تحقيق موجب سنڌو سڀيتا جا اٽڪل 252 ماڳ ملي چڪا آهن. جن مان ڪجهه قديم آثارن ۽ ڀڙن جي کوٽائي ڪئي وئي آهي ته ڪن جي صرف نشاندهي ڪئي وئي آهي. انهن 252 ماڳن مان سنڌ ۾ 81، بلوچستان ۾ 38، سرحد ۾ 8، پنجاب ۾ 37، افغانستان ۾ هڪ، راجستان ۽ ايرندي پنجاب ۾ 33، ڪڇ ۾ 30 ۽ ڪاٺياواڙ ۾ 25 ماڳ هيل تائين ملي چڪا آهن.

هيءُ ماڳ مشهور سنڌو سڀيتا جي اوسر يا عروج جي دور جا آهن. جيڪي 6 هزار ق - م کان 1500 ق - م تائين آباد هيا. انهن شهرن ۾ تمام پراڻو ماڳ لاکين جو دڙو ۽ مهر ڳڙهه 6 هزار ق - م جا ۽ ان بعد ڪلي گل محمد 4200 ق - م جو آهي. انهن ٽن پراڻن ماڳن کان سواءِ باقي شهر ۽ ڳوٺ سنڌو سڀيتا جي ٻن مشهور دورن سان واسطو رکن ٿا. جنهن ۾ اوائلي دور "ڳوناٽي ثقافت" جي نالي سان سڃجي ٿو، جيڪو 3500 ق - م کان 2300 ق - م جو آهي ۽ ٻيو دور سنڌو سڀيتا جي عروج واري دور "شهري تمدن" جي نالي سان سڃجي ٿو. جيڪو 2500 ق - م کان 1500 ق - م جو آهي. ڳوناٽي ثقافت وارن ماڳن ۾ آمري ۽ ڪوٽڏجي اهم بستيون آهن ۽ شهري تمدن ۾ موهن جو دڙو، هڙاپا ۽ چانهون جو دڙو اهم بستيون آهن.

اسان هيٺ انهن مڙني قديم ماڳن جي هيل تائين دستياب فهرست ڏيڻ کان پوءِ، انهن ماڳن مان ڪن مکيہ ۽ گهڻو اهم شهرن ۽ ڳوٺن بابت مختصر وچور پيش ڪريون ٿا.

سنڌ جا قديم ماڳ

1. موهن جو دڙو، 2. آمري، 3. ڪوٽڏجي، 4. چانهون جو دڙو، 5. ڳاڙهو پڙو، 6. نهٽو، 7. ٽرڙي گجو، 8. ڪوهٽراس بني، 9. پانڌي واهي، 10. علي مراد، 11. ڊرب ڏيٽڙي، 12. ٽيڙ، 13. لکمير جي ماڙي، 14. ڪائي بني، 15. لنڊي بني، 16. ليمون جوڻيجو، 17. غازي شاهہ، 18. نارو وارو دڙو، 19. ڏنپ بني، 20. ديهہ ماڙي صابري، 21. ڏيسوئي، 22. الهڏنو، 23. عاملاٽو، 24. عارب جو ٿاٽو، 25. شاهہ جو ڪوٽڙو، 26. ٻانڊٽي، 27. چونرو، 28. ڊال، 29. ڏيجي جي ٽڪري، 30. گورنڊي، 31. حسن علي، 32. جهڪڙ، 33. جانگهارا، 34. ڪرچاٽ، 35. ڪجور، 36. لکيو (پير لاکو)، 37. لوهري، 38. ليلان جي ماڙي، 39. لوهم جو دڙو، 40. اورنگي، 41. عثمان جي بني، 42. پئي جو ڪوٽڙو، 43. پوڪراڻ، 44. ٽنڊو رحيم، 45. تونگ بني، 46. احمد شاهہ، 47. بچاٽي، 48. ٻانڊڙي، 49. بيبي جي پٽ، 50. چٽي جو ڪنڌ، 51. ڊلاٽي جو ڪوٽ، 52. جيري جو ڪلات، 53. جڏيرن جو دڙو، 54. ڪچو بني، 55. ڪنڊر پٽ، 56. ڪانڌي واهي، 57. ڪرهيو پير پانداري، 58. ڪرنڊ جي پٽ، 59. ڪوسو دڙو، 60. ڪونج سر، 61. لنڊي نوڙهي، 62. لال چتو، 63. ممڙو، 64. مرڪان، 65. مشتاق، 66. ترگاڻي جو ڪنڌ، 67. نڪا، 68. ڦنگ، 69. راڄو ديرو، 70. روهيل جو ڪنڌ، 71. سنياسي بني، 72. نارو ٽڪري، 73. نيڙهي بهادر شاهہ، 74. پير شاهہ جڙيو، 75. نيل بازار، 76. جهانگري، 77. منو ڏياٽو، 78. ڏامراهو، 79. ڪوٽيشر، 80. وجهڙوٽ، 81. لاکين جو دڙو

بلوچستان جا قديم ماڳ

81. مهر ڳڙهہ، 82. ڪڙي گل محمد، 83. دمب سادات، 84. ستڪاجن در، 85. نال، 86. راڻا گنڊئي، 87. بالاڪوٽ، 88. دشتو، 89. ستڪا ڪوهہ، 90. تربت، 91. شاهي تمپ، 92. واهل، 93. بيلا، 94. ڪولي، 95. نندرا، 96. نوڪجا شاهہ، 97. نندوري، 98. ڪناڙ، 99. ميهي، 100.

سرخ ڏنپ، 101. خضدار، 102. انجيرهہ، 103. پناٽي ڏمپ، 104. نامعلوم، 105. ڪوٽرا، 106. سياهہ ڏنپ، 107. قلات، 108. گاند ڏمپ، 109. ڪرتا، 110. توگائو، 111. بابر ڪوٽ، 112. شوجنگل، 113. ڪناڙي، 114. ڪيچي بيگ، 115. ڪوئيٽا مري، 116. مغل گندائي، 117. پيراٽو گندائي، 118. دبر ڪوٽ.

سرحد (پختون خواهہ) جا قديم ماڳ

119. بنون، 120. سري ڪولا، 121. ڪرم شاهہ، 122. گوملا، 123. رحمان ڍڙهي، 124. هٿالا، 125. جهنگ، 126. شهباز ڍڙهي.

پنجاب جا قديم ماڳ

127. هڙپا، 128. گنويري والا، 129. ترڪي، 130. سانڊ نارو، 131 ڪان 155 تائين ماڳ بهاولپور ۾ قديم هاڪڙي درياهہ جي ڪنارن تي، 156. لوري والا ٿر، 157. بهوٽ، 158. ڪدوالا، 159. ونيوال، 160. جلال پور، 161. ليهہ، 162. چڪ پربان سيات، 163. موسیٰ خيل.

افغانستان ۾ 164. منديگڪ.

اوپر پنجاب ۽ راجپوتانہ ۾ قديم ماڳ

165. ڪالي بنگن، 166. ڪوٽ پلان، 167. ڪوجلا نيهنو، 168. بارا، 169. عالمگير پور، 170. نگر، 171. روپر، 172 ڪان 196 تائين 25 ماڳ بيڪانير ۾، 197. دوب.

ڪڇ ۾ قديم ماڳ

198. مندرا، 199. ناوينال، 200. ماندوي، 201. توديو، 202. ناليا، 203. انجار، 204. ڪوٽدا، 205. يڇ، 206. ڪوٽدا بادلي، 207. نڪتارانا، 208. ڏيسالپور، 209. نارپا، 210. ويدا، 211. لکپت، 212. لوٽي، 213. باٽي، 214. ڪوٽرا، 215. نيوني ڏر، 216. ڪوٽاڊي، 217. موريو،

218. **كيراسي**، 219. **سركوندا**، 220. **سيلاري**، 221. **راپر**، 222. **پد مهت**، 223. **لاکپر**، 224. **کنٿ ڪوٽ**، 225. **ڪاري ڪاکندا**، 226. **پير وڏا ڪيٽر**، 227. **جهانگار**.

ڪانياواڙ ۾ قديم ماڳ

228. **ڦالا**، 229. **لاکا بهاول**، 230. **آمرا**، 231. **هالار**، 232. **گوپ**، 233. **ڪنار ڪيدا**، 234. **سومنات**، 235. **ڪانجيٽر**، 236. **ونيوادر**، 237. **روجدي**، 238. **اڌ ڪوٽ**، 239. **بهم پاتال**، 240. **بابر ڪوٽ**، 241. **رانگپور**، 242. **ديوالا**، 243. **چڪائو**، 244. **گوئي**، 245. **پنسووا**، 246. **لوٿل**، 247. **ڪوٽ**، 248. **نوستاريا**، 249. **جمناگر**، 250. **ميهگام**، 251. **تيلوڊ**، 252. **پڳتارو**.

1. موهن جو دڙو

انديا جي قديم آثارن جي ماهر راکلداس بئنرجي 1918ع کان ڏکڻ پنجاب، بيڪانير، بهاولپور ۽ سنڌ ۾ سڪندر اعظم جا اهي 11 ٿل ڳولڻ لاءِ مختلف هنڌن جي جاچ ۽ کوٽائي ڪرائي رهيو هو. جيڪي سڪندر اعظم عيسوي سن کان سوا ٽي سو ورهيه اڳ پنهنجي ڪاهه دوران بياس نديءَ جي ڪناري نهرايا هئا ۽ مٿن يوناني ٻوليءَ ۽ هندي زبانن ۾ نوشتا اُکرايا هئا. هن 1918ع کان 1922ع تائين وڏي جدوجهد بعد سنڌ ۾ ڪيرٿر کان سنڌونديءَ تائين جيڪب آباد، سکر ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ 27 وڏن ۽ 53 ننڍن دڙن کي ڳولي، انهن جي کوٽائي ڪرائي، پر اتفاق سان اهي سڀ ٻڌ دور جا يادگار نڪتا. (1) ائين اتفاق سان هيءُ ماهر ووڙيندو ووڙيندو 1922ع ۾ اچي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڏوڪري شهر کان 6 ميل پري هڪ ٻڌ استوپا وٽ پهتو، جيڪو ٻڌ دور جو هڪ مندر هيو. اهو ٿل سنڌونديءَ جي سطح کان 46 فوٽ مٿي هڪ دڙي تي هيو. جنهن ٿل جو ۽ اتان مليل ٻڌ ڌرم جي پڪشن جي رهڻ جي جاين جو ان کان هيٺين تهن يا زماني سان ڪنهن به قسم جو واسطو نه هو. هي مٿيون سڀ تعميرات ٻڌ ڌرم جي راجا واسديو (پهريون) جي دور جون هيون. اهي ان کان هيٺ موجود شهر جي تباهي کان پوءِ هزار

سال گذرڻ بعد ان مٿان وري اڏيون ويون هيون. ان خيال کان ته زمين جي سطح کان مٿانهين جڳهه تي مذهبي آستان جوڙڻ سان ان جو سال بسال سنڌو جي ٽيندڙ ٻوڏين کان بچاءُ ٿي پئي سگهيو.

جڏهن بئنرجي نل پرسان ڪجهه کوٽائي ڪرائي ته ڪيس اتان پٿر جا ڪپ ۽ نڪر جي ٽانون جو اهڙو نيڪراٽ هٿ آيس، جن جو ٻڌ دور سان ڪو به واسطو نه هيو. پر اهي ڪنهن هزارين سال پراڻي دور جي ڪنهن نرالي تهذيب جي نشاندهي ڪن پيا. (2) جڏهن بئنرجي اسٽوپا پرسان کوٽائي ڪرائي ته اتان هن کي هڪ اهڙي مهر ملي، جيڪا شڪل ۽ صورت ۾ هڙاپا مان مليل هڪ تصويري رسم الخط واري مهر سان هڪ جهڙائي ڏيکاري پئي. جيڪا سر الگزينڊر ڪنگهم کي هڙاپا جي کوٽائي مان ملي هئي. (3) ان مان بئنرجي اندازو لڳايو ته هتان اجا ڪنهن قديم تهذيب تي روشني پوندي. جيڪا هڙاپا وانگر 5 هزار سال کن پراڻي هوندي. ڇو جو هتان ملندڙ ڪجهه اوزار ۽ نڪر جا ٽانون هڙاپا مان انهن ئي ڏينهن ۾ ٽيندڙ کوٽائي مان ملي رهيا هئا. جيڪو هنڌ ان وقت برصغير ۾ سڀ کان پراڻو ۽ قديم شمار ڪيو ويندو هو. بس ايئن ئي سنڌ جي 5 هزار سال پراڻي تهذيب مٿان زمانن جا پيل پردا ۽ لٽ لهڻ شروع ٿيا. قديم آثارن جي ماهرن جون پرڏيهي اخبارن ۾ هن عظيم تهذيب بابت رپورٽون ۽ بيان شايع ٿيڻ شروع ٿيا ۽ جلد ئي سڄي دنيا ۾ هن عظيم تهذيب ۽ تمدن جي هاڪ پئجي وئي. ان ئي کوٽائيءَ سنڌ ديس جي اڻ لکيل تاريخ ۾ 5 هزار سال اڳ جي سونهري دور جو اضافو ڪيو. برصغير سميت سڄي دنيا جي تاريخ جي شروعات هن خطي جي ذڪر سان شروع ٿيڻ لڳي.

موهن جي دڙي جي هن قديم ماڳ جي وڏيڪ کوٽائي ان وقت انڊيا جي قديم آثارن واري کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل سر جان مارشل جي نظرداريءَ هيٺ 1922ع جي سياري جي مند ۾ ٿي، جيڪا لاڳيتو 1927ع تائين هلي. ان کوٽائيءَ جو سمورو احوال سر جان مارشل ٽن ضخيم جلدن ۾ شايع ڪرايو. (4) وري ٻيو دفعو هن کنڊر جي کوٽائي ارنيسٽ مئڪي جي نظرداريءَ هيٺ ٿي. جنهن پنهنجو ڪم 1927ع کان 1931ع تائين ڪري ختم ڪيو ۽ پنهنجي تحقيقات کي جدا ڪتاب ۾ شايع ڪيو. (5) ان بعد وري ڊاڪٽر سر آر ايم وهيلر 1950ع کان هن دڙي جي کوٽائي ڪرائي. وري 1965ع ۾

آمريڪي آرڪيالاجيڪل مشن جي سربراهه پروفيسر جارج ايف ڊيلز (يونيورسٽي آف پينسلونيا) طرفان وڌيڪ کوٽائي ڪرائي وئي. اهڙي طرح هن عظيم شهر جي کوٽائيءَ ۾ بئنرجي، سر جان مارشل، جارج ايف ڊيلز، هارگريوز، سروپ وتيس، ڪي اين ڊڪشٽ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو ۽ هيءُ 5 هزار سال پراڻي تهذيب ۽ تمدن جا نرالا رنگ ۽ ڍنگ ورهين گذرڻ بعد اسان جي سامهون آيا.

موهن جي دڙي جو تباهه ٿيل شهر اتر سنڌ جي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڪراچي-ڪوئيٽا ريلوي لائين تي ڏوڪريءَ جي اسٽيشن کان 6 ميل پري آهي. سنڌوندي هن ماڳ جي اوپر ۾ وهي ٿي. موهن جي دڙي جو کنڊر 240 ايڪڙن ۾ ڦهليل آهي. (6) لئمبرڪ جي چئي مطابق هيءُ شهر گهيري ۾ ٽن ميلن کان به وڌيڪ ڦهليل آهي ۽ هي تمام گهاٽي آدمشماريءَ وارو شهر هيو. (7) هي کنڊر هن وقت ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. هڪ "مٿيون شهر" جتان شهر پناهه جا آثار مليا آهن. جيڪا ٻين جڳهن کان ڪجهه مٿيري سطح تي جڙيل آهي. ان مٿين سطح تي جوڙيل اڏاوتن ۾ ميونسپل هال ۽ شهري ڪاتن جي انتظاميه جون سرڪاري آفيسون ۽ بنگلا، پاڻيءَ جو تلاءُ، ٿنين وارو اسيمبلي هال ۽ هڪ وڏو ان جو پانڊو مليو آهي. جيڪي مٿين سطح تي ان خيال کان ٺاهيا ويا ته جيئن سنڌو درياهه جي ٻوڏن کان انهن جي حفاظت ٿي سگهي ۽ هيٺئين شهر جا ماڻهو به مٿئين شهر جي قلعي ۾ ٻوڏن وقت پناهه حاصل ڪري سگهن. (8) ٻيو وري هيٺيون شهر، جنهن ۾ رهڻ جون جايون، دڪان، بازاريون، ڪشادا رستا وغيره آهن. هيٺيون شهر به اعليٰ رٿا سان انجنيئري طريقي سان ٺهيل آهي. هن شهر جون وڏيون گهٽيون شهر کي مختلف وڏن بلاڪن ۾ ورهائن ٿيون. (9) شروعات ۾ دڙو هڪ ئي هئو، پر پوءِ شايد سنڌو ندي جي ڪنهن اوائلي ليٽ هن جي اسٽوپا ايراضي واري حصي کي هيٺين ايراضي کان جدا ڪري ڇڏيو. (10)

هاڻ اسان موهن جي دڙي ۾ مليل عمارتن، گهرن وغيره جو ذڪر ڪنداسين. جيئن ته شهر ۾ مليل عمارتن ۾ اسٽوپا به هڪ خاص ۽ ڌيان طلب عمارت يا هنڌ آهي. پر جيئن ته هن عمارت جو سنڌو سڀيتا جي هن پوئين دؤر سان ڪوبه واسطو نه آهي ۽ اسٽوپا پوءِ جي ٻڌ واري دؤر جي اڏاوت آهي. ان ڪري هت ان جو ذڪر نه ٿو ڪجي.

باقي ٻئي جيڪي جڳهون سنڌو تهذيب جي دؤر سان واسطو رکندڙ آهن. انهن جو مختصر احوال ڏجي ٿو. پوءِ اچو تہ پهريان مٿئين شهر ۾ مليل عمارتن جو ذڪر ڪيون.

وڏو حوض:

اسٽوپا جي اتر اوڀر واري ڪنڊ ۾ هڪ حوض آهي. هيءُ حوض سنڌو سڀيتا جي وچ واري دؤر جي عمارت آهي. هي حوض مستطيل شڪل جو آهي ۽ 29 فوٽ ڊيگهہ ۽ 23 فوٽ ويڪر اٿس. منجهس اندر لهڻ لاءِ ڏاڪا آهن. (11) هيءُ تلاءُ هڪ وڏي ڪليل عمارت اندر آهي. جنهن جو ديوارون 7 يا 8 فوٽ آهن. تلاءَ جو ترو مضبوط ۽ لسو آهي. تلاءُ اٺ فوٽ اونهو آهي. (12) هن تلاءَ جي پر ۾ هڪ کوهہ مليو آهي. جتان تلاءَ کي پاڻي پهچايو ويندو هوندو. هن تلاءَ کي صفائي ڪرڻ لاءِ هيٺان هڪ ڪنڊ ۾ سوراخ بہ ٺيل آهي. جنهن مان نالي نڪتل آهي. جنهن رستي تلاءَ ۾ جمع ٿيل ڪنو پاڻي نيڪال ڪيو ويندو هوندو. هيءَ نالي بہ نهايت عمدي جڙيل آهي. ۽ ايتري اونهي آهي جو پلي تہ 6 فوٽ ڊگهو ماڻهو ان ۾ بيهو هجي. سڄي نالي ڍڪيل آهي. وچ تي نالي ۾ هڪ ڪليل ٽڪر (Main-hole) آهي. نالي ۾ گندو ڪچرو گڏ ٿي وڃڻ جي صورت ۾ ماڻهو ان سوراخ مان لنگهي وڃي، ناليءَ جي صفائي ڪندو هوندو. پاڻيءَ جي سيمي کي روڪڻ لاءِ ڏامر هنيل آهي. (13) تلاءَ جي اوساري سيمينٽ جهڙي مصالحي سان ٿيل آهي. سمر جي روڪڻ لاءِ ڏامر ۽ ڪنڪريٽ استعمال ڪئي وئي آهي.

حوض جي چئني پاسن کان ورانڊو آهي. ورانڊي جي اتر، ڏکڻ ۽ اوڀر پاسي مختلف ڪمرا جڙيل آهن. حوض جي ناهڻ ۾ ڪافي محنت کان ڪم ورتو ويو آهي. سرون چلي، چڱي طرح مسالو لڳائي جوڙيون ويون آهن. حوض جي ڏاکڻي پاسي ساڍا 9 فوٽ ڊگها ۽ 11 فوٽ ويڪرا غسلخانا ٺهيل آهن. انهن غسلخانن ۾ پردي داريءَ جو خاص خيال رکيو ويو آهي. هر غسلخاني ۾ مٿي وڃڻ لاءِ هڪ ڏاڪڻ آهي. ان مان اندازو لڳايو ويو آهي تہ جايون بہ ماڙ هيون. (14) هنن غسلخانن ۽ مٿي جاٽايل حوض جو پاڻي وري وڃي هڪ وڏي نالي ۾ پوي ٿو. نہ صرف غسلخانا حوض جي پر ۾ مليا آهن، پر موهن جي دڙي جي هر گهر ۾ غسلخانا لڌا ويا آهن. جنهن مان خبر پوي ٿي تہ موهن جي دڙي وارا صفائي، سنائي ۽ صحت جو خاص خيال رکندا هئا ۽ صبح جو روزانو تڙ ڦليل ڪرڻ سندن معمول هيو.

پئنچاتي هال - درسگاھ:

تلاءَ ۽ اسٽوپا جي وچ ۾ هڪ تمام وڏي عمارت آهي. جنهن جي ڊيگهه 235 فوٽ ۽ ويڪر 78 فوٽ آهي. انهيءَ جو وڏو در اولهه پاسي هو. هن ۾ تمام گهڻا ڪمرا نهيل آهن. خاص بينڪ جون ٿلهيون ۽ مضبوط پٽيون ڏيان ڇڪائيندڙ آهن. ماهرن موجب تي هيءَ عمارت ٻه ماڙ يا ٽه ماڙ هوندي. (15) هي ٿنڀن جو هال ان دور جي ماڻهن جي خاص ڪمن لاءِ گڏجاڻيون يا پئنچاتون ڪرڻ لاءِ هوندو. ڇو جو هن هال ۾ وهڻ لاءِ ٻئنچن وانگر مٽيءَ جا ڏاڪا نهيل آهن ۽ سامهون پليٽ فارم نهيل آهي. (16) وڏي در ڪان لنگهڻ ڪان پوءِ هڪ هال اچي ٿو. جيڪو 24 فوٽ ڊگهو ۽ 4 فوٽ ويڪرو آهي. انهيءَ جي ڪٻي پاسي هڪ ويڪري در ڪان پوءِ هڪ اڱڻ آهي. جنهن ڪي چئني طرفن ڪان پٽيون آهن. انهن جي چئني پاسن ڪان ڪمرا آهن. جن ۾ وري پروهت يا استاد (پاڙهيندڙ) رهندا هوندا. هال جي سڄي پاسي ڪان 2 گهٽيون آهن. هڪ گهٽي ننڍي اڱڻ طرف وڃي ٿي، جنهن جي چئني پاسن ڪان وري ننڍا ٻه ماڙ ڪمرا آهن. ان پاسي ڪيترا ٻيا اڱڻ ۽ ڪمرا آهن. (17) جيڪي شايد شاگردن جي رهائش جي هاسٽل هوندي. پئنچاتي هال جو هيءُ حصو درسگاھ پيو معلوم ٿئي.

هينيون شهر:

اسٽوپا ايراضيءَ ڪان هڪ رستو ڏکڻ اوڀر طرف وڃي ٿو. جيڪو ٿورو ئي پري وڃي اوڀر پاسي مڙي اوڀر واري وڏي رستي سان ملي ٿو. اوڀر واري سڙڪ ڪوٽيل علائقي ڪي ٻن حصن ۾ ورهائي ٿي. سڙڪ جي ڏکڻ پاسي ايچ آر ايراضي (18) آهي. اتر طرف وي ايس ايراضي (19) آهي. اوڀر واري وڏي سڙڪ ڪي پهرين وڏي سڙڪ گوني ڪنڊ تي ڪاٽي ٿي ۽ وي ايس ۽ ايچ آر ايراضين ڪي ٻن حصن ۾ ورهائيندي، ڊي ڪي ايراضي (20) تي پهچي ٿي. انهن علائقن ۾ هزارين گهر، تمام گهٽيون گهٽيون ۽ بيشمار کوھ آهن.

<u>گهر:</u> موهن جي دڙي مان جيڪي گهرن جون عمارتون مليون آهن، سي سڀ ڪشاديون ۽ هوادار آهن. ڪن گهرن جي اڱڻ ۾ ڏاڪڻ آهي. جنهن مان سمجهجي ٿو ته جڳهون ٻه ماڙ ٻه هيون. پٽين تي پلستر ٽي انچ ٿلهو چڙهيل آهي. سرون گاري ۽ چيروليءَ سان ٺقيل آهن. جڳهون گهٽو ڪري پڪين سرن جون نهيل آهن.

دڪان: موهن جي دڙي ۾ گهرن کان سواءِ دڪانن جون عمارتون به مليون آهن. هڪ دڪان اهڙو به مليو آهي، جيڪو شراب خاني جي طرز تي ٺهيل آهي. هڪ دڪان مان نيروٽي جي ڪن لٽي وئي ۽ اتي رنگ جا داغ به اجا ظاهر آهن. جنهن ڪري اهو دڪان ڪنهن رنگساز جو معلوم پيو ٿئي.

کوھ: هتان کوھ به ڪافي لڌا ويا آهن. کوهن جي اڏاوت هڪ جهڙي آهي. کوھ پڪسرا ۽ گولائيءَ تي آهن. هڪ ٻه کوھ بيضوي شڪل جا به آهن. کوهن پرسان ٻئنچون به ٺهيل آهن، شايد اهي پاڻي ڀريندڙن لاءِ وهڻ جون جايون هيون.

ناليون: شهر جي گندي پاڻيءَ جي نيڪال جي ترتيب به اعليٰ قسم جي پئي لڳي. هر هڪ رستي، گهٽي ۽ لنگهه ڪي پنهنجي پنهنجي ڍڪيل نالي آهي.

هڪ ٻئي مٿان اڏيل شهر: موهن جو دڙو ۾ هڪ ٻئي مٿان ست شهر لڌا ويا آهن. آبڪلاڻيءَ ۾ سنڌونديءَ جي ٻوڏ ۽ چوماسي ۾ جبلن تان پاڻيءَ جي چڙن لهڻ سبب هيءُ شهر هڪ ڀيرو زبون ٿيو ٿي ته پاڻي جي لهڻ بعد ماڻهن ڪجهه عرصي بعد اتي نئون شهر ٻڌو ٿي. ائين شهرن مٿان شهر ٻڌائون، جن مان اجا تائين ستن شهرن جو پتو پيو آهي. انهن ستن تهن هيٺان پاڻي نڪتو آهي. (21) قديم آثارن جي ماهرن موجب پاڻي هيٺان پڻ اڏاوتن جا آثار ملن ٿا. جيڪڏهن موهن جي دڙي ۾ مٽي چڙهي آيل سر جي پاڻيءَ جي ڪنهن طريقي سان سطح گهٽ ڪجي ته ڪجهه وڌيڪ تهه دريافت ٿي سگهن ٿا. موهن جي دڙي جي کوٽائي ڪندڙ سر جان مارشل کوٽائي دوران لنڊن جي هڪ اخبار (22) ۾ لکيو ته، ”اسان هيل تائين کوٽائي ۾ هڪ ٻئي هيٺان نون شهرن جا کنڊر ساڳي مال ۽ مٽيءَ جي تهن هيٺان لڌا آهن. جنهن مان ٻئبيلونيا کان به اڳ جي تهذيب تي روشني پوندي. اسان اجا اونهي کوٽائي ڪنداسين، سمجهون ٿا ته اجا 3، 4 يا 5 شهر انهن تهن مان هٿ ڪنداسين. جن جي عمر 9 کان 11 هزار ورهيه پراڻي هوندي.“

سر جان مارشل دڙي جي کوٽائيءَ کان پوءِ اعتراف ڪيو ته، ”قديم مصر خواهه اولهه ايشيا ۾ اهڙو ڪو به مثال ڪونهي. جنهن سان موهن جي دڙي جي رهواسين جي ٺهيل سهڻين سنان ڪوئين ۽ ڪشادن گهرن سان ان جي ڀيٽ ڪري سگهجي. انهن ديشن ۾ ديوتائن جي مندرن، محلاتن ۽ راجائي سماڌين تي بيشمار ناڻو لٽيو ويندو هو. باقي عام ماڻهو بلڪل ايئن سادين مٽيءَ جي جهوپڙين ۾ رهندا هئا. پر سنڌ ۾ تصوير

جو بلڪل ٻيو روپ آهي. جتي سندر عمارتون فقط نگر واسين جي سک لاءِ ئي جڙنديون هيون." (23)

موهن جو دڙو، سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن جو مرڪز هيو ۽ سنڌو رياست جي گاديءَ وارو شهر هيو. جتان هتان جا رهواسي رياست جي ٻين صوبن يا رياستن جي نظرداري ڪندا هئا. هي شهر 3000 ق - م کان لڳ ڀڳ 1500 ق - م تائين آباد رهيو.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. Chatterji, S.K, " Modern Review" December 1924

2. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند، "قديم سنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ص-82

3. Fleet, I.F, "Seals from Harappa" J.R.A.S, 1912, P-699

4. Marshall, Sir John, "Mohen jo Daro and Indus Civilization" Vol: 1-3, London 1931

5. Mackay, E.J.H, "Further Excavation at Mohen jo Daro" 2 Volumes, Delhi, 1938.

6. شيدائي، رحيم داد خان مولائي، "تمدن سنڌ" سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 1959ع ص-12

7. لئمبرڪ ايچ ٽي، "سنڌ هڪ عام جائزو" ص- 118

8. Altaf Gauhar, "Twenty years of Pakistan" 1947 to 1967, Karachi, 1969, P-623

9. Ibid, P-623

10. صديقي، محمد ادريس، "سنڌو ماٿر جي سڀيتا" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1979، ص-38

11. صديقي، ص- 40

12. شيدائي، تمدن سنڌ، ص- 25

13. آڏواڻي، ص- 91
14. صديقي، ص- 41
15. صديقي، ص- 42
16. شيدائي، تمدن سنڌ، ص- 25
17. صديقي، ص- 42
18. ايچ آر ايراضيءَ جو نالو ان جي کوٽائي ڪندڙ ماهر هار گريوز جي نالي پويان رکيل آهي.
19. هي ايريا ان جي کوٽائي ڪندڙ ماهر ساڌو سروپ وتس جي نالي پويان سڏبي آهي.
20. ڊي ڪي ايريا ان جي کوٽائي ڪندڙ ماهر ڪي اين ڊڪشٽ جي نالي پويان آهي.
21. آڏواڻي، قديم سنڌ، ص-88
22. Modern Review, February, 1925
23. Marshall, Sir J. "Mohen jo Daro and Indus Civilization" Vol: 1, P-VI

2. آمري

قديم آثارن جي ماهر اين جي مجمدار 1927ع کان 1931ع تائين باقياتي کوجنائون ڪري، ٻين قديم سنڌو سڀيتا جي ماڳن سان گڏ آمري جا قديم آثار بہ ڳولهي لڌا. (1) آمري جو ماڳ دادو ضلعي جي مانجهند تعلقي ۾ لڪي جي جبلن کان 65 ميل ڏکڻ ۾ ۽ سن کان 9 ميل اتر طرف، موجوده آمري شهر کان 250 ميٽرن جي مفاصلي تي اتر اولهہ طرف سنڌو درياهہ جي اولهہ واري ڪناري تي موجود آهي. هيءُ ماڳ موهن جي دڙي کان 85 ميل ڏکڻ ۾ ۽ چانهون جي دڙي کان 25 ميل اولهہ ۾ آهي.

اين جي مجمدار، هن قديم ماڳ جي مڪمل کوٽائي ڪرائي نہ سگهيو. جنهن ڪري 1959ع ۾ فرانسيسي ماهر مونس ۽ جين ميري ڪاسل جي نگراني هيٺ

پاڪستان جي آرڪيالاجي واري کاتي طرفان هٿ کوٽائي ڪرائي وئي، جيڪا 1962ع تائين هلي.

آمريءَ جو قديم ماڳ 4 مختلف دورن سان واسطو رکندڙ آهي. ان جو صفا هيٺيون تهه، سنڌو سڀيتا جي ڳوٺاڻي ثقافت سان واسطو رکندڙ آهي، جڏهن ته ان کان پوءِ جو ٻيو تهه شهري تمدن جو آهي، ٽيون تهه، جهڪر واري دور سان واسطو رکي ٿو، جڏهن ته چوٿون تهه جيڪو شروعاتي تهه به سڏي سگهجي ٿو، اهو مسلمانن جي دور جو آهي. هتي اسان صرف هيٺين ٻن تهن، جن جو واسطو ڳوٺاڻي ثقافت ۽ شهري تمدن سان واسطو رکندڙ آهي، ان کي بحث جو موضوع بڻائينداسين.

آمريءَ ۾ زميني سطح تي جيڪو پهريون ڳوٺ ٻڌل آهي. اهو وچين پٿر دور جو آهي. جڏهن اجان انسان سرن سان گهرن ٺاهڻ جي شروعات نه ڪئي هئي ۽ هو پنهنجا گهر ڪاٺين ۽ تيلن مان ٺاهيندا هئا. اتان چڪ بدران هٿ جا ٺاهيل ٿانوَ مليا آهن. چاڪاڻ ته ان وقت چڪ جي ايجاد نه ٿي هئي. جنهن ڪري استعمال جون شيون ۽ ٿانوَ هٿ تي ٺاهيا ويندا هئا. (2) کوٽائي ڪندڙ فرانسيسي ماهرن جو چوڻ آهي ته ان تهه مان تعميراتي آثار ڪو نه مليا آهن. صرف مٽيءَ جون ڪنيون، دڪيون ۽ ٻيا هٿ جا ٺهيل ٿانوَ وڏي تعداد ۾ مليا آهن. (3) هتان پٿر جا ڇهنبدار ڪات، پٿر جا گولا، پڪل مٽيءَ جا داڻا، سپن جون ٺهيل چوڙيون پڻ مليون آهن. جيڪي وچين پٿر دور جون شيون آهن.

زميني شروعاتي تهه کان پوءِ ٻيو تهه پڻ ڳوٺاڻي ثقافت سان واسطو رکندڙ آهي. هن تهه تان عمارتن ۾ ڪم آندل ڪچيون سرون مليون آهن ۽ ٻيا ڪيترائي رهائشي ڪمرا ۽ گهر مليا آهن. هڪ ڪمرو ته اهڙو به مليو آهي، جنهن جي اوساري ۾ پٿرائون گارو استعمال ٿيل آهي. ڪيترن جڳهن تي پوريل دڪيون به مليون آهن. ان زماني جي ٿانون تي خاص قسم جا چٽ چٽيل آهن. ٿانون جي تري تي ٿلهن ڪارن پٽين تي لاڳيتا ٽڪندا مليا آهن. ٽڪندن جي پاسن ۾ ڳاڙهو رنگ پريل آهي. (4) اهي ٿانون تي چٽيل ٽڪندا چوئنرن جي شڪل پيا لڳن. جڻ انهن ٿانون تي ڪنهن ننڍڙي ڳوٺ جو نظارو ڏنل آهي. هن تهه مان لڌل ٿانون جي نوعيت مختلف قسم جي آهي. هي نه هڙاپا سان

ملندڙ آهي ۽ نہ وري موهن جي دڙي مان ليجنڊڙ ٿانون سان. جنهن ڪري قديم آثارن جي ماهرن هن ثقافت کي "آمري ثقافت" جو نالو ڏنو آهي.

آمري جا ڪنير ڏاڍا هوشيار پيا معلوم ٿين. اڄ بہ اٽڪل ساڳيو هنر ۽ نمونو سنڌ اندر ڏسندي اچرج پيو لڳي، ان وقت جي ماڻهن تي. ان وقت جا ڪنير ٿانون تي ڪمال جي نفيس ۽ نرم ليئي ڪم آڻيندا هئا. هو ٿانون کي زيبائتو بنائڻ لاءِ ڦڪي يا هلڪي ڳاڙهي رنگ تي سنهي پٽي گهٽو ڪري ٿانون جي منهن يا ڪلهن وٽ ڪنيءَ طور هڻندا هئا ۽ بعد ۾ ان مٿان ڪاري يا خاڪي رنگ جي چٽسالي ڪندا هئا. (5) ٿانون تي چٽ گهٽو ڪري جاميٽريءَ جي شڪلين جهڙا ڪندائتا هوندا هئا. مستطيل خانن جي اندر چورس خانا آمري جي ٿانون تي اڪثر چٽيل ملن ٿا. سنڌن ٿانون تي ٻيون بہ شڪليون ملن ٿيون.جيئن گولائي واريون شڪليون، جهڙوڪ گول ۽ اڌ گول. جڏهن تہ ڪجهہ ٿانون تي وڻن ۽ انهن جي پنن جون شڪليون نڪتل آهن.

آمريءَ وارن ماڻهن هن ئي دور ۾ پنهنجي ٿانون تي ساهوارن شين جا بوٽا يا شڪليون ڪڍڻ شروع ڪيون. انهن شڪلين ۾ ڳئون ۽ ڍڳي جي شڪل گهڻي ملي آهي. اها شڪل هرڻن ۽ ڦاڙهن جي شڪل کان وڌيڪ بهتر قسم جي نهيل معلوم ٿئي ٿي. اهو ان ڪري جو ڍڳو يا ڳئون زرخيزي جي علامت سمجهي ويندي هئي ۽ ان جي عزت ڪئي ويندي هئي. (6) ٻيو آمري جي ٿانون تي مڇي جهلڻ جي رڇن ۽ ڄارين جا خاڪا پڻ نظر اچن ٿا ۽ رلي جي چٽن جو بهترين نمونو بہ هن دؤر ۾ مليو ٿو.

آمري جو مٿيون تهہ، جيڪو شهري تمدن سان واسطو رکندڙ آهي. اتان گهرن جي جوڙجڪ ۾ اوساري جا 4 نمونا ملن ٿا. هڪ نموني جا گهر مختلف ماپن جا مستطيل شڪل آهن. هر گهر کي دروازو مليو ٿو. پٽ يا پڊر کي مٽيءَ جو ليپو ڏنل آهي. پڊر گهٽين کان ٿورو مٿيرو سطح تي آهن. گهر مختلف نندين ڪوٺين ۾ ورهايل آهن. هن دؤر ۾ چڪ جو استعمال گهٽو نظر اچي ٿو. ڪل ٿانون مان اٽڪل 55 سيڪڙو چڪ تي چڙهيل آهن. هن دؤر جي تهن مان ڌات پڻ لڌي آهي. آمريءَ جا وارث پٿر جي اوزارن سان گڏ ٽامي کي پگهاري مختلف شڪلين وارا ٿانون ۽ اوزار پڻ ناهيندا هئا. جيڪي موهن جي دڙو ۽ هڙاپا مان مليل ٿانون سان مشابهت رکندڙ آهن. هڪ پڪسري

جاءِ مان اهڙيون سرون لڌيون ويون آهن، جيڪي هڙاپا دؤر جي اڏاوتن ۾ ڪم آندل سرن جهڙيون آهن.

آمريءَ جي چٽي تهبندي مان اهو نتيجو ظاهر آهي تہ شهري تمدن وارن هي ماڳ ٻُوناٽي ثقافت جي وارثن طرفان ڇڏي وڃڻ کان گهٽو پوءِ والاريو. ان ڪري ٻُوناٽي ثقافت جي خاتمي کان گهٽو پوءِ وري شهري تمدن وارن اهي دڙا وسائي، اتي پنهنجا شهر ٻڌا. (7)

حوالا ۽ سمجهاڻيون

(1) Majumdar, N. G, "Exploration in Sind" M.A.S.I No: 48, Delhi, 1934.

(2) Wheeler, S.M, "Civilization of Indus Valley and Beyond" P-90

(3) Casal, J.M. "Fresh digging at Amri" Archaeological Dep't: of Pakistan, 1964, Vol: 1

(4) Channa, Mahboob Ali, "Pre-Harappan Civilization in Indus Valley" Sind Quarterly, 1978-1, P-24-25

(5) لئمبرڪ، ايڇ ٽي، "سنڌ- هڪ عام جائزو" ص-102-103

(6) ميجڻ سراج الحق، "آمري" قسط-1-2، ماهوار نئين زندگي، مارچ اپريل 1966ع

(7) Casal, J.M "Fresh digging at Amri"

3. ڪوٽڏجي

ڪوٽڏجيءَ جا قديم آثار خيرپور شهر کان 15 ميل ڏکڻ طرف موجوده ڪوٽڏجي واري قلعي جي سامهون نئشنل هاءِ وي جي اولهه طرف آهن. هيءُ ماڳ 600 فوٽ ڊگهو، 400 فوٽ ويڪرو ۽ زمين جي سطح کان 40 فوٽ اوچو آهي.

هيءُ ماڳ، جيڪو ڳوناٺي ثقافت سميت شهري تمدن سان بہ واسطو رکندڙ آهي. تنهن کي 1935ع ڌاري هڪ ماهر ڊاڪٽر گهريا ڳولي لڌو. بعد ۾ هن ماڳ جي کوٽائي ڊاڪٽر ايف اي خان 1955ع کان 1975ع تائين ڪرائي. (1)

ڪوٽڏجي مان قديم آثارن جي ماهرن کي هڪ اهڙي ثقافت جا اهڃاڻ مليا آهن، جيڪا سنڌو ماٿري جي شهري تمدن کان 7 سو سال اڳاتي آهي. ان کي ماهرن "ڪوٽڏجي واري ثقافت" جو نالو ڏنو آهي. ماڳ جي کوٽائي ڪندڙ ماهر ڊاڪٽر ايف اي خان ڪوٽڏجي بابت ٻڌايو آهي تہ ڏکڻ ايشيا ۾ اها پهرين زرعي وسندي هئي ۽ سنڌو ماٿر جي سيپتا جو بنيادي پٿر رکڻ وارا اهي ڪوٽڏجي جا ماڻهو هئا. هن وڏيڪ انڪشاف ڪيو آهي تہ ڪوٽڏجي جي زرعي وسندي، موهن جي دڙي کان 7 سو سال قديم آهي ۽ اها تاريخ ريڊيو ڪاربان وسيلي حاصل ٿي آهي. (2) جنهن ڪري اسين چئي سگهون ٿا تہ ننڍو کنڊ تہ ڇا پر سڄي ڏکڻ ايشيا ۾ هڪ "زرعي سماج" (Agrarian Society) جو پايو وجهندڙ سنڌي ماڻهو هئا.

هيءُ قديم ماڳ 2 حصن تي مشتمل آهي. هڪ ڪوٽ ڏنل شهر، جيڪو شايد حڪمران طبقي جي رهائش گاهہ هيو ۽ ٻيو ٻاهريون شهر، جنهن ۾ شايد ڪمي ڪاسبي رهندا هئا. ماهرن موجب ڪوٽڏجي برصغير ۾ سڀ کان پهرين پناهہ واري بستي هئي.

جنهن جي چوڌاري ڪوٽ اڏيل هو. هن قديم ماڳ جي سڀ کان متاثر ڪندڙ شيءِ اهو ڪوٽ آهي، جيڪو هڙاپا جي زماني کان اڳ جو آهي. جنهن جي اوچائي ۽ ٿولهه ڪافي آهي. هي ڪوٽ هڪ ٽڪر تي تعمير ٿيل آهي ۽ ٿوري ٿوري فاصلي تي مورچا نهيل آهن. (3) ڪوٽ وارو حصو، جيڪو 5 سو فوٽ ڊگهو ۽ ساڍا ٽي سو فوٽ ويڪرو ۽ 40 فوٽ بلند آهي، اتان ڪشادا ڪمرا مليا آهن. جن جا بنياد پٿر جا ۽ باقي اڏاوت مٽيءَ جي سرن جي آهي. ڪيترن ديوارن جي ٿولهه 5 فوٽن کان به وڌيڪ آهي. (4) چٽيون گاري سان لنبيل آهن.

ڪوٽڏجي بابت ڊاڪٽر ايف اي خان ٻڌائي ٿو ته هن ماڳ جي رهاڪن کان هڙاپا ۽ موهن جي دڙي وارن ڪي فني ۽ ٻيون ڳالهيون سکيون. جن ۾ شهري رٿابندي ۽ قلعي بندي شامل آهن.

هن قديم ماڳ جي شروعاتي تهه تي آباد ٿيل ماڻهو نڪر جي ٿانون ناهڻ جي هنر ۾ ڪافي ترقي ڪري چڪا هئا. هتان سندن ڪوزي گريءَ جا تمام بهترين نمونا دريافت ٿيا آهن. هو مٽيءَ جي ٿانون تي عام پينٽنگ ڪندا هئا. شروعاتي دور جي ٿانون تي مور جون تصويرون ۽ مڇيءَ جا نمونا ملن ٿا.(5) هتان ليندڙ ٿانون چڪ تي نهيل ۽ باهه ۾ پڪل آهن. جن تي گهري ڳاڙهي چمڪدار روشن فتيل چٽيل آهي. ان کان سواءِ انهن ٿانون تي مخصوص هڙاپا طرز جا نمونا ڪاري رنگ ۾ چٽيل آهن. نمونن ۾ پپر جو پن، مڇيءَ جا چلر ۽ سج وغيره عام جام نظر اچي ٿو. ڪوٽڏجي جي اوائلي دور وارا ٿانون ايترا ترقي ڪيل نه هئا. پر بعد ۾ آهستي آهستي انهن اوسر جا مختلف مرحلا طئہ ڪيا. (6) ابتدائي ٿانون ڳچين کان سواءَ هئا.

ماڳ جي شهري تمدن سان واسطو رکندڙ ته منجهان مهرون ۽ نڪر جون نهيل جانورن ۽ انسانن جون مورتون به مليون آهن. مورتن ۾ نڪر جون ٽي زنانيون ۽ 12 سنگي ڍڳي جون مورتون شامل آهن. هتان مليل ڌات جي اوزارن ۾ ڪهاڙي، نيزا، ڇيڻيون ۽ چوڙيون لڏيون ويون آهن. ان کان سواءِ مارنگ (چلها) پڻ لڌا ويا آهن. جن تي اتان جا رهواسي رڌ پچاءُ ڪندا هئا.

ڪوٽڏجي مان مليل باقيات ۾ مٽيءَ جا ٿانون، ٻارن جا رانديڪا، گاڏيون، ڪينهون، سنگمرمر جا ٽڪرا، چوڙيون، مٽيءَ جي نهيل ديوين ۽ جانورن جون مورتون،

تير ۽ پٿر جا اوزار وڏي تعداد ۾ مليا آهن. (7) عورتن جي پائڻ جون چوڙيون، مٽيءَ ۽ سپ جون جڙيل آهن. جڏهن ته ٻارن جي کيڏڻ لاءِ ٻال ۽ گاڏيون پڪل مٽيءَ جون ٺهيل آهن.

هي ثقافت سنڌ کان سواءِ رڻ ڪڇ جي ڏاکڻين حصي، پنجاب، بلوچستان جي اترين حصي، راجستان جي اترين حصي تائين ڦهليل هئي. (8) ڪوٽڏجي مان مليل باقيات. ان کان اڳ سري ڪولا ۽ پيراٽو گهندائي مان ملي چڪي آهي.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. Khan, Dr. F.A, "Kotdigi- Preliminary Report on Kotdigi Excavations" 1956-58, Karachi.

2. هن اهڙو انڪشاف خيرپور ۾ ٿيل سچل نيشنل سيمينار 1983ع ۾ ڪيو.

3. سومرو، مولا بخش اي،"ڪوٽڏجي-آثار قديمه جو هڪ نشان" ٽماهي مهراڻ حيدرآباد، 1962 پرچو نمبر 4

4. Altaf Gauhar, "Twenty years of Pakistan 1947 to 1964" Pakistan Publication, Karachi 1969, P-624-625

5. Khan, F.A, "Kotdigi-Preliminary Report..."

6. Wheeler, S.M, "Early India & Pakistan" P-1100-1107

7. Mughal, M.R, "Archaeology of Sindh" 1975, P-6

8. خان، ڊاڪٽر ايف اي "ڪوٽڏجي ڪلچر" ماهوار هلال پاڪستان ميگزين، روزانه هلال پاڪستان ڪراچي، 1983ع

4. لاکين جو دڙو

ڳوناٽي ۽ شهري ثقافت سان واسطو رکندڙ 9 هزار سال آڳاٽو شهر لاکين جو دڙو سکر شهر جي سائيٽ واري علائقي مان تازو دريافت ٿيو آهي. (1) شاهه لطيف يونيورسٽيءَ جي قديم آثارن جي ماهر غلام مصطفيٰ شر جي نگرانيءَ ۾ تازو هن شهر جي کوٽائي ڪئي وئي. هيءُ شهر 12 چورس ڪلوميٽرن جي ايراضيءَ تي مشتمل آهي. هن قديم ماڳ کي شاهه عبداللطيف يونيورسٽيءَ جي آرڪيالاجي شعبي 1988ع ۾ ڳولي لڌو ۽ ابتدائي طور تي کوٽائي جو ڪم شروع ڪيو. جنهن بعد 1994ع، 1998ع، 2000ع ۽ 2006ع ۾ کوٽايون ڪيون ويون. تازو جنوري 2009ع ۾ ٿيل کوٽائي مان وڏيڪ ثابتيون مليون آهن. ماهرن موجب هيءُ قديم ماڳ بلوچستان مان مليل ڳوناٽي ثقافت جي قديم ماڳ مهرڳڙهه جي زماني جو آهي. دنيا اندر ملندڙ سڀ کان قديم 3 شهرن ۾ هيءُ شهر به شامل آهي. جڏهن ته هن کان اڳ هن دوري جو هڪ شهر بلوچستان ۾ مهرڳڙهه ۽ فلسطين ۾ جريڪو شهر آهي. اهي ٻئي شهر به لاکين جي دڙي جا هم عصر آهن. هيءُ ماڳ 9 هزار سال آڳاٽو يعني 7هزار سال ق م جي دور جو آهي. پکيڙ جي لحاظ کان هيءُ دنيا جو وڏي ۾ وڏو قديم شهر آهي. هن وقت تائين دنيا اندر 12 چورس ڪلوميٽرن تي ٻڌل هن عمر جو ڪوبه قديم ماڳ هٿ نه آيو آهي. هيءَ قديم ماڳ 9 تهن تي ٻڌل آهي. هڪ ٻئي هيٺان 9 شهر دفن ٿيل آهن. هيءَ آبادي اتان جي رهواسين تباهه ٿيڻ بعد 9 ڀيرا وري ڀيهر اڏي اتي پنهنجي رهائش اختيار ڪئي. هن ماڳ جي هر تهه جي اوچائي ڏيڍ کان به ميٽر آهي. ماهرن موجب هيٺين تهه جي آبادي پٿر دور سان واسطو رکندڙ آهي. جڏهن ته وچيون تهه ڳوناٽي ثقافت سان واسطو رکندڙ يعني 9 هزار سال آڳاٽو آهي. مٿين تهه جا آثار مشهور شهري تمدن موهن جي دڙي جي دور جا آهن. لاکين جي دڙي جي قديم آثارن مان مور جي شڪلين وارا پينٽ ٿيل مٽڪا، ڊزائن ٿيل مٽيءَ جون سرون، مٽيءَ جون نهيل چوڙيون، ننڍا گول مٽڪا، رانديڪا ۽ ٻيون شيون مليون آهن. کوٽائي دوران ڪجهه هڏا به مليا آهن. جڏهن ته هتان

جي اهم دريافت شيشي ٺاهڻ جي فيڪٽري آهي. هتان لڪتن جا به نمونا مليا آهن. اهي لڪتون تصويري رسم الخط ۾ آهن.

حوالا ۽ سمجهاڻيون:

1. Daily Dawn, Karachi, 13 January 2009.
2. روزاني ڪاوش، حيدرآباد، 14 جنوري 2009ع

5. چانهون جو دڙو

چانهون جو دڙو نواب شاهه ضلعي جي شهر سڪرنڊ جي ڳوٺ جمال ڪيرئي پرسان آهي. هيءُ شهر 1931ع ڌاري قديم آثارن جي ماهرن ڳولي لڌو. جنهن جي کوٽائي 1935-36ع ۾ هڪ آمريڪي ماهر ارنيسٽ مئڪي، ميوزم آف فائين آرٽس آمريڪا طرفان ڪرائي. جنهن بعد هن دڙي جي وڌيڪ ٻيو دفعو کوٽائي ڊاڪٽر اين جي مجمعدار ڪرائي. (1)

چانهون جو دڙو جا قديم آثار ٽن مختلف دڙن جي شڪل ۾ ورهايل آهن. جيڪي 50 فوٽ اوچا ۽ 29 ايڪڙن جي ايراضيءَ تي ڦهليل آهن. (2) ماهرن هنن دڙن جون ٻن مختلف هنڌن تي کوٽايون ڪرايون. هڪ هنڌ 17 فوٽ ۽ ٻئي هنڌ 26 فوٽ اونهي کوٽائي ڪرائي وئي. جنهن بعد پاڻي نڪرڻ لڳو. جنهن ڪري وڌيڪ کوٽائي جو ڪم روڪيو ويو. جڏهن ته پاڻيءَ واري سطح کان هيٺ به آباديءَ جا آثار ملن ٿا. جيڪي پاڻي جي سطح ايري اچڻ ڪري في الحال راز ۾ رهجي ويا. (3) کوٽائي ڪندڙ ماهرن کي هتي هڪ ٻئي هيٺان ٽيڻ آبادين جا آثار مليا آهن. جن مان هيٺين ٽن آبادين جو واسطو سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن سان آهي. جيڪا اڄ کان 5 هزار سال اڳ پنهنجي عروج تي هئي. جنهن جا هن کان اڳ نشان موهن جي دڙي ۽ هڙاپا مان ملي چڪا آهن. جڏهن ته مٿين آبادي گهڻي پوءِ جي آهي. جيئن ته چانهون جو دڙو سنڌو سڀيتا جي ٻين

شهرن وانگر ان وقت سنڌو درياهہ جي ايرندي شاخ کان ٽن ميلن جي مفاصلي تي هو. ان ڪري مختلف وقتن تي ٻوڏون اچڻ ڪري تباهہ ۽ برباد ٿيندو رهيو. (4) پر پوءِ بہ ان جا رهواسي هن شهر کي وري وري اڏيندا ۽ آباد ڪندا رهيا. اهو سلسلو 3000 ق - م کان 1500 ق - م تائين جاري رهيو. بعد ۾ جڏهن تمام وڏين ٻوڏن هن شهر کي مڪمل تباهہ ڪري ڇڏيو تہ ڪي صديون تہ هي عظيم شهر ماڻهن جي نظرن مان لهي ويو. بعد ۾ 1350 ق - م ڌاري جهڪر ڪلچر سان واسطو رکندڙن وري ٻيهر هن شهر کي آباد ڪيو. (5) جن درياهي سطح کان مٿيري جڳهہ ڏسي اتي پنهنجا ديرا ڄمايا. اين جي مجمدار مٿئين تهہ مان جهڪر ڪلچر جي ماڻهن جا هٿ جا ٺهيل باسڻ هٿ ڪيا آهن. جن جهڙا هن کان اڳ جهڪر جي قديم آثارن جي کوٽاين مان هٿ آيا آهن. جهڪر ڪلچر جي ماڻهن جون رهائشي جايون، سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن سان واسطو رکندڙ دور کان الڳ نوعيت جون آهن. سندن رهائشي گهر مستطيل قسم جا آهن، جن جا فرش ڪچا ۽ پٽيون پڻ آڏيون ابتيون آهن. (6) ان ڪري مٿئين تهہ جو هينين ٽن تهن سان ڪنهن بہ قسم جو واسطو نہ آهي.

چانهون جو دڙو جي هيءَ انساني آبادي ان وقت هتي اچي رهائش پذير ٿي، جنهن وقت اڄ کان 5 هزار سال اڳ سنڌو سڀيتا پنهنجي عروج تي هئي. جنهن جو اهم شهري مرڪز موهن جو دڙو هيو. چانهون جو شهر ان دور ۾ سنڌو ماٿر جي وسيع رياست جو هڪ اهم واپاري ۽ زرعي مرڪز هيو. هتان جي باشندن جا لڳ لاڳاپا سنڌو رياست جي مڙني اهم مرڪزن جهڙوڪ: لوٿل، ڪالي بنگن، هڙاپا ۽ ستڪاجن ڊر وغيره سان هيا.

چانهون جو دڙو جي شهري رٿابندي جو ساڳيو نمونو هن کان اڳ اسان کي موهن جو دڙو ۽ هڙاپا مان ملي چڪو آهي. انهن ٽنهي شهرن جي رٿابندي ملندڙ جلندڙ آهي. گهٽين جا نمونا، نالين جو سسٽم، کوهن جو نمونو ۽ گهرن ناهڻ جو طريقو بلڪل ساڳيو ئي معلوم ٿئي ٿو. جهڙو هن کان اڳ موهن جو دڙو ۽ هڙاپا مان مليو آهي. چانهون جي دڙي جون عمارتون 25 فوٽ ويڪري شاهراهہ تي آهن. ان مرڪزي شاهراهہ ۾ شهر جون ٻيون گهٽيون 30 ڊگريءَ جي سڌائي تي اچي پون ٿيون. گهٽين جي پاسن ۾ پڪسريون ناليون آهن، جيڪي نهايت صاف سٿريون ۽ سڌيون ٺهيل آهن.

(7) شهر جي هيٺين تهن مان مليل اڏاوتون ڪچين سرن جون آهن. جڏهن ته مٿين تهن جي اڏاوتي ڪم ۾ پڪل سرن جو استعمال ٿيل ڏسجي ٿو. هتان جيڪي کوهه مليا آهن، اهي 5X6 ڊايا ميٽر جا ٺهيل آهن ۽ اڏاوت ۾ چيٽي نما سرن جو استعمال ٿيل آهي. (8)

چانهون جو دڙو اڄ ڪان 5 هزار سال اڳ سنڌو ماٿر جو اهم واپاري ۽ صنعتي مرڪز هيو. هتي جا زيور ملڪان ملڪ مشهور هيا. جنهن بابت هڪ ماهر ڪي ايم سين پنهنجي ڪتاب "هندو ازم" ۾ لکي ٿو ته، "اڄ ڪان 5 هزار سال اڳ سنڌ جا ماڻهو پنهنجا زيور سون، چاندي ۽ ٽامي مان ٺاهيندا هئا ۽ زيورن ٺاهڻ جو سنڌ ۾ وڏي ۾ وڏو مرڪز چانهون جو دڙو هيو. جتي ڪيترائي آرٽسٽ ۽ سونارا رهندا هئا. ان وقت چانهون جو دڙو "زيورن جو شهر" سڏيو ويندو هيو." چو جو هتان کوٽائي ڪندڙ ماهرن کي سون، ٽامي، چانديءَ ۽ سپيءَ جون ٺهيل چوڙيون، هار، ٽائٽ، ٻهه رکيون، بازوبند، ڏند کوٽڻيون، ڪن کوٽڻيون، وارن جون ٽاچڻيون، سرمي وجهڻ جون سرايون ۽ ٻيون هار سينگار جون شيون هٿ آيون آهن.(9) کوٽائي ڪندڙ ماهرن کي چقمقي پٿڻ مان ٺهيل اوزار پڻ مليا آهن. جن ۾ ڪهاڙيون، رنبا، چيٽيون ۽ ڀالا وغيره شامل آهن. (10)

قديم آثارن جي ماهرن کي چانهون جي دڙي مان مٽڪن ٺاهڻ جي صنعت جو به پتو لڳو آهي. هن کان اڳ اهڙي صنعت جا آثار صرف سنڌو سڀيتا جي شهر لوٿل مان مليا آهن. ماهرن چانهون مان مٽڪن ٺاهڻ جو هڪ ڪارخانو ڳولي لڌو آهي، جنهن مان خبر پوي ٿي ته هيءُ شهر مٽڪن ٺاهڻ جي صنعت جو سنو مرڪز هيو. (11)

دڙي جي کوٽائي مان ڪٺ، ٽامي، سپي ۽ عاج مان ٺهيل سامان جون شيون به گهڻي تعداد ۾ مليون آهن. هتان ٽامي جا اوزار، غير مڪمل ڌاتو جا پگهاريل ٽڪرا پڻ لڌا ويا آهن. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته هتان جا ماڻهو ڌات جي استعمال کان ڀلي ڀت واقف هيا. (12) چانهون جي دڙي ۾ مٽيءَ جو ڪم به نهايت خوبصورت ٿيندو هئو. هتان جا ڪنيار چڪ تي عاليشان قسم جي نڪر جا ٿانون ٺاهيندا هئا. جن تي مختلف قسمن جون رنگين چٽساليون ڪندا هئا. ماهرن کوٽائي ڪندي مٽيءَ جا اهڙا ٽائٽ هٿ ڪيا آهن، جن تي هرڻن جون تصويرون ۽ ڪنول جا گل اُڪريل آهن. مٽيءَ جي ٺهيل ٿانون ۾ خاص ڪري گلدان ڏيان ڇڪائيندڙ آهن. جيڪي گهڻي تعداد ۾ مليا آهن، جن مٿان

بهترين قسم جي چٽسالي ٿيل آهي. (13) ان ڪان سواءِ ٺڪر جا ننڍا ننڍا ڪنگڻ، پڪل مٽيءَ جا ننڍا ننڍا مجسما، ٻارن جا رانديڪا، جن ۾ ٻيل گاڏيون، هڪ سڱا ڍڳا، ڌرتي ماتا جا بت ۽ مختلف قسم جا پکي شامل آهن، سي ججهي تعداد ۾ مليا آهن.

چانهون مان ماهرن کي مختلف قسم جون مهرون مليون آهن. جن تي تصويري رسم الخط ۾ ڪجهه لکيل آهي. هڪ مهر تي ٻه ماڻهو ڏيکاريل آهن، جن جي هٿن ۾ ڀالون ۽ تير ڪمان آهن ۽ پرسان جابلو ٻڪر بيٺل نظر اچي ٿو. ماهرن هتان مليل ان مهر کي وڏيڪ اهميت ڏني آهي، جنهن تي پپر جي وڻ جي تصوير اُڪريل آهي. ههڙي قسم جي مهر اڳ سنڌو ماٿر جي ٻئي ڪنهن به شهر جي کوٽائي مان نه ملي آهي، جنهن ڪري اها عجيب دريافت آهي. (14)

هتي جي ماڻهن جو خاص ڌنڌو واپار ۽ ان سان گڏ پوکي راهي پڻ هيو. پاڻيءَ جي سهنج ڪري هڪ ته پوکي راهي جام ٿئي پئي، ٻيو ته درياهه جي ويجهو هجڻ ڪري واپار کي سنئو اوج مليو ۽ هن شهر جو مال ٻيڙين رستي ٻين شهرن تائين پهچڻ لڳو. نه صرف واپاري طور هيءُ شهر سنڌو ماٿر جي ٻين شهرن سان ڳنڍيل هو، پر هتان ٻين ملڪن سان واپار پڻ هلندڙ هيو. هتان جا واپاري مال کڻي ايران ۽ ترڪستان طرف ويندا هئا ۽ اتان پنهنجي ضرورت جون شيون کڻي واپس موٽندا هئا. ماهرن چانهون جي شهر مان کوٽائي ڪندي، ايران جي وحشي لوڪن جون ننڍيل مخصوص قسم جون پتل جون سيخون لڌيون آهن. جيڪي ايران جي قديم دور جي شهر حصار ۽ سيالڪ مان مليون آهن. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته هتان جا واپاري انهن شهرن ڏانهن پنهنجو مال کڻي ويندا هئا ۽ بعد ۾ اتان جي لوڪن جو مال آڻي هتي نيڪال ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح ترڪستان جي قديم شهر انائو سان پڻ چانهون جي شهرين جو واپار هلندڙ هو. انائو شهر جي کوٽائي مان ماهرن مٽيءَ جي ننڍيل اهڙي گاڏي جو نمونو ڳولي لڌو آهي، جيڪا ان کان اڳ صرف چانهون جي دڙي مان ملي آهي. ان کان سواءِ ٻيون به اهڙيون ثابتيون مليون آهن، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته هتان جي ماڻهن جو ميسوپوٽيما (عراق)، ترڪستان ۽ ايران سان واپار هلندڙ هو. (15)

هن عظيم شهر جي تباهي تقريبن 1500 ق-م ڌاري ٿي. جڏهن سنڌو درياهه ۾ وڏيون ٻوڏون آيون. مسلسل ٻوڏن ڪري ماڻهو هن شهر کي ڇڏي وڃي ٻئي هنڌ پنهنجا

جهوپا جوڙيا. اهڙيءَ طرح هيءُ عظيم شهر زماني جي گردش سبب مٽيءَ جي دڙن هيٺان دٻجي تاريخ جو هڪ حصو بڻجي ويو.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. Sorly, H.T, "Sind Gazetteer" P-112
2. Pithawala, "Historical Geography of Sind" P-34
3. Pithawala, P-34
4. لئمبرڪ، ايچ. ٽي، "سنڌ مسلم فتح کان اڳ" ص- 84
5. لئبرڪ، ساڳيو، ص- 88
6. صديقي، "سنڌو ماٿر جي سڀيتا" ص- 53
7. صديقي، ص-52-53
8. Sorly, P-317
9. غلام علي الانا، "اُنا مينهن ملير"، ص- 92-101
10. Sorly, P-318
11. لئمبرڪ، ص-57
12. صديقي، ص-52-53
13. Sorly, P-317
14. Sorly, P-318
15. لئمبرڪ، ص-39-38

6. ٻاڙهو پڙو

ڳاڙهو ڀڙو، سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن جو هڪ اهم هنڌ آهي. اڄ کان ڪي 5 هزار سال اڳ ۾ هيءُ هڪ مشهور واپاري شهر هيو ۽ هتان مال نہ صرف سنڌو سڀيتا جي بين شهرن ڏانهن ويندو هو، پر هتان سامونڊي ٻيڙا مال سان ڀرجي، ميسوپوٽيما (عراق) ۽ مصر لاءِ روانا ٿيندا هئا. هي شهر ان واپاري رستي تي هيو، جنهن تان هڙاپا، موهن ۽ منديگڪ جا واپاري پنهنجو مال ڪٽي لوٿل، رنگپور ۽ سومنات سميت ڪڇ ۽ ڪانياواڙ جي بين شهرن ڏانهن ويندا هئا. (1) هيءُ شهر نہ صرف بحري پر بري لحاظ کان بہ واپار جي عروج تي هيو. بري لحاظ کان ان ڪري جو بلوچستان واري طرف کان ايندڙ وڻجارڪي واٽ، جيڪا منڇر ڍنڍ جي ڀرسان لنگهندي هئي، اها پڻ ڳاڙهي ڀڙي وٽان گذري لوٿل طرف ويندي هئي ۽ ٻيو بري رستو ڌرپ ڏيٽڙي، ڪوٽڏجي ۽ چانهون جي دڙي کان ٿيندو هتي پهچندو هو. بحري لحاظ کان هاڪڙو درياهہ ڳاڙهي ڀڙي کان ڪجهہ پنڌ تي وهندو هو. (2) جنهن جي رستي ڪالي بنگن، عالمگير پور، هڙاپا ۽ رحمان ڍڙهيءَ جا واپاري ٻيڙين ۾ سفر ڪري هتي پهچندا هئا ۽ پوءِ سمنڊ رستي ٻاهر ويندا هئا.

ڳاڙهي ڀڙي جا آثار، ٿرپارڪر ضلعي جي مٺي تعلقي ۾ آهن. جنهن جي کوٽائي پاڪستان جي قديم آثارن واري ماهر محمد شريف 1972ع ۾ ڪرائي. هن قديم شهر جا آثار 5-6 ايڪڙن جي وسيع ايراضيءَ تي پکڙيل آهن ۽ دڙي جي سمنڊ جي سطح کان اوچائي 25 فوٽ کن مٿي آهي. هيءُ ڀڙو ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. هڪ حصو ميدان ۾ اڀرتي نڪتل پيٽ تي آهي ۽ ٻيو حصو انهيءَ ميدان ۾ فرلانگ کن ڪپر کان اندر بيٺل آهي. هن ڀڙي ۾ هڪ ڪوٽ جا آثار مليا آهن، جنهن بابت ماهر چون ٿا تہ اهو پوءِ جي زماني سان واسطو رکي ٿو، پر ڪوٽ ۾ پکڙيل ٺيڪرات ان راءِ کي شڪ ۾ تبديل ڪري ٿو. ڇو جو ڪوٽ وٽان مليل ٿانون جا پرزا ۽ ٺڪريون سنڌو سڀيتا جي مليل باقيات سان تعلق رکن ٿيون. ڳاڙهي ڀڙي مان مليل ٺڪر جا ٿانون هوبهو انهن ٿانون سان مشابهت رکن ٿا، جيڪي اڳ اولهہ سنڌ جي شهري تمدن جي بستين مان ملي چڪا آهن. ان ڪري مليل ڪوٽ سنڌو سڀيتا جي وارثن جي محنت ۽ جدوجهد جو نتيجو آهي.

ڳاڙهي ِپڙي جو متاڇرو سجو ٺڪرن جي ڀور ۽ پڪل مٽيءَ جي دز سان ڳاڙهو لڳو پيو آهي. جنهن مان هتان جي رهواسين جي ٺڪر جي ٿانون ٺاهڻ ۽ پڪين سرن سان گهرن جوڙڻ جي مهارت ۽ ڪاريگري جو پختو ۽ چٽو ثبوت ملي ٿو. هن قديم آثار مان باقياتي ڪوجنا ڪندڙ ماهرن کي ٺنگر ٿانون جي گهٽائي، ٺڪر جا ڪنگڻ، چقمقي پهڻ جا ڏار وارا اوزار، ٽامي جي ڪاٽن جا ٽوٽا ٽوڙي ڳريل پر اڻ سوڌيل ڌاتو جا ننڍا ننڍا ڳنڍا پڻ هٿ آيا آهن. (3) ڳاڙهي ِپڙي جي آس پاس ۾ ڪو به اهڙو هنڌ نه مليو آهي، جتان چقمقي پهڻ هٿ ايندو هجي. ان ڪري چقمقي پهڻ ضرور روهڙيءَ مان ڪوٽڏجيءَ جا باشندا هتي آڻيندا هوندا. يا وري ڪالي بنگن، هڙاپا، سري ڪولا جا ايندڙ مسافر جيڪي روهڙي رستي هيڏانهن ايندا هوندا، انهن اهي چقمقي پهڻ يا اوزار هتي آندا هوندا. ڇو جو چقمقي پهڻ ملڻ جو ويجهي ۾ ويجهو هنڌ روهڙي وارا ٽڪر آهن.

ڳاڙهي ِپڙي جا رهواسي، جيڪي نه صرف ٺڪر جا عمدا ٿانون ٺاهيندا هئا ۽ پٿر جي اوزارن کي استعمال ۾ آڻيندا هئا، پر ان سان گڏ ڌاتو ڳاري انهن مان پڻ ڌات جا اوزار ٺاهيندا هئا. هو پنهنجي ٿانون تي موهن جي دڙي جي رهواسين وانگر چٽسالي ڪندا هئا ۽ عجيب قسم جي چٽن ۽ گلن سان انهن کي خوبصورتي بخشيندا هئا. هو لطيف فن سان خاص ذوق رکندا هئا. هو ٿانون تي وڻ ٽڻ نقش ڪندا هئا ۽ انهن ۾ وڌيڪ دلچسپي پئدا ڪرڻ لاءِ ٿانون کي رنگين پڻ ڪندا هئا. (4) ان ڳالهه جي تصديق ڳاڙهي ِپڙي تان مليل اهي چٽساليءَ وارا ٿانون ۽ ٺڪريون آهن، جن تي شڪليون ٺهيل آهن. سنڌن ٿانون جو رنگ گهاٽو خاڪي آهي ۽ اُڪريل وٽن ۾ خاص وڻ ڪجيءَ جو آهي. مٿئين قسم جا ٿانون ِپر واري اُپبيٽ تان به مليا آهن. هن ِپڙي مان مليل باقيات سنڌو ماٿر جي معاشرت ۽ تمدن تي خاصو مواد مهيا ڪري ڏئي ٿي.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. Mughal, M.R, "Present state of Research on the Indus valley Civilization" Karachi, 1973, P-3
2. Lambrick, H.T, "Sindh before Muslim Conquest" 1973, P-64

3. لئمبرڪ، ايچ. ٽي، "سنڌ هڪ عام جائزو" ص- 149
4. ساڳيو، ص- 149

7. نهٽو

نهٽو، سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن جي دور سان واسطو رکندڙ شهر هيو. جنهن جا آثار ضلعي ٿرپارڪر جي عمر ڪوٽ تعلقي ۾ هاڪڙي درياهه جي اپرندي ڪپ تي مليا آهن. (1) نهٽو ڏکڻ سنڌ جو ساموندي چيڙي وارو شهر هيو. چو جو ان دور ۾ سمنڊ جو ڪنارو نهٽي وٽ هيو ۽ سمنڊ جو پاڻي نهٽي شهر جي ڪپرن کي ڇهندو هو. پوءِ ڪافي عرصو گذرڻ بعد سمنڊ هيٺ لهي ويو ۽ اڄ نهٽي ڪان ڪوهن تي آهي. نهٽو ساموندي ڪناري وارو شهر ۽ درياهي پتڻ هجڻ ڪري سنڌو سڀيتا جي رياست لاءِ وڏي اهميت رکندڙ هيو. اتر سنڌ جا ٻيڙا ۽ جهاز سري ڪولا، هڙاپا، ڪالي بنگن ۽ ٻين شهرن مان هاڪڙي درياهه رستي هتي مال آڻيندا هئا، جيڪو وري ساموندي بندرگاهه رستي ٻاهرين ملڪن ڏانهن ويندو هو. نهٽو سمنڊ جي ڪاريءَ تي هجڻ ڪري جلدي ترقي ڪرڻ لڳو ۽ سنڌو ماتريءَ جي اهم شهرن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. ايچ ٽي لئمبرڪ هن شهر بابت چوي ٿو ته، " هن وسنديءَ جا ماڻهو هاڪڙي درياهه مان پنهنجون ٻيڙيون ڪاهي مٿين سنڌ ڏي ايندا هئا ۽ پنهنجي شهر مان هيٺ سمنڊ رستي ٻين ملڪن سان ٻه واپار ڪندا هئا. نهٽي جي بندرگاهه کان سنڌو ماتر جا ماڻهو ٻاهرين ملڪن ڏانهن سفر ڪري ويا."

نهٽي جو شهر سمنڊ جي مٿاڇري کان رڳو 15 فوٽ مٿي آهي. (2) نهٽي جا آثار ٻن دورن سان واسطو رکندڙ آهن ۽ اهي آثار ٻن دڙن تي ٻڌل آهن. هڪ اوڀارون دڙو ۽ ٻيو اولاهون. الهندي طرف وارو دڙو سنڌو سڀيتا جي دور جو آهي، جڏهن ته اپرندو ويجهڙ جي تاريخي دور جو آهي. (3)

نهٽي مان ڳاڙهي رنگ جا ٿانون مليا آهن. جن ۾ نڪر جا ٿانون، ڪنگڻ، سڪا، رانديڪا، بيل گاڏيون، مٽيءَ جا ڦيتا ۽ زيور شامل آهن. هتان هڪ مستطيل شڪل جي

مهر لڌي آهي. جنهن تي تصويري رسم الخط جون ٿي نشانيون اُڪريل آهن. (4) اهڙن ئي حرفن واري مهر موهن جي دڙي مان پڻ لڌي آهي.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. Baloch, N.A, "In Search of the Indus Culture Sites in Sind", Bulletin of Institute of Sindhology, Jamshoro, Vol: III, July 1973, P-16

2. لئمبرڪ، ايچ ٽي، "سنڌ هڪ عام جائزو" ص- 149

3. Baloch, N.A, P-16-17

4. Same P-18

8. ترڙي گجو

ترڙي گجو، "ڳوناٺي ثقافت" جي دور جو هڪ ڳوٺ آهي. جيڪو ٺٽي شهر کان ڍاڪو ڪن ميل اولهه طرف آهي. آثار قديم جي ماهر ايچ ٽي ڪزنس کي هتان نئين پٿر واري دور جي آباديءَ جا دلچسپ آثار مليا آهن. (1) هيءُ ڳوٺ ان ڀ واٽي تي آهي، جيڪو ستڪاجن در، بالاڪوٽ، عالماڻو کان ٽيندو، ترڙي گجو وٽان لنگهي نهٽي ۽ ڪڇ جي ٻين شهرن ڏانهن وڃي ٿو. هيءُ ڀ واٽو ڀ مڪيہ واپاري رستو هو. جنهن رستي اولهہ سنڌو ماٿر جي ملڪن سان ڪانياواڙ ۽ ڪڇ جو خشڪيءَ رستي واپار هلندو هو. (2)

هيءُ ڳوٺ ڀ ڪوٽڏجي، ڪوهتراس بني ۽ ڳاڙهي پڙي وانگر هڪ ڪوٽ جي اندر آهي. هن قلعي جون پٿيون ٻٽيون هئڻ ڪري ڪافي ٿلهيون آهن. قلعي جون ڪمانون بهتر قسم جون ٺهيل آهن ۽ قلعي جي چوڙائي 250 فوٽ آهي. (3)

هتان مليل اوزار ۽ ٽانون اهڙي ئي قسم جا آهن، جيڪي هن ڪان اڳ آمري ۽ ان جي هم اثر هنڌن تان مليا آهن.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. Pithawala, M.B, “Historical Geography of Sindh” Institute of Sindhology, Jamshoro, P-32

2. لئمبرڪ، ايچ ٽي، “سنڌ هڪ عام جائزو” ص- 144-145

3. Sorly, H.T, “Gazetteer of Sind” P-112

9. ڪوهتراش بٺي

ڪوهتراش بٺي جا قديم آثار ضلعي دادو ۾ کيرٿر جبل جي ڪڇ ۾ ڪرچات کان 10 ڪلوميٽر اتر اولهه طرف آهن. هن بستيءَ جي چوڪ چڪاس ۽ کوٽائي قديم آثارن جي ماهر اين جي مجمعدار ڪرائي. دڙي جي کوٽائي مان معلوم ٿيو آهي ته هيءُ قديم ماڳ سنڌو سڀيتا جي شروعاتي دور سان واسطو رکندڙ آهي ۽ هيءَ بستي سنڌ ۽ بلوچستان ۾ مليل “ڳوناٽي ثقافت” جي زماني جي آهي. (1)

ڪوهتراش بٺي، ان اهم “وٽجارڪي واٽ” تي آهي، جيڪا بلوچستان ۽ سنڌ کي ڳنڍي ٿي. قديم دؤر ۾ هن واٽ تان بلوچستان ۽ سنڌ جي شهرن ڏانهن ايندڙ ويندڙ قافلا لنگهندا هئا ۽ انهن قافلن جي منزل هن ئي بستي ۾ ٿيندي هئي. (2) چو جو هڪ ته اها ان واپاري رستي جي اهم ۽ خاص جڳهه هئي، جتان واپاري پنهنجو سيڌو سامان وٺي، اڳتي جي سفر لاءِ پوري تياري ڪندا هئا. ٻيو ته هي هنڌ ان لاءِ به اهم هيو جو هتي سامان جي مٽا سٽا ٿيندي هئي ۽ واپاري پنهنجو مال ٻئي ملڪي حصي ڏانهن ويندڙن جي حوالي ڪندا هئا. هيءَ وسندي ان جڳهه تي ان لاءِ به اهم هئي ته علائقي مان لنگهندڙ قافلن جي حفاظت ٿي سگهي ۽ واٽ جي سلامتي لاءِ هتي اهو انتظام ٿيل

هوندو. واپارين جي اچ وڃ ۾ رهڻ ڪري هن شهر چڱي ترقي ڪئي. خاص ڪري ڪير ٿر جي ڪڇ ۾ جيڪي ان دور جا ڳوٺ هئا، انهن لاءِ هي جڳهه مرڪز جو ڪم ڏيندي هئي ۽ هو پنهنجو سيڌو سامان هتان گهرائيندا هئا. هتي جي ماڻهن پنهنجي گذر سفر لاءِ مال ڌاريو ۽ ان ڪان سواءِ زراعت پڻ سندن خاص ڪرت ۾ شامل هئي. هتان جا رهواسي، ڪوهستان ۾ رهندڙ ماڻهن وانگر خانہ بدوش نہ هئا پر هو مالوند هئا، هاري هئا ۽ هنن بهترين گهر ناهي هڪ هنڌ رهائش اختيار ڪئي ۽ تمدني زندگي جو آغاز ڪيو. (3)

ڪوهتراش بني مان مجمدار کي بهترين قسم جون اڏاوتون مليون آهن. هڪ گهر مان مجمدار کي هڪ ڪنڊ ۾ بهتر قسم جو نهيل غسل خانو مليو آهي ۽ ان ئي گهر مان ٻن منزلن واري عمارت جا نِشان پڻ مليا آهن. اتان هڪ ڏاڪڻ جا آثار بہ مليا آهن. جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هتي بہ ماڙ جڳهون بہ ٺهنديون هونديون ۽ گهرن جا فرش پڪسراوان هوندا.(4) يعني ڪوهتراش جا رهواسي موهن جي دڙي جي رهواسين جيترائي سڌريل ۽ متمدن هيا ۽ حفظان صحت جي اصولن تحت روزانو شنان پاڻي ڪندا هئا ۽ گهر بہ عمدي قسم جا ڪنهن رٿا سان جوڙيا هئائون.

ڪوهتراش ۾ هڪ عمدو ڪوٽ بہ مليو آهي. ان ڪوٽ جي پرسان چڱي ايراضي ۾ گهر نهيل آهن. (5) ان مکيہ هنڌ کان ٿورو هيٺ ڪلئي ميدان ڏانهن جي نظر وجهجي ٿي تہ ان پاسي بہ وڏي تعداد ۾ رهائش جا نشان ملن ٿا. ڪوهتراش مان مليل ڪوٽ بابت چئي نہ ٿو سگهجي تہ ڪو اهو خطري وقت بچاءَ لاءِ نهيل هو. باقي جي ايئن ڪٿي مججي تہ ان ۾ واپارين ۽ وڏن ماڻهن جون جڳهون يا مال جا پاندا هجن تہ ٻي ڳالهہ آهي.

ڪوهتراش جا باشندا مالدار ماڻهو هئا. هو رڍون، ٻڪريون، ڳڏهہ، رڇ ۽ ٻيا جانور پاليندا هئا ۽ ڪاڌي ۾ انهن جو گوشت کائيندا هئا ۽ جانورن ڪان سواريءَ جو ڪم پڻ وٺندا هئا. هو ڌاتن جي استعمال مان پڻ واقف هئا ۽ هو ڪاپر مان پنهنجا اوزار ۽ ٿانون ناهيندا هئا.

ڳوناٽي ثقافت جي ٻين بستين وانگر هي ڳوٺ بہ ان جي بنياد وجهندڙن پاڻي جي سهوليت کي آڏو رکي ناهيو ۽ اتي وجي رهائش اختيار ڪيائون، جتي پاڻي جالارو

ملندو هو. هن بستيءَ جي پرسان چشمو مليو آهي، جتان نہ صرف پيئڻ جو پاڻي حاصل ڪيو ويندو هو، پر ان چشمي جي پاڻي تي ٻني ٻارو پڻ ڪيو ويندو هو. (6) چو جو گبر بندن جي وچ تي هن بستي جي پرسان اهڙي زمين موجود آهي، جتي ڪيتي ٻاڙي ڪري سگهجي. ٻيو تہ برسات جي مند ۾ پاڻي جيڪو جبلن تان لهندو هو. اهو گبر بندن رستي درياهن ۾ وڃڻ کان روڪي، ان تي هتان جا رهواسي فصل ڪندا هئا.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. Mughal M.R, Dr. "The Dawn of Civilization of Sindh", Sind Quarterly, 1980-1, PP-26-7

2. لئبرڪ، ايچ.ٽي، "سنڌ-هڪ عام جائزو" ص-94-95

3. Mujmadar, N.G, "Exploration in Sind", Indus Publication KARACHI, 1981, Ch: 7 and 89

4. Sorly, H.T "Sind Gazetteer" p-112

5. لئبرڪ-ساڳيو-ص ص-95-96

6. Mujmadar-Same.

10- پانڌي واهي

پانڌي واهي جا قديم آثار دادو ضلعي جي جوهي تعلقي ۾ نارا نئن ويجهو آهن. ڳوناٽي ثقافت جي وارثن جي هيءَ وسندي کير تر ڇپر جي هينان هڪ مٿانهين ماٿر تي آهي. هيءَ وسندي موهن جي دڙي جي شهر تمدن کان اڳ جو هڪ ننڍو ڳوٺ يا واهڻ آهي. کوٽائي دوران اتان ٻہ تهہ مليا آهن. هينيون تهہ، جيڪو ڳوناٽي ثقافت واري دور جو آهي، اتان آمريءَ جي دؤر وارا ٺانون مليا آهن. (1) جڏهن تہ مٿئين تهہ مان هڙاپا دور جا مخصوص ٺانو ڳاڙهي تر تي ڪاري چٽسالي وارا مليا آهن. قديم آثارن جي ماهر

فليم جي راءِ ۾ تہ اهو ضرورري ناهي تہ اهڙي چٽسالي واري ٿانو فقط هڙاپا دور سان واسطو رکندڙ هجن. جڏهن تہ هتان ملندڙ ڪن ٿانون جو واسطو ڏاڪٽي بلوچستان سان بہ آهي. (2) ٿانون کان سواءِ هتان افغانستان جي قديم آثار منديگڪ مان لڀندڙ قيمتي مڻيا، نيزا، چقمقي پٿر وارا اوزار پڻ مليا آهن. چٽن ۾ پپر جو پن، مڇين جا چلر ۽ ڍڳن جا چٽ عام آهن. ڍڳي جو نمونو بلوچستان جي ڪلي-ميهي ڪلچر سان واسطو رکندڙ آهي. جڏهن تہ مڇين جا چلر موهن جي دڙي سان واسطو رکندڙ آهن.(3)

هيءَ وسندي، انهن ماڻهن جي آهي، جيڪي مال ڌاريندا هئا ۽ پوکي راهي تي گذران ڪندا هئا. هو ننڍا مستطيل گهر ناهي، انهن ۾ رهندا هئا. گهرن جي پتين جي پيڙهہ پٿر جي رکندا هئا، باقي اڏاوت چيرولي يا گاري سان ڪندا هئا. ڪن هنڌن تي سَرن جي تيلين ۽ پيسن جي پترن جا بہ ڇپر ناهيندا هئا ۽ انهن مٿان ٿلهي گاري جو تهہ چاڙهي ڇڏيندا هئا. اهڙي قسم جون اڏاوتون گهٽ ئي ٿينديون هيون، پر گهڻو ڪري پٿر ۽ چيرولي سان مضبوط ڪيل اوساري جو ڪم جام هلندو هو. ڇو جو پانڌي واهي ڪير ٿر جي پاڙ وٽ هئي. جتي پٿر جو ججهوانداز ۽ ان کي سولائي سان حاصل ڪرڻ جا موقعا فراهم هيا. هتان جا باشندا پنهنجا اوزار چقمقي پهڻ جا ناهيندا هئا. چقمقي پهڻ حاصل ٿيڻ جو هنڌ پانڌي واهي جي تمام ويجهو مليو آهي. ان هنڌ جي پرسان اوزار ناهيندڙ ڪاريگرن جي پٿرائن گهرن جا نشان ۽ سندن اوزارن جي پور ۽ ٽڪرا وڏي انداز ۾ مليا آهن. پانڌي واهي جي ماڻهن پنهنجي هت رهائش پاڻي جي سهولت کي مدنظر رکي اختيار ڪئي ۽ اتي ئي وڃي پنهنجا جهوپا جوڙيا، جتي پاڻي آسانيءَ سان ملي سگهيو ٿي. پانڌي واهي ڳوٺ جي پرسان پاڻيءَ جو هڪ چشمو بہ مليو آهي. جتان اتان جا باشندا پاڻي حاصل ڪندا هوندا ۽ ان ئي چشمي جي پاڻي تي گذر سفر لاءِ بني بارو ڪندا هوندا. ان چشمي مان نڪتل هڪ ڪڙيي (واٽر) جا نشان مليا آهن. جيڪو ڪڙيو چشمي مان نڪري آبادي لائق زمين کي پوک ڪرڻ لاءِ پاڻي پهچائيندو هو. يون وگياني ماهر فيدن گهڻو اڳ ان چشمي جو جائزو وني ٻڌايو هو تہ چشمو اڳ جيترو جالارو هو، هاڻي ايترو نہ رهيو آهي.

پانڌي واهي وسنديءَ ۾ اسان کي ٻن قسمن جا گهر ملن ٿا. هن وسندي جا مرڪزي گهر جيڪي ننڍڙي ايراضيءَ ۾ پکڙيل آهن ۽ هڪ قدرتي مٿانهين دڙي تي

آهن. انهن گھرن مان اندازو لڳائي سگھجي ٿو تہ هيءُ گھر جيڪي مرڪز ۾ آهن، اهي ڳوٺ جي چڱي مڙس ۽ سندس عزيزن جا هوندا ۽ ان مرڪزي رهائشي ايراضيءَ جي چوڌاري پري پري تائين چوٿائي ڪن ميل ۾ اڪيلا گھر يا گھرن جا ميڙاڪا لڌا ويا آهن، جيڪي ٻئي قسم جي گھرن ۾ شامل آهن، جتان ڪافي انداز ۾ پڳل ٿانون، قيمتي چقمقي پٿر جا اوزار مليا آهن. اهي گھر وسنديءَ جي هارين نارين ۽ مالوندن جا هوندا. پانڌي واهي وسنديءَ جا رهواسي هاري ۽ مالدار هئا. پنهنجو گھڻو وقت مال چارڻ ۽ زراعت ڪرڻ تي صرف ڪندا هئا. (4)

هن وسندي جي ملڻ سان سنڌو ماٿر جي قديم ڳوٺاڻي ثقافت تي وڌيڪ روشني پوي ٿي. ٻيو تہ هيءُ هنڌ ان ڪري بہ اهم آهي جو هي ميسوپوٽيما (عراق) سان ٿيندڙ واپاري رستي تي هيو ۽ واپاري قافلا هي وسندي لتاڙي مولا لڪ ذريعي ميسوپوٽيما ويندا هئا.

حوالا ۽ سمجھاڻيون

1. Flame, Louis, "The Paleography & Prehistoric Settlement Pattern in Sind" (CA 4000-2000 B.C), A dissertation in South Asia Regional Studies, Pennsylvania, 1818, P-271
2. Majumdar, N.C, "Exploration in Sindh" P-94
3. See Majumdar & Flame
4. لئمبرڪ، "سنڌ هڪ عام جائزو" ص- 98-99
5. Panhwar, M.H, "Chronological Dictionary of Sind"

11. علي مراد

علي مراد جا قديم آثار دادو شهر کان 20 ميلن جي فاصلي تي ڏکڻ طرف مليا آهن. قديم آثارن جي ماهر مجمدار 1928ع کان 1931ع تائين چوک چڪاس ڪري، هن

علائقي ۾ علي مراد سان گڏ لوهري ۽ غازي شاهه وٽ پڻ ڪُٽ واري زماني (Bronze Age) جي وسندين جا آثار ڳولي هٿ ڪيا. (1) هيءُ مڙئي وسنديون ان دور جي قديم "وڻجارڪي واٽ" تي آهن، جيڪا واٽ ڪوهستان منجهان ڏکڻ طرف هلندي منڇر ڍنڍ کان 70 کن ميل پرتي ان هنڌ تائين وجي ٿي، جتي نئن باران ميدان ۾ داخل ٿئي ٿي. مجمدار کي ان واٽ سان 12 کان 15 ميلن جي وٿي تي قديم لوڪن جون منزل گاهون مليون آهن. اهي مڙئي منزل گاهون پاڻيءَ جي چشمن ۽ نئين جي وهڪرن جي ويجهو مليون آهن. (2)

علي مراد جا قديم آثار، هڪ وارياسي ميدان ۾ دڙي جي صورت ۾ هٿ آيا آهن. جتان مجمدار کي ان دور جي ڪوهه جا آثار پڻ مليا آهن. دڙي جي کوٽائي بعد هڪ ڪوٽ مليو آهي، جنهن جي ڊيگهه ۽ ويڪر 250 وال آهي. ڪوٽ جي اوساري ۾ 2 فوٽ ڊگها ۽ هڪ فوٽ ويڪرا ۽ 5 فوٽ ٿلها پٿر ڪم آندا ويا آهن. ڪوٽ جو دروازو ڏکڻ طرف آهي. ڪوٽ جي اندر هڪ ڪوهه ۽ ڪجهه گهرن جا نشان مليا آهن. (3)

علي مراد وٽ مليل ڪوٽ بابت ايچ ٽي لئمبرڪ چوي ٿو ته علي مراد وارن اهو ڪوٽ پنهنجي بچاءَ لاءِ ناهيو هوندو. ڇو جو علي مراد جي منهن ۾ قوسي لڪ وٽ بلوچستان ۽ سنڌ جي وچ ۾ هڪ مکيه واٽ آهي. (4) ان ڪري اها ڳالهه يقيني آهي ته اهو ڪوٽ اتي جي باشندن پنهنجي بچاءَ لاءِ ناهيو هجي ته جيئن قوسي لڪ کان ايندڙ حملي آورن کان بچاءُ ڪري سگهجي.

هتان مليل ٺيڪرات جي ڳاڙهي سطح تي ڪارن چٽن سان چٽسالي ٿيل آهي. هن دڙي مان ملندڙ باقيات هوبهو هڙاپا مان ملندڙ باقيات جهڙي آهي. جيئن پپر جي پنن جي نشانن وارا مٽيءَ جا ٿانون، پڪل مٽيءَ جا ٺهيل ڏاندن جا پتلا، پٿر جا چاقو، ڪُٽ يا ٽامي جي پينل پاسن واري ڪهاڙي ۽ عقيق جا مڻيا. (5) اهي سڀ مليل شيون هن بستيءَ جو هڙاپا ۽ موهن جي دڙي جي رهواسين سان گهاٽو تهذيبي واسطو ڏيکارين ٿيون. (6) ماهرن هن بستيءَ کي سنڌو ماٿر جي شهري تمدن جي هڪ اهم بستي قرار ڏنو آهي، جيڪا ڪُٽ واري دور جي هڪ وڏي آبادي هئي. (7)

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. Majumdar, N.G, “Exploration in Sind”, P-90-91

2. لئمبرڪ، ”سنڌ هڪ عام جائزو“ ص- 95

3. صديقي، ”سنڌو ماٿر جي سڀيتا“ ص- 54-55

4. لئمبرڪ، ساڳيو، ص-143

5. صديقي، ساڳيو، ص-54-55

6. Flame, Louis, 1881, P-274

7. Sorly, “Sind Gazetteer”, P-112

12. ڊرب ڏيٽڙي

سنڌ ۾ سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن جي دور جي هڪڙي وسندي ڊرب ڏيٽڙي ضلعي سکر ۾ آثار قديمه جي ماهرن کي ملي آهي. (1) هيءَ وسندي سکر شهر جي اتر اوڀر ڪنڊ تي گهاگهر-هاڪڙو درياهه جي ٿَل وهڪري جي ساڄي پاسي ڪپ تي ڳوٺ يارو لنڊ ۽ صاحب خان لنڊ جي وچ ۾ آهي. (2)

هيءُ ٿَل شهر زمين کان 100 فوٽ کن اتاهين جڳهه تي آهي ۽ ان جو متاڇرو اڌ چورس ميل کن ٿيندو. جيڪو سڄو نيڪراٽ سان ڍڪيل آهي. هيءُ وڏي ايراضي وارو شهر واريءَ هينان لڪي ويو آهي. هن وسندي جي ڏکڻ – اوڀر واري پٽ تان هڪ کوهه لڌو ويو آهي. جيڪو زمين جي متاڇري کان ڪي چار فوٽ هينتي زمين ۾ پوريل آهي. اهو کوهه گهيري ۾ پنج فوٽ کن آهي. پر پاسن جي هر قطار ۾ رکيو 9 سرون اٿس، جيڪي سڀ هڪ ئي ڪاچي ۽ قالب جون نه آهن. اهي سرون آڏيون گولائي ۾ لڳل آهن ۽ پاسي کان ڏسڻ تي ونگ جو ڏيک ڏين ٿيون. اوساري جو هيءُ نمونو موهن جي دڙي جي انيڪ کوهن جي اوساريءَ کان بنهه نيارو آهي. (3) هن وسنديءَ جي اتر اوڀر ڪنڊ ۾ چئن ميلن جي فاصلي تي سنڌو سڀيتا جو هڪ ٻيو ماڳ ونجهڙوٽ مليو آهي.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. لئمبرڪ، "سنڌ هڪ عام جائزو" ص-146
2. ساڳيو، ص- 170
3. ساڳيو، ص- 146-147

13. ٽيڙ

ٽيڙ، اتر سنڌ ۾ تعلقي روهڙي، ضلعي سکر جي پرسان هڪ سنڌو سڀيتا جو ماڳ آهي. هيءَ بستي ممڙي کان ڪي 3 ميل اوپر ۾ هڪ واهيءَ وٽ آهي، جيڪا ريٽي نديءَ ڏي وجي ٿي. ٽيڙ، سنڌو تهذيب جو تمام ننڍڙي پڪيڙ، اٽڪل هڪ ايڪڙ کن ايراضيءَ وارو ماڳ آهي. هن دڙي جو مٿاڇرو نيڪراٽ سان پريل آهي. جن ۾ چقمقي پهڻ جي ڌار وارا اوزار ۽ ٺڪر جا ٽنگر ٿانون به اچي وجن ٿا. ڪوٺائي ۾ هڪڙي جاءِ جي پت به نڪتي آهي، جيڪا پڪين سرن جي ٺهيل آهي. (لئمبرڪ، "سنڌ هڪ عام جائزو" ص-147)

14. لکمير جي ماڙي

لکمير، نئنگ جي پرسان تعلقي سيوهڻ ضلعي دادو ۾ آهي. جتان سنڌو سڀيتا جي دور جا قديم آثار مليا آهن. لکمير جي ماڙي جا قديم آثار پٽ کان اٽڪل 60 فوٽ اتانهان آهن. مٿاڇري تي وڏين گنل ڪاڏل اوسارين جا نشان مليا آهن. جن جي چوڌاري پٿرن جا ڍڳ سٿيا پيا آهن. (1) جڏهن ته ٽڪريءَ جي پاڙ ۾ هڪ بئي جي پاسي ۾ پهريدارن، خادمن جي ڪوٺين ۽ جاين جا آثار نظر اچن ٿا. هي ماڳ هڙاپا دور جي شهري

تمدن سان واسطو رکندڙ نظر اچي ٿو. هتان ليندڙ ٿانون ۾ ڳاڙهي تي ڪاري چٽساليءَ وارا ٿانو، چقمقي پهڻن وارا اوزار هٿ آيا آهن. (2)

هي وسندي بہ پاڻي جي سهولت جي لحاظ کان هڪ جالاري چشمي پرسان آهي. ان چشمي ۾ پاڻي جي حفاظت لاءِ چوڌاري ٻنا ڏنل آهن. (3)

حوالا ۽ سمجهاڻيون

(1) لئمبرڪ، ايچ. ٽي، "سنڌ- هڪ عام جائزو" ص-100-101

(2) Mujumdar, 1984, P-88

(3) لئمبرڪ- ساڳيو ص-100-101

15. ڪائي بني

ڪائي بني جا قديم آثار دادو ضلعي جي تعلقي سيوهڻ ۾ ڪائي ڳوٺ ويجهو، ڪائي ماڻري جي ڏکڻ اولهہ حصي ۾ آهن. هيءُ سنڌو سڀيتا جي دور جو هڪ وڏو ڳوٺ آهي. ڪائي جي پرسان پڻ هڪ وڏو پاڻي جو چشمو مليو آهي. جتان ڪائي وارا نہ صرف پيئڻ جو پاڻي پر ٻني ٻاري لاءِ پڻ پاڻي حاصل ڪندا هئا. ڇو جو ڪائي پرسان جيڪو چشمو مليو آهي، ان تي هڪ چڱي ڀلي ڳوٺ جي پورائي لاءِ فصل ڪري سگهجي ٿو.(1)

ڪائي بني جي وسنديءَ کان ڪجهہ وال پرتي اڀيءَ لاهيءَ وارن پاسن سان هڪڙي چپٽري مٿاڇ واري ٽڪري آهي. جنهن تي هڪ ڪوٽ اڏيل آهي. لئمبرڪ جي چوڻ موجب تہ ان زماني ۾ ڪائي جا رهاڪو مصيبت وقت ڪوٽ ۾ وڃي پناهہ وٺندا هئا. ڪائي بني قد ۾ گهٽي ننڍي آهي، پر پڪيڙ ۾ ميري ۽ لکمير جيتري آهي.

هتي پنگار واري دور جي نڪرات بہ عام جام نظر اچي ٿي. فليم ان بابت چيو آهي تہ ڪائي بني جو ڪنياڙڪو هنر آمري دور سان واسطو رکندڙ آهي. (2)

حوالا ۽ سمجهاڻيون

(1) ليمبرڪ، "سنڌ- هڪ عام جائزو " ص-100

(2) Flame, Louis "The Paleography & Prehistoric Settlement Pattern in Sind" 1881, P-292

16. لنڊي بني

لنڊي بني، دادو ضلعي جي تعلقي سيوهڻ ۾ نئنگ نئن جي ساڄي ڪپ تي (اوڀر طرف) بڊو رينج ويجهو، نئنگ ڳوٺ کان ڏکڻ اوڀر طرف 2 ڪلوميٽرن جي پنڌ تي آهي. هن تاريخ کان اڳ جي ماڳ جي اصلي بناوت گهٽي وڏيڪ چٽي آهي. اهو مخروطي دڙو، هڪ ٻئي مٿان ٽن پٿرائن پٽين يا ٿلهن سان وڪوڙيل آهي ۽ چوٽي تي ماڙي جا نشان اٿس. ان مان لڳي ٿو ته ان تي ڪو ڪوٽ نه پر ميسوپوٽيما جي اهرام جي صورت جهڙي ڪا عبادت گاهه هئي. هتي ساڄي پاسي جيڪو ٽڪر جو ويڪرو چپٽرو ٽڪر آهي، سو مکيه رهائشي ايراضي لڳي ٿو. چو ته اهو پهڻ، نڪرانن، پڳل ٿانون ۽ چقمقي پهڻ جي ڏڪيل ٽڪرن سان اصل ڪارو لڳو پيو آهي. سو ان هنڌ جي عام بيهڪ ۽ بناوت ڏنبي بنيءَ سان مشابهت رکي ٿي. مڪاني عقيدو آهي ته لنڊي بني جون پٽيون بچاءَ لاءِ ڪنيون ويون هيون. (لئمبرڪ- ص- 101)

17. ليمون جوڻيجو

ليمون جوڻيجي جا قديم آثار اتر سنڌ ۾ شڪارپور کان 40 ميل الهندي طرف آهن. (1) هي تاريخ کان اڳ جي دور جي رهواسين جو ڦٽل شهر سنڌو سيپتا جي شهري تمدن سان واسطو رکندڙ آهي. هن دڙي جي نشاندهي ۽ تصديق آثار قديمه جي ماهر اين جي مجمدار ڪئي آهي. (2) هن بستي مان موهن جي دڙي ۽ هڙاپا مان ملندڙ ٿانون ۽ اوزارن جهڙيون شيون مليون آهن.

حوالا ۽ سمجھاڻيون

(1) پيرومل، مهر چند آڏواڻي، "قديم سنڌ" ص-76

يا مولائي شيدائي، "تمدن سنڌ" ص-11-12

(2) Majumdar, N. G "Exploration in Sind", Archaeological Survey of India No: 48

18. غازي شاهه

غازي شاهه جا قديم آثار ضلعي دادو ۾ ٽنڊو رحيم خان کان ڏکڻ اوڀر 6 ڪلو ميٽرن تي پٽ رينج جي پيرانديءَ کان اتر اوڀر پير غازي شاهه کان 2 ڪلوميٽر اوڀر طرف آهن.

قديم آثارن جي ماهر مجمدار 1928ع کان 1931ع تائين جاچ پڙتال ڪري، جيڪي سنڌو سڀيتا جي ڪُٽ واري دور جا شهر ۽ ڳوٺ ڳولهي هٿ ڪيا، انهن مان غازي شاهه پڻ هڪ آهي. (1) هي سنڌو سڀيتا جي ڳوٺاڻي ثقافت ۽ شهري تمدن جو ڳنڍيل هنڌ آهي. جتان اسان کي رهائش جا 2 تهه مليا آهن. (2) هڪ شروعاتي تهه، جيڪو ڳوٺاڻي ثقافت وارن جو هيو ۽ ان بعد ٻيو مٿيون تهه شهري تمدن جي دور سان واسطو رکندڙ آهي.

هن آثار جي شروعاتي تهه مان اسان کي اوائلي انساني ڏنڌن، سنڌن ڪرت ۽ مشغولي جا نشان مليا آهن. هيٺين تهه مان اسان کي ڪي بہ تعميراتي جايون يا گهر نہ مليا آهن. پر صرف اتي رهندڙن جي استعمال جا اوزار ۽ ٿانوَ مليا آهن. (3) جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هتي جا پهريان آبادڪار سرن سان اڏاوتون ڪو نہ ڪندا هئا، پر ڪکن ۽ ڪانن جي لانڍين ۽ ڇپرن ۾ رهندا هئا.

جڏهن تہ آخري مٿئين تهه جا رهندڙ ڪاپر استعمال ڪندا هئا ۽ اڳين کان وڌيڪ متمدن زندگي گذاريندا هئا. دڙي جي کوٽائي مان ڏاند جا مجسما، جابلو ٻڪرن جون تصويرون، ڦٽين جا مختلف نمونا ۽ ٻئي هار سينگار جو سامان مليو آهي. هتان جا ماڻهو رڍون، ٻڪريون، رڇ ۽ ڳڏهه ڌاريندا هئا.

مجمدار کي هتان جيڪي ٿانو مليا آهن، تن تي ڳاڙهي مٿان ڪاري چٽسالي ٿيل آهي. ڪن ٿانون تي ڍڳي جي مورت آهي. اهڙيون ساڳيون ڍڳي جون مورتون نال

منجهان بہ مليون آهن. ان کان سواءِ مور جو استعمال بہ گهٽي ياڳي ٿيل آهي. پپر جي پن جو بہ جام تصويرون مليون آهن. (4)

حوالا ۽ سمجهاڻيون

(1) Majumdar, N.G, "Exploration in Sind" P-85

(2) لئمبرڪ، ايچ. ٽي، "سنڌ- هڪ عام جائزو" ص-142

(3) Sorely, H.T, "Gazetter of Sind" P-112

(4) Flame, Louis, "The Paleography & Prehistoric Settlement Pattern in Sind", P-281

19. نارو وارو دڙو

سنڌو سڀيتا جي وارثن جي هي بستي ضلعي خيرپور جي ٽنڊي مستي خان اسٽيشن جي اوڀر ۾ ٻن ميلن جي فاصلي تي آهي. هن بستيءَ کي 1935ع ۾ قديم آثارن جي هڪ ماهر پنڊت ماڌو سروپ ڳولهي لڌو. (1) جتي کيس ڪيترائي واري جا دڙا مليا. جن مان ڏکڻ اوڀر چيڙي وارو دڙو "نارو وارو دڙو" آهي. (2) جيڪو سنڌو سڀيتا جي ڳوناڻي ثقافت وارن رهواسين ۽ ان کان پوءِ شهري تمدن جي وارثن جو گڏيل هنڌ آهي. (3) هتان جي رهواسين جا ڪوٽڏجي جي باشندن سان گهرا لاڳاپا هيا، ڪوٽڏجي وارا قديم آثار هن بستي کان 7 ميل اتر اولهہ ۾ آهن.

نارو جي دڙي مان مليل برتن تمام سڌريل قسم جا نظر اچن ٿا. جن جي جوڙجڪ اعليٰ قسم جي ۽ انهن تي ٿيل چٽسالي، سندن فن جي پختگيءَ جو اعليٰ ثبوت آهي. (4) هن دڙي جي کوٽائي مان مليل شيون، ڪوٽڏجي ۽ موهن جي دڙي مان مليل شين سان ڪافي مشابهت رکن ٿيون. هتان ملندڙ زيورن ۾ هٿن جون منڊيون وغيره موهن جي دڙي مان مليل زيورن سان مشابهت رکن ٿيون. دڙي جي کوٽائي مان قديم آثارن جي ماهرن کي ٻارن جا رانديڪا، ڊڳي گاڏيون، چوڙيون ۽ ٻئي هار سينگار جي سامان سان گڏ بهترين قسم جي نڪر جا ٿانون مليا آهن. (5) ماهرن هن دڙي مان هڪ انساني هڏائون پڃرو بہ لڌو آهي.

نارو وارو دڙو، سنڌو سڀيتا جي ٻُوناٽي ثقافت ۽ شهري تمدن جي مليل جليل دورن جو هڪ بهترين سنگم آهي.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

(1) Pithawalla, "Historical Geography of Sind", P-166

(2) Exploration at Naru Waro Daro, Archaeological Deptt: of Pakistan, 1964- vol: 1

(3) Flame, Louis, "The Paleography & Prehistoric Settlement Pattern in Sind" — P — 941

(4) Pithawala, P-166

(5) Pithawala, P-167

20. ڏنپ بني

ڏنپ بني جا قديم آثار دادو ضلعي ۾ جهانگارا ڳوٺ کان 10 ڪلوميٽر ڏکڻ اولهه ۾ آهن. هتان قديم آثارن جي ماهر فليم ۽ مجمدار کي ٺماڙ جڳهه جا نشان هٿ آيا آهن. جنهن جي لاهيءَ کان پٿين جا نشان موجود آهن. جڏهن تہ ڏاکڻين طرف هڪ ڏاکڻ جا نشان مليا آهن. هن جي هيٺيان ڏکڻ، اوپر ۽ اتر کان پيڙهہ جي پٿين جا نشان مليا آهن. جنهن مان گهرن جي ڪمرن جي نشاندهي ٿئي ٿي. مجمدار بني جي کوٽائي دوران هڪ انساني ڍانچو ڳولي هٿ ڪيو. هتان ملندڙ ٿانون آمري ۽ هڙاپا جي دورن سان واسطو رکن ٿا. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هيءُ ماڳ ٻُوناٽي ثقافت سميت شهري تمدن واري دور سان بہ واسطو رکي ٿو.

21. ديهہ ماڙي صابري

ديهہ ماڙي صابري جا قديم آثار ضلعي نواب شاهہ ۾ ڳوٺ نواز ڏاهري پرسان آهن. هي ماڳ هڙاپا دور سان واسطو رکي ٿو. هتان ملندڙ شين ۾ ڪاري تي ڳاڙهي چٽ وارا ٿانو، ٺڪر جو ڍڳو، ٺنگر سامان جا ٺڪر شامل آهن.

22. ڏيسوئي

هيءُ ماڳ دادو ضلعي ۾ ٽاڻي بولا خان کان اٺ ڪلو ميٽر اتر اوڀر تي ڏيسوئي نئن ويجهو آهي. هي ماڳ ٽراڪڙو آهي. پٽر جي ڪپچي ۽ وٿون جا بجا پکڙيل آهن. هتان ملندڙ سامان ۾ ٽنگر ٿانو، نڪر ۽ ٽامي جا چوڙا، ڪٺ جو وٺ، ننڍڙا نڪر جي گاڏڙن جا ٽڪر، ٻہ سو گول ۽ ٻہ ڇهنبارا نڪر جا ڳوڙها بہ لڌا ويا آهن. اهڙا ڳوڙها ٽاڻي بولا خان جي ٻين ماڳن تان بہ لڌا ويا آهن. مجمدار ۽ فليم جي راءِ موجب هي ماڳ هڙاپا دور سان واسطو رکي ٿو.

23. الهہ ڏنو

قديم آثارن وارو هيءُ هنڌ ڪراچي کان 32 ڪلوميٽر اتر اوڀر طرف آهي. هن ماڳ تان ٽن دورن جا آثار مليا آهن. هي ماڳ سنڌو سڀيتا جي دور سان واسطو رکندڙ آهي.

ماهرن هن وستيءَ ۾ چٽسالي سان گڏ سادا ٿانون بہ لڌا آهن. الهڏني جي ڀتين ۾ پٿرن سان گڏ ڪچيون سرون بہ استعمال ٿيل آهن. کوٽائي مان سون ۽ چاندي بہ هٿ ڪئي وئي آهي.

24. عاملاٽو

عاملاٽي جا قديم آثار ڪراچيءَ کان اٽڪل 34 ڪلوميٽر اتر اولهہ طرف مول ۽ ملير نئن جي سنگم تي آهن. هي بستي 91 ميٽرن اندر ڦهليل آهي.اهڃاڻ ٽراڪڙا آهن، ماڳ سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن سان واسطو رکندڙ آهي.

25. عارب جو ٽاڪو

عارب جي ٽاڪي جا قديم آثار ضلعي دادو ۾ شاهه جو ڪوٽڙيو ڪان اٽڪل 5 ڪلوميٽر ڏکڻ طرف ناريئڙو جبلن جي پيرانديءَ ۾ آهن.
لئمبرڪ ڪي هن بستي مان ٺامي جون ڇيڙيون هٿ آيون آهن. اين جي مجمدار، هن بستيءَ کي سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن جي رهواسين جو وٽاڻ ٻڌائي ٿو.

26. شاهه جو ڪوٽڙو

هيءُ ماڳ دادو ضلعي ۾ ڪجور ڪان 7 ڪلوميٽر ڏکڻ اوڀر طرف باران نئن جي اوڀر ڪابي پاسي واقع آهي. هوٽياڙو جبل ڪان هڪ نڪرندڙ چشمو ماڳ جي پرمان لنگهي ٿو. هن قديم آثار جي مٿاڇري تي پٽ جا آثار نظر اچن ٿا. هتان ليندڙ ٺانون جو نمونو ڏکڻ بلوچستان جي قديم ماڳن ڪلي ۽ ميهي مان به لڌو ويو آهي. هتان مليل ٺانون تي ڪجي جو وڻ ۽ ٻڪرن جا چٽ به ٺانون تي چٽيل آهن. جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته هتان جا ماڻهو ٻڪريون ڏاريندا هئا ۽ ان دور ۾ سنڌ ۾ ڪجي پوکي ويندي هئي.

27.ٻانڌڻي

ٻانڌڻي جو قديم ماڳ دادو ضلعي ۾ ٻانڌڙي نئن ويجهو ٻانڌڻي ڳوٺ پرسان آهي. دڙو اتر ڪان اٽانهون ۽ ڏکڻ ڪان تراڪڙو آهي. مجمدار هن قديم ماڳ جي کوٽائي ڪرائي، جتان پٿر جون پٽيون مليون آهن. قديم آثار مان ملندڙ ٺانون، هن ماڳ جو آمري ثقافت (ڳوناٽي ثقافت) سان ڳانڍاپو ڏيکارين ٿا.
هن ماڳ تان ملندڙ باقيات ۾ به رنگا سنهڙي چادر وارا ٺانون ۽ چقمقي پٿر جا اوزار شامل آهن. ٺانون تي ڳاڙهي ۽ ناسي رنگن جا چٽ چٽيل آهن، جڏهن ته انهن جو تهه پيلو آهي.

28. چؤنرو

چؤنرو جا قديم آثار دادو ضلعي ۾ باندڙي نئن جي ڏکڻ طرف آهن. هي ماڳ مخروطي دڙي ۽ هڪ هيناهين وسندي تي ٻڌل آهي. هتان مجمدار کي کوٽائي دوران پٿيون مليون آهن. هي ماڳ ڳوناٺي ثقافت واري دور سان واسطو رکندڙ آهي. هتان ڳاڙهي ۽ ڦڪي رنگ جا ٿانون لڌا ويا آهن. جيڪي هن کان اڳ آمري مان مليل چڪا آهن. جن تي چاڪليٽي ڦڪي رنگ سان چٽسالي ٿيل آهي. ٿانون چڪ تي ٺاهي پچايا ويا آهن. هن آثار مان ليمبرڪ کي هڪ چقمقي پهڻ جو ڪپ هٿ آيو آهي، جيڪو 5 انچن کان وڌيڪ ڊگهو آهي.

29. ڍال

ڍال بني جا قديم آثار لڪي جبلن جي اولهه طرف ضلعي دادو ۾ آهن. هن قديم بستيءَ جو نشان هڪ ٽڪنڊي جي صورت ۾ موجود آهي. ٽڪنڊي جو ننڍي ۾ ننڍو حصو اتر واري پڇڙي آهي ۽ اتر واري پڇڙي تي ميدان هڪ مخروطي دڙي جي صورت اختيار ڪري ٿو. هن قديم آثار جو واسطو سنڌو ماٿر جي ڳوناٺي ثقافت سان گڏ شهري تمدن واري دور سان به آهي. هتان مجمدار کي جتي آمري دور جا سنها ٿانون مليا آهن، اتي ٽڪر جي چوٽيءَ تي ڪٺ جي دور جي عمارتن جا آثار نه نظر آيا آهن. هتان ملندڙ شين ۾ چٽسالي ٿيل ٿانون، نڪر جا چوڙا، اسٽينڊ تي ڊش ۽ ٽنگر ٿانون شامل آهن.

قديم آثارن جي ماهر مجمدار کي اوپر واري اڌ مان پٿين جي پيڙهه وارا پٿر نظر آيا. جڏهن ته فليم کي بنيءَ جي اولهه واري پاسي کان هڪ گولائين پترائين اڏاوت جا آثار مليا آهن.

30. ڏيجيءَ جي ٽڪري

هيءُ قديم آثارن وارو ماڳ خيرپور ضلعي جي ديھ چونئرو ۾ آهي. 1938ع ۾ هڪ ماهر وئٽس هيءُ ماڳ ڳولي هٿ ڪيو. جيڪو چن واري پٿر جي ٽڪريءَ تي آهي ۽ آس پاس واري ميداني علائقي کان اٽڪل 12 ميٽر مٿي آهي ۽ شڪل ۾ چوڪنڊو آهي.

وئٽس جي راءِ موجب هن وسنديءَ جا 4 کان 5 تھ آهن. مٿيون تھ سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن سان واسطو رکندڙ آهي. جڏهن تہ هيٺين تهن جو واسطو ڳوناٽي ثقافت واري دور سان آهي. هتان ڪجھ اهڙيون باقيات مليون آهن، جن جهڙيون هن کان اڳ ڪوٽڏيجي سميت راجستان واري قديم ماڳ ڪالي بنگن مان هٿ آيون آهن.

31. گورنڊي

گورنڊي وارو قديم ماڳ دادو ضلعي ۾ نئنگ کان 13 ڪلوميٽر اتر طرف آهي. هيءُ ننڍڙو دڙو اٽڪل اڍائي ميٽر اوچو آهي. قديم آثارن جي ماهر اين جي مجمدار هن ماڳ جي چوڪ چڪاس ڪندي ٻڌايو آهي تہ سمورو علائقو پٿر جي ڪپچين ۽ ٽانون سان ڀريل آهي. سندس پرسان هڪ پاڻيءَ جو چشمو آهي. جتان هتان جا رهواسي پيئڻ ۽ زراعت ڪرڻ لاءِ پاڻي استعمال ڪندا هئا. هتان ٺڪر جو ڍڳو، چوڙا، سپين جا چوڙا، عقيق جو مڻڪو ۽ ڪوپر جي منڊي وغيره مليا آهن. قديم آثارن جي ماهرن موجب هيءُ ماڳ شهري تمدن ۽ ڳوناٽي ثقافت وارن دورن سان واسطو رکندڙ آهي.

32. حسن علي

حسن عليءَ جا قديم آثار ڪراچي کان ساڍا پنجٽيھ ڪلوميٽر اتر اوڀر طرف، سپر هاءِ وي تي آهن. هيءُ ماڳ ميداني علائقي کان 3 ميٽر مٿانهين جڳھ تي آهي. هتان ڀتين جي پيڙهہ جا نشان مليا آهن. قديم آثارن جي ماهر فليم موجب هڪ بستي هڙاپا دور يعني شهري تمدن سان واسطو رکندڙ آهي.

33. جهڪڙ

هيءُ ماڳ منو ديرو لڳ لاڙڪاڻي کان 9 ڪلوميٽر اولهه طرف آهي. لاڙڪاڻي کان وارهه ويندي روڊ جي اترين طرف نظر اچي ٿو. تاريخ کان اڳ واري دور ۾ هيءَ وسندي سنڌو درياهه جي ڪاٻي ڪپ تي هئي. جهوڪر (جهڪر) جا قديم آثار ٻن حصن ۾ ورهايل آهن. دڙو ’اي‘ 17 فوٽ اوچو آهي ۽ دڙو ’بي‘ 63 فوٽ اوچو آهي. دڙو بي سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن واري دور کان پوءِ واري زماني سان واسطو رکي ٿو. جڏهن ته دڙي ’اي‘ جا هيٺيان تهه، موهن جي دڙي جي دور سان واسطو رکن ٿا. دڙي اي جا 3 تهه آهن. مٿيون تهه انڊو-ساساني دور سان واسطو رکي ٿو. جڏهن ته ان جا هيٺيان ٻه تهه سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن سان واسطو رکن ٿا. جڏهن ته ڊاڪٽر رفيق مغل چوي ٿو ته دڙي جي هيٺين تهن جو ٻه سنڌو تهذيب سان واسطو آهي.

34. جهانگارا

هيءُ ماڳ دادو ضلعي ۾ جوهي کان سيوهڻ واري رستي تي جهانگارا ڳوٺ کان اٽڪل 2 ميل پري ڏکڻ طرف موجود آهي. دڙا اٽڪل 17 فوٽ اوچا آهن. چوڪ چڪاس دوران دڙن تي چن جي پٿر واريون ڪپچيون، چقمقي پرد، خاڪي ٿانون جا پرزا ٺڙيل پکڙيل مليا آهن. نڪر سادا ۽ بنا چٽساليءَ جي آهن. هتان مليل ٿانون جا ڪجهه نمونا موهن جي دڙي واري اسٽوپا پرسان ٻه مليا آهن. هتان ٽامي جي هڪ چيٽي ۽ هڪ آر ٻه لڌي آهي. ان کان سواءِ انساني مٿي جو هڏو ۽ جانورن ۾ ٻڪرين جا هڏا وڏيک مليا آهن. هيءَ وسندي هڙاپا دور (شهري تمدن) جي آخري دور جي آهي.

35. ڪرچاٽ

ڪرچاٽ جو قديم ماڳ دادو ضلعي ۾ ڪيرٿر ۽ ڪيلرو جبلن جي وچ ۾ ڪرچاٽ ڳوٺ ويجهو آهي. هن دڙي جي آسپاس ۾ ٽي چشما وهن ٿا. هتي نهيل عمارتن جي بنياد ۾ هڪ پيلي رنگ جو وارياسو پٿر بہ استعمال ٿيل آهي. هتان ملندڙ باقيات ۾ ڪاري رنگ تي ڳاڙهي چٽسالي وارا ٿانون، ٺڪر جي ڪيڪن جا ٽڪرا، چقمقي اوزار شامل آهن. هتان مختلف قسمن جا مٽڪا بہ لڌا ويا آهن. جيڪي لاجورد، اسٽيٽائيٽ ۽ ٺڪر جا آهن. هتي جي ٿانون تي ٿيل چٽسالي ۽ رنگ نهايت سهڻا آهن. چٽن ۾ ڪجيءَ جا وڻ، جابلو ٻڪر، اڪين جهڙا نمونا، پکين جا مٿا شامل آهن. مجمدار موجب هيءَ وسندي سنڌو تهذيب جي شهري تمدن، جڏهن تہ فليم موجب ڳوناٽي ۽ شهري تمدن جي گڏيل آبادي آهي.

36. ڪجور

ڪجور جا قديم آثار بہ دادو ضلعي ۾ ڪرچاٽ کان 9 ڪلوميٽر پري ڏکڻ اوڀر طرف آهن. هتان قديم آثارن جي ماهرن کي پٿين جا نشان مليا آهن. جن جو بنياد ڪاري پٿر ۽ ڪڪرين تي ٻڌل آهي. هتان ملندڙ ٿانون ۾ سڌي ڳچي وارن باسڻن جا ٽڪر عام جام آهن. چٽسالي بہ رنگي آهي. ٿانون تي ڳاڙهسرو ناسي رنگ ۽ هلڪو ڦڪو ۽ ڪارو رنگ ٿيل آهي. هتان مجمدار کي ٺڪر جو هڪ ٻن ڪنڌن وارو مٽڪو، جيڪو اُڪر سان آهي، مليو آهي. هتان ملندڙ باقيات جو ڳوناٽي ثقافت سان واسطو آهي.

37. لڪيو (پير لاڪو)

دادو ضلعي جي ڳوٺ شاهہ حسن کان 9 ڪلوميٽر اتر ڏکڻ ۾ لڪيو جا قديم آثار مليا آهن. قديم آثارن واري ماهر مجمدار هن ماڳ جي کوٽائي ڪرائي. هن بہ ڪڏون ٻن ڪلوميٽرن تائين کوٽرايون. هن بستي مان ڳاڙهي تر تي ڪاري چٽسالي ٿيل ٺڪر جا ٿانو، ٺڪر جون نهيل ماتا ديويون، ڍڳي جون مورتيون، ٺڪر جا ڪنگڻ، موتي، رانديڪا، چقمقي پرد، اسٽيٽائيٽ موتي مليا آهن. مجمدار کي هن ماڳ تان اهڙا بہ

ٿانون مليا آهن، جيڪي بنا چٽسالي ٿيل سادا آهن. هتان مليل ماتا ديوي جهڙيون مورتيون، هن ڪان اڳ ڪلي ۾ ميهي مان بہ مليون آهن.

38. لوهري

هي ماڳ دادو ضلعي ۾ منڇر ڍنڍ ڀرسان آهن. هي دڙو آس پاس واري ميداني علائقي کان اٽڪل هڪ ميٽر مٿانهون آهي. مجمدار بہ ميٽر مٿاڇري کان هيٺ کوٽائي ڪرائي، پر پاڻي نڪرڻ سبب اها اڌ ۾ رهجي وئي. هتان ملندڙ ٿانون مان ٽن دورن جي نشاندهي ٿئي ٿي. هڪڙا ٿانون، آمري واري دور سان واسطو رکن ٿا، ٻيا گڏيل آمري-هڙاپا دور جا آهن ۽ ٽيان آخري هڙاپا دور سان واسطو رکن ٿا. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هي ماڳ ڳوناٺي ثقافت کان شهري تمدن جي آخري دور تائين آباد رهيو. مجمدار کي هتان مستطيل ۽ چورس ڪمرن جا نشان مليا آهن. ڪيترن اڏاوتن جي پيڙهہ ۾ وڏا وڏا پٿر استعمال ٿيل آهن. هڪڙي تهہ مان هڪ گهر چڱي حالت ۾ نظر آيو آهي، جيڪو ڇئن ڪمرن، ٻن ڪوٺين ۽ هڪ ورانڊي تي ٻڌل آهي.
هتان مليل باقيات ۾ پنج نڪر جا مٽڪا اُکر ٿيل، ٻن جانورن جون مورتيون، ٽامي جا زيور شامل آهن. هتان مليل ٿانون جو رنگ ڦڪو يا هلڪو ڳاڙهو آهي. نڪر جي ٿانون جو تر سنهڙو آهي. مٿن چٽسالي لاءِ ڳاڙهو، ناسي ۽ چاڪليٽي رنگ استعمال ٿيل آهي.

39. ليلان جي ماڙي

ليلان جي ماڙي جا قديم آثار ڳوناٺي ثقافت سميت شهري تمدن واري دور سان واسطو رکندڙ آهن. هي آثار مولا ۽ ڦوسي لڪن جي وچ ۾ ڪينجي نئن تي کير ٿر جي ٻاهرين قطار تي واقع آهن. هتان جي رهواسين هي بستيءَ هڪ چشمي جي ويجهو آباد ڪئي هئي.

40. لوهم جو دڙو

لوهم جو دڙو پيارو ڳوٺ اسٽيشن کان 35 ميٽر اتر طرف دادو ضلعي ۾ آهي. هي دڙو هڪ پراڻي درياهي وهڪري تي آهي. مجمدار کوٽائيءَ دوران هتان موهن جي دڙي يعني شهري تمدن ۽ ان کان پوءِ واري دور جيڪو جهڪر دور ڪوئنجي ٿو، ان جا آثار ڳولي لڌا آهن. هتان ملندڙ ٺانون تي هلڪو ڳاڙهو رنگ ٿيل آهن، جنهن مٿان ڪاري چٽسالي ٿيل آهي. چٽسالي وارن نمونن ۾ جاميٽري جا نمونا، اڏندڙ پکي، ٻوٽا، پپر جا وڻ، ڦٽي جهڙيون شاخون شامل آهن. هي ٺانون دڙي جي هيٺين تهه مان لڌا ويا آهن. جڏهن تہ مٿئين تهه مان مليل ٺانون جهڪر دور سان واسطو رکندڙ آهن. ٻنهي تهن مان ڏڳي جون مورتيون، نڪر جا چوڙا ۽ رانديڪا پڻ مليا آهن. مجمدار کي هتان مليل باقيات ۾ عقيق، اسٽيٽائيٽ جا مڻڪا ۽ موتي، ٽور جا وٽ، ٽامي جو چاقو، نيزو، پهڻن جي ڌار وارا اوزار ۽ موهن جي دڙي جون مهرون مليون آهن.

41. اورنگي

هي قديم ماڳ ڪراچي ۾ منگهو پير جي ستين ميل جي پٿر کان ڏيڍ ڪلوميٽر اولهہ طرف آهي. مجمدار کي چوڪ چڪاس دوران هتان جابجا ٺڪريون مليون آهن ۽ چقمقي پهڻ جي ڌار وارا اوزار بہ مليا آهن. هي ماڳ تاريخ کان اڳ جي دور سان واسطو رکي ٿو. جتي کوٽائي نہ ٿي سگهي آهي.

42. عثمان جي بني

هي قديم ماڳ عارب جو ڳوٺ کان 1 ڪلوميٽر ڏکڻ طرف باران نئن جي اوپر واري ڪپ تي واهي ڳوٺ پرسان آهي. ماڳ جي کوٽائي دوران هتان 2 فوٽ هيٺ ڪمرن جا آثار نظر آيا آهن. سٺ کان وڌيڪ وٽون هتان لڌيون ويون. هتان مليل ٺانون تي بن رنگن سان چٽ چٽيل آهي، جن جون ڳچيون گهٽي ياڱي سڌيون آهن. مجمدار

ڪي چوڪ چڪاس دوران پهڻن جا تيز اوزار مليا آهن. جڏهن تہ ڪوٽائي دوران ساموندي گجي پڻ هٿ آئي آهي.

43. پئي جو ڪوٽڙيو

پئي جو ڪوٽڙيو، راڄو ديرو ڪان 10 ڪلوميٽر ڏکڻ طرف آهي. هتان قديم آثارن جي ماهرن کي جيڪي ٿانون مليا آهن، تن جو واسطو آمري ۽ هڙاپا دور سان آهي. جنهن مان معلوم ٿيو آهي تہ هيءُ ماڳ ٻنهي دورن يعني ڳوناٽي ثقافت ۽ شهري تمدن ۾ آباد هيو.

44. پوڪراڻ

هن قديم ماڳ مان ملندڙ باقيات جو واسطو آمري جي وائلي تهن مان نڪرندڙ ٿانون سان آهي. هيءُ ڳوناٽي ثقافت سان واسطو رکندڙ بستي پوڪراڻ ٽڪرين جي چوٽيءَ تي پوڪراڻ برگهل جي ڏکڻ ۾ آهي. هتان قديم آثارن جي ماهرن کي پٿين جا آثار مليا آهن. جڏهن تہ هتان جو ڪنياڪو فن پڻ خاص قسم جو آهي.

45. ٽنڊو رحيم

هيءُ قديم ماڳ دادو ضلعي جي تعلقي جوهيءَ ۾ غازي شاهہ ڪان چار ميل اتر طرف آهي. هتان جا ٿانون ڦڪي مادي سان نهيل آهن. جن جي تري تي هلڪو ڳاڙهو يا ڦڪو رنگ آهي. جڏهن تہ چٽ ڪاري يا چاڪليٽي رنگ ۾ آهن.

46. تئونگ جي ٻني

هيءُ آثار دنبر جبل جي اتر اوڀر واري ڪنڊ تي گاج جبلن جي پيرانديءَ کان تئونگ ڳوٺ ويجهو آهن. لئمبرڪ کي هتان ڪوٽائي دوران آمري دور (ڳوناٽي ثقافت) ۽ هڙاپا دور (شهري تمدن) واري دور سان واسطو رکندڙ ٿانوَ مليا آهن.

47. احمد شاهه

هيءُ قديم ماڳ دادو ضلعي ۾ باران ماٿر جي ايرندي پاسي آريجو ڳوٺ کان ڏکڻ اوڀر ۾ آهي. هيءُ قديم ماڳ ڳوناٽي ثقافت واري دور جو آهي. قديم آثارن جي ماهرن هتان چقمقي پرد، ڪور ۽ ٺڪر جا ٿانوَ هٿ ڪيا آهن. اين جي مجمدار کي هتان ڪٺ جي دور جا نشان پڻ مليا آهن.

48. بچاٽي

هيءُ ماڳ دادو ضلعي ۾ باران نئن جي اولهه طرف بچاٽي ڳوٺ کان اتر اوڀر طرف آهي. هتان مليل ٿانوَ شهري تمدن واري دور سان واسطو رکندڙ آهن. هيءُ ماڳ پٿرن ۽ نيڪرات سان ڀريل آهي. هتي جون اڏاوتون پٿر ۽ گاري سان ٺهيل هونديون هيون.

49. بانڊڙي

دادو ضلعي ۾ مليل هيءُ ماڳ موجوده بانڊڙي ڳوٺ کان ٽي ڪلوميٽر اتر طرف آهي. جيڪو شهري تمدن واري دور سان تعلق رکندڙ آهي. جنهن جي ڀرسان هڪ چشمو وهي ٿو. هتي جون اڏاوتون پڻ پٿر جون آهن. مجمدار کي هتان هڪ عمارت جا آثار مليا آهن.

50. بيبيءَ جي پٽ

هيءُ ماڳ آمري ۽ هڙاپا دور سان واسطو رکندڙ آهي. هتان مليل باقيات ۾ ٺڪر جا ٿانون اهم آهن. هيءُ ماڳ باران نئن چئنل پرسان آهي.

51. چٽيءَ جو ڪنڌ

هيءُ قديم ماڳ نئن باران جي چور لڪ وٽ آهي. هتان ملندڙ باقيات مان معلوم ٿيو آهي تہ ماڳ ڳوناٽي ثقافت واري دور سان واسطو رکندڙ آهي. هتان جيڪي ٺڪر جا ٿانون مليا آهن، سي آمريءَ جي اوائلي تهن مان مليل ٿانون سان مشابهت رکندڙ آهن.

52. ڊلاٽي جو ڪوٽ

دادو ضلعي ۾ باران نئن جي ڪپ تي جهانگاريءَ کان اٽڪل 6 ڪلوميٽر اتر اوڀر طرف ڊلاٽي جو ڪوٽ واقع آهي. قديم آثارن جي ماهر اين جي مجمدار هن قديم ماڳ جي چوک چڪاس ڪرڻ کان پوءِ ٻڌايو آهي تہ هيءُ ماڳ ڳوناٽي ثقافت واري دور سان واسطو رکندڙ آهي. هتان مليل ٺڪر جا ٿانون ڳچيءَ کان سواءِ آهن. جيڪي آمري جي شروعاتي تهن سان واسطو رکندڙ آهن.

53. جيري جو ڪلات

هيءُ قديم ماڳ ضلعي دادو ۾ نئن گاج جي ڪابي ڪناري تي واقع آهي. هيءُ آثار هڪ پهاڙي اوچائي تي آهن. اها پهاڙي نئن گاج ڪئنال کان اٽڪل 10 ميٽر اوچي

آهي. هتان ڪافي اڏاوتن جا آثار مليا آهن. هن ماڳ مان مليل ٺانون آمريءَ سان واسطو رکندڙ آهن.

54. جڏيرن جو دڙو

قديم آثارن جو هيءُ ماڳ هن وقت سنڌ بلوچستان سرحد تي بلوچستان جي حدن اندر واقعي جهٽ پٽ ۽ ٽيمپل ديري ريلوي اسٽيشن تي آهي. جيڪب آباد ڪان سبي ويندڙ روڊ ڪان هيءُ ماڳ ڏيڍ ڪلوميٽر اولهہ طرف ڊنگارا نئن پرسان آهي. هيءُ ماڳ سنڌو سيپيتا جي مشهور شهري تمدن سان واسطو رکندڙ آهي. جڏيرن جو دڙو، ڇئن دڙن تي ٻڌل آهي. ماڳ تان ڪيترا تيز پڪل ساوا ٺانون، سانچا، ٺڪندا ڪيڪ مليا آهن. ان کان سواءِ ٺڪر جون چوڙيون، جانورن جون مورتيون، سپون، ننڍڙا رانديڪا پڻ مليا آهن. هتان ٻن منهن وارا چقمقي بليڊ پڻ مليا آهن.

55. ڪڇهو ٻني

پڪراڻ کان اڍائي ڪلوميٽر ڏکڻ طرف داڦڙو نئن ويجهو ڪڇهو ٻنيءَ جا قديم آثار مليا آهن. هتان اڏاوتن جا نشان مليا آهن. جن جي چوڌاري ٺڪر جا ٽڪرا پکڙيل آهن. هن ماڳ جي اجا صحيح نموني ڇنڊڇاڻ نہ ڪئي وئي آهي.

56. ڪنبر پٽ

هيءُ ماڳ سکر ضلعي جي ميرپور ماٿيلو تعلقي ۾ کهي ڪنيجي ۽ بازار لنڊ وچ ۾ هڪ پٽ تي واقع آهي. هيءُ آثار قديم هاڪڙو درياهہ جي هڪ ننڍي وهڪري پرسان پاٽيءَ جي سهنج ۾ مليا آهن. هتان مليل باقيات ۾ چقمقي پرد، ڪاپر جا ٽڪر، پٿر جا مٽيا شامل آهن. ڪنبر پٽ جا قديم آثار شهري تمدن واري دؤر سان واسطو رکندڙ آهن.

57. ڪانڌي واهي بٺي

ڳوناٽي ثقافت سان واسطو رکندڙ هي ماڳ دادو ضلعي ۾ نئنگ ماٽري ۾ آهي. هي وسندي قدرتي طور اتانهين دڙي تي آهي. سڄي ايراضي پڪل مٽيءَ جي ڏڏڙ ۽ ٺڪرين جي پور سان ڳاڙهي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هن ماڳ جا رهائشي آثار چوٿائي ميل ۾ پکڙيل آهن.

58. ڪرهيو ڀير پانڌاري

هي ماڳ بدين ضلعي ۾ بدين شهر کان ڏکڻ اولهه ۾ 12 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آهي. هي ماڳ سنڌو سيپتا جي مشهور شهري تمدن سان واسطو رکندڙ آهي.

59. ڪرنڊ جي پٽ

هيءُ قديم ماڳ نواب شاهه ضلعي ۾ نواب شاهه جي ديهه نمبر 3 جمڙائو ريگستان جي ڪناري تي آهي. ماڳ شهري تمدن سان واسطو رکندڙ آهي.

60. ڪوسو دڙو

هي ماڳ سکر ضلعي جي ميرپور ماٿيلي تعلقي ۾ پير پاڪڙو کان اڍائي ڪلوميٽر اولهه طرف کهي ڪينجهيءَ جي ڏکڻ اوڀر ۾ آهي. هي ماڳ موهن جي دڙي جو هم عصر آهي.

61. ڪونج سر

ماڳ ضلعي بدين ۾ شهر بدين کان اٽڪل 4 ڪلوميٽر ڏکڻ طرف آهي. هي قديم آثار موهن جي دڙي واري شهري تمدن سان واسطو رکندڙ آهن.

62. لنڊي نوڙهي

ضلعي سکر جي ميرپور ماٿيلي تعلقي ۾ بازار لنڊ ۽ کهي ڪينجهيءَ جي وچ ۾ لنڊي نوڙهي جا قديم آثار مليا آهن. هي آثار شهري تمدن سان واسطو رکندڙ آهن.

63. لال چتو

هي ماڳ ضلعي دادو ۾ منڇر ڍنڍ جي پسگردائي ۾ ترهٽي کان هڪ ميل جي مفاصلي تي پير لال چتي جي نالي سان منسوب آهي. هيءُ ماڳ سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن جي آخري دؤر سان واسطو رکندڙ آهي.

64. ممڙو

ممڙو جا قديم آثار سکر ضلعي ۾ روهڙي کان ٽي ميل اوپر ۾ آهن. جتان گهرن جي اڏاوت، چقمقي پهڻ، نڪر جا ٺڪر ٺانون مليا آهن. هتان مليل گهرن جي پيڙهه پڪين سرن جي آهي. رهائشي آبادي مان هڪ کوهه به مليو آهي. گهرن مان نڪر جا ٺانون، ٻارن جا نڪر جا رانديڪا، تور ڪرڻ جا پٿر جا وٽ مليا آهن. هي ماڳ سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن سان واسطو رکندڙ آهي.

65. مرکان

هي ماڳ بدين شهر کان 15 ڪن ڪلوميٽر ڏکڻ اوڀر طرف آهي. هتان مليل باقيات مان معلوم ٿئي ٿو تہ هي قديم ماڳ شهري تمدن سان واسطو رکندڙ آهي.

66. مشاق

هي قديم ماڳ دادو ضلعي ۾ شاهہ حسن کان اٽڪل ڏيڍ ڪلوميٽر ڏکڻ اوڀر ۾ منڇر ڍنڍ جي اولهہ واري ڪناري تي آهي. مجمدار کي هتان ٺڪر ٽانون، ٺڪر جا چوڙا، چقمقي پهڻ جا ڌار وارا اوزار، عقيق جا مڻڪا مليا آهن. هيءُ ماڳ سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن واري دؤر سان واسطو رکندڙ آهي.

67. نزگاٽي جو ڪنڊ

هي ماڳ دادو ضلعي ۾ نئن گاج جي ڪاڇي پاسي، روهيل جي ڪنڊ کان اٽڪل ڏيڍ ڪلوميٽر اولهہ طرف آهي. هتان مليل باقيات آمري دؤر يا ڳوناٽي ثقافت سان واسطو رکندڙ آهي.

68. نڪا

نڪا جو قديم ماڳ دادو ضلعي ۾ گمرڪ ٽڪر ويجهو آهي. هي ماڳ ڊاڪٽر لوئس فليم 1976ع ۾ ڳولي لڌو. هتي جي اڏاوتن ۾ پٿر استعمال ٿيل آهي. هتان ملندڙ ٺڪر جا ٿانون موهن جي دڙي مان ملندڙ ٿانون جهڙا آهن.

69. ڦنگ

هي قديم ماڳ دادو ضلعي ۾ ڪوهتراش ڪان ٽي سو ميٽر اتر اولهه طرف واقع آهي. هي ماڳ ڪوٺاٽي ثقافت واري دؤر سان واسطو رکندڙ آهي.

70. راڄو ديرو

هيءُ قديم ماڳ دادو ضلعي ۾ موجوده راڄو ديرو ڳوٺ جي ڏاکڻين طرف نئن گاج جي چورلڪ ڪان اٽڪل 14 ڪلوميٽر اتر اوڀر طرف آهي. هي ماڳ ٻن دڙن ۾ ورهايل آهي. اوچي ۽ وڏي دڙي مان ڪوٺاٽي ثقافت سان واسطو رکندڙ باقيات ملي آهي. جڏهن ته ننڍي دڙي مان هڙاپا دور (شهري تمدن) سان واسطو رکندڙ وٿون مليون آهن.

71. روهيل جو ڪنڊ

هي ماڳ دادو ضلعي ۾ نئن گاج جي اندر ساڍا 8 ڪلوميٽر واقع آهي ۽ سنڌو سيتا جي ڪوٺاٽي ثقافت سان واسطو رکندڙ آهي. هتان قديم آثارن جي ماهرن کي جيڪي ٺانون ۽ ٻيون شيون مليون آهن، سي هن ڪان اڳ نال ۽ آمري مان ملي چڪيون آهن.

72. سنياسي بني

هيءُ ماڳ دادو ضلعي ۾ ڪائي ماٿري جي الهندي لنگهه ويجهو آهي. ماڳ جي پرسان پاڻي جو چشمو آهي. لئمبرڪ موجب ماڳ سنڌو سيتا جي شهري تمدن سان واسطو رکندڙ آهي، جيڪو هڪ اوچي ٽڪريءَ تي اڏيل آهي.

73. نارو ٽڪري

هيءُ قديم ماڳ ڪراچي- ٺٽي روڊ تي گجو جي ڳوٺ کان 2 ڪلوميٽر ڏکڻ اولهه ۽ شيخ ترابي جي قبر کان ڏکڻ اوڀر طرف ٺٽي ضلعي ۾ آهي. هي ماڳ ڳوناٽي ثقافت سان واسطو رکندڙ آهي.

74. نيڙهي بهادر شاهه

هي قديم آثار جهٽ پٽ ريلوي اسٽيشن کان ڏيڍ ڪلوميٽر اوڀر طرف آهي. ماڳ جي مٿاڇري تان ڪچين سرن جي اڏاوت جا نشان مليا آهن. ماڳ سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن سان واسطو رکندڙ آهي.

75. مهرڳڙهه (بلوچستان)

مهرڳڙهه جا قديم آثار بلوچستان جي بولان لڪ وٽ مليا آهن. فرانسيسي آرڪيالاجيڪل مشن جي ڊائريڪٽر ڙان زيري تازو انهن قديم آثارن کي ڳولهي لڌو آهي، جيڪي نئين پٿر دؤر سان واسطو رکن ٿا. انهن آثارن جي عمر 6 هزار ق — م مقرر ڪئي وئي آهي. ماهرن مهرڳڙهه کي ايشيا جي پهرين زرعي وسندي ڪوٺيو آهي. هتي جي رهاڪن سڀ کان پهريان هڪ زرعي سماج جو بنياد وڌو ۽ ٻنيون کيڙي فصل اپائڻ جي شروعات ڪئي.

قديم آثارن جو ماهر ڙان زيري هن قديم وسندي تي روشني وجهندي چوي ٿو ته هتان جا ماڻهو 6 هزار ق — م کان اڳ نئين پٿر دور ۾ فني، جمالياتي ۽ تخليقي ذهنيت سان مالامال هئا ۽ هو اڏاوتي مهارت رکندا هئا. هنن جي رهڻي ڪهڻي، آرٽ، ٿانون جي ڊيزائن، دفنائڻ جا طريقا ۽ زرعي سرشتو گهڻو ترقي ڪيل هو. (1) هن دؤر ۾ اجان ماڻهن ڌات ڳولهي ڪانه لڌي هئي. ان ڪري اوزار طور پٿر استعمال ڪندا هئا. هو زمين کيڙڻ لاءِ پٿر جا هر، فصل جي ڪٽائي لاءِ پٿر جا ڏاٽا، ان پيهڻ لاءِ پٿر جون چڪيون استعمال ڪندا هئا. هو اوزارن ناهڻ لاءِ چقمقي پهڻ جي ڌار وارا اوزار استعمال ڪندا هئا. (2)

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. ذان زيري جي رپورٽ، روزانه هلال پاڪستان، ڪراچي، 5 ڊسمبر 1983ع
2. پنهور، ايم ايچ، "سنڌ جي تاريخ.... تحقيق ۽ اشاعت" تماهي مهراڻ، حيدرآباد، 1984، شمارو 2، ص- 163-169

76. ڪڙي گل محمد

ڪڙي گل محمد جا قديم آثار ڪوئيٽا شهر کان 3 ميلن جي فاصلي تي آهن. نيچرل هسٽري ميوزم آف آمريڪا جي هڪ ماهر والٽر سروس 1950-51ع ۾ صوبي بلوچستان جي ڪوئيٽا ماٿر ۾ قديم آثارن جي چوک چڪاس ڪندي، هيءُ هنڌ ڳولي لڌو. (1) هن کي اتي پوئين پٿر واري زماني جي شروعاتي دور جا تهه مليا آهن. انهيءَ دور جي ماڻهن کي مٽيءَ جا ٿانون ناهڻ بہ ڪونہ ايندا هئا. (2) هتان کٽ جي دور کان اڳ نهيل پٿر جا اوزار لڌا آهن. هتان جا رهاڪو ڪچيءَ مٽيءَ جي گهرن ۾ رهندا هئا. رڍون پاليندا هئا ۽ کيتيءَ کان پڻ واقف هئا. جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هو انهن جو گوشت پڻ کائيندا هئا. هيءَ بستي مشهور "شهري تمدن" کان تمام گهٽي اڳ جي "ڳوناٺي ثقافت" جي دور جي ڳوناٺي آبادي هئي. جنهن جي عمر ماهرن 4200 ق-م مقرر ڪئي آهي. (3)

ڪڙي گل محمد جي قديم آثارن مان ماهرن کي هڪ دڙي جي 40 فوٽ گهرائيءَ کان پوءِ اهڙن قديم ماڻهن جا آثار مليا آهن، جيڪي برتنن جي استعمال کان پڻ اڻ واقف هئا. انهن جا اوزار صرف پٿر جا چاقو، هڏن جون سيون ۽ نيزا ئي آهن. هو پنهنجا گهر اُس ۾ سڪايل ڪچين سرن جا ناهيندا هئا، هو مالوند هجڻ سان گڏ فن ڪاشتڪاريءَ کان بہ واقف هئا. (4) هتان جا برتن تمام ٿلها ۽ بدشڪل آهن. اهي سندن برتن ناهڻ جون شروعاتي ڪوششون پيون نظر اچن. آهستي آهستي هنن ان فن ۾ ترقي ڪئي ۽ اهڙي طرح بن قسمن جا ٿانون رائج ٿي ويا. دڙي جي مٿانهين تهہ مان اهڙا ٿانون مليا آهن،

جن جي بناوت ۾ رنگين نقش نگاري اڄ جي ٿانون سان مقابلو ڪندڙ آهي. انهن ۾ پهريون قسم اهڙن برتنن جو آهي، جيڪي ذوب جا برتن ڪوٺجن ٿا. ڇو جو ذوب ۾ لورالائي جي وادين ۾ زيادهہ استعمال هيٺ هئا. انهن ٿانون جو تهہ گهاٽي ڳاڙهي رنگ جو آهي، جنهن تي ڪاري رنگ جي چٽسالي ٿيل آهي.

مٿئين تهہ مان مليل ٿانون تي خاص ڪري هرڻ ۽ ڪونهڻ نما پنين وارن ڍڳن جون تصويرون ٺهيل آهن. ٻئي قسم جا اهي برتن آهن، جيڪي سڀ کان پهريان ڪوئيٽا جي علائقي ۾ لڌا ويا. ڪوئيٽا جي برتنن جو تهہ ڳاڙهي بجاءِ هلڪو پورو آهي ۽ انهن تي جانورن جون تصويرون تمام گهٽ آهن.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. بخاري، محمود شاهہ "تاريخ بلوچستان" ڪوئيٽا 1983ع، ص-23

2. Fair Servis, " Preliminary report on the Pre Historic Archeology of Afghanistan, Baluchi Areas" American Museum of National History 1952

3. Panhwar, M.H, "Chronological Dictionary of Sind" Jamshoro.

4. لزلي ايل ڪاڪ، "قديم ترين بلوچستان" ماهہ نو ڪراچي، آڪٽوبر 1951ع، ص-4-43

77. دمب سادات

ڪوئيٽا کان 10 ميل پري قلات ڏانهن ويندڙ رستي تي سنڌو سڀيتا جي وارثن جي هڪ اهم بستي دمب سادات ملي آهي. جنهن جي 1942ع ۾ آثار قديمہ جي هڪ ماهر سٽوارٽ پگٽ کوٽائي ڪرائي. دمب سادات ۾ زمين جي اصل سطح تائين کوٽائي ڪرائي وئي. جتان آباديءَ جا 3 تهہ مليا آهن. آخري تهہ مان اعلىٰ قسم جي مٽيءَ جا برتن مليا آهن. مٿئين تهہ مان هڪ چبوترو مليو آهي. جنهن جي بنياد جي ڪنڌ ۾ پٿرن سان تعمير ٿيل هڪ تهہ خانو مليو آهي. جتان هڪ ديوي جي مورتي ملي آهي. مورتي هڪ

نندي پليٽ فارم تي نصب ٿيل آهي. جنهن متعلق چيو وڃي ٿو ته اها ذهوب ديوي جي مورتي آهي. (1)

هن دڙي جي کوٽائي مان معلوم ٿئي ٿو ته هتي جا ماڻهو گهر ناهي رهندا هئا. سندن گهر ننڍين ننڍين ڪمرن تي مشتمل هوندا هئا. جن جي اندروني ڊگهائي ۽ ويڪرائي عام طرح 10 ۽ 7 فوٽن جي ويجهو هوندي هئي. سندن گهرن جي پيڙهه ۾ پٿر استعمال ٿيل هوندو هو ۽ مٽي اوساري مٽيءَ جي سرن جي ٿيل هوندي هئي. ڪٿي ڪٿي پٿر به استعمال ٿيل هوندو هو. (2) سندن گهرن جي ڪونين ۾ عام طرح پٿرن جو فرش لڳل هوندو هو ۽ ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ چلهه پڻ نهيل هوندي هئي. شهر جي رٿابندي، سنڌو سڀيتا جي ٻين بستين وانگر اعليٰ قسم جي نه هئي، شهر جون گهٽيون سوڙهيون ۽ ڏنگيون ڦڏيون هونديون هيون. (3) گهرن ۾ اناج ڪني ڪرڻ لاءِ مٽيءَ جا برتن مليا آهن. ان ڪان سواءِ گهرن مان شراب ناهڻ جا برتن، پيالا ۽ گلاس مليا پڻ آهن. جيڪي ڏاڍي سني مٽيءَ جا ۽ اعليٰ نموني جي ڪاريگريءَ سان نهيل آهن. انهن برتنن کي سهڻن رنگن ۽ چٽن سان سينگاريو ويو آهي. اتان هڪ ڪير ماپڻ جو ٺانون پڻ مليو آهي. (4)

دمب سادات مان مليل مٽيءَ جا اهي برتن خاص ڌيان لهڻن، جن تي اکرن جون نشانيون مليون آهن. اهڙائي نشان ڪوئيٽا مان مليل ٺانون تي پڻ مليا آهن. هي نشان رومي، حرف هجا جي "وي" (V)، "ڊبليو" (W)، "اي" (A)، "ٽي" (T)۽ ٻين حرفن جهڙا آهن. اهي اکر ڪچن ٺانون تي ڪاٺي يا ڪنهن ٻي نوڪدار شيءَ سان لکيل آهن. جيڪي انهن ٺانون جي مالڪن جون خاص نشانيون معلوم ٿين ٿيون. (5)

دڙي جي کوٽائيءَ مان ٽامي ۽ ڪُٽ جا اوزار مليا آهن ۽ سندن ٻيا اوزار گهڻو ڪري هڏن، پٿرن، چقمقي پهڻن ۽ سليٽ جهڙي نرم پٿرن مان نهيل آهن. اتان سپن ۽ پٿرن جا سادا مڻيا مليا آهن. سادات جا ماڻهو اناج، اڄ ڪالهه جي ماڻهن وانگر پيهندا ڪو نه هئا، پر ان کي پٿر جي اُکرين ۾ ڪٽي استعمال ڪندا هئا. سندن گهرن مان رڍن ۽ ٻڪرين جون به ڪافي هڏيون مليون آهن. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته هو انهن جانورن جو گوشت ڪاڌي طور استعمال ڪندا هئا. سندن مکيه ڌنڌو هارپو هيو، ان ڪان سواءِ واپار ڪرڻ ۽ مال چارڻ به سندن ڪرت ۾ شامل هيو. (6)

دڙي جي ڪوٽائي مان مٽيءَ جا ٺهيل بت ۽ مورتيون ڪافي انداز ۾ مليون آهن، جيڪي ماتا ديويءَ جون مورتيون معلوم ٿين ٿيون. جن جي ڳچين ۾ مڻين جا هار پيل آهن ۽ انهن جا وار چيلهه تائين لڙڪندڙ آهن. ماتا ديوي جي مورتين کان سواءِ ڪونهه نما ڍڳن ۽ گهوڙن جا مجسما پڻ مليا آهن. ماهرن جي چئي مطابق هي گهوڙن جي قديم شڪل آهي، جيڪا نٽدي ڪنڌ ۾ اڄ تائين ڪانه ملي آهي. ان ڪري معلوم ٿئي ٿو ته دنيا ۾ پهريون دفعو گهوڙا دمب سادات وارن پاليا. (7)

شهر جي چوڌاري هڪ ڪوٽ جا آثار مليا آهن. جيڪو شايد اتان جي رهواسين شهر جي حفاظت لاءِ اڏيو هجي. (8) هتان ملندڙ باقيات، موهن جي دڙي جي رهواسين جي ملندڙ باقيات سان ڪافي حد تائين مشابهت رکي ٿي. اهڙيءَ طرح هيءَ بستي سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن جي وارثن جي هڪ اهم بستي آهي، جيڪا بلوچستان جي ڪوئيٽا ماٿر ۾ ملي آهي.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. بخاري، سيد محمود شاهه "تاريخ بلوچستان" ڪوئيٽا 1983ع، ص-22-23
2. لزلي ايل ڪاڪ، "قديم ترين بلوچستان" ماهه نو ڪراچي، آڪٽوبر، 1951ع، ص-46-44
3. رشيد ڀٽي، "پاڪستان جا پراڻا شهر"، ص-44-45
4. لزلي ايل ڪاڪ، ص-44-46
5. ساڳيو
6. رشيد ڀٽي، ص-44-45
7. لزلي ايل ڪاڪ، ساڳيو
8. رشيد ڀٽي، ساڳيو

ستڪاجن در جا قديم آثار مڪران جي سامونڊي علائقي ۾ درياهه دشت جي ڪناري تي مليا آهن. جيڪي ڪراچيءَ کان 300 ميل پري اولهه طرف ۾ سمنڊ جي ڪناري کان 25 ميل اتر طرف آهن.

شروعات ۾ هي دڙو آريول اسٽائن 28-1926ع جي وچ ۾ ڳولهي هٿ ڪيو ۽ ان جي قديم هئڻ جي نشاندهي ڪئي. (1) بعد ۾ هن بستي جي وڌيڪ چوڪ چڪاس 1960ع ۾ پنسليوانيا يونيورسٽي آف آمريڪا جي ميوزم طرفان ڊاڪٽر جارج ايف ڊيلز ڪئي. (2)

اسٽائن شروعات ۾ هتي ڪجهه خندقون کوٽايون. جن ۾ 8-9 فوٽ هيٺ زمين مان ٺڪريون لڌيون. ڪيس کوٽاين مان هڪ قلعي جا آثار به مليا. جيڪو هڪ ٽڪري تي تعمير ٿيل هو. اهو قلعو مستطيل شڪل جو آهي ۽ اتر اولهه پاسي 17 وال ڊگهو ۽ اوڀر طرف 125 وال ويڪرو آهي. ان قلعي جي اوساري پٿر جي چورس سرن سان ٿيل آهي. جيڪي وري گاري سان لنبيل آهن. (3) ان قلعي جي اولاهين حصي ۾ هڪ دروازي جا آثار مليا آهن. جيڪو تقريبن 8 فوٽ ويڪرو آهي. انهي دروازي جي ٻنهي پاسن تي مستطيل شڪل جا برج تعمير ٿيل آهن. (4) قلعي جي اندر تعميراتي آثار مليا آهن. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته اهو قلعو شهر وارن پنهنجي حفاظت لاءِ جوڙايو هجي ۽ دروازي تي ٺهيل برج حفاظتي مورچن جو ڪم ڏيندا هجن. جيئن ته هي شهر مڪران جي سامونڊي ڪناري تي هو. ان ڪري اچ کان 5 هزار سال اڳ سنڌو سڀيتا جا وارث هن شهر مان بندرگاهه جو پڻ ڪم وٺندا هجن. جنهن جو ڪافي شهادتون پڻ مليون آهن. ماهرن کوٽائي مان اهو ثابت ڪيو آهي ته ان دور ۾ عراق ۽ سنڌ ۾ جيڪا جهاز راني هلندڙ هئي. انهي جهاز راني جو مرڪز هيءُ شهر به هيو ۽ هتي پڻ سامونڊي ٻيڙا اچي لنگر هڻندا هئا.(5)

کوٽائي دوران ماهرن کي ڪيترن هنڌن تان خاڪدان پڻ مليا آهن. جن ۾ خاڪ ۽ انساني هڏيون پيل آهن. جنهن مان ماهرن اندازو لڳايو آهي ته هتان جا رهواسي انساني لاشن کي ساڙيندا هئا ۽ بعد ۾ سندن خاڪ ۽ هڏا برتن ۾ وجهي پوري ڇڏيندا هئا. هن پڙي مان ٻي جيڪا باقيات ملي آهي. تنهن ۾ پٿر جا چاقو، پٿر جا تير، ٽامي جون ٺهيل کهاڙيون، مٽي جون ٺهيل ڪنگڻيون ۽ ڪجهه چٽسالي ٿيل ٿانون شامل آهن.(6)

هن بستي جي باشندن جو اهم پيشو واپار هيو. جيڪو هو سمنڊ رستي عراق وغيره سان ڪندا هئا. هي ماڻهو سمنڊ کي ويجهو هئڻ ڪري ۽ ان سان لاڳاپيل رهڻ ڪري ماهي گيري، ڪشتي باني جي فن ۾ پڻ ماهر هيا.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. Steinn, Sir, A, "An Archaeological Tour in Waziristan & Baluchistan", M.A.S.I. No: 37, Delhi 1929

2. بخاري، سيد محمود شاهه، "تاريخ بلوچستان" ص-25

3. Sorly, H.T, "Gazetteer of Sindh" P-112

4. صديقي، محمد حنيف، "سنڌو ماٿر جي سڀيتا" ص-54

5. Stien, Sir, A, "An Archaeological Tour in Gedorosia" M.A.S.I No: 43 Delhi 1931, P-71

6. صديقي، ص-54

79. نال

بلوچستان جي جهالاواڻ علائقي ۾ نال جي قديم آثارن مان شهري تمدن ۽ ڳوناڻي ثقافت جي ٻنهي دورن جا آثار مليا آهن. سر وهيلر نال بابت چوي ٿو ته اتي جيڪا تمدن ايري، سا موهن جي دڙي کان اڳ جي آهي. (1) نال شهر جي کوٽائي 1925ع ۾ مسٽر هارگريوز ڪرائي. هي شهر به مختلف وقتن تي آباد رهيو آهي. هن شهر بابت هارگريوز جو پڻ اهو ئي رايو آهي ته هن شهر جي اوائلي ته تي هڪ ڳوناڻي بستي وسيل معلوم ٿئي ٿي. جتان پٿر جا اوزار لڌا ويا آهن. (2)

هي ماڳ هڪ قدرتي چشمي تي واقع آهي، جيڪو ٽڪرن مان نڪري ٿو. هي قلات شهر خضدار کان 3 ميل ڏکڻ اوڀر طرف آهي. هن بستي جي کوٽائي دوران هڪ قبرستان مليو آهي. جنهن ۾ لاش پوريل آهن. هڪ ئي قبر ۾ هڪ کان وڌيڪ لاش به پوريل آهن. ڪيترين قبرون اهڙيون مليون آهن، جتي وڏن سان گڏ ننڍن ٻارن ۽

عورتن جا بہ لاش دفن ٿيل آهن. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هتان جا ماڻهو، ڪتنب جا مئل ماڻهو هڪ ئي هنڌ دفنائيندا هئا. لاش اوپر اولهہ طرف پوريو ويندو ۽ ان سان گڏ ٿانون بہ گڏ پوريا ويندا هئا. ڪيترن ٿانون ۾ جانورن جا هڏا، زيور ۽ مٽيا موتي هٿ ڪيا ويا آهن.

هتان مليل نڪر جا ٿانون ۽ زيور هوبهو موهن جي دڙي ۽ هڙاپا مان مليل سامان جهڙا آهن. ٿانون تي سنا چٽ ۽ سهڻيون شڪليون چٽيل آهن. کوٽائي دوران ٽامي ۽ ڪٽ جا ٿانو ۽ هٿيار بہ مليا آهن. سندن گهرن جي پيڙهہ پٿر جي هوندي هئي. انهن گهرن مان مهرون، پٿر جا زيور، ۽ مٽيا لڌا ويا آهن. جڏهن تہ سندن گذر سفر پوکي راهي ۽ مال چارڻ تي هوندو هو.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. Wheeler, S.M "The Archaeology of Pakistan", "The Cultural Heritage of Pakistan" P-21

2. Hazgreaves, H, "Excavations in Baluchistan" M.A.S.I No:35 Delhi – 1927.

80. راڻا گنڊئي

بلوچستان ۾ راڻا گنڊئي ۾ آبادي جا پنج تهہ دريافت ٿيا آهن. جن مان ٻن صفا شروعاتي تهن ۾ ڳوناڻي ثقافت جا آثار مليا آهن. هي آثار، جن جي اي جي راس 1951 ۾ چوڪ چڪاس ڪئي، تن جا مٿيان تهہ شهري تمدن جي دور سان واسطو رکن ٿا. هيٺين تهن تي رهندڙ ماڻهو پهريان تہ هٿ جا ٺهيل سادا ٿانون ۽ پٿر جا اوزار استعمال ڪندا هئا، جانور پاليندا هئا ۽ جهوپڙين ۾ رهندا هئا. ان کان مٿئن تهہ جا رهاڪو انهن کان ٿورو سڌريل معلوم ٿين ٿا. چو جو هو چڪ تي ٿانون ناهيندا هئا ۽ انهن کي خوبصورت بنائڻ لاءِ مٿن چٽسالي ڪندا هئا. سندن ٿانون تي پهريان ڳاڙهي ۽ هيڊي رنگ جا تهہ ڏنل آهن. انهن جي مٿان ڪاري رنگ جي مصالحي سان چٽسالي ٿيل آهي. (1) قديم آثارن جي ماهر اي جي راس کي هتان ماتا ديوي جا بت بہ هٿ آيا آهن. (2)

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. صديقي، محمد ادريس، "سنڌو ماٿر جي سڀيتا" ص-25-26
2. "تاريخ بلوچستان" ص-23

81. بالاڪوٽ

بالاڪوٽ جا قديم آثار بلوچستان جي ضلعي لسٻيلي ۾ سونمياڻي بندر ويجهو حب ندي جي ڪناري تي واقع آهن. هن ماڳ جي کوٽائي جي رٿا هڪ ماهر جارج ايف ڊيلز، ڪيلي فورنيا يونيورسٽي جي هٿ هيٺ تيار ڪئي. 1996ع ۾ هن ماڳ تي چوڪ چڪاس جو ڪم شروع ٿيو.

کوٽائيءَ دوران هتان پٿرين ۽ ڪمرن جي فرشن جا آثار مليا آهن. هن ماڳ مان ڪيترائي اهڙا ڪمرا مليا آهن، جن ۾ سرن ۽ پٿرن جو ناليون ۽ صحيح سالم حالت ۾ مرتبان مليا آهن. ماڳ جي الهندي حصي تي ڪيتريون ئي اوچيون ديوارون مليون آهن، جن کي پبلڪ ائڊمنسٽريشن جون عمارتون سڏي سگهجي ٿو. هتان وڏي تعداد ۾ مٽيءَ جا برتن مليا آهن. مٽي جون مهرون تيار ڪرڻ جي هڪ ڀٺي به ملي آهي. جيڪا اجا چڱي نموني صحيح سالم آهي. ان وڏي ڀٺي جي پرسان ڪيتريون ئي ننڍيون ننڍيون ڀٺيون به مليون آهن، جن مان ڏاندن جا مجسما مليا آهن. قديم آثارن جي ماهرن کي هتان ڪوڏن، سپين، گونگهن جا ٺهيل آرائشي زيور ۽ ٻيو سامان مليو آهي. بالاڪوٽ جي وڏي صنعت سپ ۽ ڪوڏن جون ٺهيل چوڙيون آهن. جيڪي عورتن لاءِ زيور طور استعمال ٿينديون هيون.

هتان جي رهواسين جو واپار اهم ذريعو هيو ۽ ماهگيريءَ جي فن کان پڻ واقف هئا. ان ڪري ٻيڙيون ناهڻ جي هنر ۾ ماهر هئا. هو پنهنجن ٻيڙين کي هڪالي نه صرف سمنڊ رستي ايراني نار ۾ پهچندا هئا، پر ان کان اڳتي مصر تائين سفر ڪندا هئا.

82. دبر ڪوٽ

دبر ڪوٽ جا قديم آثار موجوده بلوچستان صوبي ۾ لورالائي جي ڏکڻ ۾ مليا آهن. هي دڙو 113 فوٽ اوچو آهي ۽ ان جو قطر 1255 فوٽ آهي. دبر ڪوٽ قنڌار ڏانهن ويندڙ پراڻي پراڻي رستي تي واقع آهي. هن دڙي جي مٿانهين تهه ۾ سنڌو ماٿري جي دور جون باقيات مليون آهن. جيڪڏهن وڏيڪ کوٽائي ڪرائي وڃي ته هيٺين تهن مان ان کان اڳ جي رهاڪن جي باقيات ملڻ جي اميد رکي سگهجي ٿي. (صديقي، ص-55)

83. هڙاپا (پنجاب)

سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن جو هي اهم مرڪز ۽ صوبائي گادي وارو هنڌ موجوده صوبي پنجاب جي ضلعي ساهيوال ۾ اڄ واري هڙاپا ڳوٺ جي پرسان راوي ندي جي ڪپ تي آهي. هي قديم شهر موهن جي دڙي کان به اٽڪل 2 سال اڳ قديم آثارن جي ماهرن ڳولي هٿ ڪيو ۽ ان جي کوٽائي ڪرائي. (1) هن دڙي جي 12 پيرا کوٽائي ٿي، پر نتيجو گهڻو حوصلي افزا نه نڪتو. هي شهر سڄو پڪسرو ٻڌل هو ۽ ڪيس چوڌاري ڪوٽ ٻڌل هو. هڙاپا جي کوٽائي مان اناج رکڻ جو گدام، مزدورن جا ڪوارٽر ۽ به قبرستان لڌا آهن. مزدورن جا ڪوارٽر رٿا سان ۽ قطار ۾ ٺهيل آهن. ڪوارٽرن جي قطارن جي وچ ۾ رستا ۽ گهرن جي وچ ۾ گهٽيون آهن. مزدورن جي بستي جي اولهه ۾ ڪارخانن جا نشان مليا آهن. جتي مزدورن جي ڪم لاءِ ٿلها ٺهيل آهن، ٿلهن جي وچ تي اُکري يا چلهه جا نشان آهن. اتي شايد ان چڙهيو يا ڪٽيو ويندو هو. چو جو اتان سڙيل ڪڻڪ ۽ جون جا داڻا هٿ آيا آهن. مزدورن جي گهرن جي ويڪر 56 فوٽ آهي، هر هڪ گهر ۾ به ڪمرا يا هڪ ڪمرو ۽ اڱڻ آهي. گهرن جا فرش پڪسرا آهن. گهر ٻن قطارن ۾ ٺهيل آهن. اتر واري قطار ۾ ستن ۽ ڏکڻ واري قطار ۾ اٺن گهرن جا ٿلهه نشان مليا آهن. (2)

<u>اناج جا گدام:</u> هڙاپا مان مليل جاين مان اناج جا گدام پڻ اهميت لائق آهن. اهي گدام وڏا ۽ گهڻن مقصدن وارا آهن. هر گدام 30 فوٽ ڊگهو ۽ 2 فوٽ ويڪرو آهي. گدامن جي

وچ ۾ وڏا رستا آهن. گدامن جون جايون 4 فوٽ اوچي ٿلهي تي ٺهيل آهن. جيئن برسات جو پاڻي گدامن اندر داخل ٿي، گڏ ٿيل اناج کي نقصان پهچائي نہ سگهي.(3)

بنا: مٿي ذڪر ڪيل مزدورن جي ڪوارٽرن پرسان 16 بنا مليا آهن. اهي بنا 3 کان 6 فوٽن تائين ڊگها آهن. بنن مان مليل شهادتن جي بنياد ماهرن اندازو لڳايو آهي، هنن بنن ۾ ٽامو يا ٻيا ڌاتو پگهاري انهن مان اوزار ناهيا ويندا هئا. بنن ۾ ڪوئلا ۽ ڇيٽا ٻاريا ويندا هئا ۽ انهن ۾ لوهہ جي نليءَ سان هوا ڦوڪي باهہ ٻاري ويندي هئا.(4)

هڙاپا جي شهري رٿابندي، موهن جي دڙي سان مشابهت رکندڙ آهي. گهر ويڪرا ۽ صاف سٿرا آهن، جن جي وچ ۾ پٽر ۽ چوڌاري ڪمرا ٺهيل آهن. هر گهر ۾ سنان جون جايون، رڌ پچاءَ جي ڪوني ۽ سامان رکڻ لاءِ الڳ اسٽور روم ٺهيل آهن. گهرن جي وچ ۾ گهٽيون آهن. جن ۾ پاڻي جي نيڪال جون ناليون ٺهيل آهن. گهرن ۽ رستن ۾ پڪين سرن جو فرش ٻڌل آهي.(5) هتان مليل باقيات ۾ ٺڪر جا ٿانون ۽ موهن جي دڙي جهڙيون مهرون لڌيون آهن. ڌاتو جا ٿانون، هٿيار، اوزار ۽ زيور پڻ ساڳيا موهن جي دڙي مان مليل باقيات جهڙا آهن. هڙاپا مان پٿر ۽ پڪل مٽيءَ جا بت ۽ شڪليون مليون آهن.

هڙاپا جي رهواسين جي گذر سفر جو وسيلو پوکي راهي ڪرڻ ۽ مال چارڻ هيو. هو چوپائي مال جو کير، مکڻ ۽ گوشت غذا طور استعمال ڪندا هئا ۽ مال مان سواري جو پڻ ڪم وٺندا هئا. (6) هتان ڪڻڪ، جو، ڪجور ۽ ڪپهہ جا آثار مليا آهن، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هو اهي فصل ڪندا هئا.

هن دڙي جي کوٽائي مان قبرستان پڻ لڌو آهي. هڙاپا جا رهواسي جنازي کي ساڙڻ بدران پوريندا هئا. هو جنازي سان گڏ عام استعمال جا ٿانون پڻ دفن ڪندا هئا. جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سندن عقيدي موجب مئل ماڻهو کي قبر ۾ انهن شين جي ضرورت پوندي هئا. جنازي کي قبر ۾ اماڻڻ کان اڳ سنواريو ۽ سينگاريو ويندو هو. ان کي سپ، عاج ۽ ٽامي جا زيور پارائي پوءِ دفن ڪيو ويندو هو.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. Vats M.S. “Excavations at Harappa” 2 vol's, Delhi 1949.

يا صديقي، محمد ادريس، "سنڌو ماٿر جي سڀيتا" حيدرآباد 1979، ص-48
OR Wheller- Indus Civilization, P-22-24

2. صديقي، ص-49-50

3. صديقي، ص-49

4. Vats, M.S "Excavations at Harappa" 2 vols:

5. Vats, Same.

84. گنويري والا

گنويري والا جو قديم ماڳ پنجاب جي بهاولپور ضلعي ۾ واقع آهي. هن ماڳ جي کوٽائي تازو قديم آثارن جي ماهر ڊاڪٽر محمد رفيق مغل ڪرائي. هيءُ موهن جي دڙي جو هم عصر تهذيبي شهر آهي. ڊاڪٽر مغل انڪشاف ڪيو آهي ته گنويري والا سنڌو ماٿر جو مرڪز ۽ هڙاپا ۽ موهن جي دڙي جي وچ تي واقع آهي. هي ماڳ ڪو ننڍو ڳوٺ نه هيو پر گهٽ ۾ گهٽ 200 ايڪڙن تي ڦهليل شهر آهي. ان شهر جي وسعت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته هي هڙاپا کان گهٽ ۾ گهٽ 4 ايڪڙ وڏو ۽ موهن جي دڙي کان 5 ايڪڙ ننڍو آهي.

گنويري والا، موهن جي دڙي وانگر مڙني خاصيتن جو حامل آهي. هن شهر جو نقشو به سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن جي ٻين شهرن جهڙو آهي. يعني هن شهر جو هڪ حصو قلعه نما بلندي تي آهي ته ٻيو حصو هيٺانهين هنڌ تي آهي. گنويري والا جي مليل آثارن مان اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته هڙاپا، موهن جي دڙي ۽ گنويري والا جي باقيات ۾ هڪ تسلسل موجود آهي.

هتان مليل برتن، آرائشي سامان، مصوري جا نمونا، مٽي جون نهيل ٻيل گاڏيون، ڦيٽن جا نمونا هوبهو موهن جي دڙي مان مليل باقيات جهڙا آهن. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌو ماٿر تي هڪ زبردست حڪومت هئي، جنهن جي دؤر ۾ هي شهر اپريا ۽ اسريا ۽ انهن شهرن وچ ۾ تمدني سلسلو ڳنڍيل هو.

85. بنون (سرحد)

تازو بنون کان 13 ميل ڏکڻ ۾، توچي ماٿر ۾ ڪجهه قديم آثار مليا آهن. بنون جا 2 دڙا ڪوٽڏجي جي ڪلچر سان واسطو رکندڙ آهن، اهي توچي ندي جي ڪابي ڪناري تي آهن. هنن قديم آثارن جو پتو پشاور يونيورسٽي جي آرڪيالاجي واري شعبي جي ماهرن لڳايو آهي.

هن ماڳ تان مليل باقيات مان پتو پوي ٿو ته هي سنڌو ماٿر جي ڳوناٽي ثقافت جي وارثن جي اهم بستي هئي. ٻنهي دڙن جي کوٽائي مان ڪوٽڏجي جي ٽائيپ جا چوڙا، پٿر جا ڪات ۽ ٻيو سامان مليو آهي.

سرحد صوبي جي گومل ماٿر جي قديم آثارن مان ملندڙ سامان ۽ بنون مان مليل باقيات ۾ ڪافي مشابهت آهي. هي ماڳ هڪ زرعي آبادي پيو معلوم ٿئي ۽ هتان جا ماڻهو مالوند پڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. (1) هن ماڳ جي ملڻ ڪري شهري تمدن کان اڳ جي ڳوناٽي ثقافت تي ججهو مواد ملي سگهي ٿو ۽ اسان جي تاريخ کان اڳ جي زماني بابت معلومات ۾ به اضافو ٿي سگهي ٿو.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. Channa, Mehboob Ali, "Pre-Harappa Civilization in Indus Valley" An Article in "Sind Quarterly, 1978-1, p-18-19"

86. سري ڪولا

سري ڪولا جا قديم آثار موجوده سرحد صوبي ۾ پشاور ۽ راولپنڊي کي ڳنڍيندڙ روڊ تي مليا آهن. هن قديم آثار کي ماهرن 1967ع جي آخر ڌاري ڳولهي لڌو. (1) جڏهن ته کوٽائي مئي 1968ع ۾ ڪرائي وئي.

هن قديم بستي جا هڪ بئي هينان 4 تهه مليا آهن، جيڪي 4 مختلف دورن سان واسطو رکندڙ آهن. (2) سري ڪولا جو آخري تهه يعني زمين تي پهرين آبادي جو واسطو آخري پٿر واري دؤر سان آهي. هن تهه مان پٿر جا اوزار مليا آهن. ان ڪان مٿان واري بئي تهه مان ڳوناٽي ثقافت جي دور جا آثار مليا آهن. هن تهه مان ملندڙ باقيات هوبهو ڪوٽڏجي جي قديم آثارن مان ملندڙ باقيات جهڙي آهي. (3) جڏهن ته ٽيون تهه ان ڪان پوءِ جي دور جو آهي. جتان هڪ قديم قبرستان جا آثار مليا آهن. چوٿين تهه مان وڏيڪ سڌريل آبادي جا آثار مليا آهن. هن تهه تي جوڙيل جاين ۾ پٿر جو استعمال ٿيل آهي. هتان ملندڙ پڪل مٽيءَ جا بت ۽ نڪر جا ٿانون خاص ڌيان ڇڪائيندڙ آهن. (4)

سري ڪولا جا قديم آثار سنڌو سيپتا جي ڳوناٽي ثقافت جي دور سان واسطو رکندڙ آهن. هن بستي جي ٽئين تهه مان ملندڙ قبرستان خاص اهميت رکندڙ آهي. جيڪو برصغير ۾ ان نوعيت جو پهريون قبرستان آهي. جتي قبرون سڌين قطارن ۾ اوڀر ڪان اولهه طرف نهيل آهن. مڙدن جا مٿا اوڀر طرف ۽ پير اولهه طرف آهن ۽ اهي سڌا سمهاريل آهن. عورتن ۽ مرد الڳ الڳ قطارن ۾ پوريل آهن. (5) قبرن مان عام استعمال جون شيون نه مليون آهن. جيڪي ان دور جي ٻين قبرستان مان عام طور تي مليون آهن. سري ڪولا جي قبرستان مان عورتن، ٻارن ۽ مردن جي مليل لاشن مان هتان جي نسلي تاريخ تي بهتر روشني پئجي سگهي ٿي.(6)

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. Khan, F.A, "A Pre-historic settlement discovered near Taxila" The Pakistan Times, 14 June 1968.

2. Halim, M.A, "Preliminary report on Sarai Khola Excavation" 1968

3. Beruhard, Wolfram, "Preliminary report on the Human Skeletal Remains from the Pre-historic Cemetery of Sarai Khola" Pakistan Archaeology, No: 6, 1969, Karachi, P-101-114

4. Beruhard, P-101

5. Halim, 1968

6. Beruhard, P-101-114

87. منديگڪ (افغانستان)

سنڌو سڀيتا جا قديم آثار، سنڌو ماٿر کان ٻاهر افغانستان تائين مليا آهن. منديگڪ جي هڪ ماڳ تان جيڪو افغانستان جي قنڌار پرڳڻي ۾ آهي، اتان جي کوٽائي موسيوزان ميري ڪاسل ڪرائي هئي. کوٽائي دوران قديم آثارن وارن ماهرن کي ڏهين والار واري دڙي وٽ اوچتوئي اوچتو اهڙا ڳوٺ ملڻ بند ٿي ويا، جتان جو نيڪراڻ ڪوئيٽا واري نيڪراڻ سان مشابهت رکندڙ هو. اتان هڪڙو ڪوٽ آيل شهر هٿ آيو. ان ڪوٽ جون پٽيون هينان اڏنگائي سان ٺڪيل چورس پٽرن جون ۽ مٿان ڪچين سرن جو نهيل آهن. اوساري گاري جي ٿيل آهي. ڪوٽ جي چورس برج به آهن. ڪوٽ جو هي نمونو اوائلي ڪوٽڏجي (قديم آثار) واري ڪوٽ سان گهڻو ملي اچي ٿو.

منديگڪ جا قديم آثار ڳوناٺي ثقافت سان گڏ شهري تمدن سان پڻ واسطو رکندڙ آهن. شهر جي مٿئين تهه، جنهن جو واسطو شهري تمدن سان آهي، ان مان موهن جي دڙي مان لڌل "پروهت راجا" جهڙو هڪ پهڻ جو مٿو لڌو آهي. (1) هتان ٽانون تي چٽسالي جا نمونا، هن کان اڳ سنڌو ماٿر جي ٻين قديم ماڳن مان ملي چڪا آهن.

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. لئمبرڪ، ايچ.ٽي، "سنڌ-هڪ عام جائزو" ص-167-168

88. ڪالي بنگن (راجستان)

سنڌو سڀيتا جو هيءُ قديم ماڳ هندستان جي صوبي راجستان جي ضلعي گنگانگر ۾ مليو آهي. هي ماڳ پراڻي هاڪڙي (سرسوتي) ندي جي کاٻي ڪناري تي 12 ميٽر اوچي دڙي جي شڪل ۾ موجود آهي. ڪالي بنگن ۾ آثار قديمه جي ماهرن کي

ڳوناٽي ثقافت سان گڏوگڏ شهري تمدن جا آثار پڻ مليا آهن. (1) هن بستي جي صفا هيٺين شروعاتي تمدن مان ڪوٽڏجي مان مليل ٿانون جهڙا ٿانون مليا آهن. جڏهن تہ مٿيان تهہ جيڪي شهري تمدن سان واسطو رکندڙ آهن، اتان هڙاپا ۽ موهن جي دڙي مان مليل باقيات جهڙي باقيات ملي آهي. (2) هندستان جي قديم آثارن جي ماهرن جو چوڻ آهي تہ هن شهر جي اڏاوت جو نمونو سنڌو سڀيتا جي شهرن جهڙو آهي. رٿا بہ ساڳي آهي ۽ ساڳئي قسم جون شيون مليون آهن. (3)

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. Mughal, M.R, "The Present State of Research on the Indus Valley Civilization" P-3
2. سمراٽ، گنگارام، "سنڌو وسوؤير" ص-137
3. Indian Archaeology [A Review] 1960-61 P-23 to 31

89. لوٿل

ڪنيات جي نار جي ڪناري تي سنڌو سڀيتا جي وارثن جو خوبصورت شهر لوٿل هيو. هن شهر جي کوٽائي مان سامونڊي جهازن جي هڪ وڏي گودي ملي آهي. جيڪا سڄي پڪين سرن جي ٺهيل آهي. (1) ان گودي جي ڊيگهہ 71 فوٽ ۽ ويڪر 12 فوٽ هئي. گودي جي پرسان گودامن جا نشان مليا آهن. جن ۾ سمنڊ رستي ٻاهر ويندڙ يا ٻاهران ايندڙ سامان رکيو ويندو هوندو. لوٿل ۾ مليل سامونڊي گودي ٿان سنڌو سڀيتا جي وارثن جو سميريا سميت ٻين ملڪن سان واپار هلندڙ هو. قديم آثارن جا ماهر لوٿل کي سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن جي وارثن جو سامونڊي بندرگاهہ وارو شهر سڏين ٿا.

لوٿل جي کوٽائي مان اتان جي رهواسين جي سامونڊي سرگرمين بابت وڏيڪ ثابتيون مليون آهن. اتان مليل ٻيڙين جون تصويرون ۽ سامونڊي جانور ڏيان ڇڪائيندڙ آهن. خاص ڪري مٽي مان ٺهيل لنگرن ۽ بادباني ٻيڙن جا نمونا ماهرن جي مٽين راءِ کي وڌيڪ وزن ڏين ٿا تہ لوٿل سنڌوءَ جي رهواسين جو سامونڊي بندرگاهہ هيو. ڪجهہ ماهرن موجب بندر جي گودي شهر جي زندگي جي ٻئي دؤر ۾ تعمير ڪئي وئي هئي ۽

اها چوڙين دور تائين استعمال ۾ ايندي رهي. اهو سڄي دور اٽڪل 210 ق-م کان 180 ق-م تائين جو آهي. (2) هن خطي کي سميريا وارا سمنڊ وارو ملڪ سڏيندا هئا ۽ اتان جا واپاري سمنڊ رستي پنهنجو سامان کڻي ايڏانهن ويندا هئا.

لوٿل ۾ ٿيل عمارت سازي، موهن جي دڙي ۽ هڙاپا سان مشابهت رکندڙ آهي. گهٽين جي رٿابندي، معياري پڪل سرن سان جاين جي اڏاوت ٿيل، پاڻي جي نيڪال لاءِ نالين جو وڇايل جار، هوبهو موهن جي دڙي جهڙو آهي. هتان مليل مهرن تي موهن جي دڙي مان مليل مهرن وانگر جانورن جون شڪليون ۽ تحريرون اُڪريل آهن، مخصوص شڪل شبيهه ۽ چٽن وارا ٺڪر جا ٿانون ۽ اناج جي ذخيري ڪرڻ لاءِ گدام به لوٿل مان مليا آهن. (3)

شهر جي نقشي ۾ ڪوٽ جي رٿا ۽ نشان پڻ مليا آهن. لوٿل مان قديم آثارن جي ماهرن کي مٽڪن ٺاهڻ جي صنعت جو پتو لڳو آهي. هن کان اڳ اهڙي صنعت جا آثار سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن سان واسطو رکندڙ شهر چانهون جو دڙو (نوابشاهه-سنڌ) مان مليا آهن. هي شهر، جنهن کي ججهي تعداد ۾ پنهنجون صنعتون هيون، سو ذري گهٽ يقين جي حد تائين ضلعي يا صوبي جو مرڪزي شهر هيو. (4)

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. Wheeler, S.M, "Indus Civilization" 1960, P-5-52
2. لئبرڪ، ايچ ٽي، "سنڌ-مسلمانن جي فتح کان اڳ"، ص-53-54
3. لئبرڪ، ساڳيو، ص-56-58
4. لئبرڪ، ساڳيو، ص-56-58

سنڌو ماٿر ۾ شهري رياست جي
معاشرتي حالت

ناچ ۽ سنگيت

جذبات جي اظهار جو اولين ۽ موثر ذريعو راڳ رهيو آهي. انساني معاشري ۾ ناچ ۽ راڳ کي خاص مقام حاصل رهيو آهي. سنڌو سڀيتا جا وارث يعني موهن جي دڙي جا رهواسي راڳ ۽ ناچ جي باري ۾ چڱيءَ طرح باخبر ۽ شوق رکندڙ هئا. موهن جي دڙي مان نڪتل ناچڻيءَ جو مجسمو ۽ بانسري ان ڳالهه جا ثبوت آهن، تہ سنڌو ماٿر جي سڀيتا جا وارث راڳ سان نہ رڳو محبت رکندا هئا پر ان کي پنهنجي شوق جو ذريعو بڻاين. ان دور ۾ موسيقي جو فن ايتري قدر ترقي ڪري چڪو هو جو مجسما بڻائي سجاوٽ يا يادگار طور رکيا ويندا هئا. ناچ ۽ سنگيت سنڌو ماٿر جي ماڻهن جي روح جي غذا بنجي چڪو هو. فنڪارن، سنگتراشن ۽ نقاشن کي عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو. سنگتراش پنهنجي ديس جي مشهور شخصيتن جهڙوڪ: ناچن يا ناچڻين ۽ ڳائڻن وغيره جا بت تراشڻ ۽ شهرن اندر چوڪن يا اهم جاين تي انهن کي نسب ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا. سنڌو ماٿريءَ ۾ موسيقي، سُر ۽ سنگيت جو تعلق ڳوناٽي زندگيءَ سان بيحد گهرو ۽ ويجهڙائي وارو پئي رهيو آهي. سنڌي موسيقي جون پاڙون ڳوناٽي ثقافت ۾ وڌيڪ گهريون هيون. موهن جي دڙي مان هڪ اهڙي سيل (مهر) ملي آهي، جنهن ۾ هڪ شخص وچ ۾ بيهي ڍولڪ وڄائي رهيو آهي ۽ سندس چوڌاري ڪيترائي ماڻهو ناچ ڪري رهيا آهن.

زيور ۽ جسماني ناهہ نوهہ

سنڌو سڀيتا جا وارث هر قسم جا زيور تيار ڪندا هئا. هو مٿي تي پائڻ جا زيور، ڳچيءَ ۾ پائڻ جا زيور، ٻانهن ۾ پائڻ جا زيور، نراڙ جا زيور، ڪنن جا زيور،

هٿ جون گجريون، منگليون، ڪنگڻ ۽ بازو بند ناهيندا هئا. هو اهي زيور ڪنجهي ۽ ٽامي سان گڏ هڏن، ڪوڏن ۽ سپن مان پڻ تيار ڪندا هئا. ٻيو ته ٿهيو پر اهڙا نفيس ڪم به ٿيندا هئا، جو موهن جي دڙي جا ماڻهو قميص جا ٻٽڻ پڻ ناهيندا هئا. جيڪي ڪوڏين مان تيار ڪيا ويندا هئا. انهن تي به مختلف ڊزائنون، نقش ۽ چٽ پڻ چٽيندا هئا. اهي ٻٽڻ رٽ جي چڪر يا ڦيٿي جي نموني تي ٺهيل آهن.(1)

موهن جي دڙي مان مٽيءَ جي هڪ ٻچگل مورتي لڌي وئي آهي، جنهن جي ڳچيءَ ۾ هار ۽ ٻانهن ۾ چوڙا پيل آهن.(2) موهن جي دڙي مان ٻه چوڙا به لڌا ويا آهن، انهيءَ سان گڏ هڪ پتلي به ملي آهي، جنهن کي هڪ ٻانهن ۾ ڪلهي ڪان ڪرائي تائين چوڙا پيل آهن. ٻي ٻانهن ۾ رڳو ڪرائي وٽ چوڙا پيل آهن. موهن جي دڙي واري دور ۾ ڪي زالون ٺونٺ ڪان وٺي ڪلهن تائين ٻانهين چاڙهيندليون هيون.(3)

چانهون جي دڙي واري شهر ۾ زيور ايترا ته ٺهندا هئا جو اهو شهر "زيورن جو شهر" سڏيو ويندو هو. چانهون جي دڙي مان سون، مٽيءَ، ٽامي ۽ سپيءَ مان ٺهيل چوڙيون، هار، ٽائيٽ، ٻهه رڪيون، بازوبند، ڏند ڪوٽڻيون، ڪن ڪوٽڻيون، وارن جون ٽاچڻيون، سرمي وجهڻ جون سرايون ۽ ڪانيون هٿ آيون آهن. چانهون جي دڙي مان لڌل مٽيءَ جي ٽائيٽن مان هڪ تي ٻن هرڻن جون تصويرون اُڪريل آهن. مٽيءَ جي هڪ ٽائيٽ تي ڪنول جي گل جي ميووي جي تصوير اُڪريل ملي آهي. (4)

مٿئين ثابتين مان معلوم ٿئي ٿي ته سنڌ جا هنرمند اوائل ڪان چوڙيگري جي فن ڪان واقف هئا ۽ هو هار ۽ ٻانهن جا چوڙا بهتر قسم جا جوڙيندا هئا. ان ڪان سواءِ ان وقت جا ڪاريگر اڄ وانگيان "ٻانهيون" به جوڙيندا هئا. جيڪي ٻانهيون ٺونٺ ڪان ڪلهن تائين پاتيون ويندليون هيون. موهن جي دڙي مان اهڙيون لاتعداد زنانيون مورتيون به مليون آهن، جن جي جسم تي ڪوبه ڪپڙو نه آهي، پر سندن ڳچيءَ ۽ سيني تي گهڻا هار ۽ مالهائون پيل آهن. موهن جي دڙي مان مليل هڪ مجسمي ۾ عورت جا گهنڊيدار وار پوئتي لٽڪيل ڏيڪاريل آهن، ڪن مورتين جي چوٽي پوئتي ٺهيل آهي، جيڪو اڄ به رواج آهي. عورتون وارن ۾ پنون ۽ ٻڪل وجهنديون هيون. مردن جي وارن جي ناهه ٺوهه جا طريقا الڳ هئا. راڄ جي چڱي مڙس جا وار ٻڌون هئا، مردن ۾ ڏاڙهي ناهڻ جا مختلف طريقا هئا، ڪن جون ڏاڙهيون ڪوڙيل ته ڪن جون وري

چاپڙيون ڏاڙهيون هيون.

موهن جي دڙي جي دور ۾ سنڌ ۾ سونارڪو هنر بہ عروج تي هيو، چانهون جي دڙي مان سنڌ جي ڪاريگرن جون نهيل چوڙيون، هار، تائيت، ٻهہ رکيون، بازو بند، وارن جون ڇاچنيون، سرمي وجهڻ جون سرايون ۽ ڪانيون هٿ آيون آهن.

هڙاپا ۽ موهن جي دڙي مان زيور اڪثر ڪري گهرن جي فرش هينان يا ڀتين جي اندر احتياط سان پوريا ويندا هئا. هتان مليل زيورن مان اندازو ٿئي ٿو تہ سنڌو ماٿر جون عورتون حسن ۽ جمال جي نکار لاءِ ڪثرت سان زيور استعمال ڪنديون هيون. سنڌي عورتون سينگار جون شوقين هيون. حسن جي نکار لاءِ سرمداٽيون ۽ سرايون گهڻي تعداد ۾ مليون آهن. ٽامي جا گول آئينا بہ مليا آهن. پيرن کي صاف ڪرڻ لاءِ پڪل مٽيءَ جا کهرا ٽڪر بہ مليا آهن.

مصوري

جنهن وقت سنڌ اندر ڳوناٽي ثقافت اڀري رهي هئي تہ ان وقت ڳوناٽي ثقافت جا ماڻهو سادي سودي نموني جون تصويرون پڻ ڪيندا هئا. اهڙا آثار اسان کي آمريءَ جي کوٽائي مان مليا آهن. عام طور تي آمري جا رهواسي هر ڏينهن جي خاص واقعي کي تصويرن ذريعي محفوظ ڪندا هئا. هو مٽيءَ، پٿر، هڏي ۽ هاٿي جي ڏندن تي ڏاڍيون سهڻيون ۽ دلڪش مورتون ناهيندا هئا. هو پنهنجي هٿيارن ۽ ٿانون تي نقش نگاري ڪندا هئا ۽ انهن کي عجيب طريقي جي چٽن سان سينگاريندا هئا. (5)

آمريءَ مان مليل ٿانون تي خاص نموني جا چٽ چٽيل آهن. ٿانون جي تري تي ٿلهن ڪارن پٽين تي لاڳيتا ٽڪنڊا مليا آهن. ٽڪنڊن جي پاسن ۾ ڳاڙهو رنگ پريل آهي. اهي ٿانون تي چٽيل ٽڪنڊا چونئرن جي شڪل پيا لڳن. جڏهن تہ انهن مٿن ۽ نادين تي ڪنهن ننڍڙي ڳوٺ جو نظارو چٽيل آهي. جنهن ۾ چوئنرن جهڙا گهر هڪ ٻئي جي ويجهو نهيل آهن. آمريءَ جي ماڻهن ان دور ۾ پنهنجي ٿانون تي ساهوارن شين جا بوتا يا شڪليون ڪڍڻ شروع ڪيون. انهن شڪلين ۾ ڳئون ۽ ڍڳي جي شڪل گهڻي ملي ٿي. اها شڪل هرڻن ۽ ڦاڙهن جي شڪل کان وڌيڪ بهتر قسم جي نهيل معلوم ٿئي

تي. ٻيو تہ آمريءَ جي ٿانون تي مڇي جهلڻ جي رڇن ۽ ڄارين جا خاڪا پڻ نظر اچن ٿا ۽ رليءَ جي ڇٽن جو بهترين نمونو بہ هن ئي دور ۾ مليو آهي.

نال جي قبرستان مان هيڊي يا سائي خاڪي رنگ جا ٿانون مليا آهن، جن تي جدا جدا نمونن ۾ ڪاري، نيري، هيڊي ۽ ڳاڙهي رنگ جون ڊيزائنون نڪتل آهن. ڪڙي ماهي مان مليل خاڪي رنگ جا ٿانون تي جانورن ۽ قدرتي منظرن جون تصويرون چٽيل آهن. موهن جي دڙي مان نيري رنگ واري چٽسالي ٿيل ٿانون پڻ مليا آهن.

راڻا گنڊئي مان مليل ٿانون تي پهريان ڳاڙهي ۽ هيڊي رنگ جا تهہ ڏنل آهن، انهن جي مٿان ڪاري رنگ جي مصالحي جي چٽسالي ٿيل آهي. ڪوٽ ڏيجيءَ جي مٽيءَ جي ٿانون تي عام پينٽنگ ڪئي ويندي هئي. شروعاتي دور جي ٿانون تي مور جون تصويرون ۽ مڇيءَ جا نمونا ملن ٿا.

چانهون جي دڙي مان لڌل مٽيءَ جي ٽائيٽن مان هڪ ٽائيٽ تي ٻن هرڻن جون تصويرون اُڪريل آهن، مٽيءَ جي هڪ ٽائيٽ تي ڪنول جي گل جي "ميووي" جي تصوير پڻ اُڪريل آهي. اها ان زماني جي مصوري آهي. (6)

رانديون

سنڌو ماٿري شطرنج جي جاءِ پيدائش هئي. موهن جي دڙي مان اهڙيون ڳوٽون ۽ پٽر مليو آهي، جنهن تي شطرنج جا خانا ٺهيل آهن. ان دور ۾ بہ شطرنج ائين کيڏي ويندي هئي، جيئن هن وقت کيڏي وڃي ٿي. موهن جي دڙي مان اهڙا ثبوت ملڻ کان اڳ ڪي ماهر شطرنج راند کي گنگا نديءَ جي ڪنارن تي جنم ورتل راند، تہ ڪي وري ان کي ايران، عرب ۽ مصر جي ايجاد سمجهندا هئا. جڏهن تہ هيءَ راند يورپ ۾ 11 صدي عيسويءَ ۾ پهتي. ڪجھ انسائيڪلوپيڊيائن جي مصنفن ان راند کي برصغير جي راند ڪوٺيو آهي، جيڪا ايران کان ٿيندي يورپ پهتي.

جڏهن سر جان مارشل موهن جي دڙي جي کوٽائي ڪرائي تہ اتان اهڙا پٽر مليا، جن کي پهريان تور جا وٽ سمجهيو ويو. پر پوءِ اهڙا وٽ الڳ الڳ مليا. جن جي تور ڪئي وئي تہ معلوم ٿيو تہ اهي مهرون شطرنج جي وڏيڪ ويجهو آهن. بعد ۾ سر

مارٽيمر وهيلر ۽ ڊاڪٽر ايف اي خان بہ ان تي تحقيق ڪئي ۽ ٻڌايو تہ شطرنج سنڌو ماٿر جي ايجاد آهي. هڪ برطانوي ماهر ايف ڊي ڊگلس پنهنجي مقالي ۾ ان ڳالهہ تي زور ڏنو تہ شطرنج سنڌو ماٿر ۾ 5 هزار سال اڳ کيڏي ويندي هئي.

ڊاڪٽر سر مارٽيمر وهيلر موهن جي دڙي مان نڪتل مهرن ۽ خانن واري تختي کي دنيا جي قديم ايجاد ڪوٺيندي ان ڳالهہ تي زور ڏنو تہ دنيا جي پهرين شطرنج هتي ايجاد ٿي، بعد ۾ دنيا جي اندر پکڙجي وئي. شطرنج جون ڳوٽون ۽ ان جي پٿر واري تختي ڪراچيءَ جي قومي عجائب گهر ۾ رکيل آهي.

رانديڪا

سنڌو ماٿر جي وسندين مان بي انتها رانديڪا پڻ مليا آهن. جنهن مان اندازو ٿئي ٿو تہ ان دور جا والدين پنهنجي ٻارن جي دلچسپيءَ ۽ سندن راند روند تي ڪيترو ڌيان ڏيندا هئا. هتان مٽيءَ، سپ، پٿرن ۽ هاٿي ڏندن جي هر قسم جا ارنديڪا مليا آهن. رانديڪن ۾ مٽيءَ جون نهيل ننڍڙيون گاڏيون، مٽيءَ جا ڏاند، ننڍن سڱن وارا ڏاند، گينڊا، مينهون، شينهن، سوئر، پولڙا، سها، مڇيون، مانگر مڇ، ڪڇون، ڪڪڙيون، طوطا خاص طور ذڪر لائق آهن.

حوالا ۽ سمجهاڻيون:

1. غلام علي الانا، سنڌي ثقافت جا اهم پهلو، انا مينهن ملير، ص-92-101
2. دوارڪا پرساد، "سنڌ جو پراچين اتهاس" ڀاڱو 2، 1944ع، ص-9
3. پيرومل، قديم سنڌ، حيدرآباد، ص-89 يا مولائي شيدائي، تمدن سنڌ
4. غلام علي الانا، سنڌي ثقافت جا اهم پهلو- زيور ۽ هار سينگار جا سامان"، أنا مينهن ملير، ص-92-101
5. سراج الحق، آمري، نئين زندگي مارچ ۽ اپريل 1966ع
6. غلام علي الانا، سنڌي ثقافت جا اهم پهلو، انا مينهن ملير، ص-92-101

سنڌو ماٿر ۾ شهري رياست جو معاشي تجزيو

سنڌ اندر شهري رياست جي بنياد کان پوءِ علم ، ادب ۽ هنر جو چرچو وڌيو. فنڪار ۽ ڪاريگر کي عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو. هرڪو ماڻهو پنهنجي ڌنڌي يا ڪاروبار جي پويان سڏجڻ لڳو. نڪر جا ٿانون ٺاهيندڙن کي ڪنڀر ڪوٺيو ويندو هو، مڇي ماريندڙ ۽ درياهه يا سمنڊ جهاڳيندڙ کي مهاڻو (ملاح) سڏيو ويندو هو. اهڙيءَ طرح رازا، حجام، لوهار وغيره هن ئي دور ۾ پنهنجن ڌنڌن پويان سڏجڻ لڳا.

زراعت

سنڌو سڀيتا جا وارث زراعت سان وابستا هئا. سنڌ جي زراعت بابت قديم آثارن جا ماهر ڊڪسن، بيڊن، پاويل ۽ ٻين عالمن جي راءِ آهي ته شروعاتي دور ۾ اهي سنڌ جون عورتون ئي هيون، جن کاڌي خوراڪ لاءِ مختلف قسمن جا ٻج، ٻوٽا پنهنجي تجربي ۾ آڻي انهن جي پوک جا طريقا رائج ڪيا. علم نباتات جي ماهرن جو خيال آهي ته سنڌ ۾ پيدا ٿيل اڳاٽي ڪٽڪ جي تاريخ تمام پراڻي آهي. ماهر ائين پڻ چون ٿا ته چين ۾ سنڌ کان گهڻو عرصو پوءِ 2700 ق-م ۾ ڪٽڪ جي پوک جي ابتدا ٿي. روسي ماهرن جو چوڻ آهي ته دنيا ۾ ڪٽڪ جي پوک جي شروعات سنڌ مان ئي ٿي هئي.(1) سنڌ ۾ موهن جي دڙي مان ڪٽڪ جا ڪي ڪارا ٿيل پر سالم داڻا به مليا آهن، جيڪي پاڻهي پيدا ٿيل نه پر انساني محنت جو نتيجو آهن. ان کان علاوه هتي چانورن ۽ دالين جي پوک به ٿيندي هئي.

موهن جي دڙي جي قديم آثارن مان ڪٽڪ، جو ۽ هڙاپا مان مٽر ۽ تر مليا آهن. جڏهن ته موهن جي دڙي مان ڪجور جون ککڙيون به مليون آهن. اهڙي طرح هڪ مهر

تي هڪ اهڙي تصوير اُڪريل آهي، جنهن تي ناريل جو وڻ ڊيڪاريل آهي. اهڙي طرح هڪ مهر تي ڏاڙهون جو وڻ به آهي.

سنڌو ماٿر ۾ ان دور ۾ ڪپهه جي پوک به ٿيندي هئي. سنڌو ماٿر جي اهم دريافت موهن جي دڙي مان مليل اهو ڪپهه جو ٽاٽيل ڪپڙو آهي، جيڪو ٽامي ۽ چانديءَ جي ٿالهيءَ جي پرسان مليو آهي. اها ڪپهه جي قديم ترين دريافت آهي. جڏهن ته ڪورڪو هنر سنڌ ۾ گهڻي قديم زماني کان موجود هيو. موهن جي دڙي مان سٽ ڪتڻ جا ائٽ مليا آهن. ڪوٽائي مان گهڻو ڪري هر گهر مان سٽ ڪتڻ جا چرخا مليا آهن. اهي چرخا قيمتي ڌاتن کان وٺي مٽيءَ جا به نهيل مليا آهن. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته سٽ ڪتڻ جو ڪم انهن ڏينهن ۾ عام هيو. هڪ هنڌان چانديءَ جي ٿالهيءَ جواهرن سان ڀريل ملي آهي جيڪي هڪ ڪپڙي جي ٽڪر ۾ ويڙهيل هئا. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته ان زماني ۾ ڪپڙو پڻ نهندو هو. ۽ ڪوري موجود هئا.

ڪپهه مان ڪپڙي ناهڻ جي صنعت هيل تائين مليل ثابتين مطابق دنيا ۾ سڀ کان پهريان سنڌو ماٿر ۾ شروع ٿي. هتي جا آڏاٽا ۽ هتي جو نهيل سوٽي ڪپڙو خاص ڪري ململ جو ڪپڙو سڄي دنيا ۾ مشهور هيو. موهن جي دڙي جا ماڻهو سبيل ڪپڙو پائيندا هئا، جنهن جي ثابتي دڙي مان مليل اڪيچار سين مان ملي ٿي. اهي سيون دڙي جي مختلف تهن مان مليون آهن. موهن جي دڙي جي ڪوٽائي ڪندڙ ماهر سرجان مارشل لکي ٿو ته: "ڪپڙي لاءِ ڪپهه جو استعمال ان زماني ۾ اڪيلو سنڌ ۾ ٿيندو هو. جيڪا ڳالهه باقي دنيا ۾ به ٽي هزار ورهيه پوءِ ڏسڻ ۾ اچي ٿي." (2)

سنڌ جا ماڻهو ڪٽڪ، ڪپهه کان سواءِ سارين جا فصل پڻ پوکيندا هئا. اڳ سڄي دنيا ائين وسهندي هئي ته سڄي دنيا ۾ پهريان پهريان چانورن جي پوک فلپائين ۾ ٿي ٿي. پر سنڌو سڀيتا جي قديم آثارن جي ڪوٽائين مان معلوم ٿيو آهي ته فلپائن کان به ڪي صديون اڳ سنڌ جا هاري ناري سارين جي پوک ڪندا هئا. ڪجهه سال اڳ فلپائين جو ائگريڪلچر جو ڊائريڪٽر جنرل پاڪستان جي دوري تي آيو ته هو موهن جي دڙي تي به گهمڻ ويو، اتان هن هڪ پٽ جي مٽي پٽائي ڏسي چيو ته اڳ اسان ائين سمجهندا هئاسين ته چانور دنيا ۾ پهريان پهريان فلپائين ۾ ٿيا، پر هتي اچڻ کان پوءِ مون کي خبر پئي آهي، ته چانورن جي قديم پوک سنڌو ماٿر ۾ ٿي ٿيندي هئي. ڇو جو

چو جو پٽين تي لڳل گاري ۾ ڪٽڪ جي بهه سان گڏ سارين جا توتڙ ۽ چانورن جا اڏڙ به مون کي نظر اچن ٿا.

هنر ۽ ڪاريگري

موهن جي دڙي مان جيڪي برتن مليا آهن، اهي سنڌو درياهه جي چيڪي مٽيءَ مان ٺهيل آهن. جن ۾ چن ۽ ابرق جا ذرا شامل آهن. اهي برتن ڪنڀر جي چڪ تي ٺاهيل آهن. ڪجهه ٿانون ڳاڙهسري مٽيءَ مان جڙيل آهن ۽ انهن تي ڪاري پالش ٿيل آهي. ڪجهه اهڙا برتن به مليا آهن، جيڪي ٻارن کي کير پيارڻ لاءِ استعمال ٿيندا هوندا. هتي ڪانسيءَ ۽ مٽيءَ جون اهڙيون سرمداٽيون به لڌيون آهن، جن جو منهن تمام سوڙهو آهي. ٻيا به هار سينگار جا پٿر جا ٺهيل اوزار مليا آهن. پاٽيءَ جا مٽ ۽ ڪٽاڻ ٺاهڻ جون برنيون به مليون آهن. برتنن کان سواءِ مٽيءَ جا ٻيا ڪيترائي سامان مليا آهن، جيئن مٽيءَ جا ڦيٿا، چوڙيون، گلدان، ڪٽورا، صراحيون، هنديون، مٽڪا ۽ ان رکڻ جا برتن به شامل آهن.

آمري جا ٿانون ڏسڻ بعد آمريءَ جي ڪنڀرن کي داد ڏيڻو پوي ٿو. هنن جون بهترين قسم جون دڪيون جن تي ٿلهن ڪارن پٽين تي لاڳيتا ٽڪنڊا ٺهيل آهن، ڏسي اچرج پيو لڳي ته اڄ به اتڪل ساڳيو هنر ۽ نمونو سنڌ اندر موجود آهي. ڪوٽڏيجي مان مليل نڪر جي ٿانون مان معلوم ٿئي ٿو ته اهي نڪر جي ٿانون ناهڻ ۾ ڪافي ترقي ڪري چڪا هئا. سندن ڪوزي گري جو هنر تمام اوچي درجي جو معلوم ٿئي ٿو. هو پنهنجن ٿانون تي عام طور پينٽنڊ ڪندا هئا. (3) جهڪر جي دڙي مان ٿامي جي ٺهيل پالي جو منهن لڌو آهي، جيڪي اسان جا ڪاريگر هٿيار طور جوڙيندا هئا. نارو جي دڙي مان پڻ رانديڪن جون گاڏيون، چوڙا ۽ نڪر جا ٿانون مليا آهن. نال جي قبرستان مان ٿامي جون ڪهاڙيون ۽ چاقن جا ڦر لڌا ويا آهن. ڪوٽڏجي جي کوٽائي مان تيرن جا منهن ۽ راند ڪرڻ جا بلور مليا آهن.

موهن جي دڙي مان ٿامي ۽ مُٽ جا به ڪافي ٿانون مليا آهن. جيڪي گهريلو استعمال جي برتنن، ڪهاڙين، خنجرن، چاقن، ٻرڇين، ڪٽارن، تيرن، منڊين، ڪنن جي

والين تي ٻڌل آهن. ان دور ۾ تمام گهڻيون شيون ٽامي ۽ مٽي مان ناهيون وينديون هيون. سنڌو ماٿر جي سيپيتا جي وارثن جا اوزار ۽ هٿيار پٿر، ڪانسي ۽ ٽامي جا نهيل آهن. پر اهي مفيد، مضبوط ۽ عمدا ناهن. ۽ انهن سان ڪابہ جنگ ڪري نہ ٿي سگهجي. نيزن جا ڦر، ڪٽار، ڀالا، ڪهاڙيون، تير ڪمان، ٻڙچيون، تيشيون، گرز سنڌو ماٿر جي قديم شهرن ۽ ڳوٺن مان جججهي تعداد ۾ مليا آهن. اهي سڀ ٽامي يا مٽي جا آهن. نيزا ڏاڍا نازڪ آهن، جي انهن کي هٿ سان ٿورو زور ڏجي تہ چپا ٿي پون ٿا. ٽامي جي مليل گرزن ۽ ٻين اوزارن تي ڪجھہ تحرير ٿيل آهي. مليل اوزارن ۾ ناچڻيءَ جو هڪ مجسمو، مينهن ۽ ٻڪريءَ جا مجسما بہ ذڪر ڪرڻ جهڙا آهن. هاٿي جي ڏندن مان نهيل بہ ڪافي شيون مليون آهن، جنهن مان پتو پوي ٿو تہ هاٿي جي ڏندن جو ڪم هتي ترقي ڪندڙ هو.

شڪار

سنڌو سيپيتا جا وارث گوشت پڻ واپرائيندا هئا، هو پالتو جانورن کان سواءِ جهنگلي جانورن جو شڪار ڪري بہ گوشت حاصل ڪندا هئا. هڪ مهر تي ٻن ماڻهن کي تير ذريعي شڪار ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. موهن جي دڙي جي هڪ جڳھہ تان گهڻي انداز ۾ تير مليا آهن. تصويري تحرير ۾ بہ تير ڪمان جو نشان ملي ٿو. مٽيءَ جون پڪل گوليون يا گليليون بہ مليون آهن. جن مان ڪمان جي شڪل جي گليلي جي ذريعي پکين جو شڪار ڪيو ويندو هو. مڇي پڪڙڻ جون ڪنڊيون بہ وڏي تعداد ۾ مليون آهن. هتي جا رهواسي جانور بہ پاليندا هئا، جانورن جو گوشت رڌي کاڌو ويندو هو. ڇو جو گهڻين ۽ گهرن مان مينهن، ٻڪري، ورياهي ۽ سامونڊي مڇيءَ جون تمام گهڻيون هڏيون مليون آهن.

سائنس جي جنم ڀومي سنڌو ماٿر هئي:

موهن جي دڙي جا ماڻهو اڍائي هزار سال ق-م ۾ چوماسي وارين هوائن ۽

سنڌونديءَ ۾ ٻوڏ جو اڳوات اندازو لڳائڻ لاءِ پٿر جا ڪئلينڊر استعمال ڪندا هئا. فنلينڊ جي قديم آثارن واري ماهر ڊاڪٽر ايرڪا مائولا انهن پٿر وارن ڪئلينڊرن جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو آهي. يونائيٽيڊ نيوز آف انڊيا کي هن ٻڌايو آهي ته اهي پٿر دنيا جا پهريان سائنسي اوزار آهن. ڊاڪٽر مائولا دعويٰ ڪئي آهي ته سائنس جي جنم ڀومي ميسوپوٽيميا يا مصر نه پر سنڌ آهي. هن چيو آهي ته موهن جي دڙي ۽ هڙاپا مان لڌل انهن پٿرن کي گول پٿر، ڇليدار پٿر يا مخروطي پٿر وغيره سڏيو ويندو هو. هن موجب 40-45 سينٽي ميٽر قطر وارن انهن پٿرن جو وزن 40 ڪلوگرام (اٽڪل هڪ مڻ) ٿيندو. انهن پٿرن جي ٻنهي پاسن کان وچ وٽان 2 سوراخ آهن ۽ سنڌن لسي سطح تي ڪيترائي نشان آهن. جيڪي ڪوٽي ٺاهيا ويا آهن. ڊاڪٽر مائولا موجب انهن مان 3 پٿر اهڙا آهن جن تي اڪريل نشان اڃا تائين محفوظ آهن. فنلينڊ جي ماهر موجب اهي وڏا ڇليدار پٿر جيڪي موهن جي دڙي ۽ بمبئي ۾ محفوظ آهن، نه رڳو ڪئيلينڊر جو ڪم ڏيندا هئا پر اهي (دوربين کان سواءِ) علم نجوم جي اوزار طور پڻ استعمال ڪيا ويندا هئا. جن ذريعي سج جي لهڻ ۽ اڀرڻ، ٻين آسماني تارن جي ظاهر ٿيڻ ۽ گم ٿيڻ ۽ ڌرتيءَ جي بدلجندڙ حالتن جو اڀياس ڪري سگهبو هو. انهن پٿرن کي سنڌو ماٿر جي قديم علم فلڪيات وارن آثارن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. مائولا موجب انهن مان 5 پٿر صحيح سلامت مليا آهن. جن مان هڪ مرڪزي ڪئيلنڊر جي حيثيت رکي ٿو. جيڪو سڄي معاشري لاءِ آهي. ۽ ٻيا ننڍا ڪئلينڊر آهن جيڪي مختلف مقصدن جهڙوڪ زراعت، واپار، شڪار ۽ لاباري لاءِ استعمال ٿيندا هوندا. (4)

سنڌ ماٿر جا رهواسي مهينا چنڊ مطابق شمار ڪندا هئا. هتي چنڊ جي حساب سان هلالي مهيني جو رواج هيو. ان حساب سان موسمن جو ٻه شمار ڪندا هئا. هو چنڊ جي رفتار سان پنهنجا ڏڻ ملهائيندا هئا. موهن جي دڙي جا رهواسي هرهڪ موسم جا چار مهينا شمار ڪندا هئا. تور، ماپ ۽ جوتش جو علم هتي عام هيو.

ٻئي طرف رياضيءَ جي هڪ روسي ماهر آءِ اي ولدروسڪيءَ 1984ع ۾ بخارسٽ ۾ سڏايل تاريخ ۽ سائنس متعلق بين الاقوامي ڪانگريس کي ٻڌايو ته موهن جي دڙي مان هٿ آيل مهرن جي ڪمپيوٽر ذريعي اڀياس مان معلوم ٿيو آهي ته سنڌو ماٿريءَ جا ماڻهو ”علم فلڪيات“ بابت وڏي ڄاڻ رکندا هئا. هن ڪانگريس کي ٻڌايو ته هڪ مهر

تي مڇيءَ جي شڪل لفظ "من" پيش ڪري ٿي، جنهن جي تامل ٻوليءَ ۾ معنىٰ آهي مڇي ۽ مڇيءَ مان مراد تارن وارو چاتل سجاتل برج آهي. اهڙيءَ طرح ڇهن تارن واري جهڳٽي واري (دب اصغر) ۽ ستن مڇين واري جهڳٽي (دب اڪبر) جي نشاندهي ڪري ٿو. (5)

سنڌ جي قديم باشند ڳڻڻ جو فن ايجاد ڪيو ۽ شين جو وزن ڪرڻ يا وقت ۽ فاصلي جي پيمائش جا آغاز بہ هتان ٿيو. ڇو جو ڳڻڻ جون مٽيءَ جون گوليون ۽ تورڻ جا وٽ اسان کي سنڌ جي قديم آثارن مان مليا آهن. سنڌي ماڻهو لکڻ پڙهڻ جي فن کان اڳ ڳڻڻ ۽ تورڻ جو فن ايجاد ڪيو. هڪ ماهر گريئرسن ٻڌائي ٿو تہ سنڌو ماٿر جا رهواسي ڳڻپ ڪري ڄاڻندا هئا، هو انگ ڳڻڻ ۽ حساب ڪتاب رکڻ جا ماهر هئا. هو ويهون ويهون ڪري ڳڻيندا هئا ۽ سڻ بدران ٽي ڪوڙيون يا ٽي ويهون ڪري چوندا هئا. جيڪو طريقو اڄ بہ سنڌ اندر رائج آهي. (6)

موهن جي دڙي مان پٿرن جا نهايت صفائي سان نهيل ٽڪرا ملن ٿا. جيڪي وزن ڪرڻ لاءِ وٽن طور استعمال ٿيندا هوندا. انهن ۾ ڪي وٽ تہ ايترا وڏا آهن، جو ڪين رسن سان ڪٽڻو پوندو هوندو. ڪي تہ وري ايترا ننڍڙا آهن، جو انهن سان سون ۽ چاندي توريو ويندو هوندو. موهن جي دڙي مان مليل ننڍا وٽ خاڪي رنگ جي سليٽ جا هئا. تارازو گهڻ مليا آهن. تقريبن هڪ سو پنجاهہ جڳهن تي پيمائش ڪرڻ سان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ اندر هڪ ئي وقت ۾ فوٽ ۽ ڪيوبڪ فوٽ ٻنهي طريقن سان پيمائش ڪئي ويندي هئي.

مهرون

سنڌو سڀيتا جي وارثن جي ڪامياب ترين تخليق اهي مهرون آهن، جيڪي موهن جي دڙي، هڙاپا ۽ ٻين شهرن مان مليون آهن. ايڏي وڏي تعداد ۾ مهرون مليون آهن جو ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هر شخص وٽ پنهنجي مهر هوندي هئي. اهي مهرون اسٽيٽائيٽ (Steatite) مان نهيل آهن. اهي مهرون اڍائي انچ کان اڍائي چورس انچ تائين مختلف سائيزن جون آهن. عام سائيز 7، 11 ۽ 2-1 انچ جون آهن. هي

مهرون چورس شڪل جون آهن. جن تي جانورن جون تصويرون ۽ تحرير چٽيل آهي. ڪجھ مهرون مستطيل شڪل جون بہ آهن. جن تي فقط تحرير لکيل آهي. چورس شڪل جي مهرن جي پاسن تي بہ سوراخ دار ڪندا لڳل آهن ۽ مستطيل مهرن جي وچ ۾ آرپار سوراخ آهن. جن ۾ ڌاڳو پٽو ويندو هو. معلوم ٿئي ٿو تہ انهن مهرن کي پٿرن مان ڪاٽي ٺاهيو ويو هوندو. بعد ۾ انهن ٽڪرن کي قينچي يا چاقو سان تراشي نقش نگار ۽ تحرير لکي ويندي هوندي. ان بعد انهن تي چن جا تھ جمائي ڪين باھ ۾ پچايو ويندو هوندو. گهڻين مهرن جا نقش موجوده دور جي پتل جي مهرن وانگر ابتا ٺهيل آهن، جڏهن ڪين ڪنهن هنڌ لڳايو ويندو هوندو تہ اصلي تصوير سڌي اچي ويندي هوندي.

ٻيڙيءَ کان جهاز تائين

اوائل ۾ انسان شڪار لاءِ ننڍيون ٻيڙيون تيار ڪيون. اهي ٻيڙيون ڪنهن وڏي وڻ جو ٿڙ وچ مان ڪوڪلو ڪري ٺاهيون وينديون هيون. ٿڙ جو هڪ پاسو ڪٽي ۽ پوءِ وچ واري ڳر ڪڍي ان ۾ ويهڻ جي جاءِ ٺاهي ويندي هئي. ٿڙ اوائل ۾ پٿر جي ڪهاڙين سان ڪوڪلو ڪندا هئا ۽ ان کي کهري پٿر سان لسو ڪندا هئا. جيئن ماڻهو ان ٻيڙيءَ ۾ ويهي سولائي سان شڪار ڪري سگهي يا درياهن ۽ ڍنڍن رستي هڪ علائقي کان ٻئي علائقي ۾ وڃي سگهي.(7)

سنڌو سڀيتا جو پتو پوڻ کان اڳ دنيا وارن جي نظر ۾ تہ پهرين جهاز راني جو فن فنيقي قوم ايجاد ڪيو. جن کي ڪنعاني بہ سڏيو ويندو هو. سندن ملڪ ڪنعان (فنيشيا) شام ۽ فلسطين جي ڪناري وارو ملڪ هو. جنهن ۾ هاڻي شام، لبنان ۽ اسرائيل جا ملڪ اچي وڃن ٿا.(8)

پر جڏهن سنڌ ۾ قديم آثارن جون کوٽايون ٿيون ۽ سنڌو سڀيتا پنهنجي عجائبات سان ظاهر ٿي تہ ماهرن کي ان پراڻي راءِ کي تبديل ڪرڻو پيو. چو جو فنيشيا کان گهڻو اڳ جهاز رانيءَ جي فن جو پتو سنڌ ۾ پوي ٿو. جهاز رانيءَ جو فن سنڌ ۾ فنيقي قوم کان بہ گهڻو اڳ هتي موجود هو. جديد تحقيق تہ ايتري قدر ثابت ڪيو آهي

تہ خود فنيشين لوڪ هتان سنڌو ماٿر مان ئي ڪنعان ويا ۽ اتي وڃي تهذيب ۽ تمدن جو بنياد وڌو. اهي هتان جا ئي لوڪ هئا جن ڪنعان ۾ فن جهاز رانيءَ کي عروج تي رسايو. قديم آثارن جو ماهر ڊاڪٽر هال ٻڌائي ٿو تہ سنڌي ماڻهو فن جهاز رانيءَ ۾ پڙ هئا ۽ سندن واپار ڏکڻ ۾ دکن ۽ سيلون، اوڀر ۾ هند ۽ چين، اولهہ ۾ ايران، عراق، يمن ۽ مصر تائين پکڙيل هو. ان ڳالهہ جي تصديق بابل ۽ نينوا جي ڪتبن ۾ ملي ٿي. جن ۾ سنڌو ۽ سمير جو پاڻ ۾ گهاٽو سٻنڌ ٻڌايو ويو آهي. (9)

سنڌين جي جهاز رانيءَ جو ٻيو ثبوت اهو مليو آهي تہ سنڌ جا ماڻهو سمير ۾ جڏهن پهتا تہ اتان جي ماڻهن، جن اڳ ڪڏهن جهاز ڪونہ ڏٺا هئا ۽ نہ وري سامونڊي سفر کان واقف هئا، تن جهازن ۾ چڙهي آيل نون ماڻهن کي 'اوئنس' سڏڻ شروع ڪيو. اوئنس انهن راڪاسن کي چئبو آهي، جيڪي خشڪيءَ تي بہ هلي سگهن ۽ پاڻيءَ تي بہ تري سگهن. اهي سنڌو ماٿر جا باشندا ئي هئا، جيڪي سمنڊ جي خوفائتي مسافري طئہ ڪري بابل پهتا. ۽ بابل ۾ وڃي رهائش اختيار ڪئي. بابل جي ڪتبن ۾ اوئنس جو مٿيون ڌڙ ماڻهوءَ جو ۽ هيٺيون ڌڙ مڇيءَ جو ٻڌايو ويو آهي(10) بابل ۾ جڏهن سنڌي ماڻهو جهازن ۾ پهتا تہ پهريون ڀيرو سمنڊ رستي ايندڙ ماڻهن کي ڏسي بابل واسي تعجب ۾ پئجي ويا ۽ هنن انهن کي عجيب ۽ غريب مخلوق سمجهي ڪين اهڙي راڪاس سان تشبيهہ ڏني ۽ انهن جو پنهنجن ڪتبن ۾ عجيب طريقي سان ذڪر ڪيو. سنڌو ماٿر کان آيل ماڻهن کي ڳچيءَ کان پيرن تائين عجيب پوشاڪ ۾ ڏسي هنن مڇيءَ سان تشبيهہ ڏني.

سنڌو سڀيتا جي دور ۾ مڪران جي سامونڊي ڪناري تي دشت نديءَ جي واديءَ ۾ "ستڪگين در" ۽ شادي ڪرونديءَ جي ماٿر ۾ "ستڪگين ڪوهہ" سنڌ ۽ عراق وچ ۾ جهاز رانيءَ جا بہ وڏا مرڪز هئا. جتي سامونڊي جهاز لنگر هڻندا هئا.(11) ساڳئي ئي وقت ڪنيات جي نار جي ڪناري تي لوٿل نالي شهر جي کوٽائي مان سامونڊي جهازن ناهڻ جي هڪ گودي ملي آهي، جيڪا سڄي پڪين سرن جي ٺهيل آهي. (12)

واپار:

مسٽر پگٽ لکي ٿو تہ: ”موھن جي دڙي ۽ ھن علائقي جي ٻين شھرن ۾ يڪسانيت ۽ ھڪ جھڙائي جيئن پڪيون سرون، برتن ھڪ جھڙا ۽ معياري، ھر جڳھہ تي ھڪ ئي رسم الخط مان اندازو لڳائي سگھجي ٿو تہ موھن جي دڙي تي واپاري طبقو حاوي ھيو. جيڪو سمنڊ پار جي ڏوراھن ڏيھن ڏانھن پنھنجو مال وڪڻڻ ويندو ھو ۽ ان واپار جي خاطر ھنن ملڪ اندر ھر جڳھہ تي رستا ۽ سنا شھر تعمير ڪرايا ۽ ٻاھرين ملڪن ۾ پنھنجون ڪوٺيون قائم ڪيون.“ (13)

بابل ۽ نينوا جي ڪتبن ۾ سنڌ جي شربتي ململ جو ذڪر ڪيو ويو آھي. جنھن کي ’سنڌو‘ سڏيو ويندو ھو. ان مان خبر پوي ٿي تہ سنڌ جا ھنرمند ململ جو ڪپڙو تيار ڪري پرڏيھہ ۾ وڪرو ڪري ناڻو ڪمائيندا ھئا، يا ان جي بدلي اتان شيون خريد ڪري ھتي آڻيندا ھئا. سنڌ جا رھواسي بابل ۽ نينوا ڏانھن مصالحو، سرھاڻ، ناريل ۽ نير پڻ کڻي ويندا ھئا. (14)

ڪئليفورنيا يونيورسٽي آمريڪا جي ماھر جوناٿن مارڪ تحقيق بعد ثابت ڪيو آھي تہ سنڌ جا رھواسي موھن جو دڙو واري دور ۾ افغانستان، ميسوپوٽيميا ۽ ايران سان ڪوڏن ۽ سپن جو واپار سمنڊ رستي ڪندا ھئا. موھن جي دڙي جي رھواسين ان واپار کي ڪافي زور وٺايو. موھن جي دڙي مان اھڙي سپ ملي آھي ۽ اھڙيون سپون مڪران ۽ سبي جي علائقي مان پڻ مليون آھن. مڪران جي علائقي مان کوٽائي دوران ھٿ آيل 6 ھزار سال پراڻو ھار جيڪو سپن جو ٺھيل آھي، ان ڳالھہ جي ثابتي ڏئي ٿو تہ ھتي اھو واپار ۽ صنعتي شين جي ٻين ملڪن سان مٽاسٽا عروج تي ھئي.(15)

سنڌو سڀيتا جي دور ۾ سنڌ مان ململ کان سواءِ نير ۽ دوائون بہ ٻين ملڪن ڏانھن موڪليون وينديون ھيون. موھن جي دڙي مان ڪاري رنگ جو سلاجيت ۽ ڦاڙھي جا سنڱ بہ ھٿ ڪيا ويا آھن. سنڌ جا باندر، مور ۽ عاج بيت المقدس تائين ھتان جا واپاري کڻي ويندا ھئا. (16)

ھندوازم ڪتاب جو مصنف ڪي ايم سين ڄاڻائي ٿو تہ سنڌو ماٿر جي سڀيتا جو بنياد وجھندڙن کي چاندي، ٽامي، جست ۽ پتل جي استعمال ڪرڻ جي ڄاڻ ھئي ۽ ھو لکڻ پڙھڻ ڄاڻندا ھئا. وٽن واپاري طبقو ھو ۽ ھو ڪن ھنرن ۽ ڪاريگريءَ ۾ تمام ھوشيار ھئا. ان ئي وقت ۾ چانھون جو دڙو ”زيورن جو شھر“ سڏيو ويندو ھو. زيور

سون، چاندي، ٽامي ۽ ٻين ڌاتن مان ٺاهيا ويندا هئا.

موهن جو دڙو هڪ واپاري منڊي هئي. هتان ويجهن علائقن کان سواءِ ڏوراهن ڏيهن ڏانهن واپار پڻ ڪيو ويندو هو. موهن جي دڙي ۽ هڙاپا مان لاتعداد ٻيل گاڏين جا آثار مليا آهن، جن مان اندازو ٿئي ٿو ته سامان ڪٽي اچڻ ۽ وڃڻ لاءِ ٻيل گاڏيون به استعمال ڪيون وينديون هيون. موهن جي دڙي جا ماڻهو جانورن کي بار ڍوئڻ ۽ گاڏين هڪلڻ لاءِ پڻ استعمال ڪندا هئا. موهن جي دڙي مان گهوڙن جون هڏيون ملڻ ان ڳالهه جي ثابتي آهي ته گهوڙو هتي بار ڍوئڻ ۽ سواري لاءِ پڻ استعمال ٿيندو هو. ٻيل گاڏين ۽ جانورن کان سواءِ هتي ٻيڙين ذريعي به سامان آندو ويندو هو. سنڌو ندي جهاز راني لاءِ انتهائي موزون رهي آهي. ان دور ۾ وڏيون ٻيڙيون آسانيءَ سان هڪ شهر کان ٻئي شهر ڏانهن سامان ڪٽي وينديون هيون. ڪاٺ مان ٺهيل ٻيڙيون ضرور موجود هونديون، پر اهي وقت گذرڻ سان سڙي رک ٿي ويون هونديون. ان هوندي به ڪجهه اهڙيون ثابتيون مليون آهن، جيڪي ان سلسلي ۾ اسان جي رهنمائي ڪن ٿيون. مثلن هڪ مهر تي ٻيڙي جي تصوير ملي آهي. ان مان ظاهر آهي ته هتان جا ماڻهو ٻيڙي ٺاهڻ ۽ ان کي هلائڻ جي مهارت رکندا هئا.

سنڌو ماٿر مان مختلف سامان پرڏيهه روانو ڪيو ويندو هو ۽ اتان وري هتي نه ملندڙ شيون ۽ سامان آندو ويندو هو. مثلن فيروزه، گيروب، رال، خاص قسم جا هڏا، هاٿي ڏند، سيپ، گهونگها وغيره موجود هجڻ مان ثابت ٿئي ٿو ته اهي شيون ٻاهران آنديون وينديون هيون. ٻاهران گهرايون ويندڙ شين ۾ هيٺيون شيون ذڪر ڪرڻ لائق آهن:

1. سنگمرمر: راجپوتانا، 2. سون: ڏکڻ هندستان، افغانستان، ايران، 3. چاندي: ڏکڻ هند، افغانستان، ايران، آرمينا، 4. ٽامون: ڏکڻ هند، افغانستان، راجپوتانه، 5. قلعي: افغانستان، ايران، راجپوتانه، 6. فيروزه: ايران، خراسان، 7. سنگ جراحت: ڪاٺياواڙ ۽ بلوچستان، 8. ياقوت: ڏکڻ هندستان، 9. سليٽ جو پٿر: راجپوتانه، 10. عقيق: راجپوتانه، ڪاٺياواڙ، ڪشمير وغيره.

حوالا ۽ سمجهاڻيون:

1. مولانا قاسمي، رسالو الرحيم سنڌي، حيدرآباد، 1967ع
2. Sir John Marshall, "Mohen jo Daro and Indus Civilization" Vol: 1, P-VI
3. Khan, Dr. F.A, "Preliminary report on Kot Diji Excavation" 1956-58
4. روانہ هلال پاڪستان 31 ڊسمبر 1983ع
5. روزانہ هلال پاڪستان ڪراچي، 21 ڊسمبر 1984ع
6. Graersen, "Linguistic Survey of India" Vol: 1, Part 1, P-35-132
7. انسان بڙا ڪيسي بنا، ص- 156-158
8. Philip, Hitti, "History of Syria" P-100
9. Hall, H.R, "Ancient History of Near East" P-171-174
10. Siecus, "History of Persia" Vol: 1, P-6
11. آئرل استيئن، "آرڪيالاجيڪل ٽوئر آف گدروسيا" ڪلڪتو، 1931ع، ص-71
12. Wheeler, S.M, "Indus Civilization" P-51-52
13. Sturat Piggott, "Pre-Historic India" 1950
14. Majumdar, R.L, "History and Culture of Indian People" Bombay, 1955, Vol: 2, P-611-612
15. جوناٿن مارڪ "سنڌو ماٿر ۾ ڪوڏن ۽ سپن جو واپار" جي موضوع تي ڪئليفورنيا يونيورسٽي آمريڪا طرفان ڊاڪٽريٽ جي ڊگريءَ لاءِ مقالو لکندي اهڙو انڪشاف ڪيو آهي. ڏسو عبرت 7 نومبر 1981ع
16. تمدن سنڌ، ص-29

سنڌو سيپتا جي وارثن جي ٻولي ۽ لپي

دنيا جي پراڻين تهذيبن جي کنڊرن مان مليل ڪتبن مان ظاهر ٿئي ٿو ته شروعات ۾ انسان شڪليون ناهڻ سکيو ۽ انهن کي لکڻ جو طريقو ڪري استعمال ڪرڻ لڳو. اهو طريقو هيل تائين مليل ثابتين مان پهريان سنڌو ماٿر مان ملي ٿو. انهيءَ صورتخطيءَ ۾ هرهڪ اُچار يا آواز لاءِ جدا جدا مورت هئي ۽ انهن مورتن کي ڳنڍي اکر يا جملو ناهيو ويندو هو. فرض ڪريو ته جي لکڻو آهي ته ماڻهوءَ شينهن کي ماريو، ته انهيءَ حالت ۾ شينهن جي شڪل ڪڍي ماڻهوءَ کي سندس سامهون يا پويان بيهاريو ويندو هو ۽ ان جو ڀالو شينهن جي پيٽ ۾ آرپار ڏيکاريو ويندو هو. شينهن جي شڪل اهڙيءَ طرح ڏيکاربي هئي جڻ ته اهو سور ۽ پيڙا وچان مري رهيو آهي. ان قسم جي لکڻيءَ کي پڪٽوگراف يعني تصويري رسم الخط چئبو آهي. جيڪڏهن انسان مصوري نه سکي ها ۽ اوائل ۾ شڪليون ڪڍڻ نه سکي ها ته هو لپي يا صورتخطي ايجاد نه ڪري سگهان. ان ڪري انسان لکڻ کان اڳ مصوري ڪرڻ سکي هئي. ان بعد ئي هن پنهنجي خيالن کي چٽڻ ۽ شڪلين رستي ظاهر ڪرڻ شروع ڪيو. جنهن مان ئي اڳتي هلي صورتخطي وجود ۾ آئي.

آمري مان مليل ٿانون جي ٿهه تي جيڪي چٽ چٽيل آهن، انهن چٽن ۾ لکت جا پڻ نشان ملن ٿا. اهي سادا نشان مخروطي نمونې جا پيا لڳن. اهڙي لکت اسان کي آمريءَ جي هيٺين ٿهه کان وٺي آمريءَ جي شهري تمدن (موهن جي دڙي واري تهذيب) واري دور جي ٿهه تائين ملي ٿي. ٿانون تي لکت جا ڪل 39 نمونا مليا آهن. جن مان ڪي موهن جي دڙي جي لکت سان واسطو ۽ مشابهت رکندڙ آهن.(1) ٿوئن بي موهن جي

دڙي جي ماڻهن بابت چوي ٿو ته ان قوم جي الف بي سيني هجي جي حرفن جي ماءُ آهي. (2)

سنڌو ماٿر جي ماڻهن اها پڪٽوگراف رسم الخط سڌاري هڪ نئين رسم الخط ايجاد ڪئي، جيڪا "ڪيونيفارم اسڪرپٽ" يا "خط ميخي" ڪري سڏي وڃي ٿي. هن لکت ۾ 560 نشانيون هيون. جي جدا جدا لفظن ۽ اکرن لاءِ استعمال ڪيون ويندون هيون. ڪيونيفارم نالو مٽس ان ڪري پيو جو هرهڪ نشان ۾ تمام گهٽيون ڪنڊون يا نوڪون استعمال ٿينديون هيون. اها ساڳي ڪيونيفارم صورتخطي اولهه ايشيا ۾ هتان سنڌ مان وئي. ان رسم الخط کي اولهه ايشيا ۾ رائج ڪرڻ جو سهرو سميري ثقافت جي وارثن تي آهي. جن جا پڻ سنڌو ماٿر جي وارثن سان ويجها ۽ گهاٽا لاڳاپا هئا.(3)

سنڌ ۾ قديم آثارن جي کوٽائي کان اڳ ماهرن وٽ اها راءِ موجود هئي ته تحرير جو فن سپ کان پهريان دجله ۽ فرات وارن ايجاد ڪيو. ان بعد مصري تهذيب وارن ۽ پين سکيو. موهن جي دڙي جي کوٽائي کان اڳ ماهر ان راءِ جا هئا ته لکڻ جو هنر ساڍا پنج هزار سال پهريان عراق جي شهر اريڪ ۾ ايجاد ٿيو. اريڪ شهر جي کوٽائي 1924ع ۾ جرمن ماهرن ڪرائي ۽ اتان ڪين هڪ تصويري تحرير ملي. جيڪا 3500 ق-م ڌاري مٽيءَ جي هڪ تختيءَ تي لکيل هئي.

ميسوپوٽيميا جي سمير تهذيب جي لپي موهن جي دڙي جي لپيءَ جهڙي آهي. ٻئي طرف ايشيا مائنر جي تيل رهف ۽ بوگزڪوئي مان جيڪا نهايت پراڻي هتائيٽ تهذيب ملي آهي، اها ۽ اتان جي پراڻي هتائيٽ لپي سنڌو تهذيب ۽ سنڌو لپيءَ جهڙي آهي.

ايجپٽ مان سر پيٽريءَ کي اتان جي پهرين انساني آباديءَ جون جيڪي شيون مليون آهن ۽ جيڪا انهن جي پراڻي لپي ملي آهي، سا به سنڌو لپي سان ڪافي حد تائين مشابهت رکندڙ آهي.

پئسفڪ سمنڊ جي نيڪرني ۽ ايسٽرڪيو مان ٿورا سال اڳ هڪ حيرت انگيز پراڻي لپي ۾ لکيل ليک مليا آهن. ان لپيءَ جي جاچ ڪندي معلوم ٿيو آهي ته اها سنڌو لپيءَ جي ئي ڏيءُ هئي. ڊاڪٽر لئنگڊن جهڙي ماهر ان بابت چيو آهي ته: "موهن جي دڙي جي تهذيب وارا ماڻهو پراڻي زماني ۾ پئسفڪ سمنڊ ۾ آمدرفت ڪندا هئا ۽ اها انهن جي ئي لپي ۽ تهذيب آهي. جيڪا ايسٽرڪيو جي ڪنڊرن ۾ ملي آهي."

آمريڪا جي پراڻن رهاڪن مايا ماڻهن جي لپي ۽ سنڌو لپيءَ ۾ ڪافي هڪ جهڙائي آهي ۽ ان مان اهو چئي سگهجي ٿو ته پراڻي سنڌي لپي ڪافي پري پري تائين پکڙي. سنڌي ماڻهو جيڪي بعد ۾ آمريڪا ۾ ڳاڙها هندستاني سڏجڻ لڳا، سي سنڌو ماٿر مان آمريڪا پهتا هئا ۽ اتي وڃي پنهنجي ٻوليءَ ۽ لپيءَ کي عام ڪيو هئائون.(4)

سنڌو سڀيتا جي عروج واري دور ۾ ڪيترائي قبيلا سنڌ مان لڏپلاڻ ڪري ٻاهر ويا. ڪي پنجاب واري واٽ وٺي اتر هندستان ڏانهن پکڙڻ لڳا ته ڪي وري سرحد پار ڪري ايران ۽ ان جي آس پاس وارن ملڪن ۾ رهڻ لڳا. ڪي قبيلا سمنڊ رستي سمير، بابل، نينوا ۽ فونيشيا وڃي پهتا. ماهرن موجب فونيشين يا پڻي لوڪ سنڌو ماٿر جي رهواسين جي ٻڻ ٻڌياد مان هئا. هنن يورپي ٻولين جي آئيوتا پنهنجي اصلوڪي مورتي لپيءَ مان پيدا ڪئي. هندستان ۾ وري ان مورتي لپيءَ مان برهمي رسم الخط پيدا ٿيو. ان ڳالهه تي هاڻي ٻوليءَ جا ماهر متفق آهن ته سمير جي مورتي لپيءَ جون ڪيتريون نشانيون سنڌي صورتخطيءَ جون نشانيون آهن. جن ڪي سميرين محض پنهنجي ٻوليءَ جا آواز ڏئي لکڻ شروع ڪيو. لينارڊ وولي چوي ٿو ته سميرين ماڻهو اوڀر کان اچي فرات جي ڪناري تي آباد ٿيا. سميرين تهذيب تي تحقيق ڪندڙ آمريڪا جي مشهور آرڪيالاجسٽ نوحا ڪريمر جو به ساڳيو خيال آهي. هيروڊوٽس به ان خيال جو آهي ته فونيشين ماڻهو ايريٿرين سمنڊ يعني هندي سمنڊ جي ڪناري کان ٻيڙين ۾ چڙهي آيا هئا. انجيل مطابق حضرت نوح جو اولاد اوڀر کان "شنار" (بيبيلان) پهتو هو. اهي اوڀر جا ماڻهو سنڌي ئي هئا. چاڪاڻ ته ان دور ۾ تهذيبي طرح سنڌي تمدن ئي اوڀر ۾ ثابت ٿي سگهيو آهي. اهي سمورا قبيلا پنهنجي اصلوڪي زبان، صورتخطي، مهرن ۽ لکيتن جي صورت ۾ پاڻ سان کڻي ويا. وقت گذرڻ سان انهن ئي نشانين کي ڪتب آڻي، انهن کي نيون معنائون ۽ نوان اچار ڏئي نوان رسم الخط ايجاد ڪيا ويا. هنن ٻولي ۾ ته نه رڳو نشانيون ساڳيون ملن ٿيون پر خود ڪيترا لفظ هوبهو سنڌيءَ جا ملن ٿا. جيڪي موهن جي دڙي جي زماني جا آهن. چاڪاڻ ته هني ٻولي موهن جي دڙي جي زماني کان اٽڪل 2500 ورهيه پوءِ جي آهي.

سنڌو ماٿر جي لوڪن جي ٻولي

سنڌو سڀيتا جي وارثن جي ٻوليءَ بابت لساني ماهرن ۾ وڏا اختلاف موجود آهن. ان جو وڏو سبب موهن جي دڙي سميت ٻين قديم آثارن مان مليل لکتن جو پڙهجي نہ سگهڻ آهي. سنڌو ماٿر جا ماڻهو وڏن دستاويزن لاءِ ڦرها، چمڙي ۽ ڪپڙي جا ٽڪرا ۽ ڪاٺ جون تختيون ڪم آڻيندا هئا، جيڪي وقت گذرڻ سان ڳري، سڙي ۽ مٽيءَ ۾ ملي ويا. ان ڪري ان دور جي ٻوليءَ ۽ لکت بابت انتهائي گهٽ ثابتيون مليون آهن. جيڪي بہ مهرون ۽ ٻوليءَ بابت ٻيون شهادتون مليون آهن، سي انتهائي گهٽ ۽ اڻ پوريون آهن. ڪي تختيون ۽ مهرون ڀڄي پرزا پرزا ٿي ويون آهن، تہ ڪن تي وري هڪ اڌ اکر مس لکيل مليو آهي.

موهن جي دڙي جي کوٽائي بعد قديم آثارن جي مختلف ماهرن اتان مليل لکتن کي پڙهڻ يا سمجهڻ کان اڳ ئي مفروضي تحت سنڌي ٻولي جو واسطو مختلف ٻولين جي شاخن سان منسوب ڪري ڇڏيو. جنهن جو ڪوبہ علمي ۽ عقلي جواز موجود نہ هو. ڪن ماهرن ان کي سامي صفت جي ٻولين جي شاخ قرار ڏئي ڇڏيو تہ ڪن وري ان کي سنسڪرت جي ڌيءَ قرار ڏيڻ ۾ ڪابہ جهجهڪ محسوس نہ ڪئي.

يورپ جا محقق ۽ لساني ماهر جڏهن هندستان آيا تہ هنن پهريان سنسڪرت جو مطالعو ڪيو، بعد ۾ پنهنجي محدود مطالعي جي آڌار تي هتان جي ٻين ٻولين کي سنسڪرت ٻوليءَ جون شاخون ظاهر ڪيو. هنن کي جنهن بہ ٻوليءَ جي سنسڪرت سان ٿوري بہ مشابهت نظر ٿي آين تہ تڪڙ ۾ اها راءِ پئي قائم ڪين تہ اها ٻولي پڻ سنسڪرت جي پيٽ يا ڌيءُ آهي. تامل، تيلگو ۽ ڪناڙي ۾ سنڌي ٻوليءَ جون ڪجهہ خاصيتون ڏسي ڏکو ڪٺي هنين تہ سنڌي ٻولي انهن ٻولين جي گروپ مان جڙي راس ٿي ۽ اهي دراوڙي ٻوليون آهن. يا وري سنسڪرت ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪافي هڪجهڙائي ڏسي سنڌي زبان کي سنسڪرت جائي ٿي سمجهين. پر اصل ۾ ائين ڪونہ هو. ان جو ڪوبہ ثبوت موجود نہ هو. تامل تيلگو ۽ ڪناڙي ٻولين جي وارثن جون تهذيبون ايتريون قديم نہ آهن، سندن تهذيبون سنڌو سڀيتا جي پيٽ ۾ بارڙيون لڳن ٿيون.

موهن جي دڙي، هڙاپا ۽ سنڌو ماٿر جي ٻين قديم آثارن جي کوٽائي بعد نين

لڪتن جي ملڻ ۽ وقت بوقت نوان انڪشاف يورپي ماهرن جي انهن نظرين کي رد ڪندا رهيا ۽ ماهر وقت بوقت پنهنجي خيالن ۾ تبديليون آڻيندا رهيا. پر هڪ اهڙو به ٽولو هيو، جيڪو هرويرو مذهبي ڪٽرپڻيءَ ۾ هٺ ڌرميءَ ڪري زوريءَ پنهنجي راءِ تي ڏڍ هٺي ويهي رهيو ۽ سنڌي ٻوليءَ کي هتان جي اصل نج ٻولي مڃڻ کان انڪار ڪندو رهيو. ان ٽولي ۾ ڪٽر هندو، سنڌي زبان کي سنسڪرت ۽ ٻين دراوڙي نسل جي ٻولين مان نڪتل ٻولي سمجهڻ لڳا ۽ ٻيا وري ڪٽر مسلمان هرويرو سنڌي زبان جو واسطو عربي ۽ سامي نسل جي ٻولين سان ڳنڍڻ لاءِ جتن ڪرڻ لڳا.

سنڌي زبان کي سنسڪرت ٻوليءَ مان نڪتل ڏيکارڻ واري گروپ جو اڳواڻ گريئرسن صاحب آهي. سندس ان نظرئي کي سنڌ ۾ وڌيڪ مشتهر ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻي پنهنجي ٻن ڪتابن ذريعي ڪيو. هن ان ڳالهه کي هٿي وٺائي ته سنڌي زبان هند آريائي زبانن جي شمالي مغربي گروهه سان تعلق رکي ٿي ۽ ورچڊا اپڀرنش پراڪرت سان هن جو سڌو تعلق آهي.

ڊاڪٽر اين بي بلوچ ۽ ابوالجلال ندوي ان ڳالهه تي زور ڏنو ته سنڌي سنسڪرت زبان نه آهي، ابو الجلال ندوي جي چوڻ موجب سنڌي سنسڪرت ۽ تامل سان ڪوبه تعلق نه ٿي رکي.(5)

موهن جي دڙي ۽ هڙاپا مان اٽڪل 800 کن مهرون ۽ تائيت لڌا آهن. جن تي شڪليون، تصويرون ۽ نشانيون اُڪريل آهن. انهن مان مکيه نشانيون ۽ سجاٽپ ۾ اينڊڙ 400 کن ملن ٿيون. اها ان وقت جي سنڌي لپي هئي.(6) ڊاڪٽر جي آر هنٽر، مئڪي، سڊني سمٿ، سي جي گڏڊ تحقيق بعد اهو نظريو قائم ڪيو آهي ته برهمي رسم الخط موهن جي دڙي جي سنڌي لپي مان ڦٽي نڪتي. هنٽر ان خيال جو آهي ته برهمي، سبائين، صفائين، سائپريٽ (قبرص ملڪ) ۽ فونيشين رسم الخط، سنڌي رسم الخط مان ئي اپريا ۽ اسريا.(7) ڊاڪٽر هنٽر ته ان حد تائين خيال ڏيکاريو آهي ته ممڪن آهي ته ان وقت سنڌين کي ايراني نار تائين سامونڊي آمدرفت ۽ جهاز رانيءَ ۾ هڪ هٿي حاصل هئي. اها حقيقت انجيل ۾ ذڪر ٿيل هرم بادشاهه ۽ سليمان عليه سلام جي وچ ۾ ٿيل معاهدي جي روايت کي ثابت ڪري ٿي. جنهن معاهدي مطابق فونيشين (سنڌين) لوڪن کي ايزئنجبر ۾ بينڪ قائم ڪرڻ جي اجازت ملي هئي.

ڪوپن هيگن (فنلينڊ) جي چئن سائنسدانن آسڪوپارپولا، سپو ڪوسڪينيامي، سيموپارپولا ۽ پنيٽي النو 1970ع جي ڏهاڪي ۾ دعويٰ ڪئي آهي تہ هنن موهن جي دڙي جي قديم رسم الخط پڙهي ۽ سمجهي ورتو آهي. هنن موهن جي دڙي جي رسم الخط ڪي دراوڙي قرار ڏنو آهي. (8) هنن اها راءِ ان بنياد تي قائم ڪئي آهي، ڇاڪاڻ تہ سنڌي ٻوليءَ جا لفظ دراوڙي ٻولين ۾ موجود آهن. پر اهي ماهر ان حقيقت ڪي ويجهو نہ پهچي سگهيا آهن تہ اصل ۾ دراوڙي ٻولين تي آڳاٽي سنڌي ٻوليءَ جو اثر هو ۽ موهن جي دڙي جي ٻولي دراوڙي نہ پر آڳاٽي سنڌي ٻولي هئي.

ڊاڪٽر پرپولا، سيموئل پرپولا ۽ روس جي ٻين عالمن ڪمپيوٽر ذريعي موهن جي دڙي جي قديم لکت ڪي پڙهڻ ۾ ڪاميابي جي دعويٰ ڪئي آهي. هنن موجب "موهن جي دڙي واري ٻولي، دراوڙي ٻولين جي ماءُ آهي. جنهن مان اهي دراوڙي ٻوليون ڦٽي نڪتيون."(9) هنن ماهرن موهن جي دڙي مان مليل ڪن مهرن جون پڙهٽيون بہ ڏنيون آهن. ڪي لفظ اڄ بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ عام آهن. ان وقت جا اُچار هيٺ ڏجن ٿا:

(1) ڪنواٺي (2) ڦٽي (3) ڪوڙي (4) چڪر (5) مُنيو (6) طبل (7) مٺ (8) مڇي (9) ڪوٺ (10) نارُ (11) ڏمال (12) ڪٺ

ٻوليءَ جا ماهر ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ پراڻي (پروٽو) سنڌي ٻولي ئي سنڌو سڀيتا جي وارثن جي ٻولي هئي. سنڌي ٻوليءَ جون پاڙون موهن جي دڙي واري سڀيتا ۾ کتل آهن. پروٽو سنڌي ٻوليءَ جون خاصيتون هندستان جي ٻين ٻولين ۾ هجڻ ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ انهن ٻولين جو اصل بڻ بڻياد پروٽو سنڌي هئي. بابل ۽ ميسوپوٽيميا ۾ سنڌي ٻوليءَ جون نشانيون ملڻ مان اها ڳالهہ ظاهر ٿئي ٿي تہ سنڌو ماٿر جي ترقي يافتہ تهذيب جي وارثن واپار سانگي اتي پهچڻ بعد پنهنجي ٻوليءَ جو انهن ديسن ۾ ڦهلاءُ ڪيو. جنهن ڪري بابل ۽ ميسوپوٽيميا جي قديم آثارن مان ٻولي بابت مليل باقيات جو موهن جي دڙي جي ٻولي سان هڪجهڙائي ان جو ثبوت آهي. ماهرن اهو ثابت ڪيو آهي تہ مکيہ دراوڙي ٻوليون تامل، تيلگو ۽ ڪناڙي اصل پروٽو سنڌي ٻوليءَ مان ڦٽي نڪتيون آهن. جڏهن تہ سنسڪرت جي ڀيٽ ۾ سنڌي ٻوليءَ گهڻي پراڻي آهي.

حوالا ۽ سمجهاڻيون:

1. سراج الحق، آمري، ماهوار نئين زندگي ڪراچي، مارچ اپريل 1966ع
2. Toynbee, P-9
3. ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ، صورتخطيءَ جي ارتقا، ماهوار نئين زندگي ڪراچي، مارچ 1967ع
4. National Geographic Magazine, Feb. 1922
5. ندوي ابو الجلال، موهن جو دڙو ڪي زبانين، رسالہ تاريخ و سياست، نومبر 1953ع
6. سنڌي ٻولي، ص-122
7. Hunter, "Script of Harapa and Mohenjo Daro", P-22
8. مهر ڪمال، موهن جي دڙي جي ٻولي ڪهڙي هئي، ماهوار نئين زندگي ڪراچي، آڪٽوبر 1969ع
9. The Daily Dawn, Karachi, Sunday, July 20th, 1969, P-17

سنڌو ماٿر جي شهري رياست جا مذهب ۽ نظريا

سنڌو ماٿر جا رهواسي زراعت سان منسلڪ هجڻ سان گڏوگڏ واپاري پڻ هئا. ان ڪري هنن وٽ زندگيءَ جي باري ۾ هڪ الڳ نقطي نظر هيو. سنڌي تهذيب ٻين تهذيبن جي ڀيٽ ۾ مادي مزاج جي هئي. واپاري طبقي وٽ مذهب ثانوي حيثيت رکندڙ هو، ان ڪري هتي مذهبي خيال وڌيڪ پرورش وٺي نہ سگهيا. واپاري هجڻ ڪري هنن وٽ روح بدران جسم، آسمان بدران زمين ۽ وحدت بدران ڪثرت کي اهميت حاصل هئي. هو ماڻهو قدرت تي گهڻ ڀاڙيندا هئا.

سنڌ ماٿر جي سڀيتا جو بنياد مذهب نہ پر واپار تي ٻڌل هيو. موهن جي دڙي ۽ هڙاپا سميت سنڌو ماٿر جي ٻين اهم شهرن جي استحڪامت مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ان تمدن جو بنياد مذهب تي نہ پر پرڏيهي واپار تي هيو.(1) قديم آثارن جو ماهر اسٽروٽ پگاٽ ان نقطي نظر جو آهي تہ سنڌو سڀيتا جي واپاري پيشا ملڪي حڪمرانن جو سياسي نقطي نظر لاديني هيو. (2)

پروفيسر ڪي ايم سين پنهنجي مشهور ڪتاب "هندو ازم" ۾ لکيو آهي تہ موهن جي دڙي يا هڙاپا جي کوٽائي مان گڏجي عبادت ڪرڻ جون ڪي جايون ڪونہ مليون آهن. موهن جي دڙي ۽ هڙاپا سميت سنڌو ماٿر جي ٻين اهم شهرن جي استحڪامت مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ان تمدن جو بنياد مذهب تي نہ پر پرڏيهي واپار تي هيو.(3)

سنڌي تهذيب ۾ شو ۽ ڳئون جي علامت ظاهر ڪري ٿي تہ اهي ٻئي شيون زرخيزيءَ جون علامتون هيون. ڇو جو زراعت جو تعلق ڌرتيءَ ۽ ڏاند سان هيو. ان ڪري انهن ٻنهي شين جي وڏيڪ عزت ڪئي ويندي هئي. ٻيو جنسي ميلاپ جي حساب سان عورت ۽ مرد جي خاص عضوون کي وڏيڪ اهميت هئي. ڇو جو عورت جي خاص عضووي ۾ جڏهن مرد ٻج داخل ڪندو هو تہ تخليق جو عمل ٿيندو هو. اهڙي طرح

جڏهن زمين تي ٻج ڇٽبو هو تہ اتان فصل پئدا ٿيندا هئا.

سنڌو ماٿر جا ماڻهو تخليق جي مادي تصور جا قائل هيا. انهن لاءِ تخليق هڪ مسلسل عمل هئي، هيءُ عمل بهار ۾ وڻن جي ڦوٽهڙي اچڻ سان شروع ٿيندو هو. ٻنين ۽ کيتن ۾ جوڙا وڃي پيار وندبيندا هئا ۽ تخليق جو عمل (جماع) ڪندا هئا. ماهرن موجب سنڌو ماٿر ۾ تخليق جو تصور جدلي يعني مادي هو، پر ٻين ديسن ۾ اهو تصور سلبي (روحاني) نظر اچي ٿو. قديم سنڌين جو خيال هيو تہ ڌرتي ماتا يعني زمين انسانن ۽ جانورن کي کاڌو پهچائي ٿي. تنهن ڪري اها پوڄا جي لائق آهي. عورت ۽ زمين ۾ هڪ جهڙائي هجڻ فطري ڳالهہ آهي، ان ڪري عورت ۽ ڌرتي تخليق جو سرچشمو شمار ڪيا ويندا هئا. ان زماني ۾ لنگ پرستي جو بہ رواج هيو. جيڪو پڻ تخليق جي عمل سان سلهاڙيل عضوو آهي. موهن جي دڙي مان اهڙا مجسما مليا آهن، جن ۾ مرد ۽ زال جي گڏيل تصوير آهي. جنهن مان قديم سنڌين جي نظرئي بابت پتو پوي ٿو. موهن جي دڙي مان هڪ مرد جو مجسمو مليو آهي، جنهن کي سرجان مارشل ديوتا سڏي ٿو. اهو مرد مچيءَ جي يوگ آسڻ تي ويٺل آهي. هڪ اهڙي عورت جي تصوير بہ ملي آهي، جيڪا اونڌي منهن ٽنگون ٽيڙي پئي آهي، سندن خاص عضوي مان ٻوٽي جو ٻوٽو اسرندي ڏيکاريل آهي. جنهن مان عورت تخليق جي ماءُ هجڻ واري تصور کي هٿي ملي ٿي. (4)

سنڌو ماٿر جي قديم شهرن ۽ وسندين مان مندر، بت يا ڪا مذهبي مورتي ڪانہ ملي آهي. سنڌو ماٿر جي رهواسين جو تخليق بابت عقيدو هيو تہ عورت ۽ ڌرتي ماتا ئي هر شيءَ جي تخليق جو بنياد آهي. هتان جا رهواسي جڏهن واپار سانگي ٻاهرين ملڪن ۾ پهتا تہ اتي بہ هنن ان تصور کي وڌايو ۽ ڌرتي ماتا جي پوڄا شروع ٿي. ڌرتي ماتا جي پوڄا واري تخيل جا خالق سنڌي هئا. عراق ۾ پڻ ڌرتي ماتا جي پوڄا ٿيندي هئي، جنهن کي عورت سان تشبيح ڏني ويندي هئي. عراق جي قديم آثارن مان مليل هڪ ڪتبي تي هڪ داستان مليو آهي، جنهن بابت ماهرن جي راءِ آهي تہ اهو سنڌ مان ئي واپارين رستي عراق پهتو. ڇو جو ان داستان جو واسطو سنڌ جي مشهور شهر دلمون سان آهي. عراق وارن ڌرتي ماتا کي نن هورسنگ جو لقب ڏنو آهي، سوميري ۽ عڪادي گيتن ۽ پڄنن ۾ ان جا ڪيترا ئي نالا ملن ٿا. نن هورسنگ داستان جيڪو مني

پاڻي واري ديوتا سان وابستا آهي، اهو وڏي اهميت رکي ٿو. هي داستان 4 هزار ق-م جي لڳ ڀڳ زماني جو آهي. ان داستان جو جنم گھر دلمون آهي. ڪتبي ۾ دلمون جي ساراهه ٿيل آهي.

داستان هن ريت آهي:

"دلمون جيڪو پاڪيزه ۽ صاف سٿرو آهي، جيڪو روشن ۽ منور آهي، جتي ڪوبه ڪنهن کي ڏکائي نه ٿو. جتي ڪنهن ڪنواري عورت کي وهنجڻو نه ٿو پوي ۽ نه ئي ڪنهن راڳي يا فنڪار کي ڪنهن جو مرثيو پڙهڻو پوي ٿو. نه ئي وري پوڄارين کي ديوتائن جي چوڌاري ڦيرا پائي رئڻو پوي ٿو. ... ڪنهن شهري کي ديوار جي پرسان بيهي فرياد ڪرڻو ڪونه ٿو پوي، انصاف جو گھنڊ وڄائڻو ڪونه ٿو پوي. دلمون ۾ منن چشمن جي گھٽائي آهي ۽ اناج جي ڪابه ڪمي ڪانهي. هاڻ هن شهر ۾ انڪي نالي هڪ عورت وٽ نن هورسنگ نمودار ٿئي ٿو ۽ ان سان مباشرت ڪري ٿو. نون مهينن ۽ نون ڏينهن بعد هو ماءُ بنجي وڃي ٿي ۽ هو درياهه جي ڪناري تي نن مو کي جنم ڏئي ٿي. اهڙي طرح نن مو جوان ٿي نن ڪرا کي جنم ڏئي ٿو."

هن عراقي ڪتبي ۾ سنڌ جي شهر دلمون (موهن جي دڙي) جي ايڏي تعريف ٿيل آهي، جو چوڻو پوي ٿو ته اهو داستان هتان ئي واپارين رستي اتي پهتو هوندو. ڇو جو ڪنهن شهر جي ايتري تعريف اهو ماڻهو ئي ڪندو، جنهن جو ان شهر سان رت جو رشتو هوندو.

سنڌ اندر اوائل ۾ "ماءُ آدرشي سماج" هيو ۽ جنهن ۾ عورت کي عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو، زراعت عورتن جو ڪم هئي ۽ ٻوٽا پوکڻ ۽ زمين کي زرعي مقصدن لاءِ ڪتب آڻڻ جي شروعات به پهرين عورتن ڪئي. عورت ۽ زمين جيڪي زرخيزيءَ جي علامت هيون، انهيءَ ڪري اوائلي سماج ۾ ٻنهي عورت ۽ ڌرتيءَ کي مان ۽ مرتبو حاصل هيو ۽ انهن جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. بعد ۾ جڏهن زرعي نظام پختو ٿيڻ شروع ٿيو ۽ زراعت به مردن جو ڪم بڻجي وئي ته ماءُ آدرشي سماج جي جاءِ پيءُ آدرشي سماج والاري ورتي. جنهن بعد ئي ذاتي ملڪيت جو بنياد پڪو ۽ پختو ٿيڻ لڳو. مرد معاشري جي حاوي ٿيڻ ۽ ذاتي ملڪيت جي واڌ ويجهه سبب سماج طبقن ۾ ورهائجي ويو. جنهن بعد ئي مذهب جي ضرورت پيش آئي. جيئن

متئين طبقي جي مال، ملڪيت ۽ ڦرلٽ کي مذهبي بنيادن تي جائز قرار ڏنو ويو. هيٺين طبقي کي مطيع ڪرڻ لاءِ ڪين مذهب جي بنياد تي اڻ ڏٺين قوتن جو ڊپ ڏنو ويو ۽ هن زندگيءَ جي آسائشن کي ڇڏي ڏيڻ جي عيوض هن زندگيءَ کان پوءِ ملندڙ آسائشن ۽ ثوابن جي لالچ ڏني وڃي. طبقاتي سماج جي طاقت وٺڻ بعد مذهب پنهنجي پوري قوت سان ظاهر ٿيو. ملڪ اندر پوڄارين جي طاقت وڌڻ لڳي. سنڌو ماٿر ۾ اهو دور 1500 ق-م بعد شروع ٿيو ۽ طاقت وٺڻ لڳو. ان دور کي سنڌو سڀيتا کان پوءِ وارو "ويدڪ دور" ڪوٺيو وڃي ٿو. ان ئي دور ۾ شولنگم جي پوڄا جو رواج پيو. جيڪو "پيءُ آدرشي سماج" جو اهم اهڃاڻ هيو. سنڌو ماٿر ۾ طبقاتي سماج 1500 ق-م ڌاري وڌيڪ پختو ۽ مضبوط ٿيو، واپاري طبقو ڪمزور ٿيڻ لڳو ۽ ملڪ ۾ پوڄارين ۽ پروهتن جو تعداد وڌڻ لڳو. جنهن سان مذهبي نظرين کي هٿي ملي.

انساني علم جا ماهر فريزر ۽ ٽائلر چون ٿا ته دنيا جي مڙني وحشي ۽ نيم مهذب قومن ۾ انساني قرباني جو رواج هيو. ماڻهو انهن بدنصيب لاشن کي ٻنين ۾ ٻج سميت دفن ڪندا هئا. اهو رواج مصر، عراق، آسٽريليا، ميڪسيڪو وغيره ۾ موجود هيو. پر اڄ تائين ڪوبه محقق اهو ثابت ڪري نه سگهيو آهي ته اهو رواج سنڌ ۾ به هيو. ڇو جو سنڌي ٻين قومن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ مهذب هيا. هو اهڙين ڳالهين ۾ تصورن ۾ يقين نه رکندا هئا. هنن وٽ انسان جو قدر ۽ قيمت هئي. هو صرف درياهه ۽ زمين جي پوڄا ڪندا هئا. ۽ فصلن پچڻ وقت خوشيون ڪندا هئا. هو ڌرتيءَ ۽ درياهه جي لاءِ ڪابه انساني قرباني وغيره ڪونه ڏيندا هئا.

لاش پورڻ جو طريقيڪار

موهن جي دڙي ۾ اڃا تائين ڪوبه باقاعدي قبرستان ڪونه مليو آهي. پر هڙاپا مان ٽن قسمن جا قبرستان مليا آهن. اتان مليل باقيات موجب سنڌو ماٿري ۾ لاش پورڻ جا ٽي طريقا رائج هيا.

(1) مڪمل تدفين: جنهن موجب لاش کي مٽيءَ جي هيٺان مڪمل طرح پوريو ويندو هو. انهن لاشن سان قبر اندر استعمال جون شيون، برتن، اوزار، زيور به گڏ

پوريا ويندا هئا. هڙاپا ۾ کيل کوٽائي دوران اتان ڪجهہ قبرن مان لاش زيور پهريل بہ مليا. جتي لاشن کي مٽين جا هار ۽ ٽامي جون منڊيون پهريل ۽ سندن پرسان ڪجل پائڻ جون سرايون دفن ٿيل هيون. هڪ قبر جي پيرن کان مٽيءَ جو ڏيئو، ڪڪڙ جون هڏيون بہ رکيل هيون. هڪ عورت جي لاش کي ڪاٺ جي هڪ تابوت ۾ رکي دفن ڪيو ويو آهي، ان قبر ۾ 37 برتن بہ رکيل آهن. جن مان هڪ برتن تابوت جي اندر ۽ بہ ٻاهر پيل آهن.

(2) جزوي تدفين: هن طريقي هيٺ پهريان لاش کي کليل فضا ۾ رکيو ويندو هو. بعد ۾ ان جو گوشت سڙي وڃڻ بعد هڏن جي پڃري کي دفن ڪيو ويندو هو. موهن جي دڙي مان هڪ برتن مان هڪ انساني سر مليو آهي، ان جي پرسان هڏين جا ٽڪر پيل آهن. ان برتن تي ٻارنهن سنڱي جانور جي شڪل، پپر جا پن ۽ شاخون ۽ ٻين قسمن جا نقش چٽيل آهن. هڪ هنڌان گهٽيون انساني هڏيون مليون آهن، انهن هڏين جي پرسان مختلف اوزار بہ مليا آهن. جن ۾ مٽڪا، چقمقي پٿر جا اوزار ۽ ٻيون شيون شامل آهن. هڙاپا جي هڪ قبرستان مان ٻہ ٻہ درجن انساني ڍانچا مليا آهن. انهن جا گوڏا مڙيل آهن. ڪافي لاش وڏن خاڪدانن ۾ رکي دفن ٿيل آهن. ٻارن جا لاش ثابت حالت ۾ وڏن مٽڪن ۾ وجهي پوريل آهن. انهن برتنن جا منهن ڍڪڻ سان ڍڪيل آهن.

(3) خاڪستري تدفين: هن طريقي هيٺ لاش کي ساڙي ان جي رک ڪنهن برتن ۾ وجهي دفن ڪئي ويندي هئي. اهڙي خاڪ لاءِ جدا قسم جا ويڪرا برتن خاص تيار ڪيا ويندا هئا. موهن جي دڙي جي ايچ ايريا ۾ هڪ گهر جي فرش هيٺان 41 ڍانچا مليا آهن. انهن مان 40 ڍانچا مردن ۽ عورتن جا ۽ هڪ ڍانچو ٻار جو آهي. انهن ڍانچن مان ڪن کي زيور پهريل آهن. جنهن مان اندازو ٿئي ٿو تہ مرڻ وقت انهن ماڻهن کي اهي زيور پهريل هئا. جن سان گڏ سندن هڏن کي دفن ڪيو ويو هوندو. (5)

لاشن سان ڪٽڪ، جو، ململ جو ڪپڙو، ڳڙ جهڙي شيءَ ۽ ٽانون گڏ پوريا ويندا هئا. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ ان دور جي ماڻهن جو عقيدو هو تہ مرڻ بعد بہ کين انهن شين جي ضرورت پوي ٿي. يا اهو خيال ٻيهر جنم وٺڻ سان لاڳاپيل هو.

آمري ڪلچر جا ماڻهو لاشن کي تانگهن پٽر جي اوساري ٽيل ڪمرن ۾ پوري ڇڏيندا هئا، ۽ لاشن سان گڏ ٿانون ٿپا ۽ هار سينگار جو سامان به رکندا هئا. ان مان ظاهر آهي ته هنن وٽ عقيدو هو ته ماڻهو مرڻ بعد ٻيو جنم وٺي ٿو ۽ هن کي انهن شين جي ضرورت پيش اچي ٿي. ٻيو ته ماهرن کي آمريءَ مان پوريل دڪيون ۽ ڪنيون مليون آهن، انهن بابت ماهرن جي قياس آرائي آهي ته انهن ۾ مڙدن کي ساڙڻ بعد سندن لاشن جي خاڪ ۽ هڏيون محفوظ ڪري پوريندا هئا. (6)

حوالا ۽ سمجهاڻيون:

1. محمد اشرف، تاريخ و سياست، رسالو، جولاءِ 1951ع
2. Piggott, "Pre Historic India" 1950
3. محمد اشرف، تاريخ و سياست، رسالو، جولاءِ 1951ع
4. Marshall, Sir John, "Mohen jo Daro and Indus Civilization" Vol: 1-3, London 1931
5. صديقي، محمد ادريس، "سنڌو ماٿر جي سڀيتا" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1979، ص-38
6. Lambrick, H.T, "Sindh-A General Introduction" P-104

سنڌو سيتا جي وارثن جا پر ڏيهه سان لاڳاپا

قديم تهذيبن ۽ ٻولين تي کوج ڪندڙ ماهرن جي ذهنن ۾ ان وقت عجيب غريب سوال اپريا ۽ هو مونجهاري ۾ پئجي ويا. جڏهن هنن ڏٺو ته قديم قومن جي نه صرف ٻولي پر ريتون رسمون ۽ حسب نسب به هڪ ئي هو. هنن پوري جڳ جي کوج ڪرڻ بعد اندازو لڳايو ته انسانذات ڪنهن هڪ ئي مرڪز تان ٽڙي پکڙي آهي ۽ پوءِ وقت گذرڻ ۽ مختلف ملڪن جي آبهوا ۽ ٻين موسمي حالتن سندن شڪليون، ٻوليون ۽ ڪلچر بدلائي ڇڏيا آهن. تڏهن به ڪي اهڙيون هڪجهڙايون مڙني ملڪن جي ٻولين، ريتن رسمن ۽ ڏند ڪٿائن ۾ ملن ٿيون، جن مان پروڙ پوي ٿي ته قديم انسان ڪنهن وقت هڪ ٻئي سان گڏ رهندا هئا ۽ پوءِ ڌار ٿيڻ ڪري منهنجن تبديليون اچي ويون. جڏهن ته مڙني قديم قومن جي ٻولين، ريتن رسمن ۾ هڪجهڙايون صرف مٿئين خيال جي ئي تصديق نه ٿيون ڪن، پر اهو به چٽي سگهجي ٿو ته قديم قومن وچ ۾ اهي هڪجهڙايون، سندن هڪ خطي کان ٻئي خطي تائين لڏ پلاڻ، اتي وڃي پنهنجون آباديون قائم ڪرڻ يا انهن خطن وچ ۾ واپاري ناتا ۽ لاڳاپا هئڻ ڪري به پيدا ٿي سگهيون هونديون. انساني تاريخ جا ماهر ان ٻئي خيال ڪي وڌيڪ قبول ڪن ٿا. جنهن جون اڳتي هلي مضبوط شهادتون ملن ٿيون.

قديم دؤر جي مختلف تهذيبن وچ ۾ هڪجهڙايون ملڻ جيئن قديم مصر جي تهذيب، عراق جي تهذيب ۽ سنڌو سيتا جي قديم ماڳن مان مليل سامان، لکتن ۽ گهرن جي اڏاوت ۾ مشابهت، ان ڳالهه جا وڌيڪ پختا دليل آڏو آندا ته قديم دؤر ۾ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ لڏپلاڻون ٿينديون رهيون. ڪيئي قبيلا ۽ برادريون موسمي ڦيرين گهرن ڪري هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ وينديون رهيون. لڏپلاڻ جي عمل ۾ اچڻ جو سبب اهوئي

هيو جو موسمي تبديلين، يعني گهٽ برساتين، سردين، طوفانن، ٻوڏن، زلزلن ڪري سرسبز ميدان صحرائن ۾ تبديل ٿي ويندا هئا ته وري ڪي نوٽ سڪل ۽ انساني تهذيب کان نا آشنا خطا بدلجي سرسبز ۽ آباد ٿي ويندا هئا. اهڙي طرح موسمي ڦيرين گهيرين کان سواءِ لڏپلاڻ آبادي جي واڌ ڪري ٻه عمل ۾ ايندي هئي. سنڌ مان جيڪا لڏپلاڻ ٿي ۽ هتان جا ماڻهو قديم دؤر ۾ ٻين خطن ۾ وڃي آباد ٿيا. ان جي پويان ٻه اهي عمل ڪارفرما هيا. ڪيترائي انساني تاريخ جا ماهران ڳالهه سان هم خيال آهن. فرگوسن ته چوي ٿو ته "سنڌ مان سنڌوندي رستي ذاتين پنيان ذاتيون ۽ بي شمار ماڻهو ٻاهر ويا آهن، جن تهذيب جو ڦهلاءُ ڪيو آهي" (1)

دنيا جي گهڻن قديم قومن جي تهذيب ۽ تمدن، ٻوليءَ ۽ ڪلچر ۾ سنڌو ماٿر جي ٻولي ۽ ڪلچر جي ڇاپ ملڻ، ان ڳالهه جي ثابتي آهي ته هزارين سال اڳ جڏهن سنڌ ڌرتيءَ تي انساني اوسر ۽ تهذيب جي ابتدا ٿي ته هتان جا ماڻهو قافلن جي صورت ۾ خشڪيءَ توڙي سمنڊ رستي دنيا ۾ ڦهلجڻ لڳا. هو پنهنجن ٻيڙين ۽ غورابن ۾ چڙهي، نين انساني آبادين کان خالي توڙي تهذيب جي ابتدائي مرحلن ۾ سفر ڪندڙ انساني آبادين تائين وڃي نڪتا. هيءَ لڏ پلاڻ سنڌو ماٿر مان ان وقت ٿيڻ لڳي، جڏهن موهن جو دڙو، هڙپا، چانهون جو دڙو، ڪوٽڏيجي پنهنجي تهذيب جي اعليٰ منزل تي رسيل هيا.

سنڌو ماٿر جا وارث ان دؤر ۾ دنيا جي هيٺين خطن تائين وڃي پهتا. جتان اهڙيون شهادتون مليون آهن.

آسٽريليا:

گاڊ فري بلنڊن لکي ٿو ته "برفاني دؤر جي شروع ٿيڻ ڪري زمين جي سطح پاڻيءَ کان مٿي ايري آئي ۽ سمنڊ محدود ٿيڻ لڳا ۽ ساموندي پاڻي پنهنجي موجوده سطح کان ٽي سو فوٽ هيٺ ٿي ويو. ان ڪري خشڪ زمين جي هڪ پٽي مٿي ايري آئي. اهڙي طرح آسٽريليا جو حصو ڏکڻ ايشيا (هند) سان ملي ويو. ان ئي دور ۾ ايشيا (هند، سنڌ) جا جانور ۽ قديم باشندا انهن رستن کان هتي پهتا." (2)

ماهران ڳالهہ تي متفق آهن تہ جڏهن برفاني دور ختم ٿيڻ تي هو تہ آسٽريليا طرف گرم هوائون گهلڻ لڳيون ۽ سرديون ختم ٿيون تہ ايڏانهن هند، سنڌ جي گرم علائقي جا ماڻهو چراگاهن ۽ رهائش جي تلاش ۾ وڃڻ لڳا. هتان هجرت ڏکڻ هندستان ٿيڻ لڳي ۽ هتان جا قديم باشندا هجرت ڪري مليشيا ۽ آسٽريليا طرف ويا. هتان جا جانور ۽ قديم باشندا ليموريا کنڊ رستي قديم پٿر دور ۾ آسٽريليا طرف ويا ۽ اتي پنهنجي تهذيب "سون" جو بنياد وڌائون. "سون ڪلچر" بابت اسان ٻڌائي آيا آهيون تہ اڄ کان 5 لک سال اڳ سنڌو ماٿر ۾ موجود هيو. انهن ئي ماڻهن هجرت ڪري وڃي آسٽريليا کي آباد ڪيو ۽ بحر رومي نسل هن ئي "سون ڪلچر" وارن جو پونئير آهي. اهڙي طرح انسان جو "جاوا نسل" جيڪو آسٽريليوي نسل جو پڙاڏاڏو ڪوٺيو وڃي ٿو، سو پڻ 40 هزار ق - م کان اڳ جو ڪونهي. پر "سون ڪلچر" ان کان تمام گهڻو پراڻو آهي. يعني "جاوي انسان" کان اڳ "سون انسان" موجود هيو. (3) جنهن آسٽريليا، جاوا، سوماترا ۽ سريلنڪا جا ٻيٽ آباد ڪيا.

"سون ڪلچر" بابت ٿامس پيٽرسن لکي ٿو تہ "سون ڪلچر ايشيا جي سر زمين تي پيينين ڪلچر ۾ تبديل ٿيو. هن سون ڪلچر بدستور آسٽريليا جي گئمبيرين ڪلچر کي وجود ۾ آندو.... تاسمين ڪلچر آسٽريليا ۾ آخري زماني واري پليوسين دؤر ۾ پهتو ۽ هن ۾ سون ماٿر جي اوزارن جا ڪيترا نمونا پسجن ٿا" (4)

ان بنياد تي چئي سگهجي ٿو تہ جنهن نسل کي محقق آسٽريليوي نسل ڪوٺن ٿا، سو دراصل سنڌو ماٿر جي رهواسين جو نسل آهي. جيڪي هتان ئي آسٽريليا کنڊ طرف لڏي وڃي وينا (5). ان لڏ پلاڻ جو ٻيو ثبوت اهو بہ آهي تہ نيوگني، آسٽريليا کنڊ ۾ هڪ جامڙن جو نسل ملي ٿو، جن بابت ماهر چون ٿا تہ اهي ڏکڻ ايشيا مان هجرت ڪري آيا.

ڏکڻ ايشيا مان هجرت جيڪا آسٽريليا طرف ٿي، ان جا ثبوت ٻوليءَ جي ماهرن ڏنا آهن. سنڌ جا رهواسي جيئن تہ سنڌ مان ڏکڻ هندُ طرف ويا، ان ڪري ڏکڻ هند جي ٻولين تامل، تيليگو ۽ ڪناڙي تي داروڙن جي ٻوليءَ جو اثر پيو ۽ اتي اڄ جيڪي بہ ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، انهن ۾ پروٽو-سنڌي ٻولي جا لفظ ۽ ٻيون گرامري

خاصيتون ملن ٿيون. دکن ۾ چوٽا ناگپور جي رهواسين ۾ سنڌينن واريون خاصيتون جسماني توڙي ڪلچرلي ملن ٿيون.

ڏسڻ ۾ تہ اهو بہ اچي ٿو تہ انڊونيشيا جو ملڪ، جنهن ۾ جاوا، سوماترا، بالي، سيليسين، بورنيو وغيره اچي وڃن ٿا. تنهن جو نالو پڻ سنڌ ۽ سنڌونديءَ جي نالي پٺيان رکيل آهي. اصل ۾ اهو "انڊس نوسيا" (Indus-Nusia) آهي. جنهن جو مطلب آهي سنڌوءَ جو پراڙ وارو ملڪ. (6)

مٿين شهادتن مان ثابت ٿئي ٿو تہ سنڌو سڀيتا جا وارث موهن جي دڙي واري تهذيب يافتہ دور ۾ ان کان اڳ هجرتون ڪري، آسٽريليا طرف ويا ۽ هنن جاوا، سوماترا، سريلنڪا وغيره طرف وڃي پنهنجون آباديون قائم ڪيون.

عراق (ميسوپوٽيميا)

تازو ميسوپوٽيميا جي شهر اُر (Ur) جي کوٽائي ليو ناربولي ۽ ڪش (Kish) شهر جي کوٽائي پروفيسر لئگڊن ڪرائي. ٻنهي شهرن جي صفا هيٺين تهن مان جنهن تهذيب جا آثار مليا آهن، سا ڪانسيءَ دور (Bronze Age) جي آهي. ان کان اڳ جي هتي ڪنهن بہ ابتدائي انساني آباديءَ جا آثار نہ ملڻ مان اندازو لڳايو ويو تہ عراق اندر هي وسندڙ پهرين آبادي آهي. (7) هن کان اڳ هن انساني آباديءَ وارن پنهنجي تهذيب جا ابتدائي ڏاڪا ڪنهن ٻئي هنڌ طئہ ڪيا هئا. بعد ۾ اتان لڏي اچي هتي آباد ٿيا. پروفيسر رابرٽ بريفالٽ، ميسوپوٽيميا جي رهاڪن ۽ سندن تهذيب تي ڳالهائيندي چيو آهي، "بابل ۾ جتي اسان کي پهريان ئي پوري ترقي يافتہ تهذيب نظر اچي ٿي ۽ ڪو بہ ابتدائي قديم مرحلو نظر نہ ٿو اچي، ان ڪري فرض ڪرڻو پوي ٿو تہ بابل وارن تهذيب جو پهريون مرحلو ڪنهن ٻئي هنڌ تي طئہ ڪيو هوندو." (8)

ڪيترن ئي انساني تهذيب جي ماهرن سميرين تهذيب جو جنم گهر سنڌو ماٿر کي سڏيو آهي ۽ ثبوت سان ٻڌايو آهي تہ سنڌو سڀيتا جي وارثن اتي وڃي تهذيب جو ڦهلاءُ ڪيو. انساني تهذيب جو هڪ ماهر فرئنڪفرٽ چوي ٿو تہ، "ميسوپوٽيميا جا اوائلي رهاڪو ايران جي مٿانهن پٽن کان آيا، جن جي تمدن سنڌ تائين ڦهليل هئي." (9)

يعني ايران جا مٿانهان پٽ، سنڌو ماٿر جا ئي هئا ۽ ايران جي مٿانهن پٽن ۾ وڏ ڪان وڏ قديم تهذيب سنڌ ۾ ئي ملي آهي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ اهي سنڌو ماٿر جا رهاڪو ئي هئا، جن عراق کي وسايو. هڪ ٻيو ماهر هال پڻ سمير جي لوڪن بابت چوي ٿو تہ، "سندن مشابهت پارت جي دراوڙن (آڳاٽن سنڌين) سان ملندڙ آهي. ان ڪري خاطري آهي تہ سميرين لوڪ پارتواسي آهن، جيڪي خشڪيءَ رستي يا سمنڊ رستي پرشيا (ايران) کان ٿيندا، ٻن ندين ٽائگرس (دجلہ) ۽ يوفرٽيس (فرات) جي ماٿرين ۾ پهتا. سندن اصل گهر پارت ۾، شايد سنڌ هو ۽ جتان ئي هو ايشيا مائنر پهتا." (10)

قديم سيٿائن جي ماهرن موجب ميسوپوٽيميا يعني الهندي ايشيا ڏانهن هتان سنڌ جي رهاڪن وجي بيٺڪون وڌيون. لينارڊ وولي، سميرين بابت چوي ٿو تہ اهي اوڀر کان اچي فرات جي ڪناري آباد ٿيا هئا ۽ اسان کي خبر آهي تہ عراق جي اوڀر ۾ پريو پاڳيو پرڳڻو سنڌو ماٿر ئي آهي، جنهن جي ئي مهاڏي تان لڏپلاڻون عمل ۾ آيون.

انسائيڪلوپيڊيا برٽينڪا ۽ ٻيون تاريخون تہ ايئن ٻڌائين ٿيون تہ قديم زماني ۾ ڪي لوڪ ميسوپوٽيميا ۾ اچي رهيا. سندس اصل نسل جو پتو ڪونهي. پر اهي شمير (Shumer) سڏجڻ ۾ آيا ۽ انهن مان سميرين نالو نهيو. سمير نالي وارا ماڻهو ڏکڻ عراق ۾ سمنڊ ۽ خشڪيءَ جي رستي آيا ۽ فرات جي ماٿريءَ ۾ انهن ئي اچي تهذيب ۽ تمدن جو بنياد وڌو. بابل جي ڪتبن ۾ انهن کي "اونس" ڪري سڏيو ويو آهي، يعني تہ اهي راڪاس جن جو مٿيون ڌڙ ماڻهو جو هو تہ هيٺيون مڇيءَ جو. چو جو اهي ماڻهو سمنڊ رستي ٻيڙين ۾ اتي پهتا، جيڪا ڳالهہ اتان جي ماڻهن لاءِ حيرت جوڳي هئي. "انجيل" مقدس اسان کي ٻڌائي ٿو تہ حضرت نوح جو اولاد اوڀر کان شنار (ٿيلان) پهتو هو. يعني سميري لوڪ اوڀر يعني سنڌو ماٿر کان آيا. انجيل مقدس ۾ شمير بدران شنر (Shuner) نالو ڪم آيل آهي، جيڪو سنڌور يا سنڌ کي ويجهو آهي. (11) يا سنڌ لفظ جو بگاڙ ئي معلوم ٿئي ٿو. پوڪوڪ، شنار لفظ بابت ائين ئي چوي ٿو تہ اهو آهي، "سنڌور" ۽ سميري سنڌونديءَ جا رهاڪو آهن. (12) سميري اصل ۾ ٻاهريان آهن ۽ اهي سامي ناهن، ان تي ڪيترائي ماهر متفق آهن. "مورخن جي تاريخ عالم" (Historian's History of the World) جي ترتيب ڏيندڙن وڏي بحث مباحثي ۽ تحقيق بعد ظاهر ڪيو آهي تہ، "سميري قطعن سامي ڪو نہ هيا ۽ نہ ئي بنيادي طور تي، نہ فعلي، ڪرداري ۽

زبان جي لحاظ کان ٺهي." ان نظرئي رکندڙ ماهرن ۾ پروفيسر هنٽي، ڊاڪٽر فرينڪفرٽ، ڊاڪٽر سي ايل وولي ۽ ليونارڊ ڪانرال سر فهرست آهن. (13)

عراق جي قديم آثارن جي کوٽاين مان پڪين فرحين تي اُکريل "گل گامش" جو داستان مليو آهي. جنهن ۾ هڪ "سنڌي سورمو" نظر اچي ٿو. جنهن جي زباني گفتگو ۽ شاعري ۾ سندس سنڌي هجڻ متعلق فخريہ ڪلام مليو آهي ۽ ان سان گڏ هو سنڌ کي "پورب جوتي" سڏي چوي ٿو تہ، "منهنجو وطن اهو آهي، جتان سج جا ڪرڻا اڀري، سڄي دنيا کي روشن ڪن ٿا. تاريخي طور تي گل گامش جو داستان لڳ ڀڳ 28 صدي ق - م کان اڳ جو آهي. بابلي مندر جي هڪ پروهت بيروس قديم سميرين جي مذهبي عقيدن ۽ روايتن بابت لکيل پنهنجي تصنيف ۾ ڄاڻائي ٿو تہ، "اوينس ديوتا، جيڪو پنهنجي اصل وطن کان سمير پهتو. تنهن سميرين کي هر طرح جو علم ۽ فن، لکڻ ۽ پڙهڻ، ترڻ، تير هڻڻ، ڪشتي وڙهڻ، برتن جوڙڻ ۽ سڌريل نموني شهرن جي اڏاوت ڪرڻ سيکاريو."

هر ۽ ڦيٿو تهذيب جو بنياد سمجهيا وڃن ٿا. سي سنڌ مان عراق پهتا هئا. عراق جو سڀ کان قديم ۽ پهريون شهر "عُر" يا "اُر"، "عُري" يا "هري" آهي. جيڪو "هر" يا "هري" جو بگڙيل اُچار آهي. ڇو جو سنڌي ماڻهن ئي پهريان عراق ۾ کيتي باڙي جي شروعات ڪئي ۽ هر سان اتان جي زمين کي کيڙي، ان مان سون جهڙا فصل اُپايا. اتان جي اصلي باشندن پنهنجي شهر جو نالو "هر" جي پويان رکيو. ڇو جو هر ذرخيزيءَ جي علامت آهي.

آثار قديمہ جي ماهرن موهن جي دڙي جهڙي هڪ سيل "ڪش" جي دڙي مان هٿ ڪئي آهي. جيڪا سارگن جي زماني جي آهي ۽ ان تي لکيل ٻوليءَ بابت چون ٿا تہ اها "سنڌو لپي" ئي هئي، جيڪا ان زماني ۾ ڄاتل سڃاتل هئي. (14) تازي تحقيق مطابق سميري تمدن جي قديم لکتن ۾ لفظ "ادا" معنیٰ "ياءُ" مليو آهي. ساڳيو لفظ فقط سنڌي ٻوليءَ ۾ ئي آهي. يعني اهو سنڌي لفظ عراق ۾ ان ڪري ويو جو سنڌي اتي رهندا هئا ۽ عراق سان واپاري ناتا هئن. (15)

قديم دور ۾ سنڌي واپاري ۽ جهازران جيڪي سنڌ کان سامان کڻي عراق ويندا هئا، انهن اتي ننديون ننديون واپاري بستيون ۽ شهر پڻ آباد ڪيا. عراق ۾ سنڌين جي

هڪ اهڙي بستي ملي آهي، جيڪا 4 هزار سال اڳ اٽڪل 2000 ق - م ۾ سنڌي واپارين اتي آباد ڪئي هئي ۽ ان جو نالو هنن پنهنجي وطن جي هڪ خطي ملوهه (ملتان وارو حصو) جي نالي جي نسبت سان رکيو هو. عراقي ڪتبن ۾ جن ٽن مشهور خطن ملوهه، ماگان (مڪران)، دلمون (موهن جو دڙو) جو هر هر ذڪر اچي ٿو، اتان جا رهواسي عراق ۾ آباد هيا. عراقي شهرن جي قديم ڪنڊرن مان سنڌي مصنوعات عراق جي اڪادي دور (2334 ق م) جي شروع کان ئي ملڻ شروع ٿيون ۽ اهي شيون عروج يافته سنڌي تهذيب سان واسطو رکن ٿيون. يعني اچ کان ساڍا چار هزار سال اڳ جون آهن.

عراق جي قديم شهر اُر جي کوٽائي مان انهن ڳالهين جا نوس ثبوت مليا آهن ته اتي سنڌي ماڻهو بحري ۽ خشڪيءَ رستي ايندا هيا. ان شهر مان موهن جو دڙو سميت چانهون جي دڙي جون نهيل مهرون، زيور ۽ برتن وغيره مليا آهن.

عراق ۽ سنڌ جو واپاري ناتو (1892-1750 ق م) جي زماني ۾ عراق ۾ بابل جي پهرين شاهي خاندان جي فرمانروا حمورابي جي زماني ۾ ختم ٿي ويو. حمورابي خاندان جي زوال بعد 1595 ق - م ۾ عراق ۾ گهرو ويڙهه ۽ افراتفري مچي وئي. عراق ان ئي دور ۾ باقي دنيا کان الڳ ٿلڳ ٿي ويو.

اسان مٿي ڏنل حقيقتن جي روشنيءَ ۾ چئي سگهون ٿا ته عراق ۾ تهذيب ۽ تمدن کي وڌائيندڙ سنڌو ماٿر جا رهواسي هئا ۽ بابلي تهذيب جو جنم گهر سنڌ هو. سنڌو سڀيتا جي وارثن جا عراق سان واپاري ناتا ۽ رشتا هئا، جيڪي جيئن جو تيئن گهاٽا ۽ اڻ ٽٽ ٿيندا ويا.

نار جون رياستون:

قديم آثارن جي هڪ ماهر ڊاڪٽر رفيق مغل تازو پنهنجي رپورٽ "سنڌو سڀيتا تي نئين روشني" ۾ لکيو آهي ته گلف جي رياستن جهڙوڪ: اومان، بحرين ۽ ڪويت ۾ قديم دڙن جي کوٽائيءَ کان پوءِ معلوم ٿيو آهي ته سنڌو ماٿر جي ماڻهن عربي سمنڊ ٽپي، گلف (نار) جي رياستن جي واپار تي وجي قبضو ڪيو هو. جنهن جي ثبوت ۾ بحرين ۾ "ثاربري" جي دڙي مان لڌل نڪر جا ٿانون، مهرون ۽ مٽيءَ جا اهڙا نڪر مليا

آهن، جن تي جڳ مشهور موهن جي دڙي واري لپيءَ ۾ لکتون مليون آهن. اهڙي طرح اٽلي جي ماهرن اومان جي دڙن جهڙوڪ ”راس الحمارا“ ۽ ”راس الجفيا“ مان پڻ ساڳيون شيون کوٽي کڍيون آهن. ساڳي ريت کويت جي سامونڊي ڪناري کان ٿورو پري ”فاعلقا“ ٻيٽ وٽ پڻ هڪ ٻي ٽيم موهن جي دڙي واريون مهرون هٿ ڪيون آهن. هنن واپاري ناتن ۾ سنڌو ماٿري مان جيڪي شيون اوڏانهن موڪليون ويندڀون هيون، تن ۾ پاڄين، ڪپهه، مور پکي، ٽامي ۽ قيمتي پٿر جي ثابتي ملي آهي. ڊاڪٽر رفيق مغل وڌيڪ ٻڌايو آهي ته بغداد ۽ دمشق مان پڻ سنڌو ماٿر واريون مهرون مليون آهن. گلف رياستن ۾ چانور پهرين سنڌو ماٿر جي ماڻهن واپار وسيلي متعارف ڪرايا هئا. اهڙي طرح ڪجي به سنڌو ماٿر ذريعي عربستان پهتي. چو جو ڪجيءَ جون ڪکڙيون سر جان مارشل کي موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان مليون آهن. (16)

بحرين ۾ فرانسيسي ماهر موسيو بي کوٽائي دوران موهن جي دڙي جون مهرون هٿ ڪيون آهن. تازو اومان ۽ ابوظهبي جي النار جزيري ۾ کوٽائي دوران موهن جي دڙي جا برتن مليا آهن. (17)

ശ്ര

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. Frgossen, "History of Indian and Eastern Architecture" Vol: 1, Introduction P-4

2. گاڊ فري بلنڊن، "سرزمين اور باشندي-آستريليا" ص- 3-12

3. Bowte John, "The Concise Encyclopaedia of World History" P-19

4. The Chamber's Encyclopaedia, Vol: 1, P-805

5. محبوب علي چنا، "سنڌ ماٿر جا اصل رهواسي دراوڙ آهن" ٽماهي مهراڻ 1973-3

6. ممتاز پٺاڻ، "سنڌ جي عظمت" نئين زندگي ڪراچي 1971ع ص-9

7. گنگارام سمراٽ، "سنڌ سووير" ص — 98-99

8. رابرٽ بريفالٽ، "تشڪيل انسانيت" ص-96

9. Journal, Sindh Historical society, Vol: VIII, P-71

10. Hall, "The Ancient History of Near East" P-173-174

11. Chaman Lal, "Hindu America" P-46

12. Pecocke, "India in Greece" P-45-47

13. محبوب علي چنا، "سنڌي ادب ڪي مختلف رجحانات" ص-2-3

14. Langdon, S. "A new factor in the Problem of Sumerian origins", Journal, Royal Asiatic Society (1931), P-593-6

15. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" 1962ع

16. ڊاڪٽر رفيق مغل، "سنڌو سڀيتا تي نئين روشني"

17. جمنا داس اختر، "قديم سنڌ اور اس ڪي روابط" روزانہ جنگ ڪراچي، مڊويڪ مئگزين 27 جولاءِ 1983ع، ص-12-13

18. Archaeological Survey report, 1926-27, Plate: XIII

19. National Geographic Magazine, Feb. 1977

20. Pecocke, “India in Greece” P-45-47
21. Historical Researches, Vol:II, P-310
22. Discovers, P-18
23. Cooke Taylor, “Manual of Ancient History” P-11
24. Toynbee, A.J, “A Study of History” Vol:I, P-92-102
25. Robert Shaw, “Origin of Anciant Civilization of the Nile's Valley” P-85
26. Heras, H. “Studies in Proto-Indo-Mediterranean Culture” P-401
27. Heras, H. “Journal of Indian History” April 1937, S.No:46
28. Heras, H. “Sindh Observer” Karachi, 27 October 1937
29. گنگارام سمراٹ، “سنڌو سوویر” ص-318

سنڌو ماٿر جي عوام جو نسلي جائزو

سنڌ اندر باقي دنيا جي ڀيٽ ۾ پهريان پهريان تمدني زندگيءَ جو آغاز ٿيو. هتان جي ئي سنڌي ماڻهن پنهنجي پروٽو سنڌي ٻولي کي لکت جي صورت ڏني. هتان ئي قبيلن جا قبيلا لڏپلاڻ ڪري ڏورانهن ڏيهن ڏانهن ويا ۽ اتي وڃي تمدني زندگيءَ جي شروعات ڪئي. 1500 ق-م تائين سنڌو ماٿر جي سڀيتا پنهنجي عروج تي هئي. جنهن بعد ويدڪ دور شروع ٿيو. ويدڪ دور کان 3 هزار سال اڳ سنڌ جا ماڻهو پرڏيهه سان واپار ڪندڙ هئا. سنڌ جي ماڻهن ڏکڻ هندستان پهچي پنهنجي تهذيب جو ڦهلاءُ ڪيو. جنهن ڪري اتان جي تهذيب ۽ ٻوليءَ تي پروٽو سنڌي ٻوليءَ جو اثر پيو. جيڪو اڄ به ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ موجود آهي. سنڌو سڀيتا جي وارثن دراوڙي نسل جي ماڻهن تي پنهنجي ڇاپ ڇڏي. دراوڙي ٻولين ۾ سنڌي ٻوليءَ جا لفظ ملڻ ان ڳالهه جي ثابتي آهي ته هنن هڪ سٽريل تهذيب "سنڌو" جو اثر قبول ڪيو. جيڪڏهن ڪو ائين سمجهي ٿو ته سنڌي تهذيب دراوڙ نسل جي ماڻهن جي تخليق آهي ته اهو گهوڙي کي گاڏيءَ جي اڳيان جوٽڻ ٿيندو. ڇاڪاڻ ته دراوڙن جي اصل ديسن ۾ ڪنهن به اهڙي شاندار تهذيب جا ثبوت نه مليا آهن، جهڙيون شاهديون سنڌو ماٿر ۾ مليون آهن. ماهرن ثابت ڪيو آهي ته موهن جي دڙي جا ماڻهو دراوڙ نسل جا نه پر آڳاٽا سنڌي هئا.

آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا (دهلي) جي هڪ ماهر اين ڪي بوس پنهنجي ڪتاب (1) ۾ 260 هڏاون پڃرن جي ماپ ۽ جاچ ڪرڻ بعد ان نتيجي تي پهتو آهي ته، موهن جي دڙي جا ماڻهو موجوده سنڌين جهڙا هئا. يعني سنڌ اندر هڪ ئي قوم سنڌي رهندڙ هئي. جن جا هڏا موهن جي دڙي مان لڌا ويا آهن. اڄ جيڪي سنڌ اندر مختلف ذاتيون ۽ قبيلا آهن، تن جا ابا ڏاڏا موهن جي دڙي جا وارث هئا.

آرين جو سنڌ تي حملي وارو مفروضو

مختلف ماهرن طرفان آرين جو سنڌ ۾ اچڻ ۽ هتان جي اصلي باشندن کي غلام

ٻڌائي انهن جو قتل عام ڪرڻ يا مڙني ماڻهن کي سنڌ مان نيڪالي ڏئي ڇڏڻ يا سنڌن سموري تهذيب ۽ ان جي شهرن ۽ وسندين کي مڪمل طور فنا ڪري ڇڏڻ وارو تصور هڪ مفروضو پيو لڳي. آريا نہ ڪا قوم، نہ وري قبيلو يا ماڻهن جو ڪو گروهہ هيو. ان ڪري اهو تصور ڪرڻ تہ سنڌو سڀيتا جو خاتمو نام نهاد آريا قبيلن آندو، عقلي ۽ سائنسي بنيادن تي بيٺل نہ آهي.

آريا اصل ۾ ڪا قوم، قبيلو يا نسل نہ هو، پر سنڌو ماٿر ۾ رهندڙ ماڻهن جو هڪ طبقو هو. آريا اهي ماڻهو سڏبا هئا، جيڪي هارپو ڪندا هئا. هارين کي موهن جي دڙي جي دور کان وٺي هندو ڌرم جي عروج واري دور ۾ ان کان پوءِ بہ آريا چيو ويندو هو. جڏهن تہ هارپو نہ ڪندڙن کي اڻ سڌريل يعني اڻ آريا چيو ويندو هو. هندن جو ديوتا 'هري' اصل ۾ 'هر' مان نڪتل آهي ۽ آباديءَ جو ديوتا تصور ڪيو ويندو آهي. ان ڪري سنڌو ماٿر ۾ آباديءَ ۽ خوشحالي جي علامت طور هارين کي آريا ڪوٺيو ويندو هو. سنسڪرت زبان ۾ بہ آرين جي معنيٰ اوچي ذات، شريف ۽ آزاد آهي. سنسڪرت زبان ۾ آريا لفظ ڪنهن نسل، قبيلي يا قوم جي نالي طور ڪتب نہ آيو آهي. جيئن يورپي محققن هڪ مفروضو قائم ڪري تاريخ ۾ آرين جو افسانو گهڙي شامل ڪيو. يورپي محققن طرفان آرين جو افسانو گهڙڻ پويان بہ ننڍي کنڊ جي ماڻهن کي غلام رکڻ جو هڪ نفسياتي حربو هو. يورپ خاص ڪري جرمنيءَ جا ماڻهو پاڻ کي آريا يعني سڌريل نسل جا سمجهندا هئا ۽ برصغير تي پنهنجي قبضي کا جائز ڄاڻائڻ لاءِ هنن هتان جي تاريخ کي مسخ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انگريز محققن ۽ حڪمرانن پاڻ کي آرين جا وارث ڄاڻائي دنيا آڏو ۽ غلام قومن آڏو اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هو قديم دور کان وٺي سڌريل ۽ طاقتور هئا. هنن ئي سڄي دنيا کي تهذيب يافتہ بڻايو. سنڌن ڪمزور قومن مٿان قبضو جائز هيو. ڇو جو هو تهذيب جا علمبردار هئا ۽ دنيا کي مهذب ڪرڻ لاءِ ماضيءَ جيان ٻيهر نڪتا هئا.

رياضيءَ جي هڪ روسي ماهر آءِ اي ولدروسڪيءَ 1984ع ۾ بخارسٽ ۾ سڏايل تاريخ ۽ سائنس متعلق بين الاقوامي ڪانگريس کي ٻڌايو تہ موهن جي دڙي مان مليل مهرن جي ڪمپيوٽر تي اڀياس مان معلوم ٿيو آهي تہ موهن جي دڙي جا رهواسي آريا نہ پر دراوڙ (مقامي) هئا.(2) گهڻا ماهر ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ سنڌو ماٿر جي سڀيتا جا

اصل باشندا هتان جا دراوڙ يعني ڏهوڪا سنڌي هئا. (3)

موهن جي دڙي جي کوٽائي جي شروعات ۾ سنڌ جي قديم لوڪن بابت عجيب قسم جا رايا قائم ڪيا ويا. انگريزن ۽ ٻين يورپي محققن پنهنجي نسلي برتري ثابت ڪرڻ لاءِ موهن جي دڙي جي ماڻهن کي هتان جا قديم باشندا تصور ڪرڻ بدران بنا ڪنهن ثبوت جي سندن نسلي ڳانڍاپو يورپين نسل جي ماڻهن سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن ته هندو مذهب جي اثر هيٺ هندو عالمن سنڌي لوڪن کي مسلمانن سان اڻبڻت سبب انهن کي هندستان جي ايرندن علائقن جي ماڻهن سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي. يورپي محققن سر جان مارشل، ميڪي، ڪرنل سيول ۽ مسٽر گوها موهن جي دڙي مان مليل لاشن جي بنياد تي دعوىٰ ڪئي ته موهن جي دڙي ۾ آسٽريلوي، بحر رومي، الپائني ۽ منگوليائي يعني چئن مختلف نسلن جا ماڻهو آباد هئا. هنن اها به دعوىٰ ڪئي ته مليل کوپرين مان اڌ کان وڌيڪ هڪ نسل يعني بحر رومي نسل جي ماڻهن جون کوپريون آهن. يعني ته سنڌو ماٿر جي سڀيتا جا خالق هتان جا اصل باشندا نه پر ٻاهران آيل هئا. سربستي تحقيق کان اڳ ماهر ان راءِ جا هيا ته ڪولن ۽ سنٿالن جي صاحبيءَ ۾ دراوڙ لوڪ ڪاهي آيا، جن ڪولن ۽ سنٿالن کي هٽائي وچ هندستان ڏانهن ڀڄائي ڇڏيو ۽ پاڻ اتر هندستان جا والي ٿي ويٺا. يا هو يونچ سمنڊ طرف رهندڙ قومن مان هيا. ۽ پوءِ ميسوپوٽيميا واري واٽ وٺي هتي آيا. جن اچي سڀيتا جو بنياد وڌو. اها ڳالهه بعد ۾ ٿيل تحقيق جي بنياد تي غلط ثابت ٿي. ڇو جو موهن جي دڙي جا وارث ٻاهران ڪونه آيا هئا. پر سنڌ جا اصل باشندا هيا. ڪول ۽ سنٿال پڻ اصل ۾ سنڌ جا باشندا هيا، جيڪي بعد ۾ هتان ڏکڻ هندستان ڏانهن لڏي ويا. آڳاٽا سنڌي هتان ئي يونچ سمنڊ وارن ملڪن طرف ويا ۽ ميسوپوٽيميا پهتا. هاڻي يونچ سمنڊ وارن ملڪن ۾ موهن جي دڙي جي ماڻهن جي ٿوري باقيات ملڻ مان اهو نظريو قائم نه ٿو ڪري سگهجي ته هو هئا ئي اتان جا. جڏهن ته ان نسل جا ماڻهو وڏي اڪثريت ۾ هتي سنڌو ماٿر ۾ ئي رهندڙ هيا. پر يونوچ سمنڊ طرف سندن باقيات ايڪڙ ٻيڪڙ ملي آهي. جيڪي به واپار سانگي اوڏانهن ويا هئا. خود قديم آثارن جو ماهر ايس وي ونڪٽ ان بابت چوي ٿو ته: "دراوڙي (آڳاٽا سنڌي) قبيلا سمنڊ رستي يا خيبر لڪ جي راهه کان هن ملڪ ۾ داخل ڪونه ٿيا هئا، پري هي ماڻهو اصلي هتي جا ئي باشندا هئا ۽ سندن خمير

هن ذرتيءَ جي مٽيءَ مان آهي. (4)

1943ع ۾ انساني علم ۽ ٻوليءَ جي هڪ روسي محقق پروفيسر سٽرووُ انهيءَ نام نهاد آريا نسل جي يورپي افساني جي قلعي کولي ڇڏي. جنهن ۾ هن ايشيا ۽ ڪاڪيس مان لڌل مواد ۽ ڪتبن کي پڙهي ثابت ڪيو ته اهو آرين جو اچڻ هڪ محض ڍونگ آهي.(5)

آريا لفظ جي ويدڪ دور ۾ ڪا نسلي معنيٰ نه آهي. ويدن ۾ لفظ آريا فقط تهذيب يافته ۽ سکئي ستابي ماڻهوءَ لاءِ ڪم آيل آهي. ويدڪ انڊيڪس جوڙڻ وارن مصنفن موجب آريا لفظ جي اصل معنيٰ آهي، 'هارپو' ڪندڙ. (6) سنڌو سيپتا واري دور کان پوءِ ويدڪ دور ۾ سنڌي ماڻهو قديم زماني ۾ اتر هندستان پهتا ۽ هنن وٽ 'آريو' ۽ 'آري' لفظ صرف هاري جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندا هئا. ويدن جي زماني ۾ (1500 ق-م بعد) اهو لفظ 'آريو' صرف هارين مان بدلجي مذهب جي بنياد تي ذاتين جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيو ۽ ويدڪ دور جي ٽن ذاتين برهمڻ، کتري ۽ وئش لاءِ ڪتب اچڻ لڳو. ويدڪ دور کان اڳ ذات پات جي بنياد تي نند وڏائي نه هئي. ڌنڌن جي بنياد تي ڪٽنب نهيل هئا. ان ڪري خود اهي ماڻهو جيڪي پوئين دور ۾ شودر سڏجڻ لڳا تن کي به آري ۽ آريو سڏيو ويندو هو. ڇاڪاڻ ته هارپو ته اهي به ڪندا هئا. جيڪڏهن ائين نه هجي ها يعني ان ۾ ڪا ذات پات جي معنيٰ هجي ها ته هندو رشي ڪڏهن به شودر سان لفظ آريو نه ڳنڍيين ها. (7)

سوال آهي ته جيڪڏهن آريا هتان جي اصل وارثن کان ڪو الڳ نسل نه هو ۽ هو ٻاهران نه آيا هئا ته ويدن ۾ ذڪر ڪيل قبيلا ڪير هئا. ان جو سڌو سنئون جواب اهو آهي ته اهي ويدن جا مصنف ۽ اهي قبيلا اصل هندستان جا ئي رهاڪو هئا. تمدني بنياد تي اهو پڪيءَ طرح چئي سگهجي ٿو ته انهن ۾ مکيه قبيلا موهن جي دڙي ۽ هڙاپا جي سنڌي تهذيب واري دور ۾ لڏي اوڏانهن ويا. پنهنجي آبائي وطن سنڌ کي وسارڻ جي بدران هنن سنڌ ۽ سنڌوءَ جي ساراهه ۾ ڪتاب لکڻ شروع ڪيا. ساڳئي وقت پنهنجي اصلوڪي مادري زبان سنڌيءَ کي جا ظاهر آهي ته سندن لڏڻ واري دور ۾ ايتري پختي نه هئي، پنهنجي نئين علائقي، اتر هندستان جي مقامي ٻولين سان گڏي، هڪ نئين زبان کي جنم ڏنو. جنهن جو نالو رکيائون 'سنسڪرت' يعني سڌاريل ٻولي. موهن جي

دڙي واري رسم الخط هنن مان ڪجهه ماڻهو ڄاڻندا هئا ۽ پنهنجي نئين ٻولي پيدا ڪرڻ سان گڏ نئين لپي "برهمي" بہ وجود ۾ آندائون.(8)

پويان ٿي ويد اتر هند ۾ تخليق ٿيا، پر پهريون ويد سنڌ ۾ سنڌوءَ جي ڪنارن تي رچيو ويو. ان ۾ جابجا سنڌ ۽ سنڌوءَ جو ذڪر ملي ٿو. پهرين ويد ۾ پراڻي سنڌي ٻوليءَ جو اثر ملي ٿو. بعد ۾ اتر هند ۾ ان تصنيف ۾ وقت بوقت واڌارا ۽ تبديليون ٿينديون رهيون. پوءِ ان جي ٻولي مڪمل طور تي بدلجي وئي پر اها بہ سنسڪرت نج نہ هئي. سنڌي گاڏڙ سنسڪرت هئي.

سنڌ مان موهن جي دڙي جي ٻولي اتر ۽ اوڀر هندستان، بهار ۽ بنگال تائين پهتي. ڇو جو ويدن ۾ سنڌ، سنڌي ماڻهن ۽ سنڌو درياهہ جي واکاڻ جا باب ملن ٿا ۽ ويدن جا مصنف سنڌ کي پنهنجو اصلوڪو وطن سڏين ٿا. جيڪڏهن ويد ڪن ٻاهرين آيلن يعني نام نهاد آريا نسل جي ماڻهن جي تخليق آهن تہ پوءِ هنن پنهنجن اصلوڪن وطنن جو انهن ۾ ذڪر ڇو نہ ڪيو. اتان جي تمدن جي پرچار ڇو نہ ڪئي. يا اتان جي ماڻهن جي ساراهہ جا گيت ڇو نہ سرجيا. پر هنن ان جي بدران سنڌ ۽ سنڌوءَ کي ڇو ساراهيو؟ ان جا پڄن ڇو ڳايا اٿن. سنڌوءَ کي ڇو پنهنجا گيت ارپيا اٿن. اهو صرف ان ڪري آهي جو اهي سنڌ جا اصلوڪا رهواسي هئا.

ٻئي طرف هندو سنڌي ليکڪن ڀيرومل ۽ ٻين وري موهن جي دڙي جي لوڪن کي تامل، تيلگو ۽ ڪناڙي نسلن جي ماڻهن جي باقيات قرار ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. جيئن ڀيرومل لکي ٿو تہ: "سنڌ جا قديم لوڪ هاڻوڪن ڪولن ۽ سنٿالن جا ابا ڏاڏا هئا. جن پهريان سنڌ اچي وسائي. جڏهن سمنڊ سنڌ ڌرتي ڇڏي." (9)

آرين ۽ اڻ آرين ۾ ويڙهہ جو سبب

1500 ق-م ڌاري جڏهن "ماءُ آدرشي سماج" جي جاءِ مڪمل طرح "پيءُ آدرشي سماج" ورتي ۽ زرعي نظام وڌيڪ پڪو ۽ پختو ٿيو تہ ذاتي ملڪيت جو تصور وڌيڪ گهرو ٿيو ۽ سنڌي سماج آهستي آهستي طبقن ۾ ورهائجڻ لڳو. جنهن بعد ئي هيٺين ۽ مٿئين طبقي ۾ اختلاف وڌڻ لڳا، جن اڳتي هلي جهيڙن جي صورت اختيار ڪئي.

هندن جي مذهبي ڪتاب ’رگ ويد‘ ۾ جن جنگين جو ذڪر آهي، اهي جنگيون ڌرتي ڌڻين ۽ ٻاهرين حملي آورن ۾ نہ هيون، پر اها ويڙهہ اصل ۾ هيٺين ۽ مٿئين طبقي ۾ شروع ٿي. انهن جنگين کي محقق سنڌين ۽ ٻاهران آيلن ۾ لڙايون ڪري پيش ڪن ٿا. جيئن آئون مٿي چئي چڪو آهيان تہ آريا اهي ماڻهو هئا، جيڪي اوائلي اشتراڪي سماج ۾ هارپو ڪندا هئا ۽ سماج جي ٻين طبقن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ محنتي هئا. انهن آرين (هارين) ئي دولت گڏ ڪرڻ شروع ڪئي ۽ جڏهن دولت ججهي مقدار ۾ جمع ٿي ۽ وڌيڪ دولت جمع ڪرڻ جو حرص پيدا ٿيو تہ هو (آريا) اوائلي اشتراڪي سماج (راجوٽي سماج) جا مخالف ٿي بيٺا ۽ پاڻ کان ڪمزور، غير صالح ۽ سست ماڻهن کي پنهنجو غلام بنائي ورتو ۽ پاڻ پئسي ۽ دولت جي بنياد تي سڏريل، شريف، ۽ اوچي ذات جا ٿي ويا. جڏهن اهي آريا (سڌريل) مٿئين طبقي جا ماڻهو هيٺئين طبقي وارن جو استحصال ڪرڻ لڳا تہ منجهن جنگيون ۽ جهيڙا جنم وٺڻ لڳا. ان ڪري هيٺين طبقي جا ماڻهو لڏي ٻين ڏيهن ڏانهن ويا، ۽ اتي وڃي نئين زندگيءَ جي شروعات ڪين. ان مان اهو مطلب وٺڻ بلڪل غلط ٿيندو تہ ڪو ٻاهران آيلن اچي سنڌ تي قبضو ڪيو ۽ هنن هتان جي اصل رهواسين کي ڌڪي سنڌ مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ پاڻ اچي ڪاري جا مالڪ ٿي ويهي رهيا.

جديد تحقيق ذريعي ثابت ٿيو آهي تہ موهن جي دڙي جا وارث هند جي مٿين حصن کان آيل دراوڙ نہ پر هتان جا اصلي رهواسي آڳاٽا سنڌي هئا. جن هن ماٽري ۾ سنڌو سڀيتا جو بنياد رکيو. جڏهن تہ تحقيق بعد اهو بہ ثابت ٿيو آهي تہ سنڌ تي ٻاهرين قبيلن (آرين) جو حملو ۽ سنڌن طرفان هن تهذيب جو مڪمل خاتمو آڻڻ وارو نظريو بہ فرضي آهي، ان جو حقيقتن سان ڪوبہ تعلق نہ آهي.

حوالا ۽ سمجهاڻيون:

1. Boss N.K, "Human skeletal Remains from Harappa"

.2 روزانہ هلال پاڪستان ڪراچي، 21 ڊسمبر 1984ع

3. Moinul Haq. S, Ancient India, P-12

.4 ايس وي ونڪٽ، ونڊر ڊيٽ واز انڊيا، بحوالا تاريخ مغربي پاڪستان، رشيد اختر ندوي، اردو بورڊ لاهور

.5 سراج الحق، "سنڌي ٻولي"، ص-103

6. Keith and MacDonnell, "Vedic Index" Vol:1, P-64-66

.7 سراج الحق،"سنڌي ٻولي" ص-109-110

.8 سراج الحق، "سنڌي ٻولي"، ص-111

.9 ڀيرومل، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1972ع، ص-10

سنڌو سڀيتا جي شهرن جي تباهي جا سبب

قديم سنڌو سڀيتا جا شهر مختلف زمانن ۾ وري وري آباد ٿيل ٿا ڏسجن. ڇو جو قدرتي آفتن خاص ڪري سنڌوءَ ۽ هاڪڙو نديءَ جي ٻوڏين يا ججهين برساتن پوڻ ڪري شهر تباهه ٿي ويندا هئا. وري جڏهن حالتون معمول تي ايندڙيون هيون تہ ماڻهو واپس اچي پنهنجا جهڳا ٻيهر جوڙيندا هئا. هو ڊٺل شهرن جي دڙن ڪي سنوت ۾ آڻي اتي نوان شهر تعمير ڪندا هئا. ائين ڪيترين ئي اٿلن پٿلن ڪري هڪ ٻئي جي مٿان شهر ٻڌبا رهيا ۽ اهي زمين جي سطح ڪان مٿي ٿيندا رهيا. موهن جو دڙو، چانهون جو دڙو، هڙاپا، آمري ۽ ڪوٽڏيجي وغيره مان هڪ ٻئي هيٺان مختلف زمانن جا شهر مليا آهن. آمريءَ جي کوٽائي مان معلوم ٿيو آهي تہ هتي هڪ ٻئي مٿان 4 شهر دفن ٿيل آهن. جن مان پهريان ٻہ تهہ ڳوناٺي ثقافت سان تعلق رکن ٿا. باقي مٿين ٻن تهن مان هڪ تهہ موهن جي دڙي جي شهري تهذيب جي دور سان واسطو رکندڙ آهي، باقي بلڪل مٿيون تهہ جهانگر تمدن سان واسطو رکندڙ آهي. ڪوٽڏجي، آمريءَ کان پوءِ جي دور جي رهائشي بستي آهي، جيڪا پڻ ڪيترا ڀيرا برباد ۽ آباد ٿيندي رهي. هتي هڪ ٻئي مٿان 11 شهر دفن ٿيل آهن. جيڪي مختلف زمانن سان تعلق رکن ٿا. هن بستيءَ جا اوائلي تهہ شهري رياست جي بنياد پوڻ کان اڳ ڳوناٺي ثقافت سان تعلق رکندڙ آهن، ۽ باقي مٿيان تهہ مشهور سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن سان واسطو رکندڙ آهن. موهن جو دڙو ۾ هڪ ٻئي مٿان ست شهر لڌا ويا آهن. آبڪلاٽيءَ ۾ سنڌونديءَ جي ٻوڏ ۽ چوماسي ۾ جبلن تان پاڻيءَ جي چرن لهڻ سبب هيءُ شهر هڪ ڀيرو زبون ٿيو ٿي تہ پاڻي جي لهڻ بعد ماڻهن ڪجهہ عرصي بعد اتي نئون شهر ٻڌو ٿي. ائين شهرن مٿان شهر ٻڌائون، جن مان اجا تائين ستن شهرن جو پتو پيو آهي. انهن ستن تهن هيٺان پاڻي نڪتو آهي. قديم آثارن جي ماهرن موجب پاڻي هيٺان پڻ اڏاوتن جا آثار ملن ٿا. جيڪڏهن موهن جي دڙي ۾ مٿي چڙهي آيل سم جي پاڻيءَ جي ڪنهن طريقي سان

سطح گهٽ ڪجي تہ ڪجهہ وڌيڪ تهہ دريافت ٿي سگهن ٿا. موهن جي دڙي جي کوٽائي ڪندڙ سر جان مارشل کوٽائي دوران لنڊن جي هڪ اخبار ۾ لکيو تہ، اسان هيل تائين کوٽائي ۾ هڪ ٻئي هيٺان نون شهرن جا کنڊر ساڳي مال ۽ مٽيءَ جي تهن هيٺان لڌا آهن. هڙاپا ۽ موهن جي دڙي ۾ ٻوڏ اچڻ جا آثار مليا آهن. ان ڪري ماهر ان راءِ جا آهن تہ هن سپيتا جي بربادي‌ءَ جو سبب هڪ وڏي ٻوڏ هئي.

قديم آثارن جو ماهر ماڊڪ پٽاوالا سنڌونديءَ ۾ ٻوڏن بابت لکي ٿو تہ، سڀ کان اول سنڌو ماٿر جي رهواسين هن وسيع ۽ اڻ جهل نديءَ (سنڌوءَ) جي نظام کي سمجهڻ جون ڪوششون ڪيون ۽ موسمي ٻوڏن کان بچڻ لاءِ اپاءَ سرجيا. ان سلسلي ۾ هنن بند تعمير ڪيا ۽ پيمائشون ڪيون.

ٻاهرين حملي ڪندڙن هٿان سنڌو سپيتا جي بربادي‌ءَ جو خيال ڊاڪٽر وهيلر ۽ اسٽورٽ پگٽ قائم ڪيو. جنهن جي اڳتي هلي ٻين ڪافي ماهرن ۽ خاص ڪري برصغير جي ماهرن نفي ڪئي آهي. چاڪاڻ جو موهن جي دڙي ۽ هڙاپا واري تهذيب کان پوءِ تهذيب جي ارتقا رڪيل نظر نہ ٿي اچي. هندستان جي قديم آثارن جي ماهر ڊاڪٽر فضل احمد خان آرين جي حملي واري تصور کي ڪمزور ڪيو آهي، هڙاپا ۽ موهن جي دڙي جي بربادي‌ءَ وارن تهن جي مٿان جهڪر ۽ جهانگر ڪلچر جا تهہ مليا آهن. ان کان سواءِ بيڪانير جي علائقي ۾ بہ ڪيترن هندن تي کوٽائي ٿي آهي، هتي ڪيترن ئي هندن تي مٿين سطح تي ڀوري رنگ جا برتن ۽ اوزار مليا آهن. جن جي تاريخ محققن 600 ق-م تجويز ڪئي آهي. ڀوري رنگ جي تهذيب جي تهہ هيٺان ٻوڏ جي آندل مٽيءَ جو هڪ موٽو تهہ آهي ۽ ان تهہ هيٺان سنڌو سپيتا جي باقيات ملي آهي. جيڪا هڙاپا ۽ موهن جي دڙي مان مليل باقيات سان هڪجهڙائي رکي ٿي. موهن جي دڙي جي هيٺين تهہ مان هڪ اهڙي مهر ملي آهي، جنهن تي ٻوڏ جي آندل مٽيءَ جو ٿلهو تهہ آهي. ان ڪري هن سپيتا جي شهرن ۽ خاص ڪري موهن جي دڙي ۽ هڙاپا جي بربادي‌ءَ جو سبب هڪ وڏي ٻوڏ هئي.

ماخذات

1. Altaf Gauhar, “Twenty years of Pakistan 1947 to 1964” Pakistan Publication, Karachi 1969
2. Archaeological Survey Report, 1924-25
3. Archaeological Survey Report, 1926-27, Plate: XIII
4. Baloch, N.A, “In Search of the Indus Culture Sites in Sind”, Bulletin of Institute of Sindhology, Jamshoro, Vol: III, July 1973
5. Basham A.L. “The Wonder that was India”
6. Beruhard, Wolfram, “Preliminary report on the Human Skeletal Remains from the Pre-historic Cemetery of Sarai Khola” Pakistan Archaeology, No: 6, 1969, Karachi
7. Bland Ford, H.F, “Quarterly Journal of the Geological Society” Vol: xxx (1875)
8. Boss N.K, “Human skeletal Remains from Harappa”
9. Bowte John, “The Concise Encyclopaedia of World History”
10. Casal, J.M. “Fresh digging at Amri” Archaeological Dep’t: of Pakistan, 1964, Vol: 1
11. Chaman Lal, “Hindu America”
12. Channa, Mahboob Ali, “Pre-Harappan Civilization in Indus Valley” Sind Quarterly, 1978-1
13. Chatterji, S.K, “ Modern Review” December 1924
14. Cooke Taylor, “Manual of Ancient History”
15. Cousens H. “The Antiquities of Sindh”
16. D.D. Kosambi, The culture and civilization of Ancient India in Historical Lines
17. Dani Ahmed Hassan, “Shahbaz Garhi”, Archaeological Guide Series No: 2, Peshawar, 1964
18. Discovers

19. Dr. Noah Crammer, Report in Daily Dawn Karachi, December 1960

20. Exploration at Naru Waro Daro, Archaeological Deptt: of Pakistan, 1964- vol: 1

21. Fair Servis, " Preliminary report on the Pre Historic Archeology of Afghanistan, Baluchi Areas" American Museum of National History 1952

22. Flame, Louis, "The Paleography & Prehistoric Settlement Pattern in Sind" (CA 4000-2000 B.C), A dissertation in South Asia Regional Studies, Pennsylvania, 1818

23. Fleet, I.F, "Seals from Harappa" J.R.A.S, 1912

24. Frgossen, "History of Indian & Eastern Architecture" vol: 1

25. Gordon, G.H. Col, "The stone Industries of Holocene in India and Pakistan" Ancient India No: 6, 1950

26. Graersen, "Linguistic Survey of India" Vol: 1, Part 1

27. Halim, M.A, "Preliminary report on Sarai Khola Excavation" 1968

28. Hall, H.R, "Ancient History of Near East"

29. Hazgreaves, H, "Excavations in Baluchistan" M.A.S.I No:35 Delhi — 1927.

30. Heras, H. "Journal of Indian History" April 1937, S.No:46

31. Heras, H. "Sindh Observer" Karachi, 27 October 1937

32. Heras, H. "Studies in Proto-Indo-Mediterranean Culture"

33. Historical Researches, Vol:II,

34. Hunter, "Script of Harapa and Mohenjo Daro"

35. Indian Archaeology [A Review] 1960-61

36. Journal, Sindh Historical Society, Vol: VIII

37. Kahn F.A, "Kot Diji-Preliminary report on the execuation at Kot Diji" Archeology Department University of Karachi, 1958

38. Khan F.A, "Architecture and Art Treasures in Pakistan" Archeology Department University of Karachi, 1968

39. Khan F.A, “Cultural heritage of Pakistan”, Archeology Department University of Karachi, 1966
40. Khan F.A, “Fresh Side Light on the Indus Valley”, Archeology Department University of Karachi, 1965
41. Khan F.A, “the Glory that was Harappa”, Archeology Department University of Karachi, 1967
42. Khan F.A, “The Glory that was Mohenjo Daro”, Archeology Department University of Karachi, 1967
43. Khan F.A, “The Indus valley and early Iran” Archeology Department University of Karachi, 1964
44. Khan, Dr. F.A, “Kotdigi- Preliminary Report on Kotdigi Excavations” 1956-58, Karachi.
45. Khan, F.A, “A Pre-historic settlement discovered near Taxila” The Pakistan Times, 14 June 1968.
46. Keith and MacDonnell, “Vedic Index” Vol:1
47. Lambrick, H.T, “Sindh – A General Introduction”
48. Lambrick, H.T, “Sindh before Muslim Conquest” 1973
49. Langdon, S. “A new factor in the Problem of Sumerian origins”, Journal, Royal Asiatic Society (1931)
50. Leaky, L.S.B. “The Stone Age of Africa”
51. Louis Falm, “Prehistoric Settlement in Sind” Sindh Quarterly, Karachi, 1984-4
52. Mackay, E.J.H, “Further Excavation at Mohen jo Daro” 2 Volumes, Delhi, 1938.
53. Majumdar, “Exploration in Sind” M.A.S.I No: 48, Delhi, 1934.
54. Majumdar, “History and Culture of Indian People” Bombay, 1955, Vol: 2
55. Majumdar, “Exploration in Sind”, Indus Publication KARACHI, 1981
56. Marshall, Sir John, “Mohen jo Daro and Indus Civilization” Vol: 1-3, London 1931

57. Minchin, C.F "Baluchistan Distt: Gazetteer" Vol: VII, 1907

58. Modern Review, February, 1925

59. Moinul Haq, "Incient India" Karachi, 1954

60. Mughal M.R, "Dawn of Civilization in Sind" Sindh Quarterly, Karachi, 1980-4

61. Mughal M.R, "Origin of Indus Civilization" Sindhological Summer, 1980

62. Mughal, Dr. M.R, " New Research of the Origins of the Indus Civilization" Sindh Quarterly 1981-3

63. Mughal, M.R, "Archaeology of Sindh" 1975

64. Mughal, M.R, "Present state of Research on the Indus valley Civilization" Karachi, 1973

65. National Geographic Magazine, Feb. 1922

66. National Geographic Magazine, Feb. 1977

67. Panhwar, M.H, "Chronological Dictionary of Sindh" Jamshoro

68. Panhwar, M.H. "Language of Sindh", Sindh Quarterly, Karachi, 1978-3, Vol: VI

69. Panhwar, M.H. "Man in Sindh" Sindhological Studies, Summer 1982, Institute of Sindhology Jamshoro

70. Panhwar, M.H. "Sindh Cutch Relations" Karachi, 1980

71. Paterson. T.T. and Orummond, H.J.H, "Soan-The Paleolithic age of Pakistan" Karachi, 1962

72. Patterson, "The World Correlation of Pleistocene"

73. Pecocke, E. "India in Greece" London

74. Philip, Hitti, "History of Syria"

75. Pithawala, M.B, " Marvels of Earth"

76. Pithawala, M.B, "Historical Geography of Sindh" Institute of Sindhology, Jamshoro

77. Raverty, H.G, "The Mehran of Sindh and its tributaries"

78. Report "Bulletin" Vol: 5, 1975-76, Institute of Sindhology

79. Robert Shaw, "Origin of Anciant Civilization of the Nile's Valley"

80. Siecus, "History of Persia" Vol: 1

81. Snelgrove, A.K. "Geohydrology of the Indus River west Pakistan" Hyderabad, 1967

82. Sorly, H.T. "Sindh Gazetteer" Karachi, 1968

83. Steinn, Sir, A, "An Archaeological Tour in Waziristan & Baluchistan", M.A.S.I. No: 37, Delhi 1929

84. Stien, Sir, A, "An Archaeological Tour in Gedorosia" M.A.S.I No: 43 Delhi 1931

85. Sturat Piggott, "Pre-Historic India" 1950

86. The Chamber's Encyclopaedia, Vol: 1

87. The Daily Dawn, Karachi, Sunday, July 20th, 1969

88. Toynbee, A.J, "A Study of History" Vol:I

89. Vats M.S. "Excavations at Harappa" 2 vol's, Delhi 1949.

90. Wheeler S.M. "The Archaeology of Pakistan" The Cultural heritage of Pakistan, Karachi, 1955

91. Wheeler, S.M, "Civilization of Indus Valley and Beyond"

92. Wheeler, S.M, "Early India & Pakistan"

93. Wheeler, S.M, "Indus Civilization" 1960

94. آئرل اسٽيئن، "آرڪيالاجيڪل ٽوئر آف گدروسيا" ڪلڪتو، 1931ع

95. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند، "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1972ع

96. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند، "قديم سنڌ"

97. الانا غلام علي، "سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بڻياد" ٽماهي مهراڻ حيدرآباد، 1967-2

98. الانا، غلام علي، "سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بڻياد"، حيدرآباد، 1974ع

99. ايس وي ونڪٽ، ونڊر ديٽ واز انڊيا، بحوالا تاريخ مغربي پاڪستان، رشيد

اختر ندوي، اردو بورڊ لاهور
100. اينگلس فريڊرڪ، "خاندان، ذاتي ملڪيت اور رياست ڪا آغاز" منتخب تصانيف حصو: 3 ماسڪو 1973ع
101. بخاري، سيد محمود شاه، "تاريخ بلوچستان" ڪوئيٽا 1983ع
102. پروئل هنري ابي، "انسان جي قدامت" ماهوار سائنس، فيبروري، 1982ع
103. پنهور ايم ايڇ، "سنڌ جي تاريخ ۽ آثار قديمه تي تحقيق ۽ اشاعت" ٽماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 2-1984
104. جمنا داس اختر، "قديم سنڌ اور اس ڪي روابط" روزانه جنگ ڪراچي، مڊويڪ مئگزين 27 جولاءِ 1983ع
105. جوزف اسٽالن، مارڪسي فلسفو
106. جوناٿن مارڪ، روزانه عبرت حيدرآباد، 7 نومبر 1981ع
107. خان، ايف اي "ڪوٽڏجي ڪلچر" ماهوار هلال پاڪستان ميگزين، روزانه هلال پاڪستان ڪراچي، مئي 1983ع
108. دوارڪا پرساد، "سنڌ جو پراچين اتهاس" ڀاڱو 2، 1944ع
109. ڏان زيري جي رپورٽ، روزانه هلال پاڪستان، ڪراچي، 5 ڊسمبر 1983ع
110. رابرٽ بريفالٽ، تشڪيل انسانيت لاهور، 1966
111. رپورٽ، روزانه هلال پاڪستان، ڪراچي 5 ڊسمبر 1983ع
112. رشيد ڀٽي، "پاڪستان جا پراڻا شهر"
113. روانه هلال پاڪستان 31 ڊسمبر 1983ع
114. روزانه هلال پاڪستان ڪراچي، 21 ڊسمبر 1984ع
115. زمان شيخ، "سنڌي طب"1-2-3، ٽماهي مهراڻ حيدرآباد، 1980 کان 1982 مختلف شمارا
116. سراج الحق، "آمري" قسط-1-2، ماهوار نئين زندگي، مارچ اپريل 1966ع
117. سراج الحق، "سنڌي ٻولي" 1964ع
118. سراج الحق، "سنڌي ٻولي" ٽماهي مهراڻ حيدرآباد، 1962-1
119. سڪندر مغل "ارتقا جي ڪهاڻي" حيدرآباد 1985ع

120. سمراٽ، گنگارام، "سنڌو سؤوير"
121. سومرو، مولا بخش اي،"ڪوٽڏجي-آثار قديمہ جو هڪ نشان" ٽماهي مهراڻ حيدرآباد، 1962 پرچو نمبر 4
122. شيدائي، رحيم داد خان مولائي، "تمدن سنڌ" سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 1959ع
123. صديقي، محمد ادريس، "سنڌو ماٿر جي سڀيتا" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1979
124. عبدالحميد راشد، "سرائڪي زبان ڪا جائزه" ماهنامہ قومي زبان، مئي 1976ع
125. علي نواز جتوئي، "سنڌي ٻولي" ٽماهي مهراڻ حيدرآباد، 1968 -2
126. فريزر، سر جيمس جارج، "جادو ۽ سائنس" حصو: 2
127. فريڊرڪ اينگلس، "منتخب تصنيفات" حصو 3، ماسڪو 1973
128. قمر الدين دوني، "تهذيب ۽ تمدن جو مرڪز اولهہ پاڪستان"، ماهوار نئين زندگي، جولاءِ 1965ع
129. گاڊ فري بلنڊن، "آسٽريليا-سرزمين ۽ باشندا"
130. گنگارام سمراٽ، "سنڌ سووير"
131. لئمبرڪ، ايچ ٽي، "تاريخ سنڌ" جلد 1، "سنڌ هڪ عام جائزو"
132. لزلي ايل ڪاڪ، "قديم ترين بلوچستان" ماهہ نو ڪراچي، آڪٽوبر 1951ع
133. ليف ليونتيف، "سياسي معاشيات" ماسڪو 1975ع، ص- 20-22
134. لينن، "رياست اور انقلاب" ماسڪو
135. ماٽڪ پٽاوالا، "سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب" ٽماهي مهراڻ حيدرآباد، 1966-1-2
136. محبوب علي چنا، "سنڌ ماٿر جا اصل رهواسي دراوڙ آهن" ٽماهي مهراڻ 1973-3
137. محبوب علي چنا، "سنڌي ادب ڪي مختلف رجحانات" ص-2-3
138. محمد اشرف، تاريخ و سياست، رسالو، جولاءِ 1951ع
139. معاشري ڪي سائنس، ماسڪو 1977ع، ص-88-89
140. ملڪاڻي، منگهارام، "ساهتڪارن جون سمرتيون"
141. ممتاز پناڻ، "سنڌ جي عظمت" نئين زندگي ڪراچي 1971ع
142. ممتاز پناڻ، صورتخطيءَ جي ارتقا، ماهوار نئين زندگي ڪراچي، مارچ 1967ع
143. مولانا قاسمي، رسالو الرحيم سنڌي، حيدرآباد، 1967ع

144. مهر ڪمال، موهن جي دڙي جي ٻولي کهڙي هئي، ماهوار نئين زندگي ڪراچي، آڪٽوبر 1969ع
145. ميخائيل ايلين ۽ ايلينا سيگان، "انسان ٻڙا ڪيسي بنا" ڪراچي 1982ع
146. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، "سنڌي ٻولي"، ٽماهي مهراڻ حيدرآباد، 1973-1-2
147. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، "هاڪڙو درياهه"، اٺا مينهن ملير، ميرپورخاص-1975
148. نبي بخش بلوچ، "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" 1962ع
149. ندوي ابو الجلال، موهن جو دڙو ڪي زبانين، رساله تاريخ و سياست، نومبر 1953ع
150. هاورڊ موئر، "وحشي جيوت جا نشان" حيدرآباد
151. يوري گنڪوفسڪي، "پاڪستان ڪي قوميتين" ماسڪو 1976ع

رک سنڌي جو تعارف

سنڌ جو مشهور ليکک رک سنڌي 5 آگسٽ 1961ع تي تعلقي ڪنڍياري ضلع نواب شاهه جي ڳوٺ حامد اڄڻ ۾ پيدا ٿيو. پاڻ سنڌ يونيورسٽي مان گريجوئيشن ڪرڻ بعد صحافت جو پيشو اختيار ڪيو. پاڻ روزاني سنڌ سجاڳ جي ايڊيٽر ۽ روزاني جاڳو ڪراچي جي ايڊيٽر ۽ پبلشر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. جڏهن ته روزاني عوامي آواز ڪراچي، روزاني سچ ڪراچي، روزاني سوپ ڪراچي، روزاني تعمير سنڌ ڪراچي، روزاني سنڌ حيدرآباد ۾ نيوز ايڊيٽر ۽ اسسٽنٽ ايڊيٽر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. پاڻ مختلف صحافتي تنظيمن ۾ شامل رهيو آهي.

رک سنڌي سنڌ جي حقن خاطر مختلف قومپرست ۽ ترقي پسند تنظيمن ۾ به سرگرم ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. هو گذريل 20 سالن کان ادب، سياست ۽ صحافت سان لاڳاپيل هجڻ سميت ڪيترن ئي ڪتابن جو خالق رهيو آهي. جن ۾ ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. جڏهن ته سندس سوين مقالا ۽ مضمون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. رک سنڌي جي شايع ٿيل ڪتابن ۾ "قومون ۽ قومي تحريڪ آزادي"، "ٽوڙي ڦاٽک جو سانحو"، "سنڌي قوم جو مقدمو"، "سنڌ جي سياسي صورتحال"، "سنڌ آزادي ۽ انقلاب"، "تاريخ جي لاٽ"، "قاضي فيض محمد"، "سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ سنڌين جو اتحاد"، "اڄ جي سنڌ" ۽ "سنڌو سپيتا جي اوسر" ڪتاب ڳڻائي سگهجن ٿا.

رک سنڌي ڪيترائي ڪتاب ترجمو ڪري سنڌي ٻوليءَ جي جهوليءَ ۾ وڌا آهن. جن ۾ بينظير ڀٽو جو ڪتاب "پاڪستان طوفان جي گهيري ۾" به هڪ آهي. جڏهن ته ڪيئي ڪتاب مرتب به ڪيا آهن. جن ۾ "باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي"، "سنڌي ٻولي رت رتولي" ۽ ٻيا شامل آهن.